
جپان
پنجويھن ورھين کان پوءِ
الطاف شيخ
روشني

# جپان پنجويهن ورهين کانپوءِ

## الطاف شيخ

روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
2005ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2023ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

(سڀ حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ)

ڪتاب جو نالو: **جپان_ پنجويھن ورھين کانپوءِ**

ليکڪ: **الطاف شيخ**

ڇاپو پھريون: روشني پبليڪيشن

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي

روشني ڪمپيوٽر فائين ڪميونيڪيشن، حيدر چوڪ، حيدرآباد.

ڇپرائيندڙ: ©روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

سال: 2005ع

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گھر**

www.sindhsalamat.com

2023

**JAPAN – PANJWEHAN WARHYAN KHAA POEE**

(Japan – A Visit After 25 Years)

By: Altaf Shaikh

Composed by: Habib Qadir Qureshi

Roshni Composer and Printer, Hyder Chowk, Hyderabad, Sindh.

Printed by: Roshni Publication, Kandiaro

First Edition© Roshni 2005.

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نامياري سفرنامانگار ۽ مئرين انجنيئر **الطاف شيخ** جو جپان بابت لکيل سفرنامو ”**جپان پنجويھن ورھين ڪانپوءِ**“ اوھان اڳيان پيش آھي.

الطاف شيخ جپان بابت ڪوڙ سفرناما لکيا آھن. ھي سفرنامو 25 سالن ڪانپوءِ سندس جپان گهمڻ ڪانپوءِ جو لکيل آھي. مزاحيہ مھاڳ ۾ امتياز ابڙو لکي ٿو: ”الطاف شيخ جپان جو ملڪ ايترو گهميو آھي، جو جپانين بہ ايترو ڪون گهميو ھوندو. خود جڏھن ڪو جپاني ڪنھن گهٽيءَ يا روڊ جي معاملي ۾ مُنجهي پوندو آھي تہ، يڪدم پھرين پنھنجي پاسي واري ڪيسي مان الطاف شيخ جو سفرنامو ڪڍي پڙھندو آھي ۽ پوءِ ان گهٽيءَ جي خبر چار وٺي اڳيان وڌندو آھي. جپان جي باري ۾ الطاف شيخ جا سفرناما ايترا تہ لکيل آھن، جو ھڪڙي جپانيءَ تہ باقاعده الطاف کي خط لکيو تہ ”اسان آخر توھان جو ڏوھ ڪھڙو ڪيو آھي... يوگندا تي سفرنامو چو نٿا لکو؟“

ھي ڪتاب 2005ع ۾ روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو طرفان شايع ڪيو ويو. ٿورائتا آھيون سائين الطاف شيخ جا جنھن ھن ڪتاب جي نئين سر ڪمپوزنگ ڪرائي ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| • | انتساب | 08 |
| • | مِٺي ۽ مهتاب_ اعجاز منگي | 09 |
| • | مهاڳ _ امر سندڙو | 17 |
| 01 | ڀوڳن ڀوڳن ۾ _ امتياز ابڙو | 27 |
| 02 | ڄامشورو جي پُل مٿان... | 34 |
| 03 | جپان ويندي دبئيءَ ۾ | 45 |
| 04 | جپان جهڙن ملڪن ۾ ’ليڪ‘ سيد پير آهي | 51 |
| 05 | دبئي ايئرپورٽ تي آمنا سان ملاقات | 59 |
| 06 | جپان ۾ اسلام جي آمد جي تاريخ | 76 |
| 07 | جپان لاءِ ويزا ۽ جهاز جو سفر | 82 |
| 08 | ڪجھ دلچسپ غلطيون | 94 |
| 09 | جپان مختصر طور | 105 |
| 10 | ڪجھ تعليم بابت | 114 |
| 11 | جپان ۾ مذهب جي حيثيت | 119 |
| 12 | هڪ جپاني فئمليءَ سان ملاقات | 123 |

| | | |
|---|---|---|
| 13 | ٽوبوٽا معنيٰ پلي زمين | 133 |
| 14 | سارس ڪري ڏور اوپر ۾ ٽرٽلو | 138 |
| 15 | مڱيلڏي جي ڳالهه ڪير ٻڌندو | 147 |
| 16 | جپان جون ڪجهه مسجدون ۽ اسلامي ادارا | 164 |
| 17 | ٻئي جي ڪلچر جي سڃاڻپ لاءِ | 176 |
| 18 | جپاني_ چاڪين جا ڏڱا | 182 |
| 19 | جپانين جون ڪجهه عجيب عادتون | 190 |
| 20 | گهر جي بالڪنيءَ مان | 199 |
| 21 | جپانين جي سياڳي ٻلي | 219 |
| 22 | جپان ۾ پاڻ جهڙا ايشين ۽ ٻيا | 228 |
| 23 | جپانين کي انگريزي سکڻ جو شوق | 244 |
| 24 | ياماني ساتوشي هاڻ ’عبدالواحد‘ آهي | 293 |
| 25 | ٽوڪيو ۾ چوڏهين جي چنڊ کي... | 302 |
| 26 | ٽوڪيو تنهنجا ٽيٽيهه رنگ | 316 |
| 27 | چيڪ ۽ بئلنس لاءِ منهنجي ضرورت | 333 |
| 28 | هڪ آرٽسٽ سان اوچتو ملاقات | 348 |
| 29 | جپاني اخبارون، ٽي وي ۽ منگا | 360 |

| | | |
|---|---|---|
| 30 | مئدم نتسوميءَ جي مهماني | 369 |
| 31 | ڪوڪورا ۽ موجي ڪان شمونو سيڪي | 419 |

# انتساب

## مئڊم مهتاب راشدي نالي

سنڌ جي هن ڄائيءَ جي خدمتن جو جيترو اعتراف ڪيو وڃي، گهٽ آهي.

مئڊم مهتاب تي پنهنجي طرفان ڪجهه وڏيڪ لکڻ بدران سنڌ جي گهڻي پڙهيو ويندڙ ڪالم نويس اعجاز منگيءَ جو هڪ ڪالم "متي ۾ مهتاب"، عبرت اخبار جي ٿورن سان پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو.

**الطاف شيخ**

# مِٽيءِ مهتاب

هن کي معلوم آ تہ موت ڪانپوءِ جڏهن هن جي مرڪ هن جي برف جهڙن چپن تي جنوريءَ جي چنڊ جو ڄمي ويل عڪس بڻجي ويندي تہ مان ڪاغذ ڪٽي قلم جي سُئيءَ سان هڪ ڪالم جي فريم ۾ هُرمچي جي صورت جي اها تصوير اپارڻ جي ڪوشش ڪندس، جنهن کي منهنجيون اکيون ائين ڏسنديون رهيون آهن، جيئن هوءَ آهي، جيئن هن کي هن جوني جڳ کان وسري ويل جي ايم مهڪريءَ ڏنو هوءِ هن کي پنهنجي دل جي ٿاريءَ تي ويٺل بلبل ڪوٺيو هو. جي. ايم مهڪري ائين ڪري ٿي سگهيو. ان پياري پوڙهي کي اهو حق حاصل هو تہ، هو مهتاب چنا جي ان حقيقي سونهن جي ساراهہ بيخوفيءِ سان بيان ڪري، جيڪا جوانيءَ جيان بي وفا نہ هوندي آهي. جيڪا نئين ديري جي هڪ گهر ۾ هڪ ٻارڙي خدا کان مليل تحفي جيان کٽي آئي ۽ اڄ تائين اها خوبصورتي هن جي تارن ۾ ترسيل آهي. اهڙي سونهن صرف هرڻ جي اکين ۾ ان وقت پسي سگهجي ٿي، جڏهن هو رگيستان ۾ هڪ چشمي تي جهڪي پاڻي پيئي_ توڙي جو جنرل ضياءَ جي حڪم کي ٽڏي ٽي وي اسڪرين تان اٿي ويندڙ مهتاب ۾

مهڪريءَ جهڙي سدا جوان انقلابيءَ ڪي هڪ عوامي جمهوري حسن ڏسڻ ۾ آيو هو. پر پوءِ بہ ان باشعور خلوص ۾ ان سونهن جو تذڪرو هو. جنهن جي هڪ جهلڪ اياز جي ان نظم ۾ بہ پسي سگهجي ٿي، جنهن ۾ لکيو هو تہ :

”هرڻ هنيلا ٻيئا سوچن،
ڪنهن هن واريءَ جي وينجهر ۾
لهندڙ سج جي ٽِڪ ٻڌي آ
آهي ڪٿي سو ازلي وينجهر!؟“

ڪا اهڙي شيءِ، ڪا اهڙي تصوير، ڪو اهڙو تصور ان مهتاب چنا جي اکين ۾ بہ آهي، جنهن کي موجوده دؤر ميڊم مهتاب اڪبر راشديءَ جي نالي سان سڃاڻي ٿو_ جيڪا اڄ سيڪريٽري انفارميشن آهي ۽ هن جو شمار” وي آءِ پيز“ ۾ ٿئي ٿو_ پر هوءِ ان عزت ڪي ان محبت جي جتيءَ جي دز بہ نہ ٿي سمجهي، جيڪا سنڌ جي عوام هن کي ان وقت ڏني هئي، جنهن وقت انهن مهتاب چنا جي موهڻي صورت بہ نہ پسي هئي، جڏهن هوءَ ريڊيو جي پردي پويان صرف هڪ آواز هئي. هڪ اهڙو آواز جنهن سنڌ ديس جي دل جو ڪڙو ائين ڪڙڪايو هو جيئن نيڪ روح واري ڇيڳري ڇوڪري ٺڪ ڏيندي آهي.

اها ناري جيڪا هن ڏرتيءَ جي مٽيءَ هاڻن مهاڻن جي قبيلي مان آهي. هن جا وڏڙا مٽيءَ جون گهڙوليون جوڙيندا هئا، ۽ محبوبن جي چيلهه تي انهن جو ڇلڪندڙ روپ ڏسي سچل سرمست سوچيندو هو ته :

”وي گهڙا
تيکون پن ستان
ميڏي محبوب دي چيلهه رنجايئه
هڪ ته بار گهڙي دا
ڏوجها بار پاڻي دا
ٽيجها ويندءِ جان ملائي
ٻانهه مروڙيئي چوڙي والي
ڏوجهي ڳل ڳراتي پايئه،
سڻ ميان صاحب ڏنا، بخت گهڙي دا
ساڏي عمر گئي اجائي!“

۽ درازن جي دل واري انسان جي اندر مان اهڙي اعتراض جو خواب پنهنجو پاڻ ڦٽي نڪرندو هو ته، ”ميان صاحب ڏنا! متان اسان کي پيچي پورا ڪرڻ ۾ تڪڙ ڪرين، پهرين تون اسان جي کهاٽي ته

ٻڌ. اسان جيڪي ڪوڙرن جي ڏکن سان ڌرتي ماءُ کان ڌار ٿياسين ۽ پوءِ اسان کي گڏهن تي ڍوئي اچي اُس ۾ اڇلايو ويو ۽ پوءِ صفا سڪائي پاٽي وجهي، اسان کي ڪيئن ڳوهيو ويو ۽ پوءِ اسان کي ڪيئن نہ ماريو ويو ۽ مار کانپوءِ بہ اسان جي آزمائش پوري نہ ٿي ۽ اسان کي چڪ تي چاڙهي اسان جو سرڪپيو ويو ۽ پوءِ چڪ تان لاهي اسان کي اُس ۾ رکيو ويو. اُس ۾ سُڪي ٺوٺ ٿيڻ کانپوءِ اسان کي آويءَ ۾ اڇلايو ويو ۽ سارو ڏينهن سڙڻ جي باوجود اسان کي ٻاهر ٻاڦ ڪيڍڻ کان روڪيو ويو ۽ اسان ان انجام تي پورا رهياسين پر ان باوجود اسان کي سرِ بازار وڪري جي لاءِ آندو ويو ۽ معلوم اٿئي اسان جي قيمت ڪيتري رکي وئي؟ صرف هڪ ٽڪو_ ان کانپوءِ ئي معشوقن جي گهاٽ آياسين.“

مهتاب چنا جو واسطو سنڌ جي انهن خاندانن مان ناهي، جيڪي هٿن ۾ تلوارون لهرائيندا دنيا جي پر امن ۽ سڀاجهي ديس تي خون وهائي بيشرميءَ سان پاڻ کي فاتح جو اعزاز ڏئي، آزاد انسانن کي غلام بڻائي ويٺا. مهتاب چنا جا وڏڙا موهن جي دڙي جا اهي اصلوڪا انسان هئا، جن جي هٿن سان جڙيل رانديڪن کي وقت جي سرڪش طاقت اڄ ڏينهن تائين نہ ٽوڙي سگهي آهي. انسان جڏهن اڃا اڳتي وڌي شعوري فضيلت جي وڏيڪ ڄاڻ حاصل ڪندو، تڏهن هن کي تاريخ جي انهن ٻانهن تي فخر محسوس نہ ٿيندو، جن تلوارون هلايون

۾ ملڪ تاراج ڪيا، پر هن جي عقيدت اهي هٿ چمندي جن
گهڙوليون ٺاهيون. جيڪي سڄي رات ولهه ۾ تاڙيءَ ڪي ٺاري هن جو
تاثير ائين ٻڌائيندين هيون، جو ان جو هڪ هڪ ڏڪ انسان جي
وسامي ويل اندر کي ٻيهر ٻاري ڇڏي ۽ اهي گهڙوليون صرف مڏ سبب
بامعنيٰ نه هيون پر جڏهن اهي صفا خالي هونديون هيون، تڏهن به انهن
جي گهڙوليءَ جي ٻاجهاري ٻوليءَ جي ساز کي ٻڌي ستارن کان اکيون
ڇنڀڻ وسري وينديون هيون. اڳتي هلي اهي هٿ عزت ۽ مانَ جي نظر
سان ڏٺا ويندا، جن هٿن قبل مسيح واري تاريخ جي ٻارڙن لاءِ نڪر جي
بيل گاڏي ٺاهي!

جيڪڏهن ڌرتيءَ جي دل ۾ به ڪا ”مانَ“ جهڙي مام هجي ٿي،
ته شايد اها مهتاب جهڙي ڌيءَ کي جنم ڏئي چوي ٿي ته ”ڏسڻ ٿو چاهين
ته منهنجي سندرتا ڪيتري آهي- چڱو هن ڪنيار جي ڇوڪريءَ
جي صورت ۾ منهنجي هڪ جهلڪ پسي وٺ ته توکي پتو پوي مان ڇا
آهيان!“

ڪلاسيڪل ڏاهي جو مؤقف اهو آهي ته، مرد سگهه ۽ عورت
سونهن جي علامت آهي ۽ نج سون جهڙي سونهن جي پهرين سڃاڻ
مٽي ٻولي آهي. اِها مٽي ٻولي جيڪا وٽن تي وينل پڪينءِ انهن جي

ڇانوَ ۾ راند ڪندڙ ٻارن جي ھوندي آھي. جنھن ٻوليءَ جو ذڪر ٻن ٽري لوڪ گيتن ۾ آھي تہ:

او راڻي امان، او سھڻي امان،
منان مٺي ٻولي رو پرڻاءِ!

(او راڻي ماءُ او مٺي ماءُ! مون کي مٺي ٻوليءَ واري سان پرڻاءِ.)

۽ سنڌ کي مھتاب جي سونھن جو پھريون پتو ھن جي ان آواز جي معرفت پيو. جيڪو ريڊيو پاڪستان جي لھرن ذريعي سنڌ واسين تائين پھتو_ جڏھن وڏين ۽ فليٽ اسڪرين وارين ٽي وي سيٽن جو دؤر نہ ھو. اھو دؤر ڪيبل ڪلچر وارو نہ ھو. اھو ھڪ ڳوٺاڻي سونھن ۽ ماڻين مانڊاڻين واري مھڪ جو دؤر ھو. ان دؤر ۾ مھتاب چنا ميڊيا جي سانتيڪي ڍنڍ تي ترندڙ ڪنول جو گل ھئي ۽ ماڻھن کي ھن مٺي ٻوليءَ واري ناريءَ متعلق اھو خدشو ھو تہ ڪٿي ھوءَ خوبصورت نہ ھجي تہ پوءِ!!؟

’۽ پوءِ بليڪ اينڊ وائيٽ ٽيليويزن انٽروڊيوس ٿي، جنھن ۾ پھرين سنڌي پروگرامن ۾ مھتاب چنا نمودار ٿي تہ سنڌ کي اھو ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي تہ ھوءِ صرف ٻڌڻ ۾ نہ پر ڏسڻ ۾ بہ سھڻي آھي! پر اھا

سنڌ اچ ڏينهن تائين سمجهي نہ سگهي آهي تہ مهتاب جي سونهن هن جي آواز ۾ آهي يا انداز ۾ يا اکين ۾ !؟ جسم ان سونهن جي ظهور جو هڪ ذريعو ضرور آهي پر بنياد ناهي. ان سونهن جو تعلق ان عورت جي ڪردار سان آهي، جنهن جنرل ضياءَ جهڙي ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر جو حڪم ٽوڙي، ان وقت ٽيليويزن اسٽيشن طرف مڙي بہ نہ ڏٺو هو. جنهن وقت ٽيليويزن ۾ ايترو گليمر هو جو ان ڪي موجوده دؤر جا ٽين ايجر مشڪل سان محسوس ڪري سگهن. ان دؤر جي ٽيليويزن کي ڇڏڻ آسان ٿي پئي سگهيو پر ان دؤر جي دهشتناڪ آمر جي حڪم کان انڪار ڪرڻ آسان نہ هو.

پر اها ئي مهتاب جڏهن ٽيليويزن جي هڪ پروگرام ۾ علڻ جهڙي فقير فنڪار جو انٽرويو ڪري رهي هئي، تڏهن علڻ جي چوڻ تي محبت سان مٿي تي پوتي رکڻ وارو هن جو انداز وقت جي اکين ۾ اڄ بہ اسٽل پينٽنگ جيان محفوظ آهي. هڪ ظالم بادشاهہ جي حڪم کان انڪار ۽ هڪ فقير جي چوڻ تي ساڳيو ڪم من ميرو ڪرڻ کان سواءِ مڃڻ وارو هن جو ڪردار ئي هن جي ان حسن جو حقيقي راز آهي، جيڪو سنڌ واسين کي سمجهڻ گهرجي.

اهو حسن چنڊ جي هر تت جيان هڪ الڳ احساس رکندو آهي. اهو حسن ان وکر جيان هوندو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ پئي پراٺو

نہ ٿيندو آهي.ان سونهن ۾ ذوق ۽ ضمير جي مثالي دوستيءَ جواهڙو اهڃاڻ هوندو آهي، جنهن کي اعليٰ سمجهہ سمجهيو ۽ لوڪ ڏاهپ سڏيو ويندو آهي.

مثيءَ جي ڪرت واري قبيلي جي اها ناري سنڌو درياهہ کي سڪائڻ وارين سازشن سبب ڪيتري اذيت ۾ هوندي، ان ڳالهہ کي هڪ هوءَ ۽ ٻيا اهي ماڻهو سمجهي سگهن ٿا. جن کي مثيءَ ۽ مهتاب جي رشتي جي پوري پروڙ آهي.

**اعجاز منگي**
(عبرت اخبار جي ٿورن سان)
aijazmangi@yahoo.com

# مهاڳ

ڊائرين ۾ شاعري لکڻ واري عمر کان ٻہ گهٽو اڳ، جڏهن اجا ڪاڙهي تتي ۾ بلور ڇُتبا هئا، ڏاک چمائيو ڪيڏندي ڪن پل ۾ وڻن جي چوٽيءَ تي چڙهي وڃبو هو. نتهڻ اُس ۾ سرد شامن ۾ ساڳ پٽڻ لاءِ ٻنين ڏانهن پنڌ ڪاهبو هو. يا اجا ٻہ وري ٻاراڻي رونشي خاطر ڪنهن پرائي ٻڪريءَ کي ڏڻ کان چنل ڏسي، آواتي تي چوري چوري ڪير ڏهي پيئڻ جهڙيون حرڪتون ٻہ وڏو ائڊونچر پيون لڳنديون هيون. نہ اُس ڪاڙهي، نہ ئي سياري پاري جي پرواهہ، نہ مٽي ۾ وارن کي ڦٽي، نہ پيرن ۾ جُتي جو هوش. انهن ئي ڏينهن ۾، ان ئي چڙواڳ ۽ بي پرواهہ ٻاراڻي وهيءَ ۾ منهنجو روح اهڙيءَ دنيا سان اٽڪيو جا اکرن جي ئي اڊائي اکري دنيا هئي. اڊائي اکري ان ڪري جو پنهنجي عمر کان وڏا موضوع مون لاءِ هڪ طلسم هئا، تن ڏينهن ۾ پنهنجي همعصر پيچي ملي نہ سگهڻ ڪري گُڏين راند ڪيڏي نہ سگهيس، ۽ ائين روايتي ٻارڙن واري لڏي کان ڪي پَل ٻاهر اچي هڪ تِڪاءُ هٿ ڪيم. سو هو ناني بابي جو ڪتابن جو پريل ڪٻٽ، جيڪو منهنجي اندر جي سموري راند جو مرڪز ۽ محور بڻيو. ٻاراڻو ادب تہ ممڪن آهي تہ، ان دؤر ۾ بہ تخليق ٿيندو هجي، پر اُتي جتي ڪورس جي ڪتابن کان سواءِ واري

ٻي ڪا بہ پڙهائي ٻارن لاءِ ممنوع هجي، اُتي پنهنجي عمر جي حساب وارن ڪتابن تي پهچ يقيناً ناممڪن هئي. نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ڪتابن کان هلندڙ سفر ۾ جن ڪتابن سڀ کان پهرين پنهنجي ساحري ۾ جڪڙيو، سي هُئا سفرناما، سي بہ سنڌ جي پهرئينسيلاني الطاف شيخ جا_ها، اُن وقت، جڏهن اسان جهڙن جا ڳوٺ بجلين ۽ ٽي وي وارين سهولتن کان بہ نا آشنا هئا، تڏهن،اِهي سفرناما ”سنڌ باد سيلاني“ جي سفر کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ نہ پاسندا هئا.

سنڌي ادب ۾ پڙهندڙ لاءِ پهرين ڏاڪي طور ڪم ايندڙ الطاف شيخ جا اِهي سفرناما رڳو مون کي ئي نہ پر منهنجي ٿهيءَ جي ڪيترن ئي پڙهندڙن لاءِ بلڪل هڪ ڪرزما رهيا. ”اديب خالق سان گڏو گڏ بيٺل جڏهن هو لفظن سان نئين دنيا خلقي ارسطو چواٽي، پر ائين الطاف شيخ، نئين دنيا جو تخليقڪار نہ سهي پر لفظن وسيلي اُنهن سيني اڻ ڇاتل، اڻ ڏٺل ۽ ڪڏهن ڪڏهن اڻ ٻڌل دنيائن جي ديس ۾ وٺي ويندڙ عجيب گائيڊ، عجيب سونُهون جيڪو ڏسندڙاک سان نہ پر محسوس ڪندڙImagining eye سان هڪ نئين دنيا پڙهندڙ جي اندر ۾ تخليق ڪندو، اُن جي سير ڪرائيندو ويندو.

ائين رڳو ليکڪ پاڻ ئي نہ پر سندس پڙهندڙ بہ ان ڏور ڏسائنجي دنيائن جي آگاهي حاصل ڪندو، ان جي Fantasy ۾ گم

ٿيندو ويندو. ان ڳالهہ ۾ تہ وڏيڪ بحث جي ڪا ئي گنجائش ئي ناهي تہ الطاف شيخ جو پڙهندڙ يا ائين ڪٽي سنڌي ادب جو پڙهندڙ ڪيترن ئي ڏهاڪن تائين اُن ئي Fantasy ۾ جيئندو رهيو. ايستائين، جستائين ٽيڪنالاجي وسيلي انفارميشن عام ٿي گهر گهر تائين پهتي. سيٽلائيٽ جا پنجاهہ/سؤ چئنل هڪ ئي وقت پنهنجي ٽي وي جي ريموٽ جي بٽڻ ۾ رکڻ واري کي چا پتو، کيس کهڙي سُڌ تہ تڏهن، جڏهن اخبارن جو مُنهن ڏسڻ بہ ڪو پنجين اٺين ڏينهن پيو نصيب ٿيندو هو، جڏهن الطاف شيخ جا سفرناما اهي واحد ڪڙڪيون هئا، جتان سنڌ کان ٻاهر، سمنڊ اُپسمنڊ جي مفاصلن تي ڪوهين ڏور، ست سمنڊ پار وارن ڏرتين، سماجن ۽ اڻ ڏٺل دنيائن ۾ جهاتي پائي ٻاهر جو سُڌ سماءُ وٺي سگهبو هو. رچرڊ ايترو ئي نہ پر اُنهن سفرنامن ”پرديس وڃڻ واري“ سنڌ سان وابستہ ان Myth کي ٽوڙڻ لاءِ پهرين پٿر طور ڪم ڪيو، جيڪو سنڌين جي ڪاتي ۾ ائين ٽي ليکيو ويو تہ ”سنڌي ڳوناٽا ٻاهر ڪيئن نڪرندا، انهن لاءِ ساڳئي ضلعي جو ٻيو شهر بہ جڻ پرديس آهي.“ ۽اِها بہ وقت ۽ حالتن جي ستم ظريفي چئبي تہ، ڪڏهن ڪڏهن ڪي قومون پنهنجي طبعي، سياسي، اخلاقي ۽ تهذيبي اُهڃاڻن بدران انهن سان وابستہ ڏند ڪٿائي حوالن سان وڌيڪ سڃاتيون وڃن ٿيون. ائين ئي ”گهر کان ٻاهر جي دنيا کي پرديس

سمجهڻ“ واري Myth کي الطاف شيخ جي سفرنامن نہ رڳو پيچي غلط ثابت ڪيو آهي، پر ٻي پاسي قلمڪاري واري پورهئي ۾ سندس سفرنامن لکڻ واري ڪرت سنڌي نوجوانن ۾ سمنڊ اُپسمنڊ ڏور ولايت جي رنگين دنيائن ۾ پُرفريب منظرن ڏانهن ڇڪ ۾ ديس ديس جي صحرا جهاڳڻ جو اُتساهہ پڻ پيدا ڪيو. سفرنامن واري ادب جي تاريخ کٽي ڦلهورجي تہ ابن بطوطہ کان ويندي هاڻوڪي پنهنجي سنڌي سيلانين تائين ڪيترائي نانءُ، ڪيترائي اسلوب ۾ ڪيترائي نمونا انهن مان ڳولهي، جُدا جُدا درجہ بندي ڪري سگهجي ٿي، پر الطاف شيخ کي انهن سيني سفرنامہ نگارن ۾ سندن لکيل سيني سفرنامن ۾ جدا ڪري الڳ ئي طريقي سان پرکي سگهجي ٿو. هيءُ سنڌ جو يگانو سفرنامہ نويس ليکڪ آهي، ڇو تہ سندس دل پلي سيلاني، پر سندس قلم هڪ ليکڪ جوئي قلم آهي. هو جسماني طور دور ديس جون دنيائون جهاڳيندڙ سيلاني آهي، جهاز راني سندس پيشو آهي، پر ذهني طور تي هو محقق يا جاکوڙي ۾ دلي طور تي رائيٽر آهي. سندس اک جو اَپياس شاعراڻہ آهي ۾ سندس ”بيان“ وک وک تي هڪ پيٽ آهي، جا هو سنڌ ۾ ٻاهرين دنيا جي سماجن جي حوالي سان پنهنجي بيان جو موضوع بنائيندو ٿو اچي، ان ڪري ئي سندس اِن تقابلي جائزي جي حوالي سان مان ڪيس دنيا جي سفرنامہ نگارن کان هڪ

جدا Category ۾ رکان ٿي. ڏسو ته سندس لکڻي جي باب باب ۾، سِٽ سِٽ ۾، لفظ لفظ ۾ پيٺ آهي، اُن مشاهداتي منظر جي ۽ يادگيري ۾ موجود سدا حيات سنڌ جي.

اَچو هِن ئي سفرنامي جو ڇيد لهون.

جپان ۾ موجي بندرگاهه جي مسافر خاني جي پوڙهي مالڪڻ جي گهر جي Location ڄامشوري جي پُل جي Romantic Spot المنظر جي يادگيريءَ جو سندس هانءَ تي اڪري اچڻ.

توڙي جو اَڄ اُن سدا وهندڙ مست درياهه جي پيٽ ۾ نه پاڻيءَ جون اُهي اڇلون آهن ۽ نه ئي درياهه ڪناري ”المنظر“ جي منظر تي اُن جوڙن جو جهان آباد آهي، جيڪي پيار ڪهاڻين جي سلسلن سان سدا آباد هئا. وِک وِک تي جنم ڀوميجي ياد، در اصل پنهنجي اصلوڪي بڻ بڻياد جي يادگيري، جتي مٿي پنوڙي مان هيڏو سارو وجود نهي راس ٿئي ٿو. ياد ٿو اچيم ’ڪويت جي لڙائيءَ‘ کانپوءِ، بابلي تهذيب جي وارثي ڪندڙ عراق ۾ بغداد شهر کان دجله جون گذرگاهون ۽ اُن جي پُلين تي ٿيل آمريڪن بمباري جا رهجي ويل نشان ڏيکاريندي اسان جو گائيڊ جڏهن يڪي (Tigris) دجله جي تعريف ڪندو رهيو ته جڻ مون کان رهيو نه ٿيو. يقيناً ڪجهه وڏاءُ سان پر

مشڪري ڪندي مون چيو ”ھيءُ تہ ڦُليلي جي مٽ ئي مس ٿئي. سنڌو درياھ جي دھشت اڳيان ھيءُ دجلہ ڇا بيھندي؟“

ٿي سگھي ٿو تہ ھُن گائيڊ جيان جپاني پوڙھي مالڪڻ جا بہ پنھنجي درياھ بابت اھي ئي احساس ۽ جذبا ھجن. پر اِھا حقيقت آھي تہ سنڌو درياھ بہ اسان جي رڳن ۾ ائين وھي ٿو جو جھڙو تھڙو درياھ يا ندي تہ ليکي ۾ ئي نہ آڻيون. يا ايئن بہ ممڪن آھي تہ درياھن جي آبياري تي جٽاءُ ڪندڙ درياھ ڪنارن واريون پراڻيون تھذيبون ۽ ان جا وارث پنھنجي درياھن بابت ائين ئي Touchy ھجن. جيئن اسان سنڌي تھذيب جا وارث سنڌو درياھ بابت آھيون ۽ پوءِ اِھا پيٽ ڪرڻ واري نفسيات ۾ بہ شايد قوم کي Own ڪرڻ واري ئي ھڪ Attitude جو عڪس ھجي ۽ اھو بہ شايد اسان سنڌين کان وڏيڪ ڪير ڄاڻندو ھوندو تہ دنيا جي وڏين وڏين تھذيبن جي آبياري ڪندڙ درياھ جڏھن ھٿرادو بندن ۽ بئراجن سان سوڙھا ڪري سُڪايا وڃن ٿا، تڏھن رڳو درياھن جي خشڪ پيٽن ۾ ئي واري نٿي اُڏامي پر ان جي وارثي ڪندڙ قوم جي تقدير بہ واريءَ واري ٿي وڃي ٿي.

الطاف شيخ جي سفرنامن ۾ جتي الڳ رنگين راتيون، نيان سائن سان ڀرندڙ وسامندڙ گھٽيون، ھمسفر ساٿين جا چرچا گھبا ۽ ٻيا دلچسپيءَ جا سامان وڏيڪ ھوندا ھئا، اتي سندس اھڙڪن سفرنامن

۾ جاءِ جاءِ تي تجزياتي تبصرا، شخصي Comments وڏيڪ شامل آهن. منهنجي نظر ۾ ان جو بنيادي سبب بہ سندس عمر ۽ سندس تجربو آهي. شروعاتي سفرنامن ۾ الطاف شيخ، اهڙو نوجوان سيلاني جنهن جي دل بود ۾ پريل، اک حيرت ۾ ٻڏل ۽ پير سفر جي پنڌ ۾. جوانيءَ جو رنگ، زندگيءَ جا ڦهريانتجربا، حيران اک جي حيراني ۽ پوءِ قلم جي رواني... هاڻوڪا سفرناما ڪٽجن تہ هڪ ذميدار عمر تي پهتل، زندگيءَ جي تجربن ۾ پچي راس ٿيل. هاڻوڪي ڏسندڙ اک ”حيرانگي“ واري دائري مان قطعي ٻاهر نڪتل هڪ جهانديد نظر جي ڏيک ڏئي ٿي. هاڻوڪي بيانن ۾ مشاهدو، گڏو گڏ تجربو ۽ تبصرو هڪ ئي بيان ۾ گڏ نظر اچن ٿا.

مثلاً: اچو ”جپان ويندي، دبئي“ واري باب ۾ پڙهون:

ڪالهوڪي دُبئيءَ کي ڏسي، اُن اک خواب ٿي جهٽيا، پنهنجي ديس جي خوشحاليءَ لاءِ پر اڄوڪي دُبئي ڏسي، انهن پراڻن خوابن جي يادگيري ڪيس افسرده ڪري ٿي.

ڦرين اک ۾ ادارن جي تعمير ۽ ترقيءَ جا خواب هئا ۽ هاڻوڪي اک ادارن جي تباهي، بربادي ۽ زبون حالي تي ماتم ڪده آهي. رڳو شپ يارڊ ۽ ”پي آءِ اي“ نہ پر سنڌي ادبي بورڊ جي يادگيري ۽ زبون حالي جي ياد بہ ڪيس ستائي ٿي. جيڪا مون جهڙن ماڻهن کي

عهدي ملڻ کانپوءِ ڪوٺي سڪي جهڙي اوقات ڏيکارڻ تي سندس دل ئي نہ پر قلم بہ افسردگي ۾ ورتل ڏسجي ٿو. پر هوءَ هجائت مان هُج ڪري ئي وٺي ٿو تہ ملائيشيا ۾ اهڙو ئي ادبي ادارو ”ديوان بهاسا پستڪا“ اِن ڪان گهٽ ساليانِي بجٽ ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جي گهٽ هئڻ باوجود، اهو ادارو هر سال اسان جي ادبي بورڊڪان وڌيڪ رسالا ۽ ڪتاب ڇپرائي ٿو. سنڌ، ادارن جي حوالي سان تنزلي جو شڪار آهي، اِن لاءِ نيٺ بہ ڪٿي دانهجي.

ٻين ماڻهن جيان اسان وٽ بہ جپان جي سڃاڻپ جا ٻيا ڪيترائي حوالا آهن.

- سڀ کان پهرين نمبر تي جاپاني گاڏيون ۽ اليڪٽرنڪس جو نفيس سامان آهي، جنهن جي ڪري هر گهر ۾ ”شين جي جاپاني هئڻ جو ذڪر“ روز جو معمول آهي.
- ٻئي نمبر تي جپان ٻي مهاڀاري دوران پهريون ڀيرو ائٽمي زد ۾ اچڻ ڪري، آمريڪا پاران ائٽم بم پهرين بمبار طور بہ حوالي ۾ اچي ٿو.
- گلن سان، وڻن ٻوٽن سان دلچسپي رکندڙ ”اڪي بانا“ ۾ جپان جي حوالي لکي استعمال ڪن ٿا.

- ادب ۽ شاعريءَ سان تعلق رکندڙ اڪثريت کي وري ’هائڪو‘ جي ذڪر سان جپان ياد اچي ٿو.

اڄوڪي جاپان ۾ اسلام، مسجدن ۽ اسلامي ادارا ۽ جاپانين کي انگريزي سکڻ جو شوق ۽ آمريڪا ڏانهن ڇڪ، يقيناً جپان جي حوالي سان سجاڳ جون ڪلندڙنيون ڪڙڪيون آهن. جپاني عادتون ۽ پهاڪا ڏيڍ سان گڏ الطاف شيخ جا هن سفرنامي ۾ شامل ڪيل هائڪا بہ تنوير عباسي جي سنڌي ترجمو ڪيل باشو (هائڪي جو مشهور جاپاني شاعر) جي هائڪن ڪان هڪدم اڳتي آهن. هائڪو پڙهي سمجهڻ يقيناً آرٽ آهي، جنهن کي عام فهم (Common Sense) نٿو سمجهي سگهي. پر ان کي سمجهڻ لاءِ ڏاهپ ڪان وڌ جمالياتي حسن جي ضرورت پوي ٿي. هائڪي جي عام فهم ۾ تعارف جي سمجهاڻيءَ ۾ منور ابڙي يا بکيرائي شاهہ جي ڪارٽونسٽ چتر سان پيٽ يقيناً تنوير عباسي واري شاعراڻي مزاج ڪان مختلف پر لاجواب آهي.

جيڪڏهن چوڏهين جي چنڊ کي
ڪو هٿو وجهي ڏئي
تہ ڇا خوبصورت وڄڻو ٿي پوي.

پندرهين صديءَ جي جپاني شاعر سوڪات جي مٿئين هائڪي جپان جنهن کي فقط ۽ فقط جمالياتي احساسن سان سمجهي ۽ Enjoy ڪري سگهجي ٿو، ائين الطاف شيخ جي هن سفرنامي ۾ پيرن سان لتاڙيل ۽ ڇاٽيل خاڪ جي تجزئي کي ديس دوستي جي آئيني ۾ ڏسو ته جپان جي منظر نگاري سان هاٽوڪي سنڌ جو سماجياتي پس منظر به پسي سگهبو جو سفرنامي ۾ جا بجا اِها پيٽ شعوري يا لاشعوري طور تي ضرور سامهون اچي ٿي، جيڪا سنڌ جي حوالي سان ڪئي ويئي آهي.

**امر سنڌو**

ڄامشورو_سنڌ يونيورسٽي

2 سيپٽمبر 2004ع

# پوڳن پوڳن ۾

محترم الطاف شيخ مون کي اهو اعزاز بخشيندي چيو آهي تہ آئون هن جي هڪ جپاني سفرنامي تي مهاڳ لکان، سو بہ مزاحيہ... اها ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي، ڇو تہ مهاڳ هونءَ بہ مزاحيہ هوندا آهن. توهان جيئن مهاڳ لکڻ شروع ڪنداؤ تيئن اهو خودبخود مزاحيہ ٿيندو ويندو. توهان ڪهڙي بہ سنڌي ڪتاب جو مهاڳ کولي پڙهو، توهان کان ٺهڪ نڪرندا ويندا. آئون تہ ڪنهن بہ بوڪ اسٽال تي سنڌي ڪتاب ڏسندو آهيان تہ ان جو مهاڳ پڙهي، ٺهڪ ڏيئي، وري واپس رکي ڇڏيندو آهيان. جيئن مون هڪ سنڌي شاعريءَ جو ڪتاب ڏٺو ان جي سڄي ڪتاب ۾ مهاڳ ئي هو ۽ آخري صفحي تي هڪ غزل هو جنهن جي هيٺان لکيل هو "توهان بہ گهٽ سان گهٽي ڪئي هوندي.. اج توهان سان ٿي...!"

الطاف شيخ جپان جو ملڪ ايترو گهميو آهي، جو جپانين بہ ايترو ڪون گهميو هوندو. خود جڏهن ڪو جپاني ڪنهن گهٽيءَ يا روڊ جي معاملي ۾ مُنجهي پوندو آهي تہ يڪدم پهرين پنهنجي پاسي واري ڪيسي مان الطاف شيخ جو سفرنامو ڪڍي پڙهندو آهي ۽ پوءِ ان گهٽيءَ جي خبر چار وٺي اڳيان وڌندو آهي. جپان جي باري ۾ الطاف

شيخ جا سفرناما ايترا تہ لکيل آهن، جو هڪڙي جپانيءَ تہ باقاعده الطاف کي خط لکيو تہ ”اسان آخر توهان جو ڏوهہ ڪهڙو ڪيو آهي... يوگنڊا تي سفرنامو ڇو نٿا لکو؟“

سفرنامو لکڻ هڪ آرٽ آهي، جيڪو يقين سان الطاف شيخ کي اچي ٿو. اسان کي نٿو اچي... اسين تہ سفرنامو لکڻ ويهندا آهيون تہ آخر ۾ خبر پوندي تہ اهو ”Suffer نامو“ هو. جيئن اسان جو هڪ دوست ناول لکندو آهي تہ، سفرنامو ٿهي ويندو آهي ۽ سفرنامو لکندو آهي تہ درسي ڪتاب ٿهي ويندو آهي!

الطاف شيخ جي ڪتابن جو تعداد هاڻي ايترو ٿي ويو آهي، جو اُهي ڪتاب پڙهائڻ جي لاءِ بہ هڪ عدد ملازم رکڻو پوي ٿو. ان ڪري ئي الطاف شيخ کي ”سنڌي سفرنامي جو ابو“ چيو ويندو آهي ۽ باقي ٻيا جيڪي سفرناما لکندڙ آهن، انهن مان ڪي ماما آهن تهڪي چاچا آهن!

ڪجهہ ليکڪن جا سفرناما وصيت ناما لڳندا آهن، پڙهبو تہ لڳندو آخري پيرو لکيا ويا آهن ۽ هاڻي نہ لکندو... خود پڙهڻ کانپوءِ توهان جي دل مان آواز ايندو تہ ”خدا ڪري... هن کي هاڻي ڪنهن بہ ملڪ جي ويزا نہ ملي...!“ ڪجهہ ليکڪن کي وري پڙهبو تہ لڳندو آهي تہ پائوءَ سفرنامو نہ پر ڊڪشنري لکي آهي، وري ڪجهہ ليکڪن

جا سفرناما اجا پڙهڻ ئي شروع ڪبا تہ يڪدم توهان کي محسوس ٿيندو تہ ”هيءُ سفرنامو نہ پر صِفرنامو آهي!“ الطاف شيخ وري انهن سپني کان مختلف آهي، مختلف ان ڪري جو ٻيا سپيئي ليکڪ الطاف شيخ کان مختلف آهن...!

ناول لکڻ وڏي محنت جو ڪم آهي، ان ڪري سنڌيءَ ۾ نٿو لکيو وڃي. سفرنامي لکڻ لاءِ توهان کي رڳو پاڙي ۾ خرچ پٽيان محنت ڪرڻي پوي ٿي. ان ڪري سنڌيءَ ۾ سفرناما گهڻا لکيا وڃن ٿا. اسان جو هڪ دوست تہ سفر ئي ان ڪري ڪندوآهي تہ جيئن گهر موٽي اچي سفر نامو لکي. جيئن هڪ دفعي لفٽ ۾ ڦاسي پيو ۽ پورا اٺ ڪلاڪ ان ۾ بند رهيو تہ گهر موٽي اچي 88 صفحن جو ڪتاب لکيائين تہ ”لفٽ ۾ اٺ ڪلاڪ“ . اسان پڇيس تہ ”ڇا اهو سفرنامو آهي؟“ تہ چيائين ”نہ، اهو Suffer نامو آهي!“ هونءَ ليکڪ کي خبر ئي نہ پوندي آهي تہ اهو پڙهندڙن لاءِ سفرنامو Suffer نامو ثابت ٿيو!

الطاف شيخ ايترا تہ سفرناما لکيا آهن، جو هاڻي مئرين اڪيڊميءَ وارا سنڌي ڇوڪرن کي رڳو ان ڏپ جي ڪري ڪونہ ٿا کڻن، تہ متان اهي بہ سفرناما لکڻ لڳن! جڏهن آئون انٽر ۾ پڙهندو هوس، تڏهن مون مزاحيہ اداڪار جيري ليوس جي فلم ” گيشا بواءِ“ ڏٺي هئي. تڏهن اسان جيري ليوس جا عاشق هوندا هئاسين. گيشا بواءِ

کان پوءِ اسان کي الطاف شيخ جي ڪتابن مان خبر پئي تہ جپان ۾ در اصل گيشا گرلس ئي هونديون آهن، جيڪي مردن کي وندرائيندڙ ڇوڪريون هونديون آهن. هن جپان واري سفرنامي ۾ الطاف شيخ گيشا عورتن جو اهڙو تہ خوبصورت انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي ، جو خود گيشا گرلس کي بہ ايتري معلومات ڪانہ هوندي، جيتري الطاف شيخ کي آهي!

ننڍپڻ ۾ الطاف شيخ اسان جي پاڙي ۾ رهندو هو. اسين سڀ هن کي "ادا پَپُو" ڪري سڏيندا هئاسين. جيتوڻيڪ هاڻي هو "پپُو" رهيو ناهي، پر پوءِ بہ ڪيترائي اسان جا ڳوٺاڻا کيس پَپُو چوندا آهن. بلڪ ڪجھہ پوڙها پوڙها تہ هن کي اڃا تائين "پپو" سمجهندا آهن.

جپان جو سفرنامو لکڻ ڪو سولو ڪم ناهي، اهو ائين آهي جڻ توهان ٽوڪيو جي رستي تي بيهي ٽوڪيو جي ماڻهن کي ٽوڪيو...! جپان جي ڏکي ۾ ڏکي ڳالھہ اها آهي تہ هتي توهان کي رڳو جاپاني ماڻهو ڏسڻ ۾ ايندا. مون کي وري جپاني ٻولي نہ وڻندي آهي، ڇو تہ مون کي اچي ئي ڪانہ... مون کي رڳو جپاني سامان وڻندا آهن. توهان جپان ۾ ويندؤ تہ اتي سڀني جپانين جون شڪليون هڪ ٻئي تان فوٽو اسٽيٽ ٿيل لڳنديون. سڀني جپانين جا مُنهن هڪ ئي

مونو گرام ۾ هوندا . خبر ناهي جپاني عورتون پنهنجا پنهنجا مڙس ڪيئن سڃاڻينديون هونديون!

الطاف شيخ يقين سان جپان ۾ وڃي جيڪو جپانين تي لکيو آهي، اها همت جي ڳالهہ آهي. ڇو تہ جيڪڏهن توهان ڪنهن هوٽل تي وڃو تہ سڌي سنئين ماڻهوءَ کي بہ وات مان ”چون چان چين چين“ ڪرڻي پوندي، تڏهن وڃي ماني نصيب ٿيندي.. آئون سوچيندو آهيان تہ جپاني پيار جو اظهار ڪيئن ڪندا هوندا. ٻن لفظن ”چون چان چان“ تي ڇوڪري راضي ٿيو وڃي. هتي سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪير ڇوڪريءَ کي ”چون چان چان“ چوي تہ ان جي مرڳو مڱڻي ٽٽي پوي ۽ ان جا مائٽ ڇوڪريءَ کي چون چون جو مربو بنائي ڇڏين. جپانين کي انگريزي گهٽ ايندي آهي، ان جو دليل هو اهو ٻڌائيندا آهن تہ انگريزن کي ڪهڙي جپاني اچي ٿي؟ جيئن اسان وارو هڪ عظيم سنڌي دانشور آهي، چيائين، ”پرائمريءَ ۾ انگريزي زبان ڇو ٿي سيکاري وڃي؟“

پڇيوسين ”پلا ڪهڙي زبان سيکاري وڃي؟“ تہ چيائين : ”شرافت جي زبان.“

الطاف شيخ جو هي جپان جو سفرنامو سٺو آهي.ڇو تہ اهو بغير ٽڪيٽ جي توهان کي جپان گهمائي ٿو. توهان چوندائو تہ ”نہ،

اسان صحيح طرح سان جپان نہ گھمي سگھياسين.“تہ منهنجا سائين... ايترن پئسن ۾ تہ توهان ايترو ئي جپان گھمي سگھو ٿا... ۽ جيڪڏهن توهان ڪتاب بہ دوست ڪان وٺي پڙهي رهيا آهيو تہ پوءِ جيترو بہ جپان توهان ڏٺو آهي، ان کي گھڻو ڪري سمجهو... ڇو تہ يقين ڪريو جيترو جپان توهان کي الطاف شيخ گھمايو آهي، ايترو جپانين بہ ڪونہ ڏٺو هوندو!

ڪنهن بہ ڪتاب ۾ مهاڳ رڳو ان ڪري لکايو ويندو آهي تہ جيئن پڙهندڙن کي ٻڌائي سگھجي تہ، جيڪڏهن هيءَ ڪتاب نہ ڇپجي ها تہ وڏي تباهي اچي وڃي ها ان ڪري الطاف بہ مهاڳن تي گھڻو زور ڏيندو آهي. مون کي چيائين تہ ”بہ ٽي اکر لکي ڏي..“ ۽ مون کي وري جپان تي لکڻ سنوان ڪري لڳي رهيو هو، ڇو تہ جپاني ٻوليءَ ۾ مون کي سنڌيءَ جا لفظ مليل محسوس ٿيا، جنهن مان مون کي پڪ ٿي تہ اسان جي ٻولي جا پنج ڇا... ڪا ست اٺ هزار سال پراڻي آهي. اهي لفظ آهن، هيرو شيما، ناگا ساڪي ۽ ڇُون ڇُون... اهي سنڌيءَ ۾ بہ استعمال ٿين ٿا. هيرو اسان وٽ ڪيترائي نوجوان آهن. شيما اسان جي پاڙي ۾ رهندي آهي. ناگا کي اسان ”نانگا“ ڪري چوندا آهيون، ساقي تہ اسان جي هر ڏهن ماڻهن ۾ ٻولبو تہ چار ساقي ملندا باقي رهيو ڇُون ڇُون... اهو تہ اسان وٽ سنڌيءَ ۾ جهر ڪيو چونديون آهن!

جپان دنيا جو پهريون نمبر جمهوري ملڪ آهي، جتي برداشت Tolerance ايترو تہ بهتر آهي، جو توهان ڪنهن بہ جپانيءَ کي سنڌيءَ ۾ چا بہ چئو هو دل ۾ نہ ڪندو... جپاني ٻولي دنياجي سولي ٻولي آهي، چو تہ اها سکڻ لاءِ توهان کي دماغ استعمال ڪرڻ جي ضرورت نٿي پوي... بس ڪجھ جهرڪيون پاليو ۽ جپاني سکو.. جيڪڏهن توهان ڪنهن هوٽل تي وڃي ويهي چئو "پين پين پوُن پان" تہ پڪ سان اهو ڪنهن ڊِش جو نالو هوندو... جيڪڏهن ڊِش جو نالو نہ نڪتو تہ پوءِ توهان جي پنهنجي ڊش پڳل هوندي.. انهن ڳالهين جي ڪري جپان ڏاڍي ترقي ڪئي آهي. جيئن مون کان هڪ دوست پڇيو تہ "چا، تون ڪڏهن جپان ويو آهين؟" چيومانس "ها..." پڇيائين "جهاز ۾؟" چيومانس، "نہ... خواب ۾!"

**امتياز ابڙو**
پهرين جنوري 2005
abro_imti@rediffmail.com
abro_imtiaz@hotmail.com
(ڪاوش اخبار جي ٽورن سان)

# ڄامشورو جي پُل مٿان

اوساڪا جي ايئرپورٽ تي لهي ٻئي جهاز ذريعي جپان جي هڪ ڏاکڻي شهر فڪوڪا (صحيح لفظ فڪوئوڪا) ۾ پهچان ٿو. اتان بس ذريعي موجي (Moji) شهر ۾ اچان ٿو. جپان جو هي شهر جيڪو بندرگاهه به آهي، مون لاءِ نئون نه آهي. 1980ع تائين يعني اڄ کان چوٿو صدي اڳ تائين هتي ڪيترائي دفعا اچڻ ٿيو. هي بندرگاهه موجي ۽ ساموندي درياهه (Kanmon Straits)جي ٻي پار وارو بندرگاهه شمونو سيڪي (جيڪي اڄ ڪلهه ڪانمان پل ذريعي ڳنڍيل آهن)، ڏکڻ ڪوريا جي بندرگاهن: انچان ۽ پوسان کي ايئن ويجهو آهن، جيئن مورو ۽ دادو جا شهر هالا ۽ ڄامشوري کي. وچ ۾ فقط سمنڊ جو ڪجهه حصو لتاڙڻو پوي ٿو.

اسان جي جهازران ڪمپنيءَ جا جهاز جپان جي مختلف بندرگاهن ۾ سامان لاهي پوءِ ڏکڻ ڪوريا وڃڻ کان اڳ جپان جي هن بندرگاهه موجي يا شمونو سيڪيءَ مان ٿيندا وڃن ٿا. شمونو سيڪيءَ ۾ وڏا شپ يارڊ هجڻ ڪري واپسيءَ جي ڊگهي سفر لاءِ جهاز جي ضروري مرمت شمونو سيڪيءَ مان ڪرائڻي پئي ٿي، نه ته به سامان لاهڻ چاڙهڻ لاءِ هنن بندرگاهن ۾ هفتو به ته ضرور بيهڻو پيو ٿي. هنن

بندرگاهن ۾ نہ فقط مڪاني ماڻهن سان ملاقاتون ۽ دوستيون وڌيون پر پنهنجن جهازي دوستن، نئين جي ڪلاس ميٽن ۽ ڏارين جهازي آفيسرن سان پڻ ڪچهريون ٿيون. جو هتان هر جهاز جو لنگهہ رهي ٿو ۽ ترسڻ پڻ ٿئي ٿو. سو هنن بندرگاهن ۾ هر وقت ڪيترن ئي ڄاڻ سڃاڻ وارن جا جهاز نظر اچن ٿا. هنن بندرگاهن جي هڪ هڪ رستي توڙي گهٽيءَ مان اسان جو اچڻ وڃڻ ٿيو ٿي.

موجي بندرگاهہ ۾ هڪ دفعو مون کي باءِ ايئر بہ اچڻو پيو. موجيءَ ۾ بيٺل اسان جي ڪمپنيءَ جي هڪ جهاز جو چيف انجنيئر بيمار ٿي پيو هو ۽ جهاز جي بہ هفتا کن مرمت هلڻي هئي. آئون هڪ ٻئي جهاز تي جپان جي اتراهين بندرگاهہ وڪاياما (Wakayama) ۾ هوس. مون کي جهاز جي مرمت تي نظر رکڻ لاءِ موجي اچڻ لاءِ چيو ويو. آئون فئمليءَ سان هئس ۽ مون موجي شهر ۾ هوٽل ۾ رهڻ بدران ڪنهن ننڍڙي گهر (مسافر خاني) ۾ رهي پئسو بچائڻ ٿي چاهيو. ان سلسلي ۾ مون وڪاياما مان ئي موجي بندرگاهہ جي مقامي آفيس وارن کي فون ڪيو، جن هڪ مسافر خاني جي پوڙهي مالڪڻ سان مون کي ڳالهرايو.

پوڙهيءَ جي مسافر خاني طور استعمال ٿيندڙ گهر (Ryokan) جي ڳالهہ مون کي هر لحاظ کان وڻي. بندرگاهہ جي ويجهو

گهٽ مسواڙ تي. پوڙهيءَ نيرن تي جپاني ڪاڏو گوهان (پت) ۽ ميسو شيرو (پاچين ۽ ڳڙ جو سوپ، جيڪو هتي عام طرح نيرن تي ملي ٿو) ڏنو ٿي. گهر پرسان بس اسٽاپ هو. هن ٻڌايو تہ سندس گهر اڳيان ندي (ڪاوا) بہ وهي ٿي. جپاني لفظ "ڪاوا" ندي ۽ درياهہ لاءِ ئي استعمال ٿئي ٿو. جيئن نيل ندي، سنڌو درياهہ. تيئن جپان ۾ سميدا گاوا، ڪوشيرو گاوا، شنانو گاوا وغيره آهن. (جپاني لفظ 'ڪاوا' ڪنهن نديءَ جي نالي سان لڳڻ تي 'گاوا' ٿئي ٿو).

"واهہ جي Location آهي، پوڙهيءَ جي گهر جي!" مون دل ئي دل ۾ سوچيو ۽ خيالن جي دنيا ۾ پاڻ کي ڄامشوري جي پل وٽ ٺهيل "المنظر" هوٽل ۾ محسوس ڪرڻ لڳس. (هيءَ 1974ع ڌاري جي ڳالهہ آهي، جڏهن المنظر هڪ بيحد خوبصورت ۽ رومانٽڪ Spot سمجهيو ويو ٿي.) ماڻهو هن هوٽل ۾ چانهہ يا ماني کائڻ کان وڌيڪ هتان سدا شاداب ۽ جوش ۾ اٿلون کائيندڙ سنڌوءَ جو نظارو ڪرڻ ايندا هئا. هي اهو درياهہ آهي، جنهن سان دنيا جي پراڻي ترين تهذيب وابستہ آهي. هيءَ اها ندي آهي، جيڪا صدين کان وهندي اچي، تڏهن تہ اسان جي ڳوٺ جي هڪ شاعر پروفيسر عبدالفتاح ابڙي (عبد هالائيءَ) پنهنجي دل کي سنڌو نديءَ سان تشبيهہ ڏني آهي. چي:

"دل ناهہ ڪا ڪئمپ فلسطيني،

جا جلندي رهي ۽ ٻرندي رهي.
دل ناهه ڪا شام بيروتي،
جا دونهن ۾ ڪاري ٿيندي رهي.
دل ناهه ڪا بيوهه جي چوڙي،
جا پرزا پرزا ٿيندي رهي.
دل آهي اسان جي سنڌو ندي،
جا عبد صدين کان وهندي رهي.“

”خبر ناهي موجي شهر مان هي ڪهڙو درياهه وهي ٿو. جنهن جي ڪپرن تي هن پوڙهي جپانڻ جو گهر آهي.“ مون دل ۾ سوچيو هو. بهرحال، هوندو ڪو درياهه! مون سڄي جپان جي جاگرافي ته نه پڙهي آهي، جو مون کي هن ملڪ جي هڪ هڪ درياهه، ندي، جبل ۽ ماٿريءَ جي خبر هجي. وڏ ۾ وڏ هتي جي بندرگاهن جي ڄاڻ رکڻ منهنجو فرض آهي.

آئون ضروري سامان کڻائي پوڙهيءَ جي گهر پهتس. پهچڻ سان جهاز جي ڪم ۾ اهڙو جنبي ويس جو صبح جو پوڙهي مالڪڻ طرفان مليل نيرن (سوپ ۽ پيت) کائي نڪرندو هوس ته چانهه به اچي جهاز تي پيئندو هوس. هڪ ئي وقت جهاز جي ڏهن حصن تي ڪم

هلي رهيو هو. مٿي ڪنهن جي فرصت نہ هوندي هئي. شام جو ستين بجي شپ يارڊ جي مزدورن جي موڪل ٿيڻ بعد آئون جهاز تان گهر موٽندو هوس، تہ اونداهہ ٿي چڪي هوندي هئي. جهاز جون مشينون ڪليل هجڻ ڪري جنريٽر وغيره سڀ بند هئا ۽ بجلي نہ هجڻ ڪري، اسين سڀ جهاز جا آفيسر توڙي خلاصي، جهاز جي ڪمپنيءَ طرفان ٻاهر ڪناري تي هوٽل يا جپاني اسٽائيل مسافر خاني ۾ رهياسين ٿي. ٻن ٽن ڏينهن بعد جيئن ئي جهاز جي ڪمن مان ٿوري واندڪائي ملي ۽ هوش ٺڪاڻي آيا تہ مون کي درياهہ جو خيال آيو. پوڙهيءَ تہ چيو هو تہ "واتا شينوِ اي اي نو (ايئينو) مائيوا ڪاوا گا اري ماس" (منهنجي گهر اڳيان ندي وهي ٿي)۽ هتي ڪا اهڙي ڪهاڻي ناهي.

نيٺ گهر جي مالڪڻ ڪان ان جو پڇيم تہ هن سامهون اشارو ڪيو. ڪراچيءَ جي برنس روڊ تي وهندڙ گندي پاڻيءَ جي نالي جيڏو هڪ نالو وهي رهيو هو. هي بہ گندي پاڻيءَ جو نالو هو پر اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ملائيشيا، سنگاپور، هانگڪانگ وانگر هتي جي نالين ۾ گٽرن مان فقط مينهن جو ۽ وهنجڻ جو پاڻي لنگهي ٿو. (ٽوائليٽ وغيره جو سسٽم بلڪل الڳ ٿلڳ ۽ زمين دوز آهي) ان ڪري ان نالي جي وهندڙپاڻيءَ ۾ نہ گند ڪچرو هو ۽ نہ ڪک پن ۽ نہ وري پلاسٽڪ جون ٿيلهيون. پاسن کان وڻن ۽ گلن جو قطارون هيون.

”تو لڳي ٿو درياهه نه ڏنو آهي.“ مون پوڙهيءَ کي چيو ۽ پوءِ ڪجهه تيزيءَ ۽ فخر مان مون کيس پنهنجي ملڪ جي سنڌوءَ جو احوال ٻڌايو ته اها ڪيڏي ويڪري، ڪيڏي اونهي ۽ ڪيتري تکي وهڪري واري آهي. اسان جي سنڌو گاوا (ندي) هماليه جبلن تان گجگوڙ ڪندي پنجاب ۽ سنڌ کي سيراب ڪندي، عربي سمنڊ جي پيٽ ۾ هلي وڃي ٿي. سمنڊ وانگر سنڌوءَ ۾ لهرون ۽ ڪُنَ موجود آهن. ٻيڙيون ۽ ٻتيلا هلن ٿا...“ آئون ٿانءِ ۾ پريل ڏيڏر وانگر ويس پنهنجي سنڌوءَ جي تعريف ڪندو ۽ پوڙهيءَ جو ويو وات ڦاٽندو ويو وات ڦاٽندو. ظاهر آهي ڪٿي هي ’نالو‘ جنهن ۾ ٻه ميٽهون ٻه نه ٻيهي سگهن ۽ ڪٿي اسان جي سنڌو درياهه جو ويڪرو پيٽ ۽ تکو وهڪرو_ جيڪو وڏن ٻيڙن کي به لوڙهي ڇڏي. ان سال ڳوٺان جهاز لاءِ ڪراچي ايندي، ڄامشوري جي پُل وٽ ڪار مان لهي ڪا دير درياهه جي موجن کي ڏسندو رهيو هوس. شاهه لطيف هن درياهه جي ضرور هيءَ ارڏائيڏسي چيو هوندو:

دهشت دم درياهه ۾ جت لڙ، لهرون، لس، ليٽ
آٽي اوپارن ۾ پاڻڻي ٻوڙي ٻيٺ
جت چڪنئي چيٺ، ات ساهڙ سير لنگهاءِ تون...

پر پوڙهيءَ کي اهڙا شعر ترجمو ڪري تہ نٿي ٻڌائي سگهيس. باقي اسان جي سنڌو درياءَ جي Colossal هجڻ جو Impression ڏيڻ لاءِ مون کي جپانيءَ ۾ جيڪي صفتون آيون ٿي اهي ٻڌائي ورتم.

اڄ چوٿي صديءَ بعد يعني ويهہ پنجويهن سالن بعد، هن ساڳي شهر ۾ ساڳي گهٽيءَ مان لنگهڻ ٿي، هن مسافرخاني (ريوڪان) جي اڳيان بيهي رهيس. گهر جي مٿان بہ وڏيڪ ماڙيون ٺهيل هيون، جن جي ٻاهران مسافر خاني جوئي بورڊ لڳل هو. ياد آيم تہ موجي چڙڻ کان اڳ پوڙهيءَ پنهنجي پٽ جي هٿي جي حساب سان ڏوم ڏام سان شادي ڪئي هئي، جيڪا اٽيند ڪرڻ لاءِ آئون درياهہ جي ٻي پر واري بندرگاهہ شموتوسيڪي کان هتي آيو هوس. ڪجهہ سالن بعد ٻڌم تہ پوڙهيءَ جو اڪيلو پٽ جنهن سندس ڪاروبار ۾ بہ مدد ڪئي ٿي، هڪ هوائي حادثي ۾ مري ويو. پوڙهيءَ جي وري خبر نہ پيئي جو منهنجي دوستن جي جهازن بہ هنن بندرگاهن ۾ اچڻ ڇڏي ڏنو. آئون در جو بيل وڄائي اندر رسيپشن ۾ گهڙيس. سندس ٻنهي پوٽين منهنجو مهمان جي حيثيت سان آڌرڀاءُ ڪيو پر پوءِ مون جڏهن پنهنجو تعارف ڪرايو تہ هو مون کي سڃاڻڻ لڳيون. سندن سڃاڻڻ تي مون کي تعجب لڳو.

”ڪمال آهي! توهان تہ ڄائيون بہ بعد ۾ آهيو. آئون 24_25 سالن بعد هتي پيو اچان.“

”ڏاڏي ٻڌائيندي هئي تہ هتي هڪ مئرين انجنيئر رهڻ ايندو هو جيڪو باشو (جپاني شاعر) ۽ مشيما (جپاني ناول نويس) جو عاشق هو.“ هنن مان هڪ ٻڌايو ۽ ٻي منهنجو جپان بابت سنڌيءَ ۾ لکيل سفرنامو ”جپان جن جي جيءَ سان“ ڪڍي آئي، جيڪو مون تڏهن سندن ڏاڏيءَ کي موڪليو هو. هنن ٻڌايو تہ هوءَ چار سال کن اڳ اسي سالن جي ڄمار ۾ گذاري وئي.

”توهان جي اوباسان (ڏاڏي) عظيم عورت هئي.“ مون سندن ڏاڏيءَ کي ياد ڪندي تعريف ڪئي ۽ ڪا دير پراڻن ڏينهن جي خيالن ۾ گم ٿي ويس، جڏهن هن پوڙهيءَ جي قرب ۽ خيال رکڻ ڪري آئون موجي يا هن پاسي اچڻ تي هميشہ هن جي ئي مسافر خاني ۾ رهندو هوس.

”اسان جو ڏاڏو هيروشيما ۾ ڪريل بم جو شڪار ٿي ويو هو.“ پوڙهيءَ جي پوٽين مان هڪ ٻڌايو.

”وڪاري ماس_مون کي ڄاڻ آهي.“ مون ڏکويل آواز ۾ وراڻيو. ”ان جي اثر ڪري توهان جي ڏاڏي ڪيترين ئي جسماني ۽ نفسياتي بيمارين ۾ مبتلا هئي.“

”پر چون ٿا تہ ھن وڏي ھمت کان ڪم ورتو.“

”صحيح ٿيون چئو. ان ۾ ڪو شڪ ناھي. بيمار ھوندي بہ ھوءَ گھر کي ھلائڻ لاءِ سخت پورھيو ڪندي رھي ٿي.“ مون کين ٻڌايو.

”ھوءَ قربائتي بہ ڏاڍي ھئي. سندس مري وڃڻ تي اوڙي پاڙي وارن بہ ڏاڍو ڏک ڪيو..“

”ضرور ڪيو ھوندو.“ مون وراڻيو. ”ڪيس انسان ذات لاءِ ھمدردي ھئي. ھن ھر ھڪ جو ڀلو چاھيو ٿي. ٻئي کي ڏکويل ڏسي پاڻ پريشان ٿي ويندي ھئي. آئون پھريون دفعو جڏھن ھن وٽ رھڻ آيو ھوس تہ منھنجي ننڍڙي سال کن جي ڌيءَ کي تيز طوفاني ھوائن ڪري يا شايد وڪاياما کان موجي ھوائي جھاز جي سفر ڪري، ڪن ۾ سور اچي ٿيو. منھنجي زال نہ ھن شھر جي واقف ھئي ۽ نہ جپاني آيس ٿي، پوءِ توھان جي ڏاڏيءَ پنھنجا ڪم ڪاريون ڇڏي، منھنجي ڌيءَ جي علاج لاءِ مختلف ڊاڪٽرن ۽ اسپتالن ۾ ڊوڙندي رھي. مون کي چوندي ھئي تہ تون نہ گھر جو خيال ڪر نہ پئسي ڏوڪڙ جو. جنھن ڊيوٽي لاءِ آيو آھين، يعني جھاز جي Repairلاءِ، ان ڏي توجھہ ڏي، جيئن اھو جھاز سمنڊ تي تولاءِ مسئلو نہ بڻجي.“

”ڪيڏو عجيب ٿو لڳي ھڪ ڌارئين کان پنھنجن وڏن جي ڳالھہ ٻڌي! سندس پورھيئجي ڪمائي اڄ اسين کائي رھيا آھيون. ھوءَ

پاڻ غربت ۾ گذاري وئي، پر اسان لاءِ مسافرخاني جي صورت ۾ روزگار ٺاهي وئي...“ چوڪرين چيو.

”Hi So Desu صحيح ٿيون چئو.“ مون سندن ڳالهہ جي حمايت ڪئي ۽ ڪافيءَ جو آخري ڍڪ پري، اٿي ڪڙو ٿيس ۽ ساڻن هڪ يادگار تصوير ڪيرائي Sayonara(الوداع) چيم.

ٻاهر نڪري ٿورو اڳتي هلي سندن گهر اڳيان وهندڙ نالي جي ڪپر وٽ ٻيهي رهيس۽ ڪا دير پنڌ پهڻ تي ويٺو رهيس. بارش ۽ گهرن مان ايندڙ پاڻيان ”نالي“ مان شپڪا ڪري وهي رهيو هو. مون کي پوڙهيءَ سان اڊائي ڏهاڪا سال اڳ جو بحث ياد اچي ويو...”هن کي چئبو آهي درياهہ!درياهہ تہ اسان جو سنڌو آهي...“ مون چيو هئومانس. يعني تڏهن چيو هئومانس. چڱو جو اڄ هوءَ جيئري ناهي، نہ تہ هن کي اڄ ان سنڌوءَ بابت شايد ڪجهہ بہ ٻڌائي نہ سگهان ها. هفتو کن اڳ هيڏانهن جپان ۾ اچڻ لاءِ ڳوٺان (هالا کان) ڪراچي ايندي وقت،هميشہ وانگر هن ڀيري بہ سنڌوءَ جو ديدار ڪرڻ چاهيم ٿي. پر ڄام شوري وٽان لنگهندي منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هئا. اسان جي سنڌوءَ ۾ پاڻيءَ جي ڇولين بدران ڏوڙ اڏامي رهيهئي. ٻيڙيون وچ درياهہ ۾ خشڪيءَ تي پاسيريون ٿيون پيون هيون ۽ ٻارن وچ سِير تي

ڪرڪيٽ راند پئي ڪيڏي. سنڌوءَ ۾ ايترو پاڻي به نه هو جيترو موجي شهر جي هن نالي مان وهي رهيو آهي!

آئون ڏکويل دل سان اڳتي وڌان ٿو. هڪ هڪ وک ڇپ جهڙي ڳري محسوس ڪريان ٿو ءِ مون کي پنهنجي هڪ ٻئي ڳوٺاڻي شاعر ”حميد شهيد“ (پروفيسر عبدالحميد متقي ميمڻ) جو هن مهيني جي سوجهري رسالي ۾ ڇپيل هي شعر ڏيان ۾ اچي ٿو.

ڄامشوري جي پل مٿان بيهي سوچيم
سنڌو ناهي، هي ”هاڪرو“ آهي.

(هاڪرو: سنڌ جو هڪ قديم ڊٺل ۽ خشڪ ٿي ويل درياهہ).

# جپان ويندي دبئيءَ ۾

عرب امارات جو جهاز ڪراچيءَ کان اڏري پوري وقت تي دبئيءَ کان اچي نڪتو. مون دريءَ جو پڙدو هٽائي هيٺ ڏٺو. جيئن جيئن جهاز جو Altitude گهٽجڻ لڳو، تيئن تيئن دبئي شهر جون عمارتون، رستا، رستن تي هلندڙ گاڏيون، سمنڊ، سمنڊ ۾ هلندڙ ۽ بندرگاهه وٽ بيٺل جهاز شهر جا چوراها ۽ پارڪ چٽا نظر اچڻ لڳا. دبئي ڪنهن ڪنڊ پاسي کان يورپ جي ڪنهن سهڻي، سليقي واري ۽ ماڊرن شهر کان گهٽ نٿو لڳي. اڄ دبئي واپار وڙي ۽ سهنج سهولت ۾ اعليٰ درجو رکي ٿو. منهنجي اکين اڳيان اڄ کان پنجٽيهه سال کن اڳ جو دبئي ڦرڻ لڳو جڏهن 1968ع ۾ اسان جو "سندربن" نالي يوگوسلاويه جو ٺهيل پاڻيءَ جو جهاز رومانيه ۽ بلغاريه جي بندرگاهن مان دبئيءَ لاءِ مختلف سامان کڻي پهتو هو. جيتوڻيڪ اڄ جي حساب سان اهو ويهه هزار ٽن جو جهاز ڪجهه به نه آهي ۽ اڄ جي دبئي بندرگاهه ۾ هڪ لک ٽن وزني جهاز به آرام سان بيهي سگهن ٿا پر ان وقت دبئي جو بندرگاهه اهڙو نه هو. جو اسان جو جهاز اندر وڃي سگهي ۽ نه وري ڪي بندرگاهه ۾ وڏيڪ لانچون (انجن تي هلندڙ ٻيڙيون) هيون. جيڪي بندرگاهه کان

ڏهه ميل ڪن پري ڪلئي سمنڊ ۾ بيٺل اسان جي جهاز تي اچي جهاز جي ماڻهن کي بندرگاهه ڏي وٺي هلن.

اسان بحر اسود (Black Sea) جتي، رومانيه ۽ بلغاريه جا بندرگاهه ڪانسٽنزا ۽ ورنا آهن، لتاڙي ان بعد يوئنچ سمنڊ (Mediterranean) اُڪري جبرالٽر وٽان آفريڪا جي ڪنڌ جو ڦيرو شروع ڪيو ۽ ائٽلانٽڪ ۽ هندي وڏو سمنڊ جهاڳي اٽڪل 25 ڪن ڏينهن بعد ايراني نار جي هن بندرگاهه دبئيءَ ۾ پهتاسين. ايترا ڏينهن سمنڊ تي رهڻ بعد ڪناري تي پير رکڻ لاءِ دل ماندي ٿي رهي هئي. پر دبئي پهچڻ تي اهو ڏاڍي افسوس ٿيو ته دبئيءَ جو بندرگاهه جهڙو تهڙو آهي، جتي رڳو اوسي پاسي جا ٻيڙا، ٻتيلا ۽ ڪاٺاٺا جهاز بيهي سگهن ٿا ۽ نه وري ڪراچي يا سنگاپور وانگر ڪا Boat Service آهي جو جيسين سامان بارجن ذريعي جهاز تان لهي، تيسين اسين جهاز هلائيندڙ انهن مسواڙ تي هلندڙ ٻيڙين ذريعي ڪناري جو چڪر هڻندا رهون. اسان کي انهن ڏينهن ۾ ڏاڍي اڻ تڻ هئي ته ايراني نار جون هي عرب رياستون ڏسون جن مان تيل نڪرڻ ۽ دولت جي اچڻ جي هاڪ ٻڌي رهيا هئاسين. ٻئي ڏينهن پنهنجي جهاز جي لائيف بوٽ لاهي اسين بندرگاهه ڏي روانا ٿياسين. اسان ۾ هڪ دربيلو جو ڪئپٽن احمد حسين مخدوم به هو جنهن لائيف بوٽ جو اسٽيئرنگ ويل

سنڀاليو. هو انهن ڏينهن ۾ جهاز جو ٿرڊ آفيسر هو ۽ آئون ففٿ انجنيئر هوس ۽ لائيف بوٽ جي انچارج جو ڪم منهنجي حوالي هو. اسان ۾ هڪ منهنجو جهازي دوست ۽ ساڳي ڪئبن ۾ مون سان گڏ رهندڙ ڪئڊٽ غضنفر خان به هو. هو به اڳتي هلي جهازن جو ڪئپٽن ٿيو ۽ ڪيترائي سال جهاز جي ڪمانڊ سنڀالڻ بعد گذريل ڏهن سالن کان دنيا جي مختلف جهاز ران ڪمپنين جي ڪراچيءَ ۾ ويهي مئنيجمينٽ سنڀالي ٿو. ڪيس اڄ جو هر پاڪستاني جهازي ڪئپٽن جي يو خان (G. U. Khan) جي نالي سان سڃاڻي ٿو ۽ سندس ڪمپنيءَ جو نالو "جيوپيٽر مئرين سروسز" آهي. بندرگاهه ۾ پهچي پنهنجي جهاز جي ٻيڙيءَ (Life Boat) کي ڪنهن ڪلي سان ٻڌي شهر ڏي روانا ٿياسين. دبئي شهر جون بازاريون پٽ شاهه ۾ لڳندڙ ميلي جي ڪچن دڪانن جهڙيون هيون. پر ڇا ولائتي مال هو. واچن، رومالن، ريڊين، ڪپڙن سان دڪان اٿليا ٿي. انهن دڪانن، ايئرڪنڊيشنڊ وڏين ڪارين ۽ هوٽلن مان هنن واريا سين ملڪن ۾ آيل بي انتها دولت جو جائزو ٿيو ٿي. آئون ۽ منهنجو روم ميٽ جهازي ساٿي غضنفر (G.U.Khan) دبئي ۾ به هفتا ڪن رهڻ دوران (۽ ان بعد سمنڊ تي) هر وقت اهي ڳالهيون ڪندا رهياسين ته هنن ملڪن ۾ بي انتها دولت اچڻ ڪري اسان جو ملڪ به امير ٿي ويندو. اسان جي شپنگ وڌندي،

اسان جو ملڪ پاڙيسري هجڻ ڪري گلف جا سڀ عرب اسان جي ملڪ مان ڀاڄيون، ميوا، اناج ۽ گوشت وغيره گهرائيندا. سندن جهازن جي مرمت توڙي هلائڻ لاءِ ماڻهو ۽ راشن پاڻي اسان جي ملڪ مان ونندا. ان وقت هن سڄي تر ۾ ويندي ايران ۽ سعودي عرب تائين جهازراني توڙي هوائي سروس ۾ اسان جو ملڪ مٿاهون هو. 1968ع تائين ته اسان جي پي. آءِ. اي جي سروس نيويارڪ ۽ آمريڪا جي ٻين شهرن تائين عام ٿي چڪي هئي. (ملائيشيا کي پورن 20 سالن بعد 1988ع ۾ سندس هوائي ڪمپني MAS کي پهريون دفعو آمريڪا ۾ جهاز لاهڻ جي اجازت ملي، سا به آمريڪا جي فقط هڪ شهر ۾!) غضنفر چوندو هو ته الطاف ڏسجان ويٺو، ڏهن سالن بعد ڪراچيءَ ۾ هڪ بدران ٽي نه ته به شپ يارڊ ضرور هوندا، جتي هنن عربن جا جهاز ٺهندا ۽ هلڻ بعد مرمت ٿيندا... وغيره وغيره.

اڄ اهو غضنفر جيڪو مون وانگر اڄڪي سٺ ورهين جي ويجهو پهتو آهي، جڏهن ملندو آهي ته اهي 35 سال اڳ وارن خوابن کي ياد ڪري افسوس ڪندا آهيون ته اسان جي ملڪ جي اڳواڻن (سياستدانن توڙي ادارن جي ليڊرن) جي ڪڌن ڪرتوتن ۽ غلط پاليسين جي ڪري ملڪ ۽ ان جا ڪيترائي ادارا ترقيءَ بدران تباهه ٿي ويا آهن. اڄ اسان وٽ نه پر دبئيءَ ۾ شپ يارڊ آهن، جت اسان جا

پنهنجا جهاز مرمت (Dry Docking) ڪرائڻ لاءِ منٿون ڪريون ٿا. اڄ عرب ملڪن جا جهاز اسان جي گوشت کي Unhygienic سمجهي نٿا وٺن. پاڻي پين کي وڪڻڻ ته ڇا پاڻ لاءِ به کوٽ آهي، ۽ اسان جا ڪيترا جهاز مهانگي هجڻ جي باوجود دبئي ۽ سعودي عرب مان پاڻي خريد ڪن ٿا جو هر دفعي جهاز وارن کي پڪ ناهي ته ڪراچيءَ مان ملي به يا نه. اهوئي حال هوائي جهازن جو وڃي ٿيو آهي. مختلف ملڪن جون Services هڪ ٻئي پويان بند رهيون آهن ۽ جيڪي PIA جا جهاز هلن پيا، انهن جي سجاڳ Great People to Fly with بدران بدبودار ڪاڪوس ۽ معيار کان ڪريل مسافرن لاءِ ماني آهي ۽ هينئر دبئي وارن جي هوائي ڪمپني Emirate جي هن هوائي جهاز ۾ اوساڪا ڏي ويندي مون کي ڪا خوشي نه ٿي رهي آهي. هن کان اڳ 1980ع تائين جڏهن جپان By Air اچڻ ٿيو ته PIA ۾ ئي آيس. ڪڏهن منيلا (فلپين) کان ڦري ته ڪڏهن بيجنگ (چين) وٽان ٿيندو. ڪيڏو افسوس ٿو ٿئي، پنهنجي قومي هوائي ڪمپني ۽ پنهنجي ٻين ادارن کي ڏينهون ڏينهن پٺتي ويندو ڏسي ۽ هوڏانهن ملائيشيا جهڙا ملڪ به خبر ناهي ڪٿان کان ڪٿي وڃي نڪتا آهن. ٻيا ادارا ته ڇڏيو پر ملائيشيا جو سنڌي ادبي بورڊ جهڙو ادارو ”ديوان ٻهاسا پستڪا“ به خبر ناهي ڪٿي وڃي پهتو آهي. هر

سال ڪيترا ڪتاب ۽ رسالا ڇپرائي ٿو. جيتوڻيڪ ساليانى بجيٽ ۾ ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو تعداد اسان جي اداري کان گهٽ آهي، پر خبر ناهي ڇو اسان وٽ اهڙي باهه پئي ٻري جو ڪو به ادارو سڌري نٿو. ڪٽي ڪهڙو به ماڻهو ان اداري جو هيڊ ڪري رکو. ويتر اهو ماڻهو به ڪريو پوي ٿو. افسوس ٿو ٿئي ته اهي ماڻهو جن کي اسان سون جهڙا ٿا سمجهون، اهي به وڏو عهدو ملڻ تي کوٽا ثابت ٿيو پون.

# جپان جهڙن ملڪن ۾ ’ليڪ‘ سيد پير آهي

ڪراچيءَ کان دبئي عرب امارات جي هوائي جهاز ۾ آيس ۽ هاڻ جپان پهچڻ لاءِ مون کي دبئيءَ مان وري Emirateجي اڏام وٺڻي هئي، جيڪا بنا ڪنهن هنڌ ترسڻ جي ڏهن ڪلاڪن جي لڳاتار اڏام بعد اوساڪا وٺي آئي. هي پهريون دفعو هو جو اوساڪا ۾ آئون هوائي جهاز رستي اچي رهيو هوس.

جپان جي مختلف بندرگاهن مان اسان جو سڀ کان گهڻو اچڻ ڪوبي ۽ اوساڪا جي بندرگاهن ۾ ٿيندو هو ۽ ٻئي نمبر تي يوڪوهاما ۽ ٽوڪيو هوندو هو. ڪوبيءَ اوساڪا ائين آهن جيئن سکر کان لاڙڪاڻو. سمنڊ رستي ڪٽي ڏگهو رستو ٿو ٿئي جو ور وڪڙ ڏئي وڃڻو پوي ٿو. پر هتي جي تيز رفتار ريل گاڏي ڪوبي کان اوساڪا ڪلاڪ اندر پهچايو ڇڏي. يوڪوهاما ۽ ٽوڪيو اچا ٻه ويجها آهن ۽ اهي سمنڊ رستي ته اچا ٻه ويجهو. ٽن چئن ڪلاڪن ۾ پاڻيءَ جو جهاز ٽوڪيو کان يوڪوهاما پهچيو وڃي. هڪ دفعي ٽوڪيو ۾ اسان جي جهاز تي اتي رهندڙ منهنجا دوست ظفر شيخ، اشفاق ميمڻ ۽ اقبال سولنگي ان وقت گهمڻ لاءِ آيا، جنهن وقت جهاز جا يوڪوهاما وڃڻ لاءِ رسا کلي رهيا هئا. مون مٿان بيهي ڪين پنهنجي جهاز جو پروگرام

ٻڌايو تہ ڪو ڌورانهين ڏيهہ يا بندرگاهہ ڏي نہ پيو وڃي پر اتي پر واري بندرگاهہ يوڪوهاما ڏي وڃي پيو. هو اتي ئي ڪار ۾ ويهي رهيا ۽ اشارو ڪيائون تہ اسان اتي ٺا اچون. اسان جو جهاز ان ئي وقت هلڻ شروع ٿيو ۽ ٽوڪيو جي بندرگاهہ مان نڪرڻ بعد ڪلاڪ ٻہ ڪو مس فل اسپيڊ تي هلي يوڪوهاما بندرگاهہ ۾ گهڙي ويو پر هوڏانهن منهنجن دوستن کي خشڪي رستي پهچڻ ۾ وڏيڪ وقت لڳو جو ٻنهي شهرن (ٽوڪيو ۽ يوڪوهاما) ۾ ڪين ٽريفڪ بہ ڪافي جئم ملي. سو اهي شهر يا ڪٽي چئجي تہ بندرگاهہ ايڏا ويجها آهن. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جاگرافيائي بيهڪن ڪري ڪي سمنڊ رستي ويجها آهن تہ ڪي خشڪيءَ رستي، جيئن هالا پراڻا کان ڄامشوري ٻيڙيءَ رستي وڃجي تہ اهو درياهہ جي ٻئي پاسي آهي، باقي خشڪيءَ رستي هالا کان پٽ شاهہ، مٽياري ۽ پوءِ حيدرآباد مان ڦرندو ڄامشوري پهچجي ٿو.

اسان جو هوائي جهاز جپاني وقت مطابق منجهند جو ٻارهين بجي ڌاري اوساڪا لٿو. ڪراچيءَ ۾ صبح جا اٺ ۽ دبئيءَ ۾ ست ٿيا هئا. جو پاڪستان جو وقت جپان کان چار ڪلاڪ پٺتي آهي ۽ دبئي کان ڪلاڪ اڳيان آهي. يعني پاڪستان ۾ سج جپان ۾ اڀرڻ کان چار ڪلاڪ رکي پوءِ ٿو اڀري ۽ دبئيءَ ۾ اسان کان اڃا بہ ڪلاڪ ڪن دير سان ٿو اڀري.

جهاز اوساڪا پهچي جيئن ئي هيٺ پرو ٿيو تہ اوساڪا جي شهر جون عمارتون ماچيس جيڏيون وانگر نظر اچڻ لڳيون ۽ بلو نيري سمنڊ ۾ پاڻيءَ جا جهاز راند جي ننڍڙين ٻيڙين جيان نظر اچڻ لڳا. هي اوساڪا جو بندرگاهہ هو جنهن ۾ ڪجهہ جهاز جيٽين (ڊڪن) وٽ قطار ۾ بيٺل نظر اچي رهيا هئا، تہ ڪجهہ پري ڪلئي سمنڊ ۾ لنگرڪيرائي بندرگاهہ ۾ وڃڻ جو انتظار ڪري رهيا هئا. اسان ڪيترائي دفعا پنهنجو جهاز هن بندرگاهہ ۾ وٺي آيا هئاسين. سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ کان ايندي يا ڪوريا مان موٽندي هتي آيا هونداسين. گهڻو تڻو سامان هتي لاهيندا ۽ هتان ئي چاڙهيندا هئاسين. جهاز جي وڏي مرمت ڪٽي يوڪوهاما يا ڪوبي مان ڪرائيندا هئاسين، پر هلڪي ڦلڪي رپيئر ۽ جهاز جو راشن پاڻي اوساڪا جي هن بندرگاهہ (Osaka_Ku) مان وٺندا هئاسين. جپان جي مختلف بندرگاهن مان ڦري گري بہ هتي ايندا هئاسين. انهن ڏينهن ۾ جهاز ڪٽي اڄ جهڙا ئي تيز رفتار هئا پر بندرگاهن ۾ ڪم آهستي آهستي هليو ٿي ۽ نہ وري اڄا Containerسروس شروع ٿي هئي. ڪڏهن ڪڏهن اسان جو جهاز اوساڪا جهڙن بندرگاهن ۾ ٻن هفتن کان مهينو بہ بيٺو هوندو هو ۽ اسان کي ريلن ۽ بسين ذريعي نہ فقط سڄي اوساڪا جا چڪر هڻڻ جو موقعو ملي ويندو هو پر پر وارن

شهرن ڪوبي، نارا ۽ ڪيوٽو تائين بہ وڃي نڪرندا هئاسين ۽ اڄ ان شهر اوساڪا جو هوائي جهاز جي دريءَ مان نظارو ڏسي اڄ کان ڇوٽو صدي ڪن اڳ جون گهٽيون، رستا، رلڻ پنڻ، دوستيون ياريون، آواز ۽ڪاڏا، خوشبوئون ۽ ڇهاءُ سڀني حواسن تي طاري ٿي رهيا هئا. اوساڪا ڳُوٺ اساشي باشي، بينٽين چو، تينوجي، هوماچي، نامبا، اميدا... اوساڪا جي بندرگاهہ (اوساڪا_ڪو) کان اوساڪا شهر جي ٻي پوڇڙ Umedaتائين ريل رستي وڃڻ لاءِ رستي تي اهي مختلف اسٽيشنون اچن ٿيون. اڄ هيترن سالن بعد انهن علائقن (اسٽيشنن جا نالا) صحيح Sequenceم دماغ م اوچتو هُري آيا، جڻ ڪراچيءَ جا بس اسٽاپ هجن. ماريپور، گريڪس، گل بائي، بنارس ڪالوني، ڪارادر، ٽاور، بولٽنمارڪيٽ، پاڪستان چوڪ، برنس روڊ، ريگل چوڪ، ايمپريس مارڪيٽ... جيسين جهاز کي هيٺ لهڻ جي اجازت ملي، پائليٽ هن کي ٿورو هيٺين Altitudeتي آڻي اوساڪا جي چوڌاري چڪر هڻائي ٿو ۽ آئون هڪ دفعو وري خيالن جي دنيا ۾ هن شهر جي گهٽين گهوٽين ۾ گم ٿي وڃان ٿو. ستر وارو تقريباً سڄو ڏهاڪو آئون جنهن بہ جهاز تي رهيس، اهو هن پاسي ايندو هو ۽ هن شهر جي کهڙي گهٽي، کهڙو رستو ۽ پارڪ آهي، جتان پيرين پنڌ، ريل يا بس ۾ نہ لنگهيو هوندس. ان وقت جپان مهانگو نہ هو. ان وقت

اسان جو سڪو اڄ وانگر ڪدڙو نہ پر مڙس ماڻهو هو. انين نائين رپئي ڊالر ملندو هو ۽ آخري ٽرپ ۾ ٻہ ڊالر ۾ 300 يين مليا ٿي. يعني ڍهين رپين ۾ ٽي سئو يين مليا ٿي ۽ هينئر ڍهن رپين ۾ فقط ويهہ يين ملن ٿا. اسان جو پگهار ڪٽي گهٽ نہ هو پر جپاني سڪو ايترو مليو ٿي جو ٽئڪسين ۾ چڙهندا هئاسين. جهاز تي مفت جي ماني ڪائڻ بدران شهر جي هوٽلن ۾ اچي ڪائيندا هئاسين. اڄ جو جهازي پگهار گهٽ هجڻ جي باوجود جپان جي بس ۾ چڙهندي ٻہ ٻہ دفعا سوچي ٿو. اڄ اسان نہ پر جپان ۽ يورپ جا ماڻهو يا ملائيشيا ۽ عرب جا ماڻهو سندن ناڻي جي ساک مٿاهين هجڻ ڪري ٿوري پئسي ۾ ٻہ گهڻو گهمي ڦري سگهن ٿا.

هوائي جهاز پنهنجا ڦيٿا ٻاهر ڪڍي ٿو. جنهن جي گڙ گڙ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. هو دنيا جي ان واحد ۽ نرالي هوائي اڏي ”ڪنسائي ايئرپورٽ“ تي لهي ٿو. جيڪو سمنڊ تي ٺاهيو ويو آهي. هن هوائي اڏي جو رن وي ساڍا ٽي ڪلوميٽر آهي، جيڪو سمنڊ ۾ ٺهيل پنج ڪلوميٽر ڊگهي ٻيٽ تي آهي ۽ هي ٻيٽ قدرتي طرح ٺهيل نہ آهي پر سمنڊ ۾ مٽي پري هي ٻيٽ ٺاهڻ لاءِ جپانين کي ست سال لڳي ويا ۽ هاڻي 1994ع کان وٺي جهاز هن ايئرپورٽ تي لهي رهيا آهن.

اوساڪا جي هن هوائي اڏي (Kansaie International) تي لهڻ سان مسافرن کي اتي بيٺل اليڪٽرڪ ٽرين ڪٽيو اڳيان ان بلڊنگ ۾ اچي لاهي ٿي جتي اميگريشن ۽ ڪسٽم جي چڪاس ٿئي ٿي. اڄ ڪلهه سارس (Sars) بيماريءَ جي ڪري مسافرن کان اهو به پڇاڻو ٿيو_ بلڪ جهاز مان ئي فارم پرڻو پيو هو. جنهن ۾ اهو پڇيو ويو هو ته توهان کي بخار، ڪنگهه، سلهه، مليريا، ٽائيفائيڊ وغيره جهڙي بيماري هفتو ٻه اڳ تائين ته نه ٿي هئي... وغيره.

اميگريشن واري پاسپورٽ وٺي مون کان رهائش جو پڇيو.

”هتي منهنجي ڌيءَ ستن سالن کان رهي ٿي، ان وٽ رهندس.“ ٻڌايومانس.

تنهنجو(Anatawa Nohon_wa Hajimeti Desuka جپان ۾ هي پهريون دفعو آهي؟) هن پاسپورٽ تي مختلف ٺپا هڻندي مون کان پڇيو.

”ها جي ميتي ديس“ (ها پهريون دفعو آهي اوساڪا ۾) مون وراڻيو ۽ پوءِ سندس منهن ڏي ڏسي چيومانس، ”هيڪو اُوڪي دَيڪي ماشتا“ هوائي جهاز رستي.

”اي مي وانان ديسڪا.“ (ڇا مطلب)؟

هن پريشان ٿيندي پڇيو.

Fune ni Nihon ni Kita Kotowa eepairaimas

(پاڻي واري جهاز رستي ڪيترائي دفعا آيو آهيان). هو سمجهي ويو ته ڪڙڪڙ تاڙي.

ڪنهنجو ماڻهو؟

پنهنجو ماڻهو.

ان بعد اڳتي ڪسٽم آفيس جي پهچڻ تي ڪيس انڊس پبليڪيشن طرفان منهنجو جپان بابت تازو ڇپيل ڪتاب "ڳالهيون جپان جون" جو پٺيون پاسو ڏيکاريومانس، جنهن تي منهنجي تصوير ۽ انگريزيءَ ۾ تعارف هو. هن شريف ماڻهوءَ مون کي وڏو اشراف سمجهي، منهنجي بئگ ئي نه کولرائي. بلڪ ٻاهرين دل سان مون کولڻ جو اشارو ڪيومانس ته منهنجا هٿ جهلي روڪيائين. هاءِ دومو اري گاتو (مهرباني) چوڻ لڳو. سنو ٿيو هن کولي نه ڏٺي نه ته منهنجي آندل مٺائي، آچار، نمڪوءِ بين ڪاڏي جي شين تي ضرور گهوپي ڪري ها_ پر نهيو اچا ڪي آهن. ڪل جڳ منجهه ڪاپڙي! اميگريشن واري کي پلي ٻڌايم ته پاڻيءَ جي جهاز جو چيف انجنيئر آهيان پر چڱو جو هن ڪسٽم آفيسر کي جهازران هجڻ بدران اديب ٻڌايم. نه ته اسان ٻنهي کي جاڻ آهي ته جهازي کهڙا چڱا مڙس ٿين ٿا. پنهنجي ملڪ ۾ پاڻ اديب (خاص ڪري سنڌي اديب) ته هيڪاندي ڏوڙ پيا پايون. ليڪ

جو ڪو قدر نہ آهي، پر جپان، سئيڊن ۽ ناروي جهڙن ملڪن ۾ هڪ ليکڪ باگڙي ڀيل نہ پر سيد پير سمجهيو وڃي ٿو. ان ڪري ملڪ کان ٻاهر ٻين ملڪن کي متاثر ڪرڻ لاءِ مئرين انجنيئر، زميندار، ڪئپٽن يا ڊي آءِ جي پوليس ٻڌائڻ مان ڪو فائدو نہ آهي. اهو اسان جو ملڪ آهي جتي فلاڻي فوجي يا صوبيدار، سپاهيءَ جو چاچو، مامو يا ڀائيٽيو ڀاڻيجو ٻڌائڻ سان ئي جان جي آزادي ماڻي سگهي ٿي.

# دبئي ايئرپورٽ تي آمنا سان ملاقات

دبئي ايئرپورٽ تان اسان جي اوساڪا (جپان) لاءِ اُڏام گيٽ نمبر 30 تان رواني ٿيڻي هئي، جيڪو ايئرپورٽ جي ڊگهي عمارت جي بلڪل آخر ۾ هو. هلندو ويس، هلندو ويس_ ڪٿي پنڌ ته ڪٿي هلندڙ پٽي تان. سؤ ٻه سئو قدمن بعد وريڪنهن نه ڪنهن کان پڇ ڪيم ته ٿيهون نمبر گيٽ ڪٿي آهي؟ سيني اڳيان اشارو ڪيو ٿي. ڪٿي گيٽ نمبر جو پڇڻ بدران اهو پڇيم ٿي ته اوساڪا لاءِ اُڏام ڪٿان وڃي ٿي؟ ڇو ته ائين نه ٿئي جو آئون گيٽ نمبر 30 تي پهچي، اتي جي Waiting Lounge ۾ بالم تي ويٺو تي وي ڏسان يا اخبار پڙهان ۽ پوءِ اڳتي هلي خبر پوي ته اتان ته ڪابل يا ڪولمبو جي فلائيٽ وڃڻي آهي ۽ اوساڪا (جپان) لاءِ اُڏام ته ڪنهن ٻئي گيٽ تان اڌ ڪلاڪ کن اڳي رواني ٿي ويئي. ان ڪري وري واپس ڪنهن ٻئي گيٽ ڏي ڊوڙڻ بدران هڪ ئي وقت ڪم پڪو ڪري صحيح جاءِ تي پهچڻ چاهيم ٿي. رستي تي ٻين دروازن جا نمبر پڙهندو ويس، جن جي انتظارگاهن جي ڪرسين تي ويٺل ماڻهن مان گهڻي ڀاڱي Ideaٿي ٿي ته انهن جو جهاز ڪهڙي ملڪ ڏي وڃي پيو. جيئن هڪ هنڌ سوڊاني شيدين جي گهڻائي ڏسي سمجهي ويس ته ان دروازي وٽان خارطوم ڏي

جهاز وڃڻو آهي. هڪ هنڌ شلوار قميص ۾ پاڪستاني مرد، عورتون، ٻار ڏسي سمجهي ويس تہ اهي ڪراچي يا لاهور وڃڻا آهن. هڪ هنڌ شايد ڪوالالمپور ڏي فلائيٽ وڃي رهي هئي، جو ڪافي ملئي ماڻهو اتي نظر اچي رهيا هئا. لائونج جي ان گيٽ وٽ ٿي ملئي نوجوان عورتون آئيسڪريم ڪون چٽي رهيون هيون. مون هنن کي ڄاڻي واڻي چتائي ڏنو تہ هو شڪي ٿي شرمائڻ لڳيون جو چرين وانگر آئيسڪريم کائي رهيون هيون. زور سان پڇيومان Pergi Mana. ڪيڏانهن وڃڻيون آهيو؟

دبئي جهڙو عرب دنيا جو ايئرپورٽ جتي هرڪو عربي يا انگريزي ڳالهائي ٿو، ڪنهن ڏارئين کي کهڙي خبر تہ ملئي زبان ڇا ٿيندي آهي، اتي هي منهنجي واتان سندن لب و لهجي واري ملئي زبان ٻڌي وائڙيون ٿي ويون تہ هي مڙسالو ڪير جو سندن Privacy ۾ دخل اندازي ڪرڻ سان گڏ ساڻن هجائتو پيو ٿئي. ڪون کي چٽڻ تہ ان ئي وقت بند ڪري ڇڏيو هئائون. هاڻ ڏند ڪڍي کلڻ لڳيون. منهنجي سوال جي جواب ڏيڻ بدران هنن ويتر مون کان سوال ڪيو: Darimana Encik Datang_ سائين جن ڪٿان پيا اچن؟ هو تہ هڪ هنڌ ويٺيون هيون پر آئون اڳتي وڌي رهيو هوس، ان ڪري انهن کان ٿورو پري نڪري ويس پر منهن ورائي چيومان:

”Dari Kuala Sungai Baru_ ڪئالا سنگائي باروءَ کان“

’ڪئالا سنگائي بارو‘ ملائيشيا جي هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جيئن پاڻ وٽ چوهڙ جمالي يا ٽنڊو ٺوڙهو. اهو ٻڌي ويتر حيران پريشان ٿي ويون ۽ ساڳي وقت کلڻ به لڳيون ته سٺو چرچائي ٿو لڳان. مون به سندن کل Enjoyڪئي پر ساڳئي وقت دل ۾ اهو به سوچيم ته جيئن هرهڪ پنهنجي صحيح ماڳ تي پهچي سگهي سان پنهنجي اڏام جو انتظار ڪري رهيو آهي، آئون به پنهنجي صحيح انتظار گاهه تائين پهچان، پوءِ پلي پيو چرچا ڀوڳ ڪريان. هيءَ فلائيٽ جي Missتي وئي ته بي فلائيٽ اوساڪا لاءِ ڪا ڪلاڪ ڏيڍ بعد نه ويندي، پر پورن ٽن ڏينهن بعد آهي. گيٽ نمبر 27 ۽ 28 ڪانپوءِ 32 ۽ 33 نظر آيو. آئون في الحال ته پريشان ٿي ويس، پر پوءِ 32 تائين پهچڻ تي 30 ۽ 35 نمبر دروازا هڪ ٻئي جي ويجهو نظر آيا. 30 نمبر جي انتظار گاهه ۾ ليئو پاتم ته ڪو به نه هو. گيٽ جي ٻاهران ڳاڙهي پڳڙي ٻڌل (عرب امارات هوائي ڪمپنيءَ جي ڊريس پهريل) هوسٽس کان پڇيم ته فلائيٽ نڪري وئي ڇا؟

”نه، توهان اجان پهريان آهيو.“ هن وراڻيو.

بورڊنگ ڪارڊ ڏيکاري انتظار گاهہ ۾ هڪ اهڙي ڪنڊ کان اچي ويٺس، جتان دروازي کان ايندڙ هر هڪ نظر اچي سگهي. مون اهو ڏسڻ ٿي چاهيو تہ هيڏي وڏي جهاز ۾ جپان لاءِ اهي ڪهڙا ٿي چار سؤ ماڻهو هتان ٿا چڙهن. پاڪستاني، عرب، يورپي يا جپاني بہ؟ دبئي پاسي ايترا جپاني تہ نہ هوندا. گهڻو ڪري اسان جا پاڪستاني يا عرب هجن پر جپان جهڙي مهانگي ۽ عجيب زبان واري ملڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ گهمڻ لاءِ ڪو پاڪستاني يا عرب تہ نہ ويندو. جو اسان پاڪستانين لاءِ جپان ويزا ڏکي ڪري ڇڏي آهي ۽ عربن جو زور رڳو مصر ۽ وڏ ۾ وڏ ترڪي ڏي آهي، جو هنن کي انگريزي زبان وارن ملڪن ۾ اوپرائپ ٿي محسوس ٿئي ۽ هاڻ نائن اليون کانپوءِ تہ عرب پاڻ بہ آمريڪا توڙي يورپ ڏي وڃڻ کان ڪيٻائين ٿا.

دبئي ايئرپورٽ تان اوساڪا (جپان) ڏي وڃڻ لاءِ آئون جهاز جي اڏام لاءِ انتظار ڪرڻ دوران اهو سوچي رهيو هوس تہ، هڪ هڪ ٿي مسافر گهڙڻ لڳا ۽ تعجب جي ڳالهہ تہ انهن ۾ گهڻائي جپانين جي هئي. ڪو اڪيلو اچي رهيو هو تہ ڪو ٻارن ٻچن سان تہ ڪي ٻہ ٻہ ٿي ٿي مرد يا عورتون اچي رهيون هيون. هڪ جپاني عورت سٿڻ قميص ۾ ٿن ڏيئرن ۽ هڪ پٽن سان هئي، جيڪي سڀ جينز ۽ بشرٽ ۾ هئا. ظاهر هو تہ ان جپانڻ جو مڙس ڪو ايشيا جو هجي پر ضروري ناهي تہ

پاڪستاني هجي. هوءَ ڪنهن سک جي زال به ٿي سگهي ٿي، ڇو جو سکن جون ولائتي زالون به شلوار قميص ۽ دوپٽو اوڍين ٿيون. سندس اچڻ مهل سوچيو هوم ته موقعو ملڻ تي ڪانئس پڇندس ته سندس مڙس جي قوميت ڪهڙي آهي؟ پر پوءِ ان کي شايد اهم نه سمجهيم. جيتوڻيڪ ايئرپورٽ کان هوائي جهاز ڏي بس ۾ ويندي هوءَ منهنجي پرسان بيٺي هئي ۽ ٻارن سان انگريزي ۽ جپاني ۾ ڳالهائي رهي هئي ۽ ڪجهه ڪجهه لفظ اردو يا پنجابيءَ جا به ڳالهائي رهي هئي، پر آئون اهو چڱي طرح جهٽي نه سگهيس ته ٺيٺ پنجابي جا هئا يا اڙدوءَ جا. پر جي پنجابيءَ جا هجن ها ته به خاطري سان چئي نه سگهجي ها ته ڪنهن سک جي زال آهي. هوءَ اسان جي ڪنهن مسلمان پنجابيءَ جي به زال ٿي سگهي ٿي ته هندو پنجابيءَ جي به. هونءَ به دبئيءَ ۾ ڪهڙي قوم ۽ زبان جا ماڻهو آهن جيڪي نٿا رهن. اوساڪا جي ايئرپورٽ تان ٻي ڊوميسٽڪ فلائيٽ جو بورڊنگ ڪارڊ وٺڻ مهل پڻ هوءَ منهنجي پويان هئي. اتي هوءَ مون کان اوساڪا جي ريل سسٽم جو پڇڻ لڳي ته ڪهڙي سولي ٿيندي.

”تون جپان جي ٿي ڪري توکي خبر ناهي؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”آئون جپان جي ضرور آهيان، پر اوساڪا ۾ ڪڏهن نہ آئي آهيان. هميشہ پنهنجي ڳوٺ چيبا (ٽوڪيو پرسان هڪ شهر) لاءِ ٽوڪيو ۾ لهندي آهيان.“

آئون سمجهي ويس تہ هوءَ ٽوڪيو پاسي جي آهي پر مون وانگر پئسو بچائڻ لاءِ عرب امارات جي هن جهاز ۾ اوساڪا آئي آهي، جن ايندڙ مهيني جي آخر تائين پنهنجي اوساڪا واري نئين سروس شروع ڪرڻ لاءِ ٽڪيٽ ذري گهٽ اڌ ڪري ڇڏي آهي. نہ تہ مون کي جپان جي هڪ ڪنڊ فڪوڪا وڃڻو هو ۽ هن کي ٻي ڪنڊ ٽوڪيو ڏي.

دبئي ايئرپورٽ تي اسان کي ڪلاڪ کن وهڻو پيو جو اُڏام ۾ دير ٿي وئي هئي. ڪو ڪم ڪار نہ هجڻ ڪري پڙهڻ شروع ڪيو ٿي يا ڪنن ۾ بٽڻ وجهي ريڊيو ٻڌو ٿي. پاڻ سان گڏ آيل دوستن يا ٻارن ٻچن سان بہ نٿي ڳالهايو جيئن ٻيا وينل ڊسٽرب نہ ٿين. جپانين جي اها پراڻي عادت آهي، چاهي بس ۾ هجن يا ريل ۾، پنهنجي منهن وينا هوندا. پيهہ پيهان ۾ بہ ڪتاب پيا پڙهندا يا اڪيون ٻوٽي پنهنجي منهن سوچيندا رهندا. هڪ ٻئي سان زور سان تہ ڇا آهستي بہ نہ ڳالهائيندا ۽ هينئر هيترن ڄڻن هوندي بہ انتظار گاهہ ۾ اهڙي ئي ماٺ هئي، جنهن لاءِ انگريزيءَ ۾ Pin drop خاموشي چيو ويندو آهي. ۽ اتي ان ماٺ ۾

ٽيهه سالن جو سٿڻ قميص ۽ وڏي ڏاڙهيءَ سان هڪ ٺاهوڪو افغان اندر گهڙيو. هن کي به اسان سان گڏ اوساڪا هلڻو هو جو هن جي هٿ ۾ به ساڳي رنگ جو بورڊنگ ڪارڊ هو (جنهن تي هوائي جهاز ۾ ويهڻ لاءِ سيٽ جي ريزرويشن ۽ نمبر لکيل ٿئي ٿو).

هو ڪنهن ڪرسيءَ تي ويهڻ بدران پنهنجي بئگ واري ٽرالي سان سيني اڳيان وچ تي بيٺو رهيو. هر هڪ کا نواڻ چاهي ٿي ۽ هاڻ هي افغان سامهون اچي ويو ته هر هڪ جون نظرون هن ۾ کپي ويون. پر هو پنهنجيءَ ۾ مست رهيو. ڪا دير قميص ۽ ان مٿان پهريل ڪاري جئڪيٽ جو هڪ هڪ کري کيسو ڦوليندو رهيو. پنا، ڪارڊ، ڊائري، رومال، چاٻين جا ڇلا، جپاني نوٽن جي ٿپي، دبئي يا شايد ڪنهن ٻئي ملڪ جا نوٽ... وغيره. هو ويو هڪ هڪ کيسي جي چڪاس ڪندو. جپاني به عادت جي خلاف هن کي ڏسڻ لڳا ۽ مون وانگر هو اهو ئي سوچي رهيا هوندا ته هي ڇا پيو ڳولهي. آخر هن کي اهو پني پور هٿ اچي ويو جنهن تي ڪو ٽيليفون نمبر لکيل هو. نمبر ئي لکيل هوندو جو ان بعد هن اهو پنو هٿ ۾ ڪٽي اتي ٽيبل تي رکيل ٽيليفون ۾ هٿ وڌو. هو ڪا دير نمبر ملائيندو رهيو پر هر دفعي نمبر نٿي لڳو يا انگيج هو ۽ هن همراهه فون جو رسيور رکي ڪاوڙ مان زور سان گار ڏني ٿي. ٿي سگهي ٿو ته گار نه ڪجهه ٻيا ئي لفظ چئي سندس

نمبر واري دوست يا فون ڪمپنيءَ تي چڙ جو اظهار ڪيو ٿي. هال ۾ ويٽنل سيٽني جون اکيون هن ۾ ڪتل هيون. ان وقت اٽڪل ڏيڍ سؤ کن جپاني گڏ ٿي چڪا هئا ۽ اهڙو ڏهاڪو کن ٻين ماڻهن جو جن ۾ فقط ٻہ ٽي پاڪستاني ۽ ٻيا يورپي لڳا ٿي. جپاني جيڪي گوڙ گهمسان ۾ ماڻهن جي ميلي ۾ بہ پاڻ کي ذهني طرح الڳ ٿلڳ ڪري پنهنجي ڪم _ پڙهڻ، ميوزڪ ٻڌڻ، ننڊ ڪرڻ ۾ ماهر هوندا آهن. انهن جي بہ هن موقعي تي Concentration ٽٽي پئي ۽ ڪتاب بند ڪري، ريڊيو بند ڪري، ننڊن مان سجاڳ ٿي، هن همراهہ جي شڪل ۾ سندس زور زو سان ڪاوڙ مان ڳالهايل لفظ ٻڌڻ لڳا. سمجي تہ اسان مان ڪو بہ نٿي سگهيو جو هو خبر ناهي نج افغاني يا افغانستان جي ڪا ٻي ٻولي ڳالهائي رهيو هو. آخر فون نہ لڳڻ ڪري ان جي پچر ڇڏي اڳين قطار مان هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو. پر بہ منٽ ويهي وري ٽپ ڏئي اٿيو ۽ هڪ دفعو وري فون نمبر ملائين ۽ هن دفعي يڪدم لڳي ويو ۽ پوءِ تہ بس همراهہ نان اسٽاپ شروع ٿي ويو. لڳو ٿي ڪو Long Distance ڪال ڪري رهيو هو ۽ ٻئي پاسي وارو يقيناً سندس آهستي ڳالهائڻ بہ ٻڌي رهيو هوندو پر هي نمبر ملڻ جي خوشيءَ ۾ هيڪاندو Excite ٿي زور زور سان ڳالهائي رهيو هو. ان انتظار گاهہ جي آخري وارا تہ ڇا ٻاهران لنگهندڙ بہ ٻڌي رهيا هئا ۽ هال ۾ ويٽنل

سپ، هڪ دفعو وري پنهنجا ڪم ڇڏي هن درويش کي ڏسڻ لڳا، جيڪو زور زور سان ڳالهائڻ سان گڏ ڪڏهن خوشيءَ وچان ٺهڪ ڏئي رهيو هو ته ڪڏهن مرڪندي فون جي ٻي طرف واري همراهه کي دڙڪا ڏئي رهيو هو. هن کي اهو هوش به نه هو ته اسان سپ ڪيس ڏسي رهيا آهيون. اهو جي هوش هجيس ها ته ڳالهائڻ دوران نڪ جي ڪوٽ ڪوٽ ڪرڻ ۽ پڇيون ڪڍي فون واري ٽيبل کي ڇو هٽي، اسان جي دل ڪچي ڪري ها. يا ته هن کي انهن Mannersجي ئي خبر نه هوندي. اسان جا ڪيترا Action اهڙا هوندا آهن جن جي اسان ڪا پرواهه نه ڪندا آهيون. اسان جي سوسائٽي ۾ انهن کي قبول ڪيو ويجي ٿو بلڪ قبول نه ڪرڻ جهڙا هجڻ جي باوجود هلندڙ چلندڙ انهن ڳالهين کي ڏسي عادي ٿي ويا آهن ۽ ان کي روز مره جي Routuineسمجهن ٿا. پر هڪ بين الاقوامي هنڌ تي ان کي ڪيڏو نِنديو ويجي ٿو. اها ئي ڳالهه آئون پنهنجي شاگرد کي ٻڌائيندو آهيان ته ضروري ناهي ته توهان کي ڪنهن پاڪستاني جهاز تي نوڪري ملي، جتي سپ ماڻهو اسان جهڙا هجن. ڊارئين جهاز تي ڪيترن ملڪن، مذهبن ۽ زبانن جا ماڻهو ٿين ٿا ۽ اتي ڪا به اهڙي ڳالهه يا Action اسان جي ملڪ ۽ مذهب کي بدنام ڪري وجهي ٿو ۽ ڪيترين ئي ڳالهيون آهن، جيڪي اسان کي خراب نٿيون لڳن پر دنيا ته ان کي خراب سمجهي

ٿي. اسان وٽ تہ بس اسٽاپ وٽ بہ پٽ جي اوٽ ۾ مرد حضرات پيشاب ڪن ٿا. پلي عورتون پيون لنگهن. پلي پٽين تي منع ناما لکيا پيا هجن.

هن وقت هي همراهہ جيڪو زور زور سان ڳالهائي، ٿهڪ ڏئي نڪ مان گينگا ڪڍي رهيو هو، اهو منهنجين نظرن ۾ تہ ڪٽي افغاني هو پر اتي ويٺل جپانين يا يورپي ماڻهن لاءِ هن جي شناخت مسلمان هئي. جيئن هڪ سک جي قوميت ڪٽي انديا هجي يا ڪئناڊا يا آمريڪا پر اسان لاءِ هن جي شناخت مذهب جي معرفت آهي. ان ڪري ٻاهر جي دنيا ۾ اسان ڪي ترجيترو بہ بدافعالو نہ ٿيڻ کپي جو اسان جي مذهب تي ڪو آڱر کٽي. پنهنجي ڳوٺ يا گهٽي ۾ تہ هر ڪو پنهنجي نالي يا فئمليءَ سان سڃاتو وڃي ٿو، پر ٻاهر جي دنيا ۾ ملڪ ۽ مذهب جي ذريعي سڃاڻپ رهي ٿي.

هي افغان جيڪڏهن هن وقت جپان يا ڪنهن ٻئي ڏارئين ملڪ ۾ ڳالهائي رهيو آهي تہ وڏو امير چٽبو جو ايڏي دير کان يڪو پيو ڳالهائي. جي دبئي ۾ ئي پيو ڳالهائي تہ شايد سنگاپور وانگر دبئيءَ ۾ بہ لوڪل ڪال مفت آهي. نهيو شڪر ٿيو نڪ صاف ٿي ويو ۽ هن پڇين ڪيڻ جي پچر ڇڏي... پر هي وري ڇا! عجيب ماڻهو آهي ڳالهائڻ وقت مڙيئي سندس هٿ مشغول هئڻ کپي. سنو ٿئي ها سندس نڪ جون پڇيون اجا ختم نہ ٿين ها ۽ اڳيان ڪنهڻ بدران نڪ جي ئي کوٽ

ڪوٺان ڪندو رهي ها. توڙي جو ڪٽي سٽڻ اندر هٿ وجهي نہ ڪنهي رهيو هو پر ماڻهن جي ميڙ ۾ سٽڻ مٿان ڪنهڻ بہ تہ صحيح نہ آهي. ڪيترائي جپاني مرد توڙي عورتون عجيب محسوس ڪري رهيا هئا پر هن همراهہ کي ڪا پرواهہ نہ هئي. هو پنهنجي دوست يا مائٽ سان زور زور سان ڳالهائيندورهيو، ٿهڪ ڏيندو رهيو ۽ ڪنهندو رهيو. پوءِ مس مس فون جي جان ڇڏڻ بعد جنهن ڪرسيءَ تي اچي ويٺو ان جي سامهون هڪ جپاني زال مڙس ويٺل هئا. هن ويهڻ سان جپاني عورت کي ٽڪ ٻڌي ڏسڻ شروع ڪيو تہ سندس اکين Angle نہ بدليو. اهي زال مڙس پنهنجي سيٽ بدلائي ٻئي هنڌ وڃي ويٺا.

آئون چانهہ پيئڻ لاءِ ڪمري کان ٻاهر نڪتس. هوٽلن کان علاوه هڪ ننڍڙي چانهہ ۽ ڪافيءَ جي پيڊي (ڪاٺ جي ڪئبن) هئي. مون اتان چانهہ وٺي پيئڻ بهتر سمجهيو جو هوٽل جي پيٽ ۾ هتي وڏيڪ سستي ٿئي ٿي ۽ سيلف سروس ڪري وقت بچيو پوي. دڪان جو مالڪ تہ ڪو دبئي جو مڪاني عرب ٿي هوندو. فلپينو ڇوڪريءَ پني جي گلاس ۾ چانهہ جي پتي ۽ کير جو چمچو وجهي نلڪو کولي گرم پاڻيءَ سان ڀري ڏنو تہ ڪنڌ پاڻهي وڃي وجهہ.

”پئسا گهڻا؟“ مون پڇيو. جواب ۾ هن دبئيءَ جو سڪو ٻڌايو. جيڪو مون وٽ نہ هو ۽ نہ سمجهہ ۾ آيو. مون ڪيس پنج ڊالرن جو نوٽ

ڪيڏي ڏنو ۽ هن مون کي فقط ٽي ڊالر واپس ڪيا، يعني چانهن جي ڪوپ جي قيمت ٻه ڊالر (115 رپيا!) ايڏي مهنگي چانهه ته اسٽاڪهوم ۽ ڪوپن هيگن جي هوائي اڏن تي به نه آهي ۽ هي اسان جي ملڪ جا درويش ماڻهو دبئي جي ڊيوٽي فري ايئرپورٽ جي ويٺا تعريف ڪن. ”ڏاڍو سستو آهي، تمام سستو آهي، واهه جو شيون آهن..“ سستو ضرور آهي پر شيءِ ته ڪا به سستي ناهي. خبر ناهي اهي ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن، جن وٽ بي انتها دولت هجڻ سان گڏ Easy moneyآهي جو ائين وتن وڃائيندا.

آئون چانهه پي واپس انتظار لائونج ۾ آيس ته مسافرن سان ڪچا ڪچ ڀريو پيو هو. ٽن حصن ڪان مٿي جپاني هئا. منهنجو جتي ٽيلهو رکيل هو، ان جي ڀر واري ڪرسيءَ تي هڪ حجاب سان ڇوڪري ويٺي هئي، جنهن کي پري کان ته سمجهيم ته عرب آهي پر پوءِ پنهنجي ڪرسيءَ ويجهو پهتس ته ڏٺم ته هوءَ جپاني هئي۽ ڀر ۾ اسڪرٽ ۾ ويٺل ٻي جپاني ڇوڪريءَ سان ڳالهائي رهي هئي. ڪمال آهي! ڪڏهن ڪڏهن قدرت ڪيئن دل جون سوچون پوريون ڪري ٿي. جپاني ماڻهن کي مذهب لاءِ ڪو خاص لاڙو ناهي. ڪئين سالن کان هزارين عيسائي پادري جپان ۾ عيسائيت جي تبليغ ڪندا رهيا پر جيڪي ڪجهه جپاني عيسائي ٿيندا رهيا، انهن ۾ گهڻا فقط نالي

ماتر. جپانين جي دماغ ۾ فقط پئسو ئي پورهيو آهي. مذهب يا سوشل سائنس جهڙن سبجيڪٽن ڏي هنن جو ڌيان گهٽ ٿو وڃي. ستر واري ڏهاڪي ۾ جپان ۾ چڱا تبليغي مولوي اسلام جي پرچار لاءِ ايندا هئا پر ڪنهن جپانيءَ جو مسلمان ٿيندي نہ ٻڌوسين. اسان جي ملڪ جي ڪجهہ همراهن جپاني ڇوڪرين سان شادي ڪري هنن جو اسلامي نالو ضرور رکيو ۽ ڪائنن ڪلمو پڙهائي مسلمان هجڻ جو اعلان ڪيو پر ڪا جپاني عورت يا مرد اسلام جو صحيح معنيٰ ۾ پابند نظر نٿي آيو جنهن مان متاثر ٿي سگهجي. هاڻ چوٿو صديءَ بعد جڏهن آئون وري جپان وڃي رهيو آهيان تہ ڪيترن هنڌن تي خبر پيئي اٿم تہ اڄڪلهہ جپاني اسلام بابت ڪافي معلومات وٺن ٿا ۽ ڪيترائي جپاني مرد مسلمان ٿيا آهن. باقي عورتن ۾ گهٽائي انهن جي آهي جيڪي عرب يا پاڪستاني مردن سان شادي ڪن ٿيون. يعني هڪ مسلمان سان شادي ڪرڻ تي هنن کي مسلمان ٿيڻو پوي ٿو. انٽرنيٽ تي بہ ڪجهہ جپاني مرد مسلمانن جا اسلام تي مضمون پڙهي ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ هاڻ ملڪ ڇڏڻ وقت پڪو پهہ ڪيم تہ ڇا بہ ٿي پوي تہ ڪجهہ وقت ڪڍي اهڙن مسلمان جپاني مردن ۽ عورتن سان ضرور ملندس. مون تہ جپان پهچي جپان جي مختلف شهرن ۾ (جتي مسجدون آهن) وڃي، اتان ڪجهہ جپاني مسلمانن جو معلوم ڪري

انهن سان ملڻ جو سوچيو هو تہ قدرت هتي ئي هڪ مسلمان جپانيءَ سان ملرايو آهي سو بہ عورت سان. جيڪڏهن هيءَ ڇوڪري شادي شده نہ آهي تہ اجا بہ بهتر. ڇوجو ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هوءَ مڙس جي ڪري مجبور ٿي مسلمان نہ ٿي آهي، پر هن واقعي صحيح معني ۾ اسلام کان متاثر ٿي اسلام قبول ڪيو آهي... وغيره. آئون اهي ڳالهيون سوچيندو رهيس پر پير ۾ ويٺل هن جپاني ڇوڪريءَ سان ڳالهائڻ مناسب نہ سمجهيم جو جپاني ماڻهوءَ سان ائين ڳالهائي ڪانئس مذهب جو پڇڻ هڪ Privacy ۾ دخل اندازي ڪرڻ برابر آهي. ڪراچيءَ جي جپان قونصليٽ ۾ جپاني آفيسر مسٽر اتاڪا منهنجو 22 سالن کان سڃاڻو آهي. ڪجهہ سال اڳ هو مسلمان ٿيو ۽ هاڻ عظمت الله نالو اٿس پر اڄ تائين چاهيندي بہ هن کان مذهب بدلائڻ جو نہ پڇيو اٿم. گذريل سال حج ڪري آيو تہ ان جي بہ رستي هلندي ڪيس مبارڪ ڏنم. سو هن ڏارئين عورت سان ائين ڳالهائڻ اوپرو ليڪبو. اهو ئي سوچيم تہ ٿي سگهي ٿو تہ جهاز ۾ ڪٿي ويجهو سيٽ هجڻ ڪري ڳالهائڻ جو موقعو ملي وڃي. آئون اهو ئي سوچي رهيو هوستہ هن پر واري جپاني عورت سان ڳالهائڻبدران مون کي ڪجهہ ڇيو پر آئون سندس ڳالهائڻ بنهہ جهٽي نہ سگهيس تہ آيا هن جپانيءَ ۾ ڪجهہ پڇيو يا انگريزيءَ ۾.

مون ڪنڌ ورجهو ڪيو يعني ٻڌڻ ۾ نہ آيو وري چئہ. هن ڪجهہ پڇڻ تي چاهيو پر هوءَ عربيءَ ۾ ڳالهائي رهي هئي. هڪ جپاني عورت کي عربيءَ ۾ ڳالهائيندو ٻڌي مون کي تعجب لڳو ۽ شرم بہ ٿيو تہ هڪ مسلمان جي حيثيت ۾ اسان کي عربي نٿي اچي ۽ هوءَ پئي Expect ڪري تہ شايد آئون عربي سمجهان ٿو.

”ساري! مون کي تہ عربي نٿي اچي. توکي انگريزي اچي ٿي؟“ مون اهو جملو انگريزيءَ ۽ جپاني ۾ ورجايو.

”ها انگريزي بہ اچيم ٿي.“ هن چيو. ”مون اهو ٿي پڇڻ چاهيو تہ پنهنجي اڏام ٿوري دير کانپوءِ اڍائي بجي ٿيڻي آهي، فجر نماز جو ڇا ٿيندو؟“

”ڇا مطلب؟ جي تون طرف جون پڇين ٿي تہ ڪهڙي طرف پڙهجي تہ جهاز ۾ پنهنجي سيٽ تي ويهي پڙهي سگهين ٿي، ڇاڪاڻ ته جهاز ڪهڙي بہ طرف وڃي رهيو هجي. يا پلي ڪنهن طرف مڙي بہ رهيو هجي.“ مون ٻڌايومانس.

”نہ اها تہ مونکي بہ ڄاڻ آهي ۽ اهو بہ سمجهان ٿي تہ قصر نماز پڙهبي، يعني فقط ٻہ رڪعتون. آئون وقت جو ٿي پڇان، جيئن هتي دبئي ۾ فجر نماز تہ 5 وڳي صبح جو پڙهجي ٿي.“ هن چيو.

”در اصل اڊائي بجي جهاز ۾ چڙهڻ بعد فجر نماز اٽڪل ڏيڍ ڪلاڪ بعد يعني دبئي جي وقت مطابق چئين ڏاري پڙهٽي پوندي جو ان وقت جهاز راجستان بہ ٽپي ويندو ۽ اتي جو مڪاني وقت ساڍا پنج هوندو. يعني سج اڀرڻ وارو هوندو. بهتر آهيتہ ان کان بہ ڪجهہ اڳ پڙهجي يا ايئر هوسٽس کان پڇجانءِ تہ هوءَ پائليٽ کان پڇي ٻڌائيندي تہ هاڻ رات جي اوندهہ بريڪ ٿي آهي.“

”مهرباني، تنهنجي مهرباني.“ هن چيو. پوءِ سندس پير ۾ ويٺل جپاني ڇوڪريءَ سان ڳالهائڻ ۾ شروع ٿي وئي. مون کي خوشي ٿي تہ هاڻ آئون هن کان سندس بابت پڇي سگهان ٿو. بہ منٽ کن ترسي پوءِ سُمي ماسين (ايڪسڪيوزمي) چئي سندس ڏيان پاڻ ڏي ڇڪايم، ۽ هن منهنجي ڳالهہ ٻڌڻ جي قبوليت ۾ مُرڪي اظهار ڪيو. ”هڪ ڳالهہ تہ ٻڌاءِ“ مون انگريزي ۾ پڇڻ شروع ڪيو. ”تون مسلمان ڪيئن ٿئينءَ؟ ڇا تنهنجو مڙس مسلمان آهي، ان ڪري توکي ٿيڻو پيو؟“

”نہ نہ، منهنجي اڃا شادي بہ نہ ٿي آهي.“ هن وراڻيو.

”پوءِ تہ ويتر ڪمال جي ڳالهہ آهي ۽ جي تون دل ۾ نہ ڪرين تہ توکان مسلمان ٿيڻ بابت ڪجهہ پڇان ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اخبار ۾ بہ ان بابت لکان.“ مون پنهنجو ڪارڊ ڪيس ڏيندي پڇيو.

”او نو پرابلم. منهنجو اسلامي نالو آمنا آهي ۽ هي منهنجي پيڻ آهي.“ هن پير ۾ ويٺل ڇوڪريءَ سان پڻ تعارف ڪرايو. جيڪا سندس ڊريس مان ۽ پڻ شڪل مان لڳو پئي ته جپاني آهي. آمنا ٻڌايو ته سندس پيڻ جو اجا ٻڌ ڌرم سان واسطو آهي، جيڪو سندن وڏن جو مذهب آهي. بهرحال هن جپاني مسلمان ڇوڪريءَ سان جيڪا ڳالهه ٻولهه ٿي، ان جو مختصر احوال هن ريت آهي ته، هوءَ ويهن سالن جي عمر ۾ موراڪو گهمڻ وئي، جتي هن جو رهڻ هڪ مسلمان عورت جي گهر ۾ ٿيو. جنهن جي اخلاق مان هوءَ ڏاڍي متاثر ٿي ۽ هن کان کيس اسلام جي خبر پيئي.

”ايتري قدر جو هن سان گڏ آئون به نماز پڙهڻ لڳيس، پر مسلمان ٻن سالن بعد ٿيس.“ آمنا ٻڌايو.

آمنا گذريل ٻن سالن کان شام ملڪ جي شهر دمشق ۾ رهي ٿي جتي هڪ مدرسي ۾ اسلامي تعليم سان گڏ عربي به سکي رهي آهي. هينئر ٻن هفتن جي موڪل تي هوءَ پنهنجي پيڻ (جيڪا هن وٽ گهمڻ لاءِ هفتو کن اڳ دمشق آئي هئي)، سان گڏ پنهنجي ڳوٺ نگويا (جپان) وڃي رهي هئي. اوساڪا جي هوائي اڏي تي لهڻ مهل آمنا نگويا (گهر) ۽ دمشق (مدرسي جي) ائڊريس ۽ پنهنجي تصوير ڏيندي وڏيڪ تفصيل ٻي ملاقات تائين رکيائين. نگويا وڃڻ ٿيو ته وڌيڪ خبرن جو احوال ٻئي هنڌ ضرور ڪبو.

# جپان ۾ اسلام جي آمد جي تاريخ

لکت ۾ يا ماڻهن جي واتان جيڪا ڄاڻ حاصل ٿي سگهي آهي، ان موجب هنن ٻيٽن (يعني جيڪي سڀ گڏجي جپان ٿاهين ٿا) جي ماڻهن کي اسلام بابت پهريون دفعو ڄاڻ 1877ع ۾ مغربي مذهبن جي معلومات حاصل ڪرڻ سان پئي. تقريباً ان ئي سال جي لڳ ڀڳ اسان جي نبي ڪريم ﷺ جن جي زندگيءَ جو احوال جپانيءَ زبان ۾ ترجمو ٿيو. ان وقت تائين ڪو بہ جپاني مسلمان نہ ٿيو هو، بس هڪ تعليم يافتہ طبقي کي معلومات خاطر اسلام جي ڄاڻ حاصل ٿي هئي، جيئن اسان جي يونيورسٽين ۾ پوليٽيڪل سائنس جا شاگرد ڪجهہ اهم ملڪن جي Constitution پڙهن ٿا يا اسلامڪ آئيڊيالاجي يا اسلامڪ هسٽري جهڙن سبجيڪٽن ۾ Comparative Study طور يهودين، عيسائين، ٻڌن، آتش پرستن ۽ سکن وغيره جي مذهبن جي پڻ ڄاڻ حاصل ڪن ٿا.

جپانين کي اسلام جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو ٻيو اهم موقعو 1880ع ۾ مليو جڏهن ترڪيءَ جي عثمانيہ سلطنت (Ottoman Empire) جپان سان سفارتي تعلقات شروع ڪرڻ ۽ جپانين ۽ ترڪ مسلمانن کي هڪ ٻئي سان ملائڻ لاءِ سندس نيويءَ جو هڪ

جهاز جپان موڪليو. ” ارتغرل“ نالي هي جهاز واپسيءَ تي ٻڏي ويو ۽ 609 ماڻهن مان 540 سمنڊ حوالي ٿي ويا.

هونءَ چون ٿا تہ ميتسو تارو جيڪو ”تاڪا اوڪا“ ذات جو هو پهريون جپاني مسلمان هو. جنهن 1909ع ۾ اسلام قبول ڪيو ۽ حج ڪرڻ بعد پنهنجو نالو عمر ياما اوڪا رکيو ۽ ٻيو جپاني مسلمان بوم پاچيرو آريگا هو جيڪو پڻ انهن ئي ڏينهن ۾ واپار جي سلسلي ۾ هندستان ويو هو جتي جي مسلمانن کان متاثر ٿي اسلام قبول ڪيو ۽ پوءِ اڳتي هلي پنهنجو نالو احمد رکيو. باقي ذات ساڳي آريگا رهڻ ڏنائين.

اڄڪلهہ جپان ۾ اسلام ۽ جپاني مسلمانن تي وڏيڪ Studiesٿيڻ تي معلوم ٿيو آهي، تراجيروياما دا (Tarajiro Yamada) گهٽو ڪري پهريون جپاني مسلمان هو جيڪو ترڪيءَ وارن جو جهاز ”ارتغرل“ ٻڏڻ بعد ترڪ مسلمانن جي مرڻ جي همدردي ڪرڻ لاءِ ترڪي ويو هو جتي هن اسلام قبول ڪيو ۽ پنهنجو نالو عبدالخليل رکيو ۽ حج ڪري وطن موٽيو.

پهرين وڏي لڙائيءَ دوران (بولشيوڪ انقلاب ۾) وچ ايشيا ۽ روس کان ڪيترائي ترڪومن، ازبڪ، تاجڪ، ڪرغيز، ڪراخ ۽ تاتار مسلمان جتي ايران ۽ انڊيا پاسي لڏي ويا، اتي انهن جا ڪيترائي

ڪتنب جپان پڻ آيا جو روس (USSR) جو اپرندو حصو جپان سان وڃيو لڳي. جپان جي حڪومت طرفان ڪين جپان ۾ پناهہ ڏنو ويو. مسلمان قبيلا جپان جي مختلف شهرن ۾ Settle ٿيا ۽ جپاني جن جو واسطو ٻڌ ڌرم سان آهي، انهن جي وچ ۾ مسلمانن جون هي ننڍيون ننڍيون ڪميونٽيون قائم ٿيون ۽ جتي جتي گهڻا مسلمان هئا، اتي مسجدون پڻ ٺهڻ لڳيون. ڪوبي بندرگاهہ جتي اسان جي پاڪستاني جهازن جو گهڻو وڃڻ ٿئي ٿو اتي جي پراڻي مسجد "ڪوبي مسجد" 1935ع جي ٺهيل آهي، جيڪا اڃا موجود آهي. ان دؤر جي ٻي مسجد ٽوڪيو ۾ هوندي هئي، جيڪا 1938ع ۾ ٺهي.

ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ جپاني حڪومت جپانين جا ڪجهہ ادارا ٺاهي انهن کي اسلام جي معلومات ڏني ۽ ان دؤر ۾ اسلام تي هڪ سؤ کان مٿي ڪتاب ۽ جرنل جپان ۾ ڇپيا ويا. پر هي سڀ ڪجهہ جپان ۾ رهندڙ ڌارين مسلمانن طرفان نہ هو. جپاني حڪومت پنهنجن ماڻهن کي اسلام جي تعليم ان ڪري ڏئي رهي هئي، جيئن جپان طرفان فتح ڪيل ملڪ (ملايا، سنگاپور، هانگ ڪانگ ۽ چين وغيره) جن ۾ ڪيترائي مسلمان رهياٿي، انهن کي چڱي طرح سمجهي سگهن ۽ مٿن ڪنٽرول رکڻ ۾ سهولت رهي. ايتري قدر جو ٻي وڏي جنگ ۾ ملايا ۽ سنگاپور ۾ جپانين جو ڪو هوائي جهاز ڪِريو ٿي تہ جپاني پائليٽ

ڪلمو پڙهي پاڻ لاءِ مسلمان ٻڌايو ٿي ۽ مڪاني مسلمان عوام ڪيس واقعي مسلمان سمجهي نہ فقط سندس جان بخشي ٿي، پر شان مان پڻ ڏنو ٿي. 1945ع ۾ جيئن ئي جنگ ختم ٿي تہ اهي سڀ جپاني ادارا ۽ فوجي جن اسلام جي هام هنئي ٿي، سي ايئن غائب ٿي ويا، جيئن اڙدو چواڻيءَ جي "گڌهہ جي مٿي تان سڱ".

اسلام هوڏانهن اتر آفريڪا ۽ ويندي اسپين ۽ فرانس تائين پکڙيو تہ هيڏانهن اوڀر ۾ سنڌ، هند برما، ملائيشيا، انڊونيشيا ۽ چين تائين ٿيندو ڏکڻ فلپين ۾ اچي بلاڪ ٿي ويو جو اتي فلپين پاسي وارا اسپين جي ڪالوني هئا ۽ اتان اسپيني پادري مٿي هانگ ڪانگ، ڪوريا ۽ جپان ۾ عيسائيت جي تبليغ ڪندا رهيا ۽ اسلام جي تعليم جپان تائين نہ پهچي سگهي. ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ چين فتح ڪرڻ تي جپانين جو چيني مسلمانن سان ميل ميلاپ ٿيو ۽ ڪيترائي جپاني مسلمانٿيا. انهن نو مسلم جپانين 1953ع ۾ پهرين جپاني مسلم آرگنائزيشن ٺاهي، جنهن جو نالو "دي جپان مسلم ايسوسيئيشن" رکيو ۽ ان جو معاون مرحوم صادق ايمائي زومي ٿيو. آئون ملائيشيا ۾ هوس تہ انهن ڏينهن ۾ هو 1989ع ۾ گذاري ويو. ان بعد ان ايسوسيئيشن جو صدر مرحوم عمر ميتا ٿيو جيڪو پڻ سچو مسلمان ۽ اسلام جو خدمتگار ماڻهو هو. مرحوم عمر ميتا جپان طرفان چين واري قبضي

ٽيل حصي ۾ منشور ريلوي ڪمپنيءَ جو آفيسر هو. اتي چيني مسلمانن کان متاثر ٿي پيڪنگ ۾ مسلمان ٿيو. هن قرآن مجيد جو جپاني ۾ ترجمو پڻ ڪيو.

جپانين کي اسلام بابت 1973ع بعد بہ گهڻي ڄاڻ ٿي، جڏهن تيل جا اگهہ چڙهي ويا ۽ ڏسٽا وائسٽا ملڪ عربن جي چمچاگيري ڪرڻ لڳا. انهن ڏينهن ۾ جپاني ٽي ويءَ تي اسان پهريون دفعو عرب دنيا جا ملڪ، عربن جي رهڻي ڪهڻي، مڪي ۽ مديني جا نظارا ۽ حج وغيره ڏٺو. ان کان علاوه جپان جي ٽي ويءَ تي ٻانگ ۽ قرآن جي تلاوت پڻ اچڻ لڳي. ڪيترن جپانين اسلام ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ۽ ستر جي ڏهاڪي ۾ ڪيترائي جپاني مسلمان ٿيا.

هڪ جپاني نو مسلم نور دين موريءَ چيو: ”اسلام علم جو مذهب آهي ۽ بنا علم حاصل ڪرڻ جي صحيح مسلمان ٿي نٿا سگهون.“ نور دين ويجهڙائيءَ ۾ مڪي جي يونيورسٽيءَ مان اسلامڪ اسٽڊيز ۾ گريجيوئيشن ڪري آيو آهي. ساڻس گڏ ٻيا بہ چار ڪن جپاني ٻاهران اسلام جي تعليم حاصل ڪري آيا آهن، جيڪي هاڻ پنهنجي زبان ۾ ماڻهن کي اسلام جي تعليم ڏيئي سگهن ٿا. نہ تہ بقول نور دين موريءَ جي گذريل چاليهہ سالن ۾ ٻڌن جي هن ملڪ جپان ۾ جيڪي بہ تبليغ لاءِ آيا اهي ڏارين ملڪن جاهئا.

هن وقت ڏنو وڃي تہ جيتوڻيڪ جپان ۾ مسلمانن جو في سيڪڙو گھڻو ناهي، پر بقول نوردين جي ”جپان جي نئين ٿهيءَ کي اسلام بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي وڏي جستجو آهي ۽ ٿي سگهي ٿو هڪ ڏينهن ائين ٻڌڻ ۾ اچي تہ اسلام جپان جو پاپيولر مذهب آهي.“

# جپان لاءِ ويزا ۽ جهاز جو سفر

1980ع تائين بہ جپان وڃڻ ڪو ڏکيو ڪم نہ هو. جپان ۾ آخري دفعو By Air هڪ مسافر جي حيثيت سان آئون 1979ع ۾ ويو هوس. فلائيٽ شام جو هئي۽ پنجين بجي تائين ڪراچي آفيس ۾ مشغول هوس. نئون جهاز جيڪو ٽوڪيو IHI شپ يارڊ ۾ ٺهي رهيو هو جنهن جي ٺهڻ دوران نظرداريءِ بعد ۾ چيف انجنيئر جي حيثيت سان مون کي اهو جهاز مختلف ملڪن ۾ وٺي وڃڻو هو. ان سلسلي ۾ آفيس ۾ پنهنجي باس ۽ واسطيدار عملدارن سان خيالن جي ڏي وٺ هلندي رهي تہ جهاز ڪهڙي قسم جو تيار ٿئي۽ اهو پڻ تہ تيار ٿيڻ بعد ان کي هلائڻ لاءِ ڪراچي ڪان ڪهڙو اسٽاف ٽوڪيو ايندو. في الحال بہ انجنيئر وٺي وڃي رهيو هوس. ٽريول ايجنٽ اجا ٽڪيٽون نہ موڪليون هيون. اسان کي چيو ويو تہ رستي تان ان جي دڪان تان ٽڪيٽونڪڍڻدا ڪراچي ايئرپورٽ هليا وڃجو. پنجين بجي اسان سڀ آفيس جي گاڏيءَ ۾ نڪتاسين، ميٽروپول هوٽل وٽ ٽريول ايجنٽ جي آفيس هئي، جنهن اسان جي گاڏي ڏسي ڊوڙ پائي گاڏيءَ ۾ اچي ٽڪيٽُون ڏنيون جو اسان کي اڳهين دير ٿي رهي هئي. انهن ڏينهن ۾ ايئرپورٽ تي بہ ڪلاڪ اڳ اچڻ لاءِ چيو ويندو هو پر اڪثر ڪلاڪ

کن اڳ اچبو هو. اسين پهتاسين ته فلائيٽ ۾ باقي منو ڪلاڪ هو. سامان تورائي، بورڊنگ ڪارڊ وٺي، جهاز لاءِ اچي انتظار گاهه ۾ ويناسين. نه گهٽي ڪراچي ايئرپورٽ تي چڪاس نه پيا ڪٿراڳ ته ويزا آهي يا نه. واپسيءَ جي ٽڪيٽ آهي يا نه؟... ڪجهه به نه. ٽوڪيو ايئرپورٽ تي پهچي پاسپورٽ ڏنو هو ۽ اتي جو اميگريشن آفيسر اکيون پوري ويزا جو ٽن مهينن لاءِ ٺپو هڻندو هو.

۽ پوءِ آهستي آهستي ٻين ملڪن سان گڏ جپان ۾ به اسان پاڪستانين لاءِ گهڻڻ مشڪل ٿيندو ويو ۽ ويون Formalities وڌنديون. هاڻ ته ويزا به پنهنجي ملڪ مان وٺي پوءِ ٿو ڪراچي ايئرپورٽ چڙهڻو پوي ۽ اهاويزا ڪراچيءَ جي جپاني قونصل خاني يا اسلام آباد جي سفارتخاني مان وٺڻ لاءِ ڪيترائي سرٽيفڪيٽ ۽ ڪاغذ پٽ جمع ڪرائڻا پون ٿا، جيئن ته اسپانسر جو گئرنٽي ليٽر يعني جپان ۾ رهندڙ توهان جو ڪو مائٽ، ياءُ، پيڻ، پٽ، ڌيءُ وغيره جيڪو مقرر فارم تي لکي ڏئي ته هو توهان کي گهرائي ٿو ۽ توهان جي جوابداري کڻندو ۽ توهان جي ڪنهن به غلط قدم کڻڻ تي يعني جهيڙي جهٽي ڪرڻ، ويزا ختم ٿيڻ تي واپس نه موٽڻ وغيره تي اسپانسر کي جهليو ويندو. اسپانسر جي نوڪريءَ جو سرٽيفڪيٽ ته هن جي سٺي پگهار واري نوڪري يا بزنس آهي ۽ هو توهان جي جپان ۾ رهڻ دوران

خرچ پڪو برداشت ڪري سگهندو. اسپانسر جي پاسپورٽ ۽ شناختي ڪارڊ جي فوٽو ڪاپي. توهان جو پاسپورٽ ۽ شناختي ڪارڊ ۽ 'ب' فارم جنهن مان خبر پوي ته توهان جي هن سان ويجهي مائٽي آهي ۽ جي 'اسپانسر' پاڻ نوڪري نٿو ڪري پر هن جي زال يا مڙس نوڪري ڪري ٿو ته اوريجنل نڪاح نامو ته هو واقعي زال مڙس آهن. توهان جي بئنڪ جي ڇهن مهينن جي بئلنس شيٽ ۽ جي توهان سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهيو ته آفيس طرفان Ex_Pakistan موڪل جو اجازت نامو. پنهنجي پگهار جي سلپ جي اوريجنل ڪاپي وغيره.

اهي سڀ ڪاغذ جمع ڪرائڻ بعد مون سمجهيو ته هفتي بعد ويزا ملي ويندي، خاص ڪري منهنجا ته هنن جپان وارن سان گذريل 25 سالن کان هڪ قسم جا تعلقات رهيا آهن. پر مون کي تڏهن تعجب لڳو جڏهن هفتي بعد ويزا بدران جپان قونصل خاني وٽان منهنجي باس ڏي خط آيو ته، هي واقعي توهان جي آفيس ۾ آهي يا نه ۽ سندس پگهارءِ جمر جي تاريخ اهائي آهي، جيڪا هن لکي آهي يا نه؟ ان جي تصديق ڪرڻ سان گڏ فوٽو پڻ موڪلجو.

ان تحقيقات جي خبرڏي پنهنجي باس وٽ موڪل ڪئنسل ڪرائڻ ٿي ويس ته هيءَ بي عزتي آهي. ڇا جپان قونصل

خاني وارن کي خبر ناهي تہ آئون هتي آهيان. اجا گذريل مهيني تہ هتي اسان جي اڪيڊمي ۾ مون وٽ گهمي ويا آهن.

پر پوءِ باس مون کي ٽڏو ڪيو تہ اهي Formalities پوريون ڪرڻ خاطر هنن کي ائين ڪرڻو پوي ٿو. نہ تہ جپاني عوام اخبارن ذريعي گوڙ ڪندي تہ ڌارين ملڪن ۾ سندن سفارتخانن وارا چڱي طرح چڪاس ڇو نٿا ڪن ۽ پوءِ هفتي کن کانپوءِويزا ونڻ لاءِ ويس تہ اتي ويٺل ڪيترن پاڪستانين ٻڌايو تہ هنن کي ويزا ملڻ ۾ ٻہ ٻہ مهينا لڳيو وڃن ۽ جپاني قونصل خاني جا خبر ناهي ڪيترا چڪر هڻڻا پون ٿا. بهرحال مون اندازو لڳايو تہ جپان وارن پاڪستانين جو جپان ۾ اچڻ بلڪل بند نہ ڪيو آهي، هنن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ وارن کي ويزا مليو وڃي،جيئن ڪنهن شاگرد کي جپان جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ اعليٰ تعليم لاءِ اسڪالر ملي آهي تہ هن کي ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ اهو داخلا يا اسڪالر جو ليٽر ڏيکارڻ ئي ڪافي آهي، جنهن جيemail يا فون ذريعي جپان مان بہ ان جي پڪ ڪري سگهن ٿا. يا ڪنهن کي جپان ۾ نوڪري ملي ٿي يا ڪو واقعي جپان مان امپورٽ ايڪسپورٽ ڪري ٿو تہ اِن جا ڪاغذ ڏيکاري يڪدم ويزا حاصل ڪري سگهي ٿو. باقي هونءَ جيڪو جپان جي ويزا جو خيرات پئي هليو ۽ هر هڪ گهمڻ جو بهانو ڪري جپان پهچي ويو ٿي ۽ موٽڻ جو

نالو وڃڻ بدران ان تي غير قانوني طرح رهي پيو ٿي يا غلط حرڪتون پئي ڪيائين، ان ڪي ڀنجو اچي ويو آهي. هاڻ بنا مقصد جيجپان يا ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ وڃڻ آسان نہ رهيو آهي. هڪ خيال ڪان سنو بہ ٿيو آهي جو ڌارين ملڪن ۾ ڪنهن هڪ يا ٻن جي غيرقانوني حرڪتن ڪري ان سان واسطو رکندڙ ان ملڪ جا پرديس ۾ رهندڙ باقي ماڻهو بدنام ٿيو وڃن.

اوساڪا ڏي ويندڙهن جهاز ۾ ڏهاڪو کن پاڪستاني بہ هئا. ٽي چار ڄڻا تہ پنجاب پاسي جا نوجوان بزنيس مين هئا. هڪ اسلام آباد جو انجنيئر هو، ڪيس Ph.D لاءِ ٽوڪيو جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ اسڪالرشپ ملي هئي. منهنجي ڀر وارين چئن وچين سيٽن تي هڪ ماءُ پنهنجن ٽن ٻچن سان هئي، جن مان وڏي جي عمر ڏهہ سال کن هئيءِ ننڍي جي پنج سال. اوساڪا جو هوائي اڏو ويجهو ٿيڻ تي جپان اميگريشن طرفان مليل فارم ايئرهوسٽس اسان ڌارين (غير جپانين) کي ڀرڻ لاءِ ورهائي ڏنا تہ هن خاتون سندس ۽ سندس ٻارن جا اهي فارم ڀرڻ لاءِ مون کي ڏنا، جو ڪيس ايتري انگريزي نٿي آئي. انهن فارمن تي سندن ڀڏايل Particulars لکڻ تي معلوم ٿيو تہ، هو لاهور ۾ رهن ٿا. سندس مڙس جپان جي هڪ تواريخي شهر نارا ۾ ٻن سالن کان نوڪري ڪري ٿو جنهن سان ملڻ لاءِ هي پهريون دفعو جپان وڃي

رهيا آهن. نارا ۽ ڪيوٽو (جپان جو هڪ ٻيو تواريخي شهر ۽ ٽوڪيو کان اڳ جپان جي گاديءَ جو هنڌ) اوساڪا کي ڪافي ويجهو آهي. اوساڪا ۾ سندس مڙس کين وٺڻ لاءِ ايئرپورٽ آيو هو جتان پوءِ ريل يا بس ذريعي کين نارا وٺي وڃڻو هوندو.

اوساڪا پهچڻ کان ڪلاڪ ٻه اڳ، رکي رکي اسان جو جهاز ڪافي لوڏن ۾ ايندو رهيو ۽ پائليٽ هر هر بيلٽ ٻڌڻ لاءِ چيو ٿي. سگريٽ ڇڪڻ کان منع جي بتي ته دٻئيءَ کان ئي ٻري رهي هئي. سموڪنگ وارن جو ته سر هليو ويو هوندو. جو دٻئي کان اوساڪا اٽڪل يارهن ڪلاڪ سگريٽ ڇڪڻ کان صبر ڪيو هونداءُن. هونءَ فقط انهن اڏامن تي سگريٽ کان جهل هوندي هئي، جيڪي ڊوميسٽڪ هجن ۽ ٻن ڪلاڪ اندر هجن. هاڻ ته بين الاقوامي اڏامن تي به Smoking جي بندش وڌي وئي آهي، چاهي ڪٽي لنڊن کان نيويارڪ هجي يا ڪراچيءَ کان ڪوپن هيگن. ساڳيءَ طرح سڌريل ملڪن جي بسين ۽ آفيسن ۾ سگريٽ نوشي بند ڪئي وئي آهي. آفيسن يا هوائي جهازن جي ٽوائليٽن ۾ لڪي به نٿي ڪري سگهجي جو اتي باهه لڳڻ کان آگاهه ڪرڻ لاءِ Fire_Detector بدران سموڪ ڊڪٽيٽر لڳل آهن ۽ سگريٽ جو ڦريون ڪش هٽي وات مان دونهون ڪڍڻ سان اهو ڊٽيڪٽر Activate ٿيو وڃي ۽ سڄي جهاز

يا بلڊنگ ۾ باهہ جي خطري جو الارم وڄڻ تي سگريٽ ڇڪڻ وارو وڏي خواريءَ ۾ اچيو وڃي. ان ڪري سگريٽ ڇڪڻ جي نون شوقينن لاءِ سهڻي صلاح اها آهي تہ ان عادت کان ڪچيءَ ۾ ئي پرهيز ڪن. اهو زمانو ويو هليو جنهن ۾ سگريٽ ڇڪڻ وارو فيملي ۾ هيرو تصور ڪيو ويندو هو ۽ ان کي مردانگي سمجهيو ويندو هو. سگريٽ ڇڪڻ بعد بہ سگريٽ جو پاڪيٽ ۽ ماچيس وڏي شان سان هٿ ۾ جهلي هلندو هو. پر هاڻ ڪيترو تہ ماحول بدلجي ويو آهي! ڪو سگريٽ ڇڪڻ وارو نظر نٿو اچي. ڪنهن پبلڪ پارڪ يا بس اسٽاپ تي جتي سگريٽ نوشي جي اجازت ڏني وئي آهي، اتيبہ ڪو سگريٽ ٿو ڇڪي تہ ٻيا پر ۾ بيٺل ماڻهو ائين ڪڙيو منهن ٺئي پاسي ڪن يا دونهين کان بچڻ لاءِ پنهنجي نڪ تي رومال رکن، ڄڻ هو سگريٽ نہ ڇڪي رهيو آهي پر سيني اڳيان اگهاڙو ٿي هنگي رهيو آهي. اسان جو هڪ دوست ڊاڪٽر (Chest Specialist) تہ چوندو آهي تہ ٽوائليٽ جي ڌپ کان اهو دونهون خطرناڪ آهي، جيڪوسگريٽ ڇڪيندڙ ٻاهر ڪڍي ٿو.

جپان زلزلن ۽ طوفانن جو ديس آهي. جڏهن پاڻيءَ جي جهاز ڪي جپان وٽي ايندا هئاسين تہ فلپين ۽ هانگ ڪانگ کان وٺي جپان تائين شايد ڪو اهڙو سفر هجي، جنهن ۾ ڪو طوفان، Cyclone يا ٽائفون نہ مليو هجي جنهن جهاز ۽ اسان جي ستيا ناس نہ ڪئي هجي.

رستي تي نہ تہ جپان جي مختلف بندرگاهن ۾ ضرور مليو هوندو. پوءِ اسان جي ڪوشش اها هوندي هئي تہ جهاز کي ڪلئي سمنڊ مان هلائڻ بدران جپان جي اندروني سمنڊن (رستن) تان هلائي هڪ بندرگاهہ کان ٻئي ڏي وڃون جو Inland سمنڊ ۾ پاسن کان ٻيٽ هجڻ ڪري طوفان جو اثر گهٽ ٿو ٿئي. پر آفيس طرفان هر وقت اهي آرڊر پيا ملندا هئا تہ ڪوشش ڪري کليو سمنڊ استعمال ڪريو ۽ خرچ جو خيال ڪريو. ڇو تہ جپان جي Inland_ Sea استعمال ڪرڻ تي مڪاني پائليٽ (ڪئپٽن) ڪٽڻو پوي ٿو. جيڪو سوڙهن سامونڊي لنگهن جي رهنمائي ڪري، ان جي في کان علاوه اندرين سمنڊ ۾ رهنمائي لاءِ لڳل بتين Navigational Lights جي بہ ڳري في جپان حڪومت کي ڏيڻي پوي ٿي. تنهن جي باوجود ڪڏهن هن پاسي اهڙا سخت قسم جا طوفان Typhoon لڳن ٿا، جو هڪ دفعي اسان جي ڪمپنيءَ جو هڪ جهاز جيڪو بندرگاهہ ۾ جيٽي (ڏڪي) سان ٿلهن رسن سان ٻڌل هو، ان جا رسا ٽٽي پيا ۽ هڪ ٻئي جهاز ۽ جيٽيءَ سان زور سان لڳڻ ڪري سندس اڳيون حصو ڊٻجي ويو. جڻ ڪوڪا ڪولا جو سنهو ٽين جو ڊٻو هجي. خراب موسم ۾ هوائي جهاز هجي يا پاڻيءَ وارو جهاز_ هلائڻ وارن جو سِر هليو وڃي. هن وقت هوائي جهاز ڪنهن ٻئي پئي هلايو. اسين ”مان وارا“ مسافر هئاسين. ڪهڙي Altitude تي

جهاز تي رڪجي، اصل سڌي رستي ڪان ڪيترو Deviate ٿي هلجي، جيئن طوفان جو اثر جهاز تي گهٽ ڪان گهٽ ٿئي. ڪيتري رفتار Safe رهندي. اهو پائليٽ جي مٿي جو سور هو. مون وڏ ۾ وڏ ٻين مسافرن وانگر پائليٽ جي Instruction مطابق ڪٽي بيلٽ ٻڌو هو ۽ ڪنڌ ڪي پنيان لاڙي ننڊ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس. پر منهنجي پٺيان ويٺل هڪ پاڪستاني بزنيس مئن جيڪو مون سان اڏ سفر بعد مانيءَ وقت مليو هو، تنهن جي اجائي فڪر مون کي اوساڪا تائين باقي سفر نه ننڊ ڪرڻ ڏني نه لکڻ ڏنو.

”بار بار بيلٽ ٻڌڻ لاءِ ڇو چيو پيو وڃي.“ هن منهنجي ڪلهي کي لوڏي پڇيو.

”شايد موسم خراب ٿي پئي آهي، ان ڪري.“ وراڻيومانس.

”پوءِ پلا پائليٽ ڇا ڪندو؟“ ڪجهه سوچي هن وري پڇيو.

”جيڪي وٽيس اهو ڪري، آخر ڪو نه ڪو Alternative ته رکندو جيئن اسان آرام سان سفر ڪري سگهون.“

”جيڪڏهن ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آيس ۽ ائين ئي خراب موسم ۾ ڇڪيندو هليو ته پوءِ؟“

”اها سندس مرضي. هو پنهنجي ڪمپنيءَ جو جهاز اوساڪا جهڙي مهانگي هوائي اڏي تي ڏٺارڻ نہ چاهيندو.“ مون کلندي چيو مانس.

”اهو ڪيئن؟“

”ظاهر آهي جهاز کي لوڏا ڏياريندو تہ اسان الٽيون ڪري ڪري سندس جهازجون ڪنڊون پاسا ۽ ڪرسيون پيري ڇڏينداسين.“ مون چيومانس. جنهن تي هو کلي، خوش ٿي سڪون سان پنهنجي ڪنڊ کي ڪرسيءَ تي لاڙي سمهي رهيو.

پر ٿوري دير بہ نہ گذري تہ هن وري پڇيو.

”يلا سائين ههڙي خراب موسم ۾ جهاز جي انجڻ بہ خراب ٿي سگهي ٿي، پوءِ ڇا ڪندو؟“

”خبر ناهي“ مون کي واقعي خبر نہ هئي ۽ نہ ئي ان باري ۾ سوچيو هوم.

”پر توهان بہ جهاز جي نوڪري ڪئي آهي، توهان کي بہ وچ سمنڊ تي طوفان ملندا هوندا، پوءِ توهان ڇا ڪندا آهيو؟“

”اسان بي ڏوڙ پائيندا آهيون، ۽ هن هوائي جهاز جو ڪئپٽن بہ ضرور ڪجهہ ڪندو.“ مون ٻڌايومانس.

”پر سائين تڏهن بہ؟“ هن ضدي ٻار وانگر وري پڇيو. مون سندس چهري ڏي ڏٺو. جنهن مان سندس معصوميت ۾ پريشاني صاف ظاهر ٿي رهي هئي. هن تي اجايو خوف طاري ٿي رهيو هو.

”ڪا فڪر جي ڳالهہ نہ آهي. حالتن مطابق ڪيترائي Alternatives ۾ سالن جو تجربو ٿئي ٿو پر پوءِ بہ ان قسم جو طوفان زور ٿئي ٿو تہ اسان ويجهو بندرگاهہ Call ڪريون ٿا. هن جهاز جو پائليٽ بہ ڏسندو تہ هو جيڪڏهن سلامتيءَ سان اڳتي وڌي نٿو سگهي تہ ڪنهن ويجهي ايئرپورٽ تي لهي پوندو. پوءِ چاهي اهو بين الاقوامي هوائي اڏو هجي يا ڊوميسٽڪ. فوجي اڏي جو رن وي هجي يا ڪو ٻئل پٽل رستو.“ مون چيومانس. هو هڪ دفعو وري سڪون ۾ اچي ويو. پر آئون مٿي لکي چڪو آهيان تہ هو مون کان اوساڪا تائين سوال پڇندو رهيو. جهاز بہ تہ لوڏا کائڻ نٿي ڇڏيا.

”سائين هتي جي جهاز لهڻ چاهي تہ ڪهڙي شهر ۾ لهندو؟“ هن ڪجهہ دير سوچڻ بعد سوال ڪيو. ان وقت اوساڪا پهچڻ ۾ اڃا ڏيڍ ڪلاڪ هو. ڪراچيءَ جي هن امير بزنيس-مئن جي جاگرافي ڪمزور ٿي لڳي. جهاز اجان پئسفڪ سمنڊ مٿان هو. ”پاڻ هن وقت سمنڊ مٿان آهيون.“ مون چيومانس ۽ هو ڏڪي ويو.

”گهٽ ۾ گهٽ زمين مٿان هجي ها تہ جهاز ڦاٿڻ سان زمين تي ڪرڻ سان بچي تہ سگهجي ها. سمنڊ ۾ تہ ڪِرڻ ساڻ ٻڏي وڃبو.“ هن پنهنجي پريشانيءَ جو اظهار ڪيو.

”الله خير ڪندو.“ مون چيومانس. جيتوڻيڪ دل ۾ آيو تہ سامهون لڳل ٽي وي اسڪرين تي ٻاهر جي ڏنل ٽيمپريچر ڏي اشارو ڪري ٻڌايانس تہ جنهن بلنديءَ تي جهاز اڏامي رهيو آهي، اتيجو ٽيمپريچر 45C _(ڪاٽو پنجيتاليھ ڊگريون سيلسيس آهي.) هيءَ اها ٿڌ آهي جنهن ۾ هوا ۾ موجود گئسون بہ Freeze ٿيو وڃن. هن بلنديءَ تان انسان جي ڪري تہ زمين يا سمنڊ تي پهچڻ کان اڳ ريفريجريٽر جي مٿئين خاني (فريزر) ۾ رکيل گوشت جهڙو ٿي پوندو.

بهرحال ٽائفون جي ڪري جهاز ۾ سو معمولي لوڏا آيا جو ٽائفون جو وچ (Eye) پري هو پر ان جو اهو فائدو ٿيو جو ايندڙ هفتو کن سڄي جپان ۾ بارش ۽ ٿڌيون هوائون لڳنديون رهيون، جيتوڻيڪ جپان ۾ هي ڏينهن گرمي جا هوندا آهن.

# ڪجهه دلچسپ غلطيون

جپان ۾ ڪو پڙهڻ يا نوڪري لاءِ اچي ته هن لاءِ بهتر آهي ته شروع وارا ڏينهن گهٽي کان گهٽو وقت ڪڍي جپاني سکي وٺي. جپاني سکڻ سان جپان ۾ رهڻ آسان ٿيو پوي ٿو ۽ جي ڪو ٿورو گهڻو لکڻ سکي وڃي ته اجا به بهتر. جپاني زبان اوسي پاسي وارن ملڪن جي زبانن: ڪورين، چيني، روسي وغيره کان سکڻ ۾ آسان ۽ مِٺي آهي.

جپاني زبان ڳالهائڻ ۾ (۽ لکڻ ۾ ڪاتاڪانا ۽ هراگانا جپاني لکٽي) ڏکي نه آهي. ڪو به جپاني نالو يا لفظ رومن (انگريزي الفابيٽ) ۾ لکيل ته اچارڻ تمامسولو آهي جو جپاني لفظ جي هر Consonant اکر پويان ڪونه ڪو Vowel ضرور آهي، جيئن ته TOYOTA, SUZUKI, YAMADA وغيره. هڪ لفظ آهي MITSUBISHI ان ۾ توهان کي T بعد Vowel نظر نٿو اچي پر دراصل TS جپانيءَ جو هڪ اکر آهي، جنهن پويان Vowel 'يو' لڳي ٿو جيئن جپانيءَ ۾ هڪ ٻيو اکر SH (ش) آهي، جيڪو اسان وٽ به سنڌي ۽ اڙدوءَ ۾ آهي. جپانيءَ ۾ ڪيترا لفظ انگريزي ۽ ٻين زبانن جا به عام ٿي ويا آهن، پر انهن ۾ به ڪو اکر بنا Vowel جي آهي ته جپانءَ ۾ ان کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ Vowel لڳايو ويو آهي. جيئن جپاني لفظ

ڪيڪي، بارو، هوتيرو، ڊانسو انگريزي لفظن ڪيڪ، بال، هوٽل ۽ ڊانس وغيره مان ٺاهيا ويا آهن. جپاني زبان ۾ ’ٽ‘ ۽ ’ل‘ نہ آهن، ان ڪري انهن بدران ’ت‘ ۽ ’ر‘ اڪثر استعمال ٿين ٿا. ان ڪري هوٽل هوتيرو ٿي وئي ۽ منهنجو نالو الطاف بہ جپاني اچارڻ مهل يا لکڻ مهل ”اري طافو“ سڏين. ڇو جو ’ل‘ بدران نہ فقط ’ر‘ اچارين پر ان پويان I يا U جو Vowel هڻي ARI يا ARU لکن ۽ ساڳي طرح ’ف‘ پويان U هڻي FU پڙهن، ڇو جو جپانيءَ ۾ ڪو بہ اکر بنا Vowel جي ٿي نٿو سگهي. منهنجي ان جملي تي جپان ۾ رهي آيل يا جپاني زبان جي ٿوري گهڻي واقفيت رکندڙ ضرور چوندا تہ جپاني هڪ اکر اهڙو آهي، جيڪو بنا Vowel جي آهي. جي ها. بلڪل صحيح ٿا چئو ۽ اهو اکر آهي ’ن‘. ڪنهن بہ لفظ جي اخر ۾ ”N“ (نون) اچڻ تي ان پويان Vowel ضروري نہ آهي. پر جي نون بہ شروع ۾ يا وچ ۾ ايندو تہ پوءِ ان پويان Vowel ضروري آهي. ان ڪري اهي پاڪستاني يا ڌاريان نالا جن جي آخر ۾ ’ن‘ اچي ٿو، اهي ائين ئي رهندا يا انهن جو آخري اکر N ائين ئي رهندو. جيئن تہ ’ميمن‘ ميمونہ نہ ٿيندو، فقط ميمون ٿيندو. جيئن انگريزي ۾ Memon لکيو وڃي ٿو.اهڙيءَ طرح پاڪستان ”Pakistan“ رهندو ۽ فرحان فاراحان رهندو، پر پارت

پاراتو ٿي ويندوءِ خالد (Khalid) خالدُو يا خالدي جيئن ڪيڪ ڪيڪي ٿيو آهي.

*

جپاني زبان ۾ فقط پنج Vowel آهن، جيڪي رومن ۾ a,e,i,o,u لکيا وڃن ٿا. انگريزيءَ ۾ بہ اهي Vowel آهن (ءِ ڪڏهن ڪڏهن y بہ) پر جپاني Vowels جي هڪ ڳالهہ آهي (جيڪا منهنجي خيال ۾ سٺي بہ آهي) تہ انهن جا اُچار مقرر آهن ۽ اهي هر صورت ۾ اهي رهن ٿا. مثال طور: U جو اُچار 'اُو' آهي تہ جپاني زبان ۾ هر جڳهہ اهو رهندو جيئن SUZUKI ۾ سُو ۽ زُو، يا SUWARU (معنيٰ ويهڻ) ۾ سُو ۽ رُو يا BUSU (معنيٰ ڪوجهي ڇوڪري) ۾ بُو ۽ سُو يا انگريزيءَ مان جپانيءَ ۾ اڌارو ورتل لفظ Basu (بس، لاري) ۾ سُو. پر انگريزيءَ ۾ ڏٺو وڃي تہ مونجهارو آهي ۽ هڪ ئي Vowel جا مختلف اُچار ٿين ٿا، جيئن هيٺئين لفظن ۾ U جو اُچار ڏسو تہ هر هنڌ مختلف آهي. CUCKOO, CUT, CUTE, CURT وغيره. تڏهن تہ حق تي جپاني صحيح چون ٿا تہ انگريزي بہ ڪا ٻولي آهي؟ بين الاقوامي هجڻ ڪري پڙهون ٿا نہ تہ پڇون بہ نہ. اسين بہ ننڍي هوندي کان Spellings ياد ڪري ڪري هاڻ اسان کي انگريزي جا لفظ سولا ٿا لڳن، نہ تہ ڏاڍين لاءِ ڏکيا ٿيا. ٻي مزي جهڙي ڳالهہ اها تہ جپاني

هر لفظ جو هر Vowel اُچاريو وڃي ٿو. پر انگريزيءَ ۾ ڪٿي ڪٿي ته Vowel آهن، ته به هڪ پڙهيو وڃي ٿو بلڪ ان جو اُچار ئي ٻيو ڪڍيو وڃي ٿو. جيئن انگريزيءَ جو لفظ LOOK جيڪو دراصل LUK پڙهون ٿا يا KITE (لغڙ) لفظ جو آخري Vowel اُچاريون ئي ڪونه ٿا ۽ پهريون Vowel آئي (i) جو اُچار اِي هُجڻ کپي ته هتي ماڳهين به Vowel پيا اچارجن. آءِ اي! تڏهن ته ٽيو ڪ آ اي ٽ (ڪائيٽ). اسان جپانين کي چريو ۽ سندن زبان کي ڏکيو چئون ٿا، پر حقيقت اها آهي ته هو اسان ڏارين، ويندي يورپين ۽ آمريڪين جي ڪلچر، زبان ۽ Manners کي ڄٽڪو اڻ سڌريل ۽ جاهل سمجهن ٿا. اها ٻي ڳالهه آهي ته ظاهريءَ طرح هو ڪڇن ڪونه ٿا پر دل ئي دل ۾ ضرور چون ٿا. توهان جپاني ناولن جا ترجما پڙهي ڪٿي ڏسو ته هنن جون اسان ڏارين بابت Feeling ڪهڙيون آهن. خاص ڪري اهڙن موقعن تي. بهرحال kite لفظ جپانيءَ ۾ به لکيو وڃي ٿو جنهن جي معنيٰ ”اچڻ“ آهي پر ان کي ’ڪِي ٽَي‘ اُچاريو وڃي ٿو ۽ صحيح معنيٰ ۾ هئڻ به ائين کپي ۽ اهي ان لفظ ۾ آيل Vowels (يعني I ۽ E) نه فقط هتي پر هر لفظ ۾ ائين اُچاريا وڃن ٿا، جيئن ته Kobe (ڪوبي) جيڪو هتي جو شهر ۽ بندرگاهه آهي. ڪو ڏاريون اهو لفظ ڏسي چوندو ”ڪوب“ پر نه، صحيح لفظ ’ڪوبي‘ آهي. اهڙيءَ طرح

Karate (ڪاراتي) لفظ آهي ۽ پيا. انگريزي لفظ Note يا Take کي جپاني نوٽ يا ٽيڪ نہ پڙهندو پر نوٽي ۽ ٽاڪي پڙهندو. جو هن جي حساب سان 'O' ۽ 'E' جو اُچار ائين ئي هئڻ کپي.

انگريزي لفظ Meat ۽ Meet کي انگريزيءَ ۾ ميٽ ئي اچاريون ٿا، پر جپاني الفابيٽ مطابق اهي لفظ مِي اَي ٿو ۽ مي اِي ٿو اچاريا ويندا. جپاني هڪ لفظ آهي (椎茸) SHIITAKE جنهن جي معنيٰ کنيپي (Mushroom) آهي. ان ۾ ڊبل آءِ I آهي. پهرين آئي(I)_ SH سان اچاري ويندي، ٻي آئي اڪيلي اُچاري ويندي يعني اهو لفظ ٿيندو "شِي اِي ٽاڪي". اهڙيءَ طرح ٻيو جپاني لفظ آهي (下着)SHITAGI معني انڊرويئر، جنهن ۾ ڪڇو بہ اچي وڃي ٿو تہ عورتن جي باڊي بريئزر بہ ۽ اهو جپاني لفظ "شي ٽاگِي" اچاريو وڃي ٿو. هاڻ جيڪڏهن پهرين لفظ (کنيپين) جي ٻي I نہ اچاربي تہ اهو شيتاگي وانگر شيتاڪي ٿي پوندو. جيڪو جپانيءَ ۾ لفظ نہ آهي.

هڪ همراهہ شايد چرچي طور ٻڌايو. جيڪو سچ بہ هجي، جو اسين ڏاريان ماڻهو جپاني سکڻ جي چڪر ۾ غلط سلط جپاني بہ ڳالهائيندا رهون ٿا. هڪ انگريز عورت هوٽل ۾ ماني کائڻ لاءِ آئي. هن ٻئري کي سڏي کنيپيون آڻڻ لاءِ چيو پر 'شي اِي ٽاڪي' بدران 'شيتاڪي' چوندي رهي ۽ ٻئرو ان کي شيتاگي (بريزئر، ڪڇو)

سمجهي تعجب ڪائيندو رهيو تهھيءَ عورت آهي يا مسخري. جيڪا هوٽل ۾ اچي مڇي، گوشت پاڄي گهرائڻ بدران باڊي ۾ ڪڇو گهري رهي آهي.

بهرحال ان قسم جاسوين لطيفا اسان غير جپانين کان هن اپرندڙسج جي ملڪ ۾ ٿيندا رهن ٿا ۽ پوءِ هتي جا ماڻهو به سمجهي ويا آهن ته اسان چرين جو ڇا مطلب آهي. اسان ڪٿي پاڻ کي بيوقوف نه سمجهون، پر جپانين لاءِ اسين سڀ (جيئن مٿي لکي آيو آهيان ته ويندي چيني، ملئي، انگريز آمريڪن) اڻ آريا آهيون.

شروع جي ڏينهن ۾ يعني ان کي ٽيهه سال کن اڳي ٿيا، جڏهن پهريون دفعو هن ديس ۾ آيو هوس، ته مون جپاني سکڻ تي سيني کان گهڻو زور ڏنو هو. شهر گهمڻ وقت به ڪاتا ڪانا (جپاني الفابيٽ) جو چارٽ ڪٽي هلندو هوس ۽ هوٽلن ۽ عمارتن تي آسان جپانيءَ ۾ لکيل نالا پڙهڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. منهنجا جهازي دوست جپاني ڳالهائيندي شرمائيندا هئا، پر آئون پيو غلط سلط ڳالهائيندو هوس. هڪ دفعي اسان جي جهاز تي گوڙ شور واري مرمت هلي ته اسان کي هفتي کن لاءِ جهاز بدران مختلف هوٽلن ۽ مسافرخانن ۾ رهايو ويو. صبح جي وقت مسافرخاني جي مالڪڻ جي ننڍي ڌيءَ اسڪول ويندي هئي ته آئون سندس تعريف ڪرڻ لاءِ سهڻي (Cute) چوڻ لاءِ

جپانيءَ ۾ Kawaii چوندو هوس. پر آئون ڏسندو هوس تہ ساڻس گڏ بيٺل ٻار ان تي کلڻ لڳندا هئا ۽ پاڻ بہ خارون کائيندي رهي ٿي. مون کي خبر ئي نہ تہ آئون ڪهڙي غلطي پيو ڪريان ۽ ان معاملي ۾ جپاني ايڏو شرميلا يا پُرتڪلف آهن جو هو ٻئي کي منهن تي چئي (شرمسار) Embarrass نہ ڪندا آهن. بهرحال ٽئين يا چوٿين ڏينهن منهنجي زور پرڻ تي ڇوڪريءَ جي ماءُ ٻڌايو تہ آئون ڪاوائي (Kawaii) دلڪش چوڻ بدران ڪووائي Kowai ٿو چوان، جنهن جو مطلب ٿيو ڊيڄاريندڙ هيبتناڪ! هاڻ سوچيو تہ معمولي اُچار جي چُڪ ڪري ڪيڏي نہ غلطي ٿي. بهرحال وري بہ مون پاڻ کي درست ڪري ورتو. پر مون سان گڏ رهندڙ بنگالي انجنيئر آخر تائين ڪووائي چوندو رهيو جو هڪ بنگاليءَ لاءِ ”ڪو“ اُچارڻ سولو آهي ’ڪا‘ ڏکيو.

هونءَ ڌارين کان سڀ کان گهڻي غلطي Otera ۽ Oterai_مندر ۽ ٽوائليٽ جي ٿيندي آهي. جپاني ماڻهو خاص ڪري پوڙهن ۽ نوجوان ڇوڪرين جي ڊوڙ مندر(お寺) ڏي هوندي آهي ۽ هنن جي دماغ ۾ هر وقت مندر سوار هوندو آهي ۽ اسان ڌاريان نئين شهر يا جاءِ تي وڃڻ تي ٽوائليٽ (お手洗い) ’اوتي رائي‘جوپڇائيندا آهيون. پوءِ ڪڏهن اسان غلطيءَ ۾ ٽوائليٽ بدران

مندر چئي ويندا آهيون، تہ ڪڏهن ٻڌڻ وارا پوڙها غلط سمجهي ويندا آهن.

جپان ۾ اوتيرا مندر بہ ڪئين آهن. ٻيو نہ تہ گهٽين ۾ ٻُڙڪين جهڙيون دريون نهيون پيون آهن، جن ۾ تيل جو ٻرندڙ ڏيئو ءِ هڪ اڌ بت ءِ گل پن رکيا هوندا. ڪالهہ ڪوڪورا شهر جي هڪ گهٽيءَ مان لنگهي رهيو هوس تہ هڪ مندر ۾ رکيل گوتم ٻڌ جو Statue پريِ کان نظر آيو. فوٽو ڪڍڻ لاءِ اندرگهڙي ويس. ڪيترين ئي پوڙهيون ءِ جوان عورتون بت اڳيان هٿ ٻڌي جهڪي جهڪي پنهنجي حساب سان عبادت ڪري رهيون هيون. آئون فوٽي بعد نڪرڻ وارو هوس تہ هڪ پوڙهيءَ ٻانهن ۾ هٿ وجهي چيو "ڪٿي جو آهين؟ انڊيا جو؟"

هاڻ هن کي ڇا ويهي سمجهايان تہ ان جي پر ۾ هڪ ٻيو ملڪ پاڪستان آهي، ان جو. هتي هن شهر ۾ انڊين ڪافي رهن ٿا ءِ سندن هوٽلون ءِ دڪان پڻ آهن. جپاني وڏن اسٽورن ۾ بہ نہ فقط انڊيا جو سامان ملي ٿو پر ڪين وڏي عزت سان ڏٺو وڃي ٿو.

"ها اتي جو ئي آهيان." مون وراڻيومانس.

"تہ پوءِ تون بنا عبادت جي ڪيئن پيو وڃين؟ انڊيا جي ماڻهن کي تہ هن اڳيان تمام گهڻو جهڪڻ کپي..." پوڙهي شايد چرچائڻ ٿي

لڳي يا حد کان وڏيڪ معصوم، جو وڏيڪ چيائين، ”يا توهان فقط اسان جي چيلهہ چِٻي ڪرڻ لاءِ هن کي اسان ڏي ايڪسپورٽ ڪيو آهي.“

ياد رهي تہ ٻڌ ڌرم جپان جو مذهب ناهي، اهو هندستان کان هتي آيو. پر جنهن ملڪ (انڊيا) ۾ گوتم ٻڌ ڄائو ۽ جيڪو ملڪ هن مذهب جو Origin هو، اتي ٻڌ ڌرم هلي نہ سگهيو. اڄ ٻڌ ڌرم مختلف نالن ۽ ٿوري ڦير ڦار سان سريلنڪا، ٿائلنڊ ۽ جپان جهڙن ملڪن جو سرڪاري مذهب آهي.

جپان ۾ رهندڙ غير جپانين کان جپانيءَ ۾ ڳالهائڻ جون ڪيتريون ڀُلون ٿين ٿيون، جن مان هتي جا مڪاني ماڻهو ۽ اسان ڌاريان پڻ لطف وٺندا رهون ٿا.

جپاني زبان ۾ ڪيترا فعل (Verbs) آهن، جن جي پويان لفظ Mono لڳائڻ سان اسم ٿيو پون، جيئن Taberu (معنيٰ کائڻ) جي پويان مونو لڳائڻ سان Tabe_mono (تابي مونو) ٿئي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي ’کاڌو‘. اهڙيءَ طرح Nomu جنهن جي معنيٰ آهي پيئڻ، ان جي پويان مونو لڳائڻ سان Nomimono لفظ جڙي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي ڪوبہ مشروب (Drink). ڪنهن يورپي عورت کي (جنهن کي جپان ۾ سال کن ٿي ويو هو ۽ ٿوري ٿوري جپاني ڳالهائين ٿي) ان

کي لفافي تي هٽڻ لاءِ By Air اسٽيڪر جي ضرورت هئي، جيئن هن جو خط سندس ملڪ هوائي جهاز رستي وڃي سگهي.

”مهرباني ڪري مون کي ايئرميل تسڪيمونو Tsukemono ته ڏجو.“ هن پوسٽ آفيس ۾ ڊگهي قطار اڳيان پنهنجي واري اچڻ تي زور زور سان ڪلارڪ کي چيو. اهو ٻڌي ڪلارڪ ۽ قطار ۾ بيٺل جپاني وائڙا ٿي ويا ته هيءَ مائي پوسٽ آفيس کي غلطيءَ ۾ سپر مارڪيٽ سمجهي آئي آهي.

در اصل چنبڙائڻ (To Stick) جو جپاني لفظ Tsukeru آهي ۽ هن مائيءَ To Stick مان اسم Sticker ناهڻ لاءِ تُسڪيرو لفظ جي پويان Mono لڳائي Tuskemono لاءِ گهر ڪئي. هن پنهنجي حساب سان ته صحيح سوچ ڪئي پر در اصل ان لفظ جي معنيٰ ”آچار“ آهي. (مٿيون اصول Mono لڳائڻ وارو هر لفظ سان روا ناهي. فقط ڪجهه لفظ ئي مونو لڳائڻ سان ان جا اسم ٿيو پون.)

ان قسم جي غلطين کي عام طرح Bloops سڏجي ٿو ۽ جپان ۾ ڌارين ماڻهن (غير جپانين) کي گائيجن (Gaijin) سڏين. ڪڏهن گائيجن بلوپس(ڌارين جون مزيدار غلطيون) هتي جي اخبارن ۽ رسالن ۾ به اچن. هڪ دفعي هتي جي هڪ مزاحيه ٽي وي چئنل TBS تان ان قسم جو Bloops ٻڌايائون، جيڪو هن ريت آهي.

جپاني زبان ۾ بوٽ کي ڪوتسو (Kutsu) چئبو آهي ۽ Takai معنيٰ بلند مٿاهون،Tall. هڪ گائيجن (ڌاريون همراهه) هڪ مِني اسڪرٽ پهريل خوبصورت جپاني ڇوڪريءَ جي ڪڍ پئي ويو. ڇوڪريءَ کي تمام ٿلهي سول (تَري) وارو سئنڊل پاتل هو. هڪ هنڌ اڪيلائيءَ ۾ موقعو ڏسي هن ڳالهائڻ جي بهاني ڇوڪريءَ جي سئنڊل (Kutsu) جي تعريف ڪرڻ چاهي ٿي ته اهي ڪيترو ته مٿي آهن. پر هو وائڙو ٿي ويو جڏهن ڇوڪريءَ ان تعريف جي بدلي ۾ ڪيس مهرباني (Ari Gato) چوڻ بدران نوڪي ٿڦڙ وهائي ڪڍي.

در اصل هي انگريز همراهه "Kutsu Ga Takai Ni" (تنهنجا سئنڊل ڪيترو ته مٿي آهن) چوڻ بدران چئي ويو "Ketsu Ga Takai Ni) جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته تنهنجون ڏڌيون (Buttocks) ڪيتريون ته مٿاهيون آهن. ڇو جو Ketsuمعنيٰ Buttocks.

# جپان مختصر طور

جپان چئن وڏن ٻيٽن جو مجموعو آهي. اتر ۾ هڪيدو ٻيٽ آهي تہ ڏکڻ ۾ ڪيوشو جيڪو بلڪل ڏکڻ ڪوريا جي پرسان آهي، جنهن جي هڪ شهر فڪوئوڪا ۾ اڄ ڪلهہ آئون رهان ٿو ءِ هي لکي رهيو آهيان. موجي ۽ شمونو سيڪي پر وارا بندرگاهہ آهن. بهرحال مٿين ٻن ٻيٽن کان علاوه انهن جي وچ ۾ سڀ کان وڏو ءِ اهم ٻيٽ هونشو ۽ ننڍو ٻيٽ شڪاڪو آهي. ان کان علاوه ڪيترائي ننڍا ننڍا ٻيٽ ڏکڻ طرف ائين هليا وڃن ٿا، جيئن لغڙ جي هڪ ڪنڌ کان هن جو اڳڙين جو پيچ هوندو آهي. جپان جي ڪل ايراضي پوڻا چار لک ڪن چورس ڪلوميٽر آهي ۽ اڄڪلهہ آدمشماري تيرهن ڪروڙ آهي.

جپان ۾ 99 سيڪڙو سندن جپاني آهن، باقي هڪ سيڪڙو ۾ چيني، ڪورين ۽ ڪجهہ ٻين ملڪن جا اچي وڃن ٿا. جپان ۾ 85 سيڪڙو جبل ئي جبل آهن، باقي ڪو 15 سيڪڙو ڪن زمين تي ماڻهو بہ رهن ٿا تہ ٿوري گهڻي پوک بہ ٿئي ٿي. يعني عوام تمام گهڻو آهي پر پوک لاءِ ڌرتي نہ برابر هجڻ ڪري هنن کي کاڌي پيتي لاءِ ٻين ملڪن ڏي نهارڻو پوي ٿو. جڏهن ٻين ملڪن سان آمد رفت نہ هئي تہ هنن کاڌي پيتي لاءِ سمنڊ جي هر شيءِ، گاهہ ۽ گانگٽن کان وٺي زهريلي پفر

مڇيءَ کي ڪائڻ جوڳو بنائي پيٽ ڀريو ٿي. اڄ بہ ساموندي گاهہ مان ڪيتريون ئي شيون ٺاهيون وڃن ٿيون ۽ مڇي ۽ گانگٽن جا خبر ناهي ڪهڙا قسم سپر مارڪيٽن ۾ نظر اچن ٿا.

جپان زلزلن، طوفانن ۽ آتش فشان جبلن (Volcanoes) جو ملڪ آهي. سال ۾ ڏيڍ هزار کن ننڍا وڏا زلزلا اچن ٿا. زلزلن ۽ آتشفشان جبلن ڪري جپان ۾ ڪيترائي گرم پاڻيءَ جا چشما آهن، جن مان هتي جا ماڻهو لطف اندوز ٿين ٿا، جو هت سال جو وڏو حصو ٿڌ رهي ٿي ۽ هنن کي مفت ۾ گرم پاڻي مليو وڃي. هڪيدو ۽ هونشو ٻيٽ (جنهن ۾ ٽوڪيو، يوڪوهاما، اوساڪا ۽ ڪوبي جهڙا شهر اچي وڃن ٿا) تي سياري ۾ برفباري بہ ٿئي ٿي. سال جو وڏو حصو مينهوڳي ۽ طوفان رهن ٿا ۽ سمنڊ پڻ تمام خراب رهي ٿو. هڪ اهو بہ سبب آهي جو هتي جا ماڻهو سٺا Sea_farers آهن. گهڻا ۽ وڏا طوفان (Typhoons) هن ڏاکڻي ٻيٽ ڪيوشو کي Hit ڪن ٿا. هن ملڪ جي پنهنجي پنهنجي موسم آهي، ڪٿي سيءَ آهن تہ ڪٿي مينهن ۽ گرميون. نوڪري يا تعليم لاءِ ڌارئين ملڪ ۾ ويندڙ کي هر موسم ۽ ماحول کي منهن ڏيڻ کپي. ملائيشيا جي هڪ دوست جو پٽ گهڻو اڳ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي موٽي ويو تہ ”ڪراچيءَ ۾ سيءُ آهي“. هاڻ ڪراچيءَ جو سيءُ ڇا هوندو، ان کان وڌيڪ تہ لاهور، پنڊي ۽ اسلام

آباد ڏي ٿئي ٿو ۽ اجا بہ گهڻو انگليند ۽ يورپ پاسي. پر جيئن تہ ملائيشيا ۾ ٻارهو ئي گرم موسم، گهم، گهُٽ، گرمي ۽ مينهوڳي رهي ٿي، ان ڪري هن کي ڪراچيءَ جو سيءَ بہ گهڻو لڳو. ان ڪري ملائيشيا جا ماڻهو ننڍي ڪند جي ماڻهن وانگر موسم جي مقابلي ۾ سخت نہ هجڻ ڪري يورپ جي ٿڌن ملڪن ۾ گهٽ نظر اچن ٿا. آسٽريليا ڏي گهڻو ويندا خاص ڪري انهن صوبن وارين يونيورسٽين ۾ جتي سيءَ جو نالو نہ آهي. بهرحال هاڻ تہ هننکي پرديس وڃڻ جي ضرورت ناهي جو پنهنجي ئي ملڪ ۾ هنن وٽ هر قسم جا ۽ اعليٰ معيار جا تعليمي ادارا ٿي پيا آهن، نہ تہ 1980ع تائين انٽر ڪري مئرين انجنيئرنگ جي بنيادي(Pre_Sea) تعليم لاءِ بہ هو پاڪستان يا انڊيا آيا ٿي.

هونءَ اسان جي ملڪ جا بہ ڪي ڪي اهڙا نازڪ ۽ نخريلا ثابت ٿيا آهن جو تعجب ٿو لڳي. هن بيروزگاريءَ سخت مقابلي جي دؤر ۾ هڪ همراهہ کي ملائيشيا ۾ سٺي پگهار سان نوڪري ملي. هر ڳالهہ ۾ پاڻ خوش هجڻ جي باوجود هن کي اها ڇڏي ملڪ موٽڻو پيو جو هن جي زال کي ملائيشيا جي روزاني مينهن ۽ ان ۾ ٽيندڙ ڪنوڻ جي نڪائن ڪان ڊپ ٿي لڳو_شايدمائٽ ۽ انهن جون ڪچهريون ٿي ياد آيس ۽ غريب مڙس جو سونهري موقعو وڃائي ڇڏيائين. اهڙن ماڻهن

کي گھٽ ۾ گھٽ اھوسوچڻ کپي تہ ملائيشيا انڊونيشيا جي سخت مينھن ۽ اتر يورپ (ناروي، سئيڊن، فنلئنڊ) جي منفي ٽيمپريچر ۽ برف باريءَ ۾، سعودي عرب ۽ ڪويت جي گرمين ۾، آفريڪا جي ريتيءَ سان ڀريل ھوائن ۾، آخر اتي جا مڪاني ماڻھو ۽ ٻيا ڪيترائي آمريڪن ۽ يورپين جھڙا ڏاريان بہ تہ رھيا پيا آھن.

بھرحال جپان جي موسم جيڪا بھار ۾ واقعي بھار ٿيو پوي، اھا سياري ۾ تمام سخت تڪليف واري رھي ٿي ۽ آگسٽ سيپٽمبر ۾ سخت طوفان (Typhoons ۽ Cyclones) بہ لڳن ٿا ۽ زلزلا تہ سڄو سال ھلندڙ رھن ٿا. پر ان ھوندي بہ ٻارھوئي مارڪيٽ، بازارين، آفيسن ۽ ريلوي اسٽيشنن تي ھل چل پھل لڳي پئي آھي ۽ ماڻھو مرڪندي نظر اچن ٿا ۽ ھر ڳالھہ_ موسم توڙي ماحول مان Enjoy ڪن ٿا.

## تواريخي Recap

660 BC_شھنشاھہ جموءَ جي جپان تي حڪمراني شروع ٿي.

1542 AD_ جپان ۾ پورچوگالي آيا.

1637 AD_ جپانين سندن ملڪ ۾ رھندڙسيني ڌارين کي لوڏي ڪڍيو.

1854 AD _ USA نيويءَ جو ڪموڊور مئٿيو پيري ڳلَ وارو جهاز بنا موڪل جي ٽوڪيو Bay (سمنڊ) ۾ ڪاھي آيو ۽ جپانين تي آمريڪا سان واپار شروع ڪرڻ لاءِ زور ڏنو.

1868 AD _شهنشاھ ميئجيءَ (Meiji) پنهنجي ملڪ ۾ مغربي پروگرام (Westernization) جي ھمٿ افزائي ڪئي.

1894 AD _ چين سان جنگ بعد جپان پنهنجي فوجي طاقت کي وڌائڻ لڳو.

1941 AD _ ڊسمبر ۾ جپانين پرل ھاربر ۾ آمريڪن تي حملو ڪيو.

1945 AD_ آگسٽ جي مهيني ۾ آمريڪن جپان جي شهر ھيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي بم ڪيرايو ۽ وڏي لڙائي ختم ٿي.

1952 AD_ جپان کي حڪومت ڪرڻ جي خودمختياري ڏني وئي.

1960 AD _ جپان ۽ آمريڪا ھڪ ٻئي جي بچاءَ ۽ Cooperation جي معاھدن تي صحيح ڪئي.

•

جپاني حڪومت جا پنهنجي ملڪجي حڪومت وانگر ٽي ٽنيا آهن: ليجسليٽو يعني قانونسازيءَ جو ادارو، جنهن کي Diet سڏين ٿا، ٻيو انتظاميا (Executive)، جيڪو ڪابينا (Cabinet) جي هٿ هيٺ ڪم ڪري ٿو ۽ ٽيون عدليه (Judiciary) جيڪو ڪورٽن جي هٿ ۾ آهي.

قومي Diet ٻن حصن ۾ ورهايل آهي: نمائندن جي اسيمبلي ۽ ڪائونسلرن جي اسيمبلي، جن جي ميمبرن کي عوام ووٽ ذريعي چوندي ٿو. ملڪ جي وزيراعظم جي چونڊ ڪابينا ڪري ٿي ۽ ملڪ جو شهنشاهه جيڪو قوم جو Symbolic Head آهي، اجازت ڏئي ٿو. 1955ع کان وٺي 1993ع تائين فقط هڪ سياسي پارٽي LDP (لبرل ڊيموڪريٽڪ پارٽي) ڪٽيندي ٿي آئي ۽ هاڻ ملڪ جون واڳون Coalition گڏيل حڪومت جي هٿ ۾ آهن.

جپان 47 حصن (ضلعن) ۾ ورهايل آهي، جن کي Prefectures سڏجي ٿو. جپان دنيا جي انڊسٽرل طاقت سڏجي ٿو ۽ ٻي وڏي لڙائيءَ ڪانپوءِ هن ملڪ جي ايڪانامي وڃي بهتر ٿيندي، جيتوڻيڪ جپان کي قدرتي وسيلا تمام ٿورا آهن. مينهن ضرور پوي ٿو پر پوک لاءِ ڌرتي ناهي، چوڌاري جبل ئي جبل آهن. ماڻهن کي رهڻ لاءِ گهر ئي ننڍڙا آهن. آفيسون ننڍڙيون، اسڪولن جا ڪمرا ننڍڙا، جاءِ

بچائڻ لاءِ انجيسن (Hinges) وارن دروازن بدران سلاڊنگ دروازا آهن. جبلن ۾ به نه لوهه نه ٽامون، نه گئس، نه پيٽرول، هن ملڪ جي ترقيءَ جو راز هتي جا سخت جان ۽ باضمير ماڻهو آهن. هتي جا مرد ظالم (جنهن جو ثبوت ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ سندن ڏارين سان خراب سلوڪ مان ملي ٿو)، ڏنگا ۽ ويندي پنهنجين زالن سان وڙهڻ وارا ضرور آهن. زال ڪوجهي ٿي وئي آهي، پنهنجي ٽاهه جوڙ نٿي ڪري، سٺي خدمت نٿي ڪري يا ڪو ٻيو بهانو بنائي هڪ جپاني مرد زال کي ڇڏي سگهي ٿو پر هڪ دفعو ڪنهن آفيس يا فئڪٽريءَ ۾ ڪم ملڻ بعد، هن لاءِ اها ڇڏڻ بي عزتي، بي حيائي ۽ اصول جي خلاف آهي ـــ چاهي اها آفيس، ڪمپني يا فئڪٽري نقصان ۾ وڃي هلي، ڪُتجي نندي ٿي وڃي. بونس ۽ ٻيا فائدا ته نهيو پر پگهار به وقت تي نه مليس ته به هو بنا ڪنهن پرواهه جي ان سان لڳا رهندا ۽ ويتر وڌيڪ محنت ڪندا ته شل اها وري پنهنجن پيرن تي اچي وڃي. جپانين جون اهي ئي ڳالهيون آهن جن هن ملڪ کي اتاهون بنايو آهي. هنن کي وقت جو قدر آهي. خود يورپي به چوندا آهن ته هو ڪلاڪ ڪلاڪ جو حساب رکن ٿا پر جپاني منٽ به نه پر سيڪنڊن جو به حساب رکن ٿا ۽ ترقي جا اهي جي معيار سوچجن ته اسان ته ڏينهن جو نه پر مهينن جو حساب نٿا ڪريون. ٻيو ته نهيو پر اسان جا ڪاليج ۽ يونيورسٽيون

ڪارخانا ۽ فئڪٽريون مهينن جي حساب سان بند پيون هونديون ته به پرواهه ناهي. جپاني منٽ منٽ، سيڪنڊ سيڪنڊ جو حساب ڪيڏي خيال سان رکن ٿا، ان جو احوال جپان بابت هڪ سفرنامي ”جپان جن جي جيءَ سان“ ۾ ڪري چڪو آهيان.

جپان ڪاڏي جي شين کان علاوه تيل، ڪپهه، سٽي ۽ ٻيو ڪچو مال ٻاهرين ملڪن کان گهرائي ٿو ۽ پاڻ موٽر ڪارون، اليڪٽرڪ ۽ اليڪٽرانڪ جو سامان ايڪسپورٽ ڪري ٿو. جپان نه فقط وي سي آر، ڪئميرائون، ڪمپيوٽر، موبائل ٽيليفون، (جنهن ذريعي هلندي چلندي Email به ڪري سگهجي، تصوير به ڪڍي سگهجي، ڳالهائي به سگهجي)، اوون، ريفريجريٽر ۽ ايئرڪنڊيشنر هلڪا، سٺا ۽ سستا ناهي ٿو پر هر سال انهن جا ماڊل به بدلائي ٿو جيئن هنن جي شين جو وڪرو هلندو رهي. ائين نه ٿئي ته خريدار هڪ دفعو شيءِ خريد ڪرڻ بعد سڄي زندگي اهائي ساڳي شيءِ: واچ، ڪئميرا، موبائل فون رکيو وينو هجي ۽ وڌيڪ خريداري نه ڪري. ائين ته پوءِ هنن جپانين جا ڪارخانا بيهي ويندا ۽ پوءِ هنن جي ڪمائي ڪٿان ٿيندي جو ڊارين ملڪن مان اناج گهرائين. انسان ته جيستائين جيئرو آهي هن کي پيٽ پرڻ لاءِ اَنُ کپي، جنهن جي جپانين وٽ کوٽ آهي. مينهن نه پوڻ ڪري اناج جي کوٽ عرب ملڪن ۾ به آهي پر اهو ان جو پورائو قدرت

طرفان مليل تيل سان ڪري سگهن ٿا. هو گهر ويٺي ڏرتيءَ مان نڪتل تيل وڪڻي دنيا جي هر شيءِ گهرائي سگهن ٿا ۽ هر عياشي ڪري سگهن ٿا پر جپانين کي نہ عربن وارو تيل آهي ۽ نہ اسان جي ملڪ واري سئي گئس. نہ ڏکڻ آفريڪا واريون هيرن جون کاڻيون آهن ۽ نہ نيو ڪئسٽل وارو ڪوئلو. هنن لاءِ فقط هڪ ئي Alternative آهي ۽ اهو آهي سخت پورهيو ۽ پورهيو. جپاني هڪ روبوٽ وانگر سڄو ڏينهن محنت مزدوريءَ ۾ لڳل رهي ٿو. هتي جي ڪن ڪن آفيسن ۾ فقط صبح جو پهچڻ جو وقت هوندو آهي، جنهن تي هو پابنديءَ سان پهچي ٿو ۽ پوءِ اٺ ڪلاڪن بدران هن کي ٻارهن ڪلاڪ بہ ڪم ڪندي ٿيو وڃن. يا ڪن آفيسن ۾ موڪل جو وقت چار يا پنج آهي تہ بہ هي تيستائين آفيس يا فئڪٽري نٿا ڇڏين جيسين ڪم پورو نہ ٿئي. هنن کي گهر ٻار، زال، راند روند، گهمڻ ڦرڻ، ڪچهريءَ کان وڌيڪ اهم ۽ ضروري پورهيو آهي. ان ڪري دنيا جا ماڻهو هنن (جپانين) کي Workaholic ٿا سڏين ۽ پورهئي سان اهڙن چرين پنهنجي ملڪ کي دنيا جو امير ترين ۽ سهڻو ملڪ بنائي ڇڏيو آهي.

# ڪجھ تعليم بابت

جپان ۾ هر ٻار لاءِ ڇهه سال ايليمينٽري اسڪول جي ۽ ٽي سال جونيئر هاءِ اسڪول جي تعليم ضروري آهي. ان کان اڳ گھڻو ڪري هر ٻار نرسري اسڪول ۽ ڪنڊرگارٽن ۾ به وڃي ٿو.

جونيئر هاءِ اسڪولبعد اٽڪل 95 سيڪڙو ٻار سينئر هاءِ اسڪول ۾ وڃن ٿا ۽ اتان پوءِ 30 سيڪڙو ٻار وڏيڪ تعليم لاءِ ٻه سال يا چار سال ڪاليج جا پڙهن ٿا ۽ پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ يونيورسٽين ۾ وڃن ٿا. سختمقابلي ۽ مهانگي تعليم هجڻ ڪري جپاني ٻارن کي سخت محنت ڪرڻي پوي ٿي. جپاني الفابيٽ ئي ايڏي وڏي آهي جو فقط ان جي ڀيٽ ۾ اسان جي توڙي يورپ جي پرائمري تعليم ڪجھ به نه آهي، جتي ٻارن کي انگريزيءَ جا فقط 26 اکر ۽ اسان وٽ اڙدو عربي يا گھٽي ۾ گھٽا ته سنڌيءَ جا 52 اکر سکڻا پون ٿا ۽ زير، پيش ۽ زبر لاءِ فقط ٽي آسان نشانيون آهن. هتي جپان ۾ ٻارن کي ٽي الفابيٽون سکڻيون پون ٿيون. جونيئر هاءِ اسڪول کان انهن ٽنهي ۾ هڪ ئي وقت لکڻو پوي ٿو. انهن ٽن الفابيٽن مان به ڪاتا ڪانا ۽ هيرا گانا اسان جي الف بي (ABCD) وانگر آوازن واريون آهن ۽ ٽي ڪانجي جيڪا چيني زبان تان ورتي وئي آهي، اها شڪلين واري آهي. ڪاتا

ڪاناءِ هيراگانا مان هرهڪ ۾ 76 اکر آهن ۽ شڪلين واري ڪانجيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ پنجن کان اٺ هزارن تائين شڪليون ياد ڪرڻيون پون ٿيون.

مٿين اسڪولن کان علاوه اڄڪلهه ڪيترائي شاگرد اڳتي جي داخلا لاءِ ٽيوشن ٽائيپ (Prepatory Schools) ۾ پڙهن ٿا, جن کي جپانيءَ ۾ جُوڪو (Juku) سڏجي ٿو.

سال جي موڪلن ۾ نئين سال جي موڪل پهرين جنوريءَ تي ۽ قومي ڏينهن جي موڪل يارهين فيبروريءَ تي ٿئي ـــ جنهن ڏينهن تي چون ٿا ته جپان جو پهريون شهنشاهه سج تان لهي دنيا جي هن حصي (جپان) تي آيو ۽ تخت تي ويٺو.

جپان ۾ هر پندرهين جنوريءَ تي موڪل انهن ٻارن جي شان ۾ ٿيندي آهي, جيڪي ويهه سال جا ٿيندا آهن.جپان ۾ بالغ ٿيڻ جي سرڪاري عمر 20 سال آهي. (اسان وٽ يا يورپ ۾ 18 سال آهي) ان عمر کي پهچڻ وارا ٻار سال جي 15 جنوريءِ کان وٺي پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪم ڪري سگهن ٿا. هو سگريٽ توڙي شراب پي سگهن ٿا ۽ ووٽ ڏيڻ جو پڻ حق رکن ٿا.

هنن کي سگريٽ توڙي شراب جي اجازت ملي ويندي آهي, ان جو ڪو اهو مطلب نه آهي ته جتي منع هجي اتي به سگريٽ پي

سگهن ٿا يا شراب پي گاڏي هلائين يا دنگو فساد ڪن. قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي پوءِ هنن کي سزائون به وڏن واريون ملن ٿيون. باقي 20 سالن کان گهٽ عمر ۾ هو ٻار ليکيا وڃن ٿا ۽ هنن جي ناپسنديده حرڪت جي مائٽ شڪايت ڪري سگهن ٿا ۽ جپان اهو ملڪ آهي، جنهن ۾ وڏا ته وڏا پر ٻار به پوليس کان ڊڄن ٿا. هر هڪ کي خبر آهي ته هتي جي پوليس وڏي همدرد ۽ مددگار آهي پر ڏوهه ڪرڻ تي اها سختي به ڪري ٿي ۽ ڪنهن جي به اثر ۾ نٿي اچي.

اسان جي ايشيائي ملڪن ۾ ڌارين ملڪن جا ماڻهو خاص ڪري يورپي گورا، جيئن وڻندو اٿن تيئن پيا ڪندا آهن. پوليس به کين غلط ڪم لاءِ ڇينڀيندي نه آهي پر ڏوهن ۽ قانون جي ڀڃڪڙيءَ تي جپان ۾ پوليس گورن کي به نٿي بخشي. منهنجي هتي هجڻ دوران ٽوڪيو جي ڪنهن پارڪنگ لاٽ ۾ نيوزيلينڊ جي هڪ 25 سالن جي خاتون پنهنجي گاڏي ٻي جي مقرر ٿيل هنڌ تي پارڪ ڪئي. ڊيوٽيءَ تي بيٺل سنتريءَ منع ڪئيس پر هن ڪا پرواهه نه ڪئي. جنهن تي سنتريءَ يڪدم پنهنجي انچارج کي وائرليس ذريعي نياپو ڪيوءِ بقول ان نيوزيلينڊر مس ڊيليا جي ڪيس پنڌرهن پوليس وارن هٿ پير ٻڌي ڪٽي چورن جي گاڏيءَ ۾ ڦٽو ڪيو ۽ هفتو کن جيل جون هوائون کائيندي رهي. اخبار وارن کي به اهڙي قسم جون خبرون ڪپن

تن ٿوڪي سندس ڪماٽي فوٽو سميت اخبار ۾ ڏئي ڇڏي تہ ٻلي ٻيا ڏاريان بہ سبق سکن ۽ سندن ملڪ جي ماڻهن کي اهو احساس نہ ٿئي تہ سندن پوليس رڳو پنهنجي ملڪ جي ماڻهن کي سزائون ڏئي ٿي.

اسڪول ۽ آفيسن جي ساليانين موڪلن ۾ هڪ دلچسپ موڪل جو ڏينهن 15 سيپٽمبر پڻ آهي، جيڪو ”پوڙهن لاءِ عزت جو ڏينهن“ سڏجي ٿو. جپان ۽ يورپ ۾ اهو فرق آهي جو هن پاسي پوڙهن جي عزت ۽ خيال رکيو ويجي ٿو. پوڙهن جي عزت نہ فقط سندن اولاد پر پاڙي وارا سڀ ڪن. ننڍي هوندي ئي ٻارن ۾ وڏن جي عزت ڪرڻ جي عادت وجهڻ لاءِ اسڪول جون ماسترياڻيون ٻارن کي پاڻ سان وٺي گهرن ۽ اسپتالن ۾ پوڙهن سان ملائين ۽ کين سندن هٿ چُمڻ لاءِ چون. ٻارن کي مائٽ تحفا ڏئي موڪلين، جيڪي هو انهن پوڙهن کي ڏين.

جپان ۾ 5 مئي ٻارن جو ڏينهن ملهايو ويجي ٿو. ان ڏينهن تي ٻار پنهنجن گهرن مٿان جهنڊي جي ڏنڊي ۾ پني جون ٺهيل ڊگهيون مڇيون لڙڪائين. مڇي همٿ ۽ مشڪل کي منهن ڏيڻ جي علامت سمجهي ويجي ٿي، جيڪا خاصيت ٻارن ۾ هئڻ کپي.

موجوده شهنشاهہ اخيتو جي جنم ڏينهن (23 ڊسمبر) تي پڻ سڄي جپان ۾ موڪل ٿئي.

ملائيشيا ۽ سنگاپور وانگر هتي جپان ۾ پڻ جيڪڏهن ڪو
موڪل جو ڏينهن ڇنڇر يا آچر تي اچي ٿو ته پوءِ ان جي بدلي ۾ سومر
جو ڏينهن موڪل ڪيو وڃي ٿو. هتي اسڪول توڙي آفيسون هفتي جا
ٻه ڏينهن ڇنڇر ۽ آچر بند رهن. هفتي جا باقي پنج ڏينهن ماڻهو ڊيوٽي ڪرڻ
وانگر پورهيو ڪن.

# جپان ۾ مذهب جي حيثيت

جپاني ماڻهو محبتي ضرور آهن، هو واپاري قسم جا ۽ ٽيڪنيڪل مائينڊ پڻ آهن پر مذهبي نہ آهن. جيتوڻيڪ پراڻين ريتن رسمن ۽ وهمن وسوسن کي هواج بہ زنده رکندا اچن. هونءَ مذهب جي ڪاتي ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ هتي بہ مذهب آهن: هڪ شنتو ۽ ٻيو ٻڌ ڌرم.

ٽيون وجي ٿو تہ سڄي جپان ۾ هڪ في صد يعني ڏهہ لک ڪن عيسائي آهن. ڪيترن هنڌن تي عيسائين جا گرجا گهر آهن، عيسائيت جي تبليغ ڪندڙ ادارا ۽ YMCA ٽائيپ سوسائٽيون آهن، جيڪي جپانين کي عيسائي بنائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهن ٿيون پر اڳ بہ ۽ هاڻ بہ ڏسان پيو تہ جپانين جو پنهنجو ئي اسٽائيل آهي. ڪيترن جو عيسائيت سان واسطو فقط نئين سال ۽ ڪرسمس ڊي ملهائڻ تائين محدود آهي. ان ۾ ڪوشڪ ناهي تہ ڪيترائي نوجوان جپاني ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون مغرب مان متاثر هجڻ ڪري اتي جي ڪيترين ئي شين کي پسند ڪن ٿا، جهڙوڪ: پاپ ميوزڪ، بيس بال، ريسلنگ کان سئنٽا ڪلاز ۽ ڪرسمس ڊي ملهائڻ تائين.

جپان جي مذهب شنتو (Shinto) ۾ مري ويلن جي روحن جي پوڄا ڪئي ويجي ٿي. هن مذهب جو لکت ۾ ڪو ڪتاب يا Doctrine نہ آهي. جنهن مندر ۾ شنتو مذهب جا پوئلڳ عبادت لاءِ وڃن ٿا، اهو جپاني زبان ۾ جنجا (Jinja) سڏجي ٿو. شنتو مندر (جِنجا) جي داخلا واري در وٽ پٿر جا ٿهيل ٻہ ڪتا ويٺل هوندا آهن، جيڪي ڪوما_اينو سڏجن ٿا. هڪ جو وات پٽيل هوندو آهي (جيڪو آ سڏبو آهي) ۽ ٻئي جو وات بند هوندو آهي (۽ اهو اُن UN سڏجي ٿو). هن مندر جي نشاني هالا جي باب نوح جهڙو پر ڪاٺ جو دروازو هوندو آهي، جيڪو ’توري ئي‘(Torii) سڏجي ٿو. منهنجي جپان تي لکيل ٻن ڪتابن ”جپان جن جي جيءَ سان“ ۽ ”ڳالهيون جپان جون“ جي ٽائيٽل تي هڪ مشهور شنتو مندر جو’توري ئي‘ (دروازو) آهي. اهو دروازو جپانين جي عقيدي مطابق، روزمره جي زندگي ۽ پوءِ جي روحاني زندگيءَ جي وچ ۾ بائونڊري لائين جو ڪم ڏئي ٿو. مندر جي وڏي هال ۾ هڪ پاڻيءَ جي نادي هوندي آهي جنهن ۾ رکيل ڪَرين سان پوڄاري پنهنجا هٿ ڌوئين ۽ گرڙيون ڪري، پوءِ اندر مندر ۾ گهڙن. اها وضوءَ جي نادي چوزُويا يا تيمِيزويا *Chōzu_ya* or *temizu_ya* (手水舎) سڏجي ٿي. اهو هنن جو هڪ قسم جو جڻ وضو ڪرڻ آهي.

مندر ۾ جيڪا چندو يا نذرانو رکڻ جي ڪاٺ جي پيتي ٿئي، جهڙي اسان وٽ درگاهن ۽ اوليائن جي مزارن تي ٿئي ٿي ان ۾ نهيل سير (Slot)ذريعي سِڪا ۽ نوٽ وجهن. اها پيتي Saisen bako سڏجي. مندر ۾ گهنڊ بہ ٿئي، جيڪو مندر جي پادري چواڻي، پوڄاريءَ جي وڄائڻ سان، ديوتا هوشيار ٿيو وڃي تہ ڪو پوڄا پاٺ لاءِ آيو آهي ۽ بقول ظفر شيخ جي جيڪي ديوتا گهنڊن بنا سجاڳ نٿا ٿيو سگهن، اهي ٻي جي مشڪل وقت ۾ ڪهڙي مدد ڪندا. اهو گهنڊ Suzu سڏجي ٿو ۽ مندر جو ٻائو ”ڪان نوشي“(Kannushi)سڏجي ٿو جيڪو سڄي مندر جي روزمره جي ڪاروبار جو جوابدار هوندو آهي. مندر جي ڪم ڪار لاءِ نوجوان ڇوڪريون پڻ هونديون آهن، جيڪي Miko سڏجن.

ٻڌن جي مندر ۾ ننڍو يا وڏو فقط گوتم ٻڌ جو Statue ٿئي، جنهن جي اڳيان پوڄاري هٿ ٻڌي جهڪي جهڪي پوڄا ڪن. خير جهڪڻ ۾ تہ جپاني ماهر آهن. ڪيڪار ڪڙي هجي يا معافي _ هر ڳالهہ تي جپاني جهڪندا رهن ٿا. ڪالهہ جي جپان ٽائيمز (هتي جي انگريزي اخبار) ۾ هو تہ هر جپاني روزانو سراسري 250 کان 300 دفعا جهڪي ٿو.

ٻڌ ڌرم جي هر مندر ۾ ڪجهه ڪتاب رکيل ٿين، جن مان ڪڏهن ڪڏهن ٻائو پوڄارين کي پڙهي ٻڌائي. ٻڌن جي مندرن ۾ ڏگها منارا Pagoda ٿين، جن کي جپاني Goju_No_To سڏين. هندستان ۾ جتان ٻڌ ڌرم شروع ٿيو اتي ٻڌن جي مندر جو اهو منارو فقط هڪ حصي ۾ ٿئي ۽ استوپا سڏجي. چين ۽ ڪوريا کان ٿيندو ٻڌ ڌرم جپان پهتو ۽ منجهس ڪيتري ئي ڦير گير آئي. اهو استوپا جيڪو هتي Goju_No_To ٿو سڏجي، پنج ماڙ ٿئي. قبرستان ۾ جيڪو نشاني خاطر پٿر رکن ٿا اهو به پنجن حصن ۾ ٿئي، جيڪو ٻڌن جي ڪائنات جي نمائندگي ڪري ٿو. سڀ کان هيٺيون پٿر ڌرتي، ان بعد پاڻي، پوءِ باهه، پوءِ هوا ۽ آخري ۽ مٿيون پٿر آسمان جي نشاني سمجهي وڃي ٿي. اهو پنجن حصن وارو پٿر جپانيءَ ۾ گورنٽو سڏجي ٿو.

ٻڌن جي مندر ۾ به گهنڊ ٿئي، جيڪو Bonsho سڏجي ٿو. ٻڌن جي عقيدي مطابق نئين سال جي شام جو اهو بيل انسان جون 108 خراب خواهشون ڀڄائڻ لاءِ 108 دفعا وڄايو ويندو آهي.

# هڪ جپاني فئمليءَ سان ملاقات

ڪالهه اسان وٽ ’ياسو چيڪا سَانُ‘ ۽ سندس زال ’نائوڪوسَانُ‘ گهمڻ لاءِ آيا. هو فڪوڪا ايئرپورٽ جي پرسان رهن ٿا ۽ اسان واري شهر ڪوڪورا کان ڪلاڪ ڪن جيپنڊ تي آهن. ياسو جيڪو هتي جي هڪ ڪاليج ۾ پرنسپال آهي ۽ سندس زال ڪنهن آفيس ۾ ڪلارڪ آهي. کين ٻه پٽ 24 ۽ 22 سالن جا آهن. وڏو ميوزڪ ٽيچر آهي ۽ ننڍو واڇا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي پيو. هنن کي جيئن ئي خبر پيئي ته اسان پاڪستان کان آيا آهيون ته هنن يڪدم فون ڪيو ته ملاقات ٽيڻ ڪپي.

”جڏهن چئو ته اسان اچون.“ مون چيومان.

”چڱو پلا اسان اچون ٿا، ڇو جو اسان توهان جو گهر ڳولهي ويندا سين پر توهان لاءِ اسان جو گهر ڳولهڻ ڏکيو ٿيندو.“

”اهو به صحيح آهي.“

”اسان پوري ٽين بجي توهان وٽ ايندا سين.“ ياسوچيڪا سَان ٻڌايو. جپانيءَ ۾ مرد توڙي عورت جي نالي پٺيان عزت خاطر San لڳايو ويجي ٿو جيئن پاڻ وٽ محترم يا محترمه فلاڻو يا فلاڻو صاحب... وغيره.

هتي جي رواج موجب ٽين بجي منجهند جو اچڻ معنيٰ مانيءَ جي تڪليف نہ ڪجو. هونءَ جپاني اسان پاڪستاني، انڊين ، ڪشميرين ۽ ملئي ماڻهن جي گهر ۾ ماني کائڻ پسند ڪن ٿا جو هنن کي اسان جي کاڌي جو ٽيسٽ وڻي ٿو. خاص ڪري ڪنهن بہ قسم جو ٻوڙ (Curry) ۽ برياني وغيره. ان کان علاوه چپاتي، اڦراٽا، دال، پڪوڙا ۽ ڪواب وغيره پڻ. چينين، ويٽنامين، فلپينين ۽ ٿائي ماڻهن جو کاڌو اسان ننڍي کنڊ جي ماڻهن لاءِ کائڻ يا پسند ڪرڻ ڏکي ڳالهہ آهي، جو هو عجيب کاڌن کان علاوه عجيب ڏپ وارا مرچ مصالا، جڙيون ٻوٽيون ۽ Cooking oil استعمال ڪن ٿا. ان خيال کان جپانين جو کاڌو صاف سٺرو ۽ سٺين خوشبوئن وارو ٿئي ٿو. جپان جي ننڍي کان ننڍي ڳوٺ جي ڪنهن هوٽل اڳيان لنگهبو تہ بہ کاڌي جي رڌجڻ يا پچڻ جي سٺي خوشبوءِ پئي ايندي، يعني اسان جي پاسي جي ماڻهن جو نڪ ان خوشبوءِ سان Adjust ٿيو وڃي. بس رڳو مسئلو حلال جو آهي. ڪيترن جپاني مسافر خانن يا هاسٽلن ۾ رهڻ دوران هو اسان جي ڪري ڪچن ۾ حلال گوشت ۽ ويجيٽيبل آئل استعمال ڪري، رڌيندا آهن تہ اسان کي سندن هر ڊش پسند ايندو هو. مڇيون ۽ گانگٽ بہ جپان جي مارڪيٽ ۾ وڪامڻ لاءِ اچن ٿا يا هوٽلن تي پچايا وڃن ٿا تہ بيحد صاف سٺرا ۽ بنا ڪنهن ککي ڏپ جي ٿين. سو هتي

جپان ۾ اسين توڙي ٻيا پاڪستاني پنهنجي جپاني مهمانن کي ماني ضرور کارائيندا آهيون، پر اسين هنن وٽ کائڻ کان نتائڻ جي ڪوشش ڪريون، جيسين هنن سان اسين ايترو فري ٿي وڃون جو پنهنجي مذهب جي Restriction بابت کين سمجهائي سگهون.

مٿي چيني کاڌن بابت لکيو اٿم. هي اهي چيني کاڌا نه آهن، جيڪي اسان پاڪستان ۾ چيني هوٽلن تي کائون ٿا. پاڪستان ۾ چيني ڊش اسان جي ٽيسٽ مطابق مصالا وجهي ٺاهيا وڃن ٿا ۽ ان ۾ ٻڪري، ڍڳي، ڪڪڙ جو گوشت ٿئي، يا ڀاڄيون ۽ مڇيون گانگٽ. پر ٻين ملڪن ۾ خاص ڪري چين ۾يا سنگاپور، هانگ ڪانگ، ٿائلينڊ ۾ يا ويندي ملائيشيا ۽ انڊونيشيا ۾ چيني کاڌو کائڻ ته پري چيني هوٽلن اڳيان لنگهڻ تي به توهان جي دل نه چوندي، جو هو هر جيت جانور ڪوئي ٻلي کان ڪتو ڪاڪروچ رڏيو تريو وينا آهن ۽ سارس جي ڦهلجڻ بعد جپاني به چينين جي ان کاڌي جي عادت مان خوش نه آهن.

اسان جي جپاني مهمان گهر اچڻ جو ٽائيم ٿي ٻڌايو ۽ جپاني وقت جا ايڏا پابند رهن ٿا، جو چاهي ڪٽي اسان جي گهڙيءَ ٽائين اڳ پهچي وڃن ته به هيڏانهن هوڏانهن چڪر ڏئي پوري وقت تي گهر ۾ گهڙندا. ان ڪري اسين به گهر ۾ ٺي ٻي اونا ٿي پنهنجي ڪم ڪار کي

۾ هنن لاءِ ڪجهه ڪواب ۽ پڪوڙن جهڙيون شيون ناهڻ ۾ لڳا رهياسين ۽ پوءِ پوڻي ٽين بجي ڏاري جپاني اسٽائيل جو ننڍن پيرن وارو ٽيبل صاف ڪري چوڏاري پٽ تي ويهڻ لاءِ گديون رکي هنن جو انتظار ڪيوسين ته پوري ٽين بجي گهر جو بيل وڳو ۽ منهنجي ڌيءَ مريم ۽ سندس مڙس ڊاڪٽر مشتاق ميمڻ ڪين در تان وٺي اندر آيا.

در اصل ياسوچيڪا سان منهنجي هيءَ پهرين ملاقات هئي. ان کان اڳ مون هن جو فقط نالو ٻڌو هو. هو ڊاڪٽر مشتاق جو به پوءِ سڃاڻو ٿيو جو ياسوچيڪا جو پٽ هيروشيما جي ان يونيورسٽيءَ پڙهندو هو، جنهن مان مشتاق پي ايڇ ڊي ڪئي. هن سان اسان جي توڙي مشتاق وارن جي واقفيت اسان جي ڀائيٽي عبدالمتين ڪري ٿي. عبدالمتين هينئر ويهن سالن جو آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۾ B.Sc. ڪري رهيو آهي. هو اڄ کان ڏهه سال کن اڳ، جڏهن پنجين ڪلاس ۾ هو ته هو هن جپاني فئمليءَ وٽ اچي رهيو هو. ان وقت جپان جي مختلف شهرن جي ٽيهارو کن فئملين دنيا جي مختلف ملڪن جي ٻارن کي موڪلن ۾ پاڻ وٽ جپان گهرايو هو. پاڪستان مان به ڪجهه ٻار ويڃا هئاءِ جيئن ته عبدالمتين ڪلاس ۾ پهريون نمبر آيو هو سو سندس اسڪول ”ڊفينس اٿارٽي اسڪول ڪراچي“ وارن هن جو نالو پڻ موڪليو ۽ چونڊجي ويو.

عبدالمتين اونھاري جي موڪل جپان ۾ ھن جپاني فئمليءَ وٽ گذارڻ لاءِ چونڊجي ته ويو پر اسان سڀني لاءِ خاص ڪري سندس ماءُ پيءُ (اشفاق) وارن لاءِ مسئلو ٿي پيو ته ھو ڪڏھن ٻاھر نه نڪتو آھي ۽ جپان ته پري ٿيو ھو ته پنھنجي ڳوٺ ھالا ۾ پُڦين وٽ به اڪيلو نه رھي سگھندو ان کان علاوه کائڻ تي به جيسين مڇيءَ مان ڪنڊو نه ڪڍي ڏي ته کائي نه سگھندو ۽ جپان ۾ ته رڳو مڇي ھلي ٿي. جپاني وھنجڻ جا شوقين _ بلڪ عبادت جي حد تائين پابنديءَ سان وھنجن، ڪنھن ڏينھن صبح جو جلدي ۾ ھجڻ ڪري نه وھنجن، پر رات جو سمھڻ کان اڳ ضرور وھنجن، چاھي ڪٽي سيارو ھجي، طوفان ھجي يا برف باري. اھا ٻي ڳالھ آھي ته ڪجھ پاڻيءَ جي بچاءَ خاطر ته ڪجھ ھتي جي ڪلچر مطابق سڀجي گھر جا ڀاتي توڙي پاڙي جا ھڪ ئي محلي ۾ تالاب ۾ گڏ وھنجن ۽ ھي اسان وارو ڇوڪرو اونھاري ۾ راند ڪري اچڻ بعد جڏھن مٽي ۾ ڏوڙ سان ڀريو پيو ھوندو آھي ته به وھنجڻ جي نه ڪندو آھي.

بھرحال چونڊ جو فارم ڀرڻ ۽ پاسپورٽ ٺھرائڻ تائين ته ھر ھڪ خوش ھو پر ھاڻ عبدالمتين جي بئگ ناھڻ وقت ھر ڪو اھو سوچڻ لڳو ته ھو ننڍو آھي ۽ اجان اچيس انگريزي به پوري پني ٿي، جپان ۾ ھڪ ڌارئين زبان ڳالھائڻ وارن جي گھر ۾ ايڏو وڏو عرصو

ڪيئن رهي سگهندو ۽ ايڏو وڏو سفر اڪيلي ڪيئن ڪندو. هن کي جپان ايئر لائين جي ٽڪيٽ موڪلي وئي هئي، جنهن مطابق ڪراچيءَ کان بئنڪاڪ ويٺو هو جتي ٽي چار ڪلاڪ ترسڻ بعد ٻئي جهاز ۾ ٽوڪيو ويٺو هو ۽ جتان پوءِ ڊوميسٽڪ فلائيٽ ۾ ٽوڪيو کان فڪوڪا ايئرپورٽ تي لهڻو هو جتي سندس ميزبان انتظار ڪرڻ لاءِ لکيو هو.

بهرحال ڪجهه مائٽن ۽ ڪجهه اسڪول جي پرنسپال همت ٻڌرائي ۽ عبدالمتين وچي جپان کان نڪتو. جڏهن موٽيو ته ڍير ڳالهين جو ڪٺي آيو ۽ جپاني ميزبانن هن جو تمام گهڻو خيال رکيو ۽ گهمايو ڦيرايو ۽ اڄ تائين هن کي پنهنجي گهر جو ڀاتي سمجهن ٿا.

جپاني مهمان مسٽر ياسوچيڪا (هاڻ San نٿو لکان جو 'سَانَ' بدران انگريزيءَ ۾ 'مسٽر' لکيو اٿم) ۽ سندس زال نائوڪو Naoko عبدالمتين جا انهن ڏينهن جا فوٽو ڪٺي آيا، جڏهن هو هنن وٽ جپان ۾ مهمان هو. سندس پٽ نوبوبوشي ۽ ماساهيرو به تن ڏينهن ۾ تمام ننڍا هئا، هو عبدالمتين کان سال ٻه وڏا ٿيندا، ٻئي ڄڻا زال مڙس ور ور ڏئي عبدالمتين جو پڇڻ لڳا. هنن ٻڌايو ته هنن عبدالمتين جو هڪ فوٽو وڏو ڪرائي ڊرائينگ روم جي ڀت تي هٽي چڙهيو آهي. هو

ڪراچيءَ جون خبرون پڇندا رهيا ۽ وچ وچ ۾ عبدالمتين جون ڳالهيون ٻڌائي کلائيندا رهيا.

”عبدالمتين هر وقت خوشبوءِ (عطر) هڻندو هو. توهان وٽ پاڪستان ۾ ٻار به هڻن ٿا. اسان وٽ عورتون ۽ ڇوڪريون هڻن.“ ياسوچيڪا ٻڌايو. دل ۾ چيم ته هن غريب کي مائٽن چيو هوندو ته جپان ۾ ڏارين وٽ گدلو ٿي نه هلجانءِ. ان ڪري هو هر وقت Spray هڻندو رهيو ٿي، جيئن هن کي پڙهائي موڪليو ويو هو.

دراصل مسٽر ياسوچيڪا جو نالو امائي زومي (Imaizumi) آهي. ياسوچيڪا سندس ذات (Family Name) آهي.

ٿوري دير بعد امائي زوميءَ جي زال نائوڪو کلندي چيو: ”عبدالمتين ڏاڍو شرمائيندو هو. هر وقت اڪيلو وهنجندو هو ته به باٿ روم ۾ ڪمري جا دروازا بند ڪري پوءِ وهنجندو هو.“

دل ۾ مون چيو اهو به شڪر آهي، سندس ماءُ پيءُ کي ته انهن ڏينهن ۾ ڊپ هو ته جپان ۾ الائي وهنجي به ٿو يا نه.

هنن همراهن وري به ٿي سٽون ”جيوي پاڪستان...“ ڳائي ٻڌايون، جيڪي هو عبدالمتين کان سکيا هئا.

بهرحال هن جپاني جوڙي سان ملي، اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي ته هو اڃا تائين عبدالمتين کي ياد ڪن ٿا ۽ عبدالمتين جو هنن جي

گهر ۾ هجڻ هڪ اهڙي ڳالهه هئي، جنهن جي ياد هنن کي هر وقت تازي رهي ٿي. ان بعد هن جپاني فئمليءَ جو وڏو پٽ مشتاق سان گڏ ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ ڪري ۽ هاڻ پر وارن شهرن ۾ اسان جي هجڻ ڪري ڪافي پنهنجائپ ٿي پيئي آهي، نه ته جپاني ماڻهو ايڏو جلد فري نٿا ٿين.

هنن ڪجهه ڪائڻ پيئڻ ۽ فوٽو ڪيرائڻ بعد هلڻ جي تياري ڪئي. هو اسان وٽ ٻه اڍائي ڪلاڪ ڪن هئا. هونءَ جپانين کي وقت جو وڏو فڪر رهي ٿو ۽ سيڪنڊن ۽ منٽن جو حساب ڪندا پر جڏهن ڪنهن وٽ گهمڻ ويندا آهن ته پوءِ ٽي چار ڪلاڪ پٽ تي پٽل ماري ويهي خبرون چارون ڪرڻ هتي جي ريتن ۾ شمار آهي. اسان کين ماربل جا ٻه ننڍا سوونيئر ۽ ڪراچيءَ جي زينب مارڪيٽ مان ورتل هڪ ٽري هار ڏنو. هو اسان لاءِ تحفي ۾ هڪ بونسائي (Bonsai) ۽ چاڪليٽن جو دٻو کڻي آيا هئا.

بونسائي ڄامڙو وڻ (Miniature Tree) ٿئي ٿو. جيڪو ننڍڙي ڪونڊيءَ ۾ رکيل ٽيبل يا شوڪيس مٿان رکي سگهجي ٿو. جپان بونسائي ۽ اڪيبانا ڪان دنيا ۾ مشهور آهي. اڪيبانا ٽارين سوڙو ڪٽيل گلن ۽ پنن کي گلدستي ۾ سهڻي نموني سينگارڻ جو آرٽ (Floral Art) آهي.

تعجب جي ڳالهہ اها آهي تہ هو اسان وٽ بہ اڍائي ڪلاڪ کن جيڪو وقت هئا، پورو ٽائيم جپانيءَ ۾ ڳالهائيندا رهيا. ڪين هڪ لفظ بہ انگريزيءَ جو نٿي آيو. اسان کي ڪو جپاني لفظ نٿي آيو تہ مريم جي ٻارن احسن ۽ ايمان کان ترجمو ڪرائي ڪين ٻڌايو ٿي. احسن جيڪو 9 سالن جو آهي ۽ ايمان 8 سالن جي آهي، ننڍي هوندي کان (ست اٺ سالن کان) هتي هجڻ ڪري ۽ هتي جي اسڪولن ۾ وڃڻ ڪري جپاني Fluent ڳالهائين ٿا ۽ گهر ۾ سنڌي.

ياسوچيڪا سَانَ کان نيٺ اٿڻ مهل پڇيم تہ توهان کي انگريزيءَ جو ۽ اسان جي پائيٽي عبدالمتين کي جپانيءَ جو هڪ لفظ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي، پوءِ هڪ ٻئي جي ڳالهہ ڪيئن ٻڌندا ۽ سمجهندا هئائو؟

”بس اهو ئي تہ وڏو مسئلو هو. پر پيا هڪ ٻئي سان مٿو هڻندا هئاسين. آخري ڏينهن تائين ڪجهہ هو جپاني جا لفظ سکي ويو ڪجهہ اسان هن جا لفظ سمجهي ويا هئاسين، جيڪي خبر ناهي انگريزي جا آهن يا اڙدو سنڌيءَ جا. ڪجهہ اشارن ذريعي سمجهائيندا هئاسين ڪجهہ ڪوشش جي باوجود سمجهي نہ سگهندا هئاسين. بهرحال هن کي اسان جتي بہ وٺي ويندا هئاسين تہ اتي جو Toilet پهرين ڏيکاريندا هئاسين ۽ ڪچن ۾ رکيل کاڌي پيتي جون شيون

ڏيکاريندا هئاسين ته بنا پڇڻ جي جيڪا وڏيس اها کڻي کائي ۽ سمهڻ جو ڪمرو پڻ ته جيئن سوير ننڊ اچيس ته اتي سمهي سگهي.“

# ٽويوٽا معنيٰ پلي زمين

ٽوڪيو جي شپ يارڊ ۾ هڪ دفعي اسان جو جهاز مرمت لاءِ آيو ته شپ يارڊ جي هڪ فورمئن جنهن کي مرمت دوران مون سان واسطو رکڻو هو، پنهنجو تعارفي ڪارڊ (Meishi) ميئيشي ڏيندي چيو "وتاشينو نومائي وا سوزوڪي."

اهو ٻڌي ته هن جو نالو سوزوڪي آهي مون کي ڏاڍو تعجب لڳو ته هن همراهه جو نالو پڪ اپ گاڏي آهي، پر پوءِ خبر پيئي ته جپاني ماڻهن جي ذات جو نالو گاڏي ناهي پر گاڏيءَ جو نالو ان جي ناهيندڙ جي ذات تان آهي. ڪجهه ڏينهن بعد خبرون چارون ڪندي مسٽر سوزوڪي ٻڌايو ته، جپان ۾ سوزوڪي ذات جا ٻئي نمبر تي گهڻا ماڻهو آهن ۽ جپاني هر ذات جي ڪا نه ڪا معنيٰ آهي. اهڙيءَ طرح سوزوڪي جي معنيٰ گهنڊ جهڙو وڻ (Bell_Tree) آهي.

ان بعد هر ملندڙ جپاني جي ذات جي معنيٰ ضرور پڇڻ لڳس، جنهن سان ڪيترائي جپاني لفظ ياد ٿيڻ لڳا. جيئن Kena_ka معنيٰ سونو ٻار، Sen_ga هزار مبارڪون، Futagami صاحب جي ذات جي معنيٰ ٻه ديوتا، ڇو جو فوتا معنيٰ ٻه ۽ ڪامي (يا 'گامي') معنيٰ ديوتا. اسان جي اوساڪا آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ڪلارڪ ڇوڪريءَ جو نالو

”مس مسالي وارو ٻيٽ“ (Karashima) هو. ڪارا معنيٰ مسالي وارو ۽ شِيما جي معنيٰ ٻيٽ آهي، جيئن هيروشيما (وڏو ٻيٽ)، ڪاگوشيما (چپٽيءَ جهڙو ٻيٽ) وغيره. اهي شهرن جا نالا آهن. يوڪوهاما ۾ اسان جي ڪمپنيءَ جي ڊاڪٽر جو نالو Dr.Kitou هو. ڪي معنيٰ شيطان تائو معنيٰ مٿو يعني ”ڊاڪٽر شيطان جو مٿو“ _ جيتوڻيڪ ڊاڪٽر فرشتو صفت انسان هو. منهنجي هڪ مسواڙي گهر جي مالڪڻ جو نالو ”مسٽر ڏهه خوشبوئون“(Gomi) هو ۽ هڪ جو نالو ”مسز ڪڏ“(Hori) هو. بهرحال ان قسم جون ڪل جهڙيون ذاتيون هرهنڌ آهن. بگهڙ، ڪنهار، مرچ ۽ متقي ذاتيون ته اسان جي ڳوٺ ۾ به آهن. ٻيو ته ٺهيو انگريزن وٽ به آهن، جيئن ته Wood, Wolf، لئمب، ڄاهو (Hog) گولڊ سمٿ وغيره وغيره. جپان ۾ سالن تائين جاگيرداري نظام رهيو. ملڪ جي 96 سيڪڙو عوام ائين ڪت خلق تصور ڪئي وئي ٿي. باقي ٽي چار سيڪڙو پير مرشد سمجهي وئي ٿي، ۽ فقط انهن جي ئي ذات هئي.Meiji دؤر جي شروعات تائين (يعني 1860ع تائين) عام پبلڪ جي ڪا ذات نه هئي. ان بعد قانون ڪڍيو ويو ته هر جپانيءَ کي پنهنجي ذات (Family Name) رجسٽرڊ ڪرائڻو پوندو. حڪومت طرفان ڪا ذات رکڻ ضروري ٿيڻ تي ڪيترن پنهنجون ذاتيون پر وارن شهرن، ندين، جبلن ۽ وڻن ٻوٽن تان ڪٽي رکيون. جپان

جون اڄ ٿيهارو ڪن ذاتين ۾ ’ياما‘ (جبل) اچي ٿو يا ’تا‘ (ٻني) اچي ٿي. جيئن تہ ياما گچي، ياما دا، فوجي ياما وغيره. ڪيترين ذاتين ۾ وڻ (Ki) يا ٻيلو (Mori) اچي ٿو، جيئن Morishima (وڻن جو ٻيٽ)، ندين ۽ جبلن تي بہ ڪيترن ئي ماڻهن جون ذاتيون آهن، جيئن تہ Ishikawa (پٿرائين ندي) يا Kawamura (نديءَ وارو ڳوٺ).

ڪيترن جپانين جون ذاتيون پاڻي ۽ چشمن تي بہ آهن، جيئن تہ ڪوئي زومي (Koizumi) معنيٰ پاڻيءَ جو ننڍڙو ڦوهارو. اڄڪلهہ جي جپاني پرائيم منسٽر جي اها ذات آهي. جانورن ۽ ماڻرين تي بہ ڪيتريون ئي ذاتيون آهن، جيئن تہ Kumagai معنيٰ رڇن جي ماڻري، Kamemura معنيٰ ڪُمين جي ڳوٺ. گلن جي نالن سان بہ ذاتيون آهن پر ڪچن چانورن ۽ رڌل چانورن (پت) تي تہ ڪيتريون ئي ذاتيون آهن. چانور جپاني ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو اهم حصو آهن. چانور جپانين جو Staple کاڌو آهي، جيئن اسان وٽ ڪڻڪ. جپانين جو وڏو ’اَن نور‘ پت (Gohan) آهي. پاڻ وٽ ”ماني“ لفظ جي معنيٰ چپاتي، اڦراتو، نان بہ آهي تہ سڄي ماني Full Meal بہ آهي. چونداسين ماني کاڌئي؟ معنيٰ ٻوڙ ماني، دال پت وغيره کاڌئي. اهڙي طرح جپان ۾ پت (Gohan) فقط رڌل چانور (پت) بہ آهي تہ سڄي ماني بہ. ميزبان پڇندو:

Asa gohan_o tabe mashitaka

توپت کاڌو آهي_ يعني پوري نيرن جنهن ۾ چانهه، ڊبل روٽي، پت، مڇي سڀ ڪجهه اچي ويو. Asa معنيٰ صبح ۽ ’اسا گوهان‘ معنيٰ صبح وارو پت يعني ”نيرن“ اهڙي طرح Hiru Gohan معنيٰ ”منجهند وارو پت“ ، جيئن پاڻ وٽ چون ”منجهند جي ماني“.

جپان ۾ ڪيترين ئي ذاتيون ڌنڌن تان آهن، جيئن انگريزن جون Blacksmith ، گولڊ سمٿ وغيره آهن ۽ اسان وٽ لوهار، پوڳڙي (پڳڙا ٺاهڻ وارو)، سونارو وغيره. (پر ڳڙي الڳ ذات آهي).

منو صدي کن اڳ 1930ع ۾ شوجيرو نالي هڪ جپانيءَ جنهن جي ذات Ishi_Bashi هئي، معنيٰ پٿر جي پُل (Bridgestone)، تنهن همراهه ٽائر ٺاهڻ جي هڪ فئڪٽري لڳائي، جنهن جو نالو اشي باشي ڪمپني رکڻ بدران انگريزي ترجمي وارو نالو ”برج اسٽون“ رکيو. اڳتي هلي ان ڪمپنيءَ جا ٽائر ۽ سائيڪلون ايڏو تہ سٺيون ثابت ٿيون، جو سڄي دنيا ۾ ”Bridgestone“ جي نالي کان هر هڪ واقف ٿي ويو. ذرا سوچيو تہ مسٽر اشي باشي وانگر ٻيا جپاني بہ پنهنجي ڪمپنيءَ جو نالو جپاني ذات بدران انگريزي ترجمي وارو رکن ها تہ دنيا جي رستن تي هلندڙ لکين ڊرائيور ٽويوٽا ۽ متسوبشي نالي وارين گاڏين بدران Rich Field ۽ Triple

Diamonds نالي وارين گاڏين ۾ هلن ها، جو تہ ٽويوٽا معنيٰ پلي زمين ۽ متسوبشي معنيٰ ٽي هيرا.

# سارس ڪري ڏور اوڀر ۾ ترٿلو

جپان اچڻ جو پروگرام ٻه ٽي مهينا اڳواٽ ٺاهيم. آفيس مان هڪ ٻه ڏينهن موڪل ته ڪنهن وقت ٻه ڪري سگهجي ٿي پر ٽن چئن مهينن جي موڪل سا ٻه Ex_Pakistan Leave(ملڪ کان ٻاهر وڃڻ جي) تنهن لاءِ اڳواٽ بندوبست ڪرڻو پوي ٿو. سڀ کان وڏي ڳالهه ته هاڻ اسان مسلمانن لاءِ خاص ڪري پاڪستانين لاءِ اهي سٺا ڏينهن في الحال غائب ٿي ويا آهن. جڏهن ٻئي ملڪ وڃڻ لاءِ رڳو ٽڪيٽ خريد ڪرڻي پوندي هئي. هاڻ ته ويزا لاءِ ٻه ڏهه Formalties پوريون ڪرڻيون پون ٿيون. (۽ پوءِ ويزا ملڻ بعد ٻه اهو شرط هوندو آهي ته ڪنهن ٻه سبب جي ڪري، جيڪو ٻڌائڻ ضروري ناهي، مسافر کي جپان هوائي اڏي تان ئي موٽائي سگهجي ٿو. جيئن USAآمريڪا جي چئن سال ويزا ملڻ سان گڏ اتي شرط هوندو آهي) سو ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ٽن مهينن جي ڊوڙ ڊڪ جو ضرور سوچڻ کپي.

مون جيئن ئي جپان وڃڻ جو سوچيو ته انهن ڏينهن ۾ بم جي ڌماڪي وانگر اخبارن ۽ ٽي وي خبرن ۾ اچي ويو ته چين ۽ هانگ ڪانگ پاسي سارس (SARS)نالي هڪ وبا پيدا ٿي آهي، جيڪا

ايندڙ ويندڙ مسافرن ذريعي تيزيءَ سان ٻين ملڪن ۾ پکڙجي رهي آهي، جن ۾ ڪئنادا بہ شامل ٿي ويو آهي. بيماريءَ جو ڪو علاج ناهي ۽ چين ۽ هانگ ڪانگ توڙي ڪئنادا ۾ ان بيماريءَ جا ڪيترائي مريض مري رهيا آهن.

هر ڪو دوست ۽ آفيس ۾ ڪم ڪندڙ مون کي جپان نہ وڃڻ جي صلاح ڏيڻ لڳو. منهنجو اهو ئي جواب هو تہ پهرين ڳالهہ تہ بيمارين کان يورپي گورا يا آمريڪن پلي ڊڄن، اسان جهڙا ماڻهو جن جي ملڪن جي صحت ۽ هائيجن جو معيار ايترو تہ ڪريل آهي جو ڳوٺ هجن يا ڪراچيءَ جهڙو وڏو شهر مليريا، ٽائيفائيڊ کان وٺي خبر ناهي ڪهڙيون ڪهڙيون وائرس ۽ بئڪٽيريا واريون بيماريون ٻارهو ئي لڳيون پيون آهن، جن جي ملڪ ۾ پاڻيءَ سان گڏ هوا ۾ بہ آلودگي آهي، ان ملڪ جي ماڻهن کي ٻئي ملڪ جي ڪنهن بيماريءَ جو ٻڌي ڊڄڻ ۽ منهن مٿو پٽڻ ائين آهي، جيئن مينهن جو ڊڳيءَ کي پيچ ڪارو چوڻ. ٻي ڳالهہ تہ منهنجي وڃڻ ۾ اڃا ٽي مهينا کن آهن. تيستائين ٻين بيمارين وانگر سارس تي بہ ڪنٽرول ٿي ويندو يا هانگ ڪانگ جي ”چڪن فِلو“ يا انگلينڊ جي ”Mad Cow“ جهڙين بيمارين وانگر هيءَ بيماري بہ ختم ٿي ويندي.

جاڳي پجهي يا بي خياليءَ ۾ هن نئين وبا SARS جو اخبارن ۾ ٽي وي جي خبرن ۾ معلوم ڪرڻ لڳس ته خبر پيئي ته گهٽجڻ بدران روز بروز ڪم وڌي رهيو آهي. چين ۾ هانگ ڪانگ جهڙن اهم ڳڙهن ۾ جتان هيءَ بيماري شروع ٿي، اتي ته روزانو بيمارن ۾ انهن جي موت جو تعداد وڌي رهيو آهي، پر مسافرن جي اچ وڃ ڪري ٻيا ملڪ به ان وبا جي لپيٽ ۾اچي رهيا آهن. جتي ڪٿي هن بيماري سارس جي پکڙجڻ سان گڏ بيماريءَ لڳڻ ۾ ان کان بچاءُ جون خبرون سامهون اچڻ لڳيون.

- **سارس (SARS) ڇا آهي؟**

سارس ساهه ۾ تڪليف جي نمونيا ٽائيپ بيماري آهي جيڪا هلڪي بخار مٿي ۾ جسم جي سور سان شروع ٿئي ٿي. ٻن کان ستن ڏينهن اندر مريض کي سڪل کنگهه ۾ ساهه کڻڻ ۾ سخت تڪليف شروع ٿئي ٿي. بيماريءَ جو ڪو علاج اجا تائين نه نڪري سگهيو آهي ۾ مريض ڪجهه ڏينهن جي تڪليف بعد موت جي منهن ۾ هليو وڃي يا بچڻ جي صورت ۾ به هو سخت ڪمزور رهي ٿو ۾ هن جي ڇر پر بند ٿيو وڃي. سارس Severe Acute Respiratory Syndromeجو شارٽ فارم آهي. مريض کي ڇُهڻ سان هيءَ بيماري

لڳي ٿي يا انهن شين کي ڇُهڻ سان بہ لڳي ٿي جن تي مريض طرفان کنگهڻ دوران ڦڙا لڳا هجن. هونءَ عام کنگهہ جي مريض جا جراثيم سامهون ويٺل جي ڦڦڙن تائين پهچڻ کان اڳ مريو وڃن ٿا انهن جراثيمن جي حياتي ڪي چند سيڪنڊ بہ مس ٿئي ٿي، پر سارس بيماريءَ جا جراثيم ڇئن پنجڏينهن تائين جيئرا رهن ٿا. هڪ اهو سبب بہ آهي هن بيماريءَ جو سولائيءَ سان پکڙجڻ جو. هڪڙو مريض مسافر ڪنهن هوٽل جي ڪمري ۾ رهي موٽيو وڃي ٿو پوءِ ان ڪمري ۾ ٻئي ڪنهن ملڪ جو مسافر اچڻ سان هن کي بيماري لڳيو وڃي. هڪ ماڻهوءَ جي هوٽل ۾ يا ٻئي هنڌ رهڻ سان ڪمري ۾ موجود شين ۾ دروازي کان وٺي هوٽل جي لفٽ، ريسٽورنٽ جون ڪرسيون ٽيبل ۽ گهمڻ دوران بسين، ٽئڪسين ۽ مختلف دڪانن جي شين ۾ هن جا جراثيم رهجيو وڃن ٿا ڇئن پنجن ڏينهن تائين اهي جراثيم ٻين ماڻهن لاءِ خطرو رهن ٿا. اهڙيءَ طرح هيءَ بيماري ڏينهون ڏينهن وئي ٻين ملڪن ۾ پکڙبي. ماڻهن گهمڻ ڦرڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ تہ ڇڏي ڏنو پر ضروري بزنيس ميٽنگون ۽ ڪانفرنسون بہ ختم ڪري ڇڏيون. چين ۾ تہ وڏي واويلا شروع ٿي وئي جو اتي بيماريءَ کي پنجو اچڻ بدران هر روز مرڻ وارن جو تعداد وڌندو ويو. ايتريقدر جو ٻارن جا امتحان بہ ڪئنسل ڪيا ويا. چين جي وڏن ۽ ڳتيل شهرن ۾ رهندڙ ماڻهو شهر

چڙهي ڀڄڻ لڳا. هر هڪ ڊارين جي اچڻ تي سخت چڪاس رکي ٿي، جيئن ڪو به سارس جو مريض سندن ملڪ ۾ نه اچي ٻين کي مريض بڻائي.

هوڏانهن مسافري ڪرڻ وارا به ڊڄڻ لڳا. ڪنهن کي مجبوريءَ جي حالت ۾ ٻئي ملڪ ۾ وڃڻو پيو ٿي ته پنهنجي ملڪ جي هوائي اڏي کان وٺي منهن تي ڪپڙي جو ماسڪ چاڙهيو ٿي، ته متان نه ڪنهن جا جراثيم ساهه ذريعي هن ۾ اچن. هرهڪ هٿن تي جوراب چاڙهي رهيو هو ۽ ڪائڻ پيئڻ مهل اهي لاٿائين ٿي. Aidsجهڙي بيماريءَ ۾ جيترا ويهن سالن ۾ ماڻهو مئا، اوترا هن بيماري سارس ۾ ويهن ڏينهن ۾ مري ويا. سنگاپور ۽ هانگ ڪانگ جهڙا ملڪ، جن جو گذارو Tourismتي هليو ٿي، انهن جي ايڪانامي وڃي پٽ سان لڳي. هوائي جهاز خالي، ايئرپورٽ خالي، دڪان خالي، هوٽلون خالي، ڪنهن کي زندگي ارهي آهي جو ههڙي وقت انهن ملڪن ڏي نڪري. ڪهڙي خبر ته ڪهڙي شيءِ تي سارس جا جراثيم ويٺا هجن ۽ ان کي هٿ لڳڻ سان جسم ۾ داخل ٿي وڃن. هانگ ڪانگ، سنگاپور ۽ چين سان گڏ ماڻهن ڊپ کان ٿائليند جهڙن ملڪن کي به ڇڏي ڏنو. جيتوڻيڪ اتي ايجا سارس جو هڪ به مريض نه ٿيو هو— ان هوندي به هر هڪ ڏور اوپر جي سڄي علائقي کان ڏور ئي رهڻ چاهيو ٿي.

آئون انتظار ڪندو رهيس جو اڃا ٻه منهنجي وجڻ ۾ مهينو ڪن هو. سڀ ڪان وڏي ڳالهه ته مون کي اڇي اڇي ڪنگهه ٻه انهن ڏينهن ۾ ٿي. سارس جي وبا بند ٿئي يا نه پر منهنجي ڪنگهه ته بند ٿيڻ کپي نه ته هھڙي وڳوڙ ۾ (جيسين ثابت ٿئي) هرڪو سارس جو مريض سمجهندو ۽ "ڪايا پيا ڪڇ نهين گلاس توڙا باره آنا" وارو حساب ٿيندو. مهيني کان ٿورو گهٽو ڪنگهه هلندي رهي ٿي. ڊاڪٽرن جي چوڻ تي دوائون بدلائيندو رهيس، تڏهن ٻه رکي رکي، ڪلاڪ ڏيڍ بعد سهي پر ٿوري دير لاءِ کنئون کنئون شروع ڪيم ٿي ۽ اها ٿوري کنئونکنئون هڪ دفعو ٻه هوائي جهاز ۾ ٿي ته سڀ مسافر مون کي اڇوت سمجهي پاسو ڪنداءِ ڊڄي ويندا. پلي سڄو سفر ڪنگهه نه ٿئي پر جي اوساڪا جي هوائي اڏي تي اميگريشن مهل ڪنگهه اچي وئي ته اهاحالت ٿيندي، جيڪا ڪنهن زماني ۾ منهنجي بنگالي دوست انجنيئر فخر زمان سان ٿي. هو چٽگانگ بندر گاهه مان ولايت مان آندل ٻه ٽي الارم ڪلارڪ ٿيلهي ۾ لڪائي جهاز تان ٻاهر ڪڍي رهيو هو. جهاز تان بندرگاهه جي گيٽ تائين ميل کن جي پنڌ تي ڪنهن ٻه انٽيلجنس جي سپاهيءَ نه روڪيس نه چڪاس ڪيس. گيٽ وٽ (آخري مرحلي تي) ڪسٽم آفيسر پڇيس ته "ٿيلهي ۾ ڪا شيءِ ته نه اٿئي؟"

”نہ ميرا ڪپڙا آهن. ڊوئارڻ لاءِ ڪڍيو پيو وڃان.“ فخرزمان جواب ڏنس. جنهن تي ڪسٽم آفيسر بنگاليءَ ۾ چيس تہ پوءِ ’جينٽل مئن‘ پلي وڃ.

۽ جينٽل مئن (فخرو) جهڙي ٿيلهي جي زپ بند ڪري ٻاهر ٿي نڪتو تہ سندس هڪ ’الارم ڪلاڪ‘ جي گهنٽي وڄي وئي. ڪسٽم آفيسر ٿيلهو وٺي وري ڪوليس ۽ اندر لڪل ٽئي الارم ڪلاڪ ضبط ڪيس ۽ گهمڻ لاءِ بندرگاهہ کان ٻاهر وڃڻ بدران واپس جهاز تي موڪليائينس.

سو ان ٿوري ڪنگهہ جي حالت ۾ بہ Risk کڻڻ صحيح نہ هو جو جپان جهڙن هوائي اڏن تي جنهن بہ مسافر ۾ شڪ ٿين تہ ان کي هفتو ڏيڍ ڪئارنٽائين ۾ بند رکيو ٿي، يعني اڪيلو رکي ڏٺو ٿي تہ هن کي واقعي اها بيماري آهي ۽ ڪيس واپس سندس ملڪ موڪلجي يا صحيح آهي ۽ جپان جهڙي ملڪ ۾ گهڙڻ ڏجيس.

منهنجي فلائيٽ جي تاريخ ۾ ڪي ڏهہ ڏينهن کن بچيا تہ ڪنگهہ بنهہ ختم ٿي وئي، پر سارس جي چڪر ۾ جپان ۾ هڪ ٻي ڳالهہ Develop ٿي پئي ۽ انقسم جون خبرون جپان پهچڻ کان اڳ انٽرنيٽ تي جپاني اخبار Asahiمارونچي، يومورِوي وغيره ۾ پڙهندو رهيس ٿي. ٿيو هيئن جو تائيوان کان جپان ۾ گهمڻ لاءِ ڏهن ڄڻن جو

هڪ گروهه هفتي کن لاءِ آيو. گهمي ڦري جڏهن موٽيو تہ آخري ڏينهن خبر پيئي تہ انهن ۾ هڪ سارس جو مريض هو جيڪو ٽائيوان پهچڻ سان اسپتال حوالي وجي ٿيو. هن جو تہ جيڪو حشر ٿيو سو ٿيو پر پنيان جپان جي ماڻهن کي پريشان ڪري ويو ڇو جو ظاهر آهي هن جا پنيان ڇڏيل جراثيم اجا جيئرا هئا جو اهي ڇئن پنجن ڏينهن تائين ٻين تي اثرانداز ٿي سگهيا ٿي. ٽائيوان کان آيل ان ٽولي جو گذريل ڇئن ڏينهن جو ٽريڪ رکيو ويو ۽ جن جن هوٽلن ۾ هو رهيا جن جن دڪانن ۽ بازارين مان هو لنگهيا، جن جن ٽئڪسين ۽ بسن ۾ هو چڙهيا، انهن جي هڪ هڪ شيءِ کي ڌوتو ويو. ان دوران ماڻهو (جپان جي عوام) وڏو گوڙ مچايو ۽ ڪي ڏينهن اخبارن ۾ ايندو رهيو تہ هوائي اڏي تي ڪم ڪندڙ اميگريشن ۽ هيلٿ جي آفيسرن صحيح طرح چڪاس ڇو نہ ڪئي. آخر هو پگهار ڇاجي لاءِ ٿا وٺن. عوام طرفان مليل ٽئڪس حڪومت ائين ڇو ضايع ڪري رهي آهي... وغيره وغيره. نتيجي ۾ هاڻ جپان جي هر هڪ ايئرپورٽ تي سختي ٿيڻ لڳي، خاص ڪري انهن ملڪن جي ماڻهن تي جن جي ملڪ ۾ سارس پکڙجي چڪي هئي.

منهنجي پهرين فلائيٽ ملائيشيا جي MAS هوائي جهاز ۾ هئي، جيڪا ڪراچيءَ کان ڪوالالمپور ۽ ڪوالالمپور کان سڌي

فڪوڪا (جپان) وڃي رهي هئي. ڪوالالمپور ۾ هڪ ڏينهن جو Waitهو. جنهن لاءِ هوائي ڪمپنيءَ وارا هوٽل ۾ مفت رهائش ڏئي رهيا هئا. پر پوءِ جيئن ئي جپان جهڙن ملڪن مٿين قسم جو اعلان ڪيو ۽ ملائيشيا ۾ سارس ڦهلجڻ جي خبر پيئي ته هر هڪ MASجي ٽڪيٽ رد ڪري، عرب امارات وارن جي هوائي ڪمپني Emirates جي ٽڪيٽ ناهي، جنهن ۾ ڪراچيءَ کان پهرين دبئي وڃڻو پيو ٿي ۽ پوءِ اتان جپان جي شهر اوساڪا ۽ هڪ ٻئي جهاز ۾ ”فڪوڪا“ اچڻو پيو ٿي. پر سڻي ڳالهه اها هئي ته هنن عرب امارات وارن پنهنجن جهازن جي ٽڪيٽ ملائيشيا، ٿائيلينڊ ۽ تائيوان جي هوائي ڪمپنين جي هوائي ٽڪيٽن کان به گهٽي سستي ڪري ڇڏي هئي. ان هوائي ڪمپني ۾ سفر ڪرڻ ۾اهو فائدو ٿيو جو جپان جي هوائي اڏن تي اسان جي گهٽي پڇا يا خواري نه ٿي، جيڪا ٻين هوائي ڪمپنين ۽ ملڪن کان آيل مسافرن جي ٿي رهي هئي.

# مڱيلڏي جي ڳالهہ ڪير ٻڌندو

اها سپني کي خبر پئجي وئي تہ سارس بيماري چين جي ڏکڻ واري علائقي مان شروع ٿي. چين خواريءَ کان بچڻ لاءِ ان ڳالهہ کي جيترو لڪايو اوترو اها بيماري وڌي وئي ۽ اها پاڻ دنيا کي خبر پئجي وئي تہ اها بيماري چينين جي ڪتن، ٻلن ۽ سوئرن جي گهٽائيءَ ۾ گڏوگڏ رهڻ ڪري پيدا ٿي ۽ سڄي دنيا کي پريشان ڪيو.

جيڪي مون جهڙا جهازي يا ٻيا، چين جي هوائي اڏن واري صوبي جي ڪنهن بہ شهر ۾ ويا هوندا، انهن کي محسوس ٿيو هوندو تہ هي پرل نديءَ جي ڊيلٽا وارو حصو ماڻهن سان ڦاٽي ٿو. اٽڪل چار ڪروڙ آدمشماري ٿيندي ۽ ان کان گهڻا سوئر. ڪڪڙيون ۽ بدڪون هونديون. جيڪي ماڻهن سان گڏ گڏ پيون هلن ۽ گهرن ۾ رهن. ميڊيڪل جا ڄاڻو جڏهن بہ ڪنهن فلو يا اهڙي وچڙندڙ بيماريءَ جو سوچين ٿا تہ هنن کي هميشہ اهو خدشو رهي ٿو تہ اهڙي بيماري هتان— يعني چين جي هن علائقي مان ئي شروع ٿي هوندي. سائنسدانن جو چوڻ آهي تہ اج کان بہ اڍائي هزار سال اڳ پڻ چين مان انفلوئنزا نموني جي ويا شروع ٿي هئي، جنهن جو اثر پري پري تائين رهيو. اها بدڪن مان شروع ٿي هئي، جن کي چينين پاڻ سان گڏ رکڻ شروع ڪيو هو.

دنيا جي سڀ کان مشهور وبا (پکڙندڙ بيماري) Bubonic Plague آهي، جيڪا 1347ع کان 1362ع جي وچ ۾ چين کان شروع ٿي ۽ ان وگهي اڌ يورپ ختم ٿي ويو. چون ٿا ته اها بيماري ڪوئن ۽ ڪتن تي وِهندڙ ٻگيهن مان ماڻهن کي لڳي ۽ بحر اسود جي بندرگاهن کان وٺي سسلي (اٽلي) تائين پاڻيءَ جي جهازن ۾ سفر ڪندڙ ماڻهن ذريعي پکڙجي وئي. ماڻهو هن بيماريءَ ۾ ائين تکو مرڻ لڳا جو ان وقت جي تاريخ نويس Boccaccioهڪ هنڌ لکيو آهي ته :

"Eating lunch with their friends and dinner with their ancestors in paradise."

يعني: ماڻهو جيڪي صبح جو کلندي کڏندي نظر آيا ٿي، اهي شام تائين قبر حوالي ٿي ويا ٿي. هن بيماريءَ ۾ اٽڪل 40 ملين ماڻهو مري ويا هئا.

1918ع ڌاري چين جي ان ڏاکڻي علائقي مان هڪ ٻي وچڙندڙ فلو Spanish Fluجي نالي سان انسان ذات کي سوئرن مان لڳي. ان زماني ۾ هن علائقي جو غريب طبقو نوڪري مزدوري لاءِ مختلف ديسن ڏي وڃي رهيو هو ۽ هيءَ هسپانوي فلو ايتري ته پکڙي جو ٻه ملين ماڻهو مري ويا هئا. ياد رهي ته چين جي ڏاکڻن صوبن ۾ ٻن صدين کان آدمشماريءَ جي گهٽائي هڪ طرف آهي ته غربت ٻئي

طرف، اهو ئي سبب آهي سنگاپور، ملائيشيا، انڊونيشيا کان پئسفڪ ۽ هندي سمنڊن جي ٻيٽن ڏي جيڪي چيني ويا سي غربت کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ چين جي ڏاکڻن علائقن مان ويا. سنگاپور ۽ ملائيشيا جي سفرنامن ۾ مون اهڙن ڪيترن چيني وڏن ماڻهن جي زندگيءَ جو احوال لکيو آهي، جن ڪي مائٽڻ ڏکڻ چين جي اباڻن ڳوٺن مان ان ڪري ڪڍي ڇڏيو، جو هنن وٽ ايترا اَن ڪڻا نه هئا، جو هو پنهنجن معصوم ٻارن کي کارائي سگهن. هو پيرين اگهاڙي گهران نڪتا، سڙهن تي هلندڙ جهازن (يا بعد ۾ ٻاڦ تي هلندڙ آگبوٽن) ۾ هو ياڙي نه هجڻ ڪري رستي تي ٻين خلاصين سان گڏ مزدوري ڪري سنگاپور ۽ ملائيشيا جهڙن ڏارين پٽن تي پهتا.

چين جي گهٽي آدمشماريءَ کان علاوه ٻي ڳالهه جيڪا دنيا پسند نٿي ڪري، اها آهي چينين جو جانورن جي ويجهو رهڻ ۽ تقريباً هر قسم جو جيت جڻيو ۽ جانور کائڻ. پرل نديءَ جي ڊيلٽا جنهن بابت مٿي بہ لکي آيو آهيان، اتي ڪروڙين ماڻهن جي ڳتيل آدمشماريءَ سان گڏ اها پڻ مڃيل حقيقت آهي تہ دنيا جون سڀ کان گهڻيون ڪڪڙيون، بدڪون ۽ سوئر نظر اچن ٿا.

1968ع کان 1972ع تائين اسان جو هانگ ڪانگ کان ڏکڻ چين جي مختلف بندرگاهن ۾ ڪيترائي دفعا اچڻ وڃڻ لڳو رهيو

ٿي. اهو مائوزي تنگ جو دؤر هو. هونءَ ئي سڄي چين ۾ سخت غربت جو عالم هو پر چين جي هنن ڏاکڻن صوبن ۾ بيحد غربت هئي. ڪجهه غربت ڪري ۽ ڪجهه هتي جي ڪلچر ڪري ٻار ته هميشه بنا ڪپڙن ۽ چڊين جي اگهاڙا نظر آيا ٿي ۽ هر گهٽي ۾ سوئر ۽ ڪتا ليٽيل نظر آيا ٿي، جن جي وچ ۾ ٻار، ڪڪڙيون ۽ بدڪون!

سئم ڪانگ جهڙن بندرگاهن جي مارڪيٽن ۾ پولٽرن ۽ ڪتن جو گوشت ته وڪاميو ٿي، پر نور، نوريئڙا، نانگ، ڪُميون، خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا جانور ڪاڏا ويا ٿي. پر اهو آهي ته ان قسم جا جيت جڻيا ۽ جانور کائڻ جو وڏو سبب غربت ۽ پيٽ جي باهه اجهائڻ هو پر اڄ جو چين پنهنجي اميري ۽ دولت جو اظهار ڪرڻ لاءِ اهي عجيب قسم جا جانور کائڻ جو شوق پورو ڪري ٿو. انهن مان ڪيترا جانور مختلف ملڪن ۾ سرڪاري طرح حفاظت هيٺ هجڻ ڪري (انهن جي بچاءَ تي سخت پهرو هجڻ ڪري) يا ڪيترا جانور جيڪي چينين جي خيال ۾ مٿ مطابق مرد جي شهوت وڌائين ٿا، انهن جو ملڻ مشڪل هجڻ ڪري تمام گهڻي قيمت تي وڪامن ٿا. يا ڪيترا جانور جهڙوڪ ڪتو وغيره جيڪو ڪوريا ۾ رڌڻ پچائڻ تي جهل ناهي، (جيتوڻيڪ هاڻ مون ٻڌو آهي ته ڪوريا وارا به قانون پاس ڪري سختي ڪري رهيا آهن ته ڪتي کي رڌيو پچايو نه وڃي) ان کي کُهڻ

بدران ڏنڊي سان ڌڪ هڻي ماريو ويجي ٿو. جنهن جو ڪوڪڙاٽ هوٽل ٻاهران پڻ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. هنن جو چوڻ آهي ته ڪتي کي مارڻ سان هن جي رت ۾ گرمائش اچي ٿي ۽ گوشت لذيذ ۽ نرم (Tender)ٿئي ٿو. ملائيشيا جهڙا ملڪ جتي ظاهريءَ طرح ڪتي جهڙن جانورن جي هوٽل ۾ رڌڻ تي پابندي ٿيل آهي، پر امير چيني شوقينن جو اهڙن جانورن کائڻ جي سڌ پوري ڪرڻ لاءِ هوٽلن وارا پوليس ۽ ٻين واسطيدار ادارن کي وڏيون رشوتون ڏئي پنهنجن مانوارن گراهڪن کي خوش ڪن ٿا. ظاهر آهي ته اهڙي طرح شيءِ مهيا ڪرڻ جو وڏو اگهه ٿيو وڃي پر اڄ جا چيني خاص ڪري جيڪي امير ملڪن ۾ رهن ٿا ۽ وڏا ڪاروبار اٿن، اهي ان کي Status Symbol سمجهي، ان تي خوب پئسي جو خرچ ڪن ٿا.

هاڻ هڪ پنگولن (ماکوڙيون کائيندڙ) سيڙهه جهڙي جانور جي گوشت مان ڇا سواد ٿي سگهي ٿو! بقول هڪ چينيءَ جي ان جو گوشت جهڙو ربڙ ۽ ڪاٺ جو ٻورو. يا بقول هن جي ”ڪيترين ٻلين ۽ ڇڇين مٿان کهڙي به اوچي ساس ۽ ڪيچپ هڻي کاءُ ته به کائڻ ۾ مزو نٿو اچي. پر رڳو هڪ ٻئي تي لئه رکڻ خاطر تها سان هي شيون ٽيسٽ ڪيون آهن، کائين ٿا.“

ملائيشيا جي شهر ”جوهور بارو“ جي هڪ هوٽل جي مالڪ جي چواڻي جيڪو پاڻ واسينگ نانگ (Cobra Snakes)رڌڻ پچائڻ جو ماهر سمجهيو وڃي ٿو. ”ڪيترا چيني ماڻهو ان قسم جا جانور سواد يا بک ڪري نٿا کائين، پر شوبازي ۾ ڏيکاءُ لاءِ ته اسان وٽ ڏن دولت آهي.“

“Chinese businessmen come here to prove their wealth”

اهڙيءَ طرح کاڌي جي شوقينن کي ڪجهه هوٽل وارا پنهنجن اشتهارن ذريعي چريو ٿا بنائين، جيئن’ڪئنٽڪي چڪن فرائيڊ‘ وارن جو هڪ خاص جملو Finger Licking Good آهي، تيئن هنن هوٽل وارن جو چاهي تريل ڪوئو هجي يا رڌل ڪتو بقول هنن جي ايڏو سوادي جو آڱريون چٽيندا وتندائو. يا وري هي هوٽل وارا پنهنجي گراهڪ کي هر وقت اها ڳالهه دماغ ۾ ويهاريندا رهن ٿا ته سندن فلاڻي يا فلاڻي رڌل جانور ۾ يا ان مٿان ٻرڪيل فلاڻي پائوڊر ۾ مردانگي وڌائڻ جي طاقت آهي.

بهرحال هن سارس بيماريءَ گهٽن چيني شوقينن جو دماغ نڪاڻي لڳايو آهي ته ان قسم جي جيت جڻين ۽ جانورن کي کائڻ توڙي انهن کي پاڪرن ۾ ڪٽي چميون ڏيڻ ۾ بي سوادي هڪ طرف آهي

تہ بيماري ٻئي طرف. هاڻ دنيا ايڏي ڳنڀيرو وئي آهي جو چين جي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيندڙ سارس ڪئناڊا جهڙي ڏورانهين ملڪ تائين يڪدم پهچيو وڃي. چين جي حڪومت بہ بدناميءَ کان بچڻ لاءِ ڏنڊو کنيو آهي ۽ جانورن جي ويجهو رهڻ يا ڪتا، ٻلا، نانگ بلائون، ڪوئا ڪاڪروچ جهڙيون شيون هوٽلن ۾ رڌڻ تي سختي شروع ڪئي آهي_ خاص ڪري چين ۽ ڪوريا جون اهي غلط حرڪتون سندن پاڙيسري صاف سٿري ملڪ جپان لاءِ بہ مٿي جو سور ثابت ٿين ٿيون. ان ڪري هن پيري يورپ ۽ آمريڪا سان گڏ جپان بہ چين تي خوب چوهہ چنڊيا آهن. پوءِ اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جپان پنهنجي پر تڪلف فطرت ڪري چين کي اهي لعنتون ۽ ٻُجا ظاهري طرح نہ پر هٿ تي رومال ويڙهي ڏنا آهن. ڪيترن ئي ملڪن جي اخبارن ۽ رسالن تہ چين جي انهن هوٽلن جا مينيو ۽ فوٽو بہ ڏنا آهن، جن ۾ ان قسم جون شيون رڌيون پچايون وڃن ٿيون. پر اها ٻي ڳالهہ آهي تهڪيترين ئي اهڙيون شيون، جيڪي چينين لاءِ ڇڏڻ نا ممڪن آهن جو هو انهن شين کي بيماريءَ جي پاڙ نہ پر علاج سمجهن ٿا. ڪجهہ ڏينهن اڳ چين جي هڪ صوبي Jiangsu جو هيلٿ ڊائريڪٽر سارس بيماريءَ کان بچڻ لاءِ ماڻهن کي نصيحت ڪري رهيو هو تہ گهٽي کان گهٽا

ڪوبرا نانگ ڪائو جيئن توهان جي جسم ۾ گرمائش پيد ائتي ۽ سارس جهڙين ويائن جو مقابلو ڪري سگهو.

هي ائين آهي جيئن لياقت جتوئيءَ جهڙو فيڊرل منسٽر اسلام آباد ۾ ويهي عوام کي تتر ڪائڻ جا فائدا ٻڌائي. اهڙي حالت ۾ تترن جي بچاءَ واري ڪاتي جي سپاهيمگڻيلڏي شارباٽيءَ جي خيرپور ناٿن شاهه ۾ چا هلندي جو اتي جي وڏيرن کي تترن جي شڪار کان منع ڪري.

# “تماماچان” لڌڙو

گذريل پنج ڇهہ مهينن کان جپان ۾ رهندڙ جپانين توڙي ڌارين لاءِ تاماچان نالي هڪ لڌڙو (Seal Fish) اهم بڻيل آهي، جنهن جون خبرون رکي رکي اخبارن ۾ ٽي وي تي بہ ايندڙيون رهن ٿيون ۽ ماڻهو نہ فقط شوق سان پڙهن ۽ ڏسن ٿا، پر تفريح بہ وٺي رهيا آهن.

هي اڻ ڪوڙيل ڏاڙهي ۽ ڊگهين مُڇن وارو سامونڊي جانور ”لُڌڙو“ جنهن کي انگريزيءَ ۾ Sealسڏجي ٿو (لئٽن ۾ سائنسي نالو Erignathus Barbatusاٿس)، جپان جي اتر واري بحرِ آرڪٽڪ جي برگ سمنڊ کان خبر ناهي ڪيئن ڀُلجي يا رُلي پني يوڪوهاما ۽ ٽوڪيو جي پسگردائيءَ ۾ جتي تاما TAMA ندي سمنڊ ۾ ڇوڙ ٿي ڪري، اتي اچي نڪتو آهي تہ هاڻ واپس وڃڻ جي نٿو ڪري. ٽوڪيو ۽ يوڪوهاما بندرگاهن وارن علائقن۾ جتان تاما ندي لنگهي ٿي، اتي سامونڊي نظاري لاءِ آيل ماڻهن کي رکي رکي هي لڌڙو ڏيکائي ڏئي ٿو. هڪ طرف عام ماڻهو ۽ ٻار کيس پاڻيءَ مان منهن ڪڍندو ڏسي خوش ٿين ٿا تہ ٻئي پاسي جانورن جي بچاءَ واريون ڪميٽيون پاڻيءَ ۾ جاريون وجهي کيس ڦاسائڻ جي چڪر ۾ آهن تہ هي ڦاسي تہ کيس هن محدود پاڻيءَ مان ڪڍي جهاز۾ چاڙهي اتر جپان واري برنگ سمنڊ ۾

ڇڏجي، جتي پنھنجن ٻين لڌڙن سان گڏ ويڪري ۽ صاف سمنڊ ۾ ھو خوش رھي. ھتي تاما نديءَواري ھن حصي ۾ جتي نديءَ ذريعي يوڪوھاما شھر جو گند ڪچرو اچيو ٿو لنگھي، اتي ھو ماڳھين بيمار نہ ٿي پوي. پر ھي لڌڙو اجا ڪنھن کي وٺ نٿو ڏئي ۽ عام پبلڪ تہ اھو ئي چاھي ٿي تہ ھو ھتي ئي رھي ۽ کيس ٻار ٻچا ڏسي پيا خوش ٿين.

جيئن تہ ھي لڌڙو (Seal) تاما نديءَ ۾ نظر آيو ان ڪري ھن جو پيار مان نالو ئي 'تاما_چان' رکيو ويو آھي. اخبارن يا ٽي ويءَ جي ڪا خبر ايندي تہ خبر جو عنوان ئي ھوندو "تاماچان اڄ فلاڻي ھنڌ نظر آيو". تاماچان کي ڏسڻ لاءِ اڄ فلاڻي فلاڻي اسڪول جا ٻار ويا، جن ھن کي پنھنجي خرچيءَ مان فلاڻيون فلاڻيون شيون وٺي ڪارايون... وغيره وغيره.

جپان ۾ مرد، عورت توڙي ست اٺ سال جي ٻار جي نالي پويان SAN(سان) ملايو وڃي ٿو جھن جو مطلب صاحب يا صاحبہ آھي. پر ننئين ڄاول ٻار يا سال ٻن جي ٻار کي جپاني 'سان' بدران 'چان' سڏين، جيڪو پيار جو لفظ آھي. پر ھڪر جھڙي ڏاڙھيءَ ۽ ٻلي جھڙين مڇن وارو ھي پوڙھو ڪڳو لڌڙو جپان جي ٻارن ۽ وڏن کي اھڙو وڻي ويو آھي جو ھن کي پيار مان 'چان' سڏڻ لڳا آھن، جيتوڻيڪ ھن جھڙا ٻيا ڪئين لڌڙا ٽوڪيو جي ائينو ۽ اوساڪا جي چڙيا گھرن ۾ ڏوڙ پيا

پائين ۽ ’چان‘ ته چا پر ’سان‘ سڏجڻ جا به لائق نه آهن پر هن لڏڙي جي پاڳ سان کهڙي ريس.

ايستائين کم پيو هلي ها ته به ڳالهه آئي وئي ٿي وڃي ها ۽ وڏ ۾ وڏ چيبا، سائتاما، کانا گاوا يا نگاتا ۽ فکوشيما ۽ ٻين ويجهن ضلعن (پريفيکچرن) تائين اها ڳالهه ماڻهن جي وات تائين هجي ها، سا به فقط جپانين تائين. جپان ۾ رهندڙ ڌاريان ته بلکل ئي نوٽيس نه وٺن ها، پر پوءِ يوکوهاما جي ”نشي وارڊ“ (جتان شناختي کارڊ، پاسپورٽ وغيره Issueٿين ٿا) تن مڙئي کجهه مزي خاطر ۽ کجهه سستي مشهوريءَ خاطر تاما چان (ان لڏڙي) کي ”جيو من هيو“ Certificate of Residence جاري کيو. جپان ۾ هن سرٽيفڪيٽ (جنهن کي جپانيءَ ۾ Jyuminhyo سڏجي ٿو)، جي اڳيانآمريڪا جو ’گرين کارڊ‘ به کجهه ناهي. هن کي هڪ قسم جو جپاني پاسپورٽ چئي سگهو ٿا، جيکو ورلي کنهن غير جپاني يعني ڌارئين کي ملي ٿو. جپان ۾ کيترا اهڙا کورين ۽ چيني جيکي Zainichi سڏجن ٿا، سالن کان رهيا پيا آهن، جن جا پيءُ يا ڏاڏا ٻي وڏي لڙائيءَ کان به پهرين اچي رهيا پر انهن مان به کيترن کي اجا ”جيو منهيو“ Certificate of Residence نه مليو آهي. کيترن جپاني مردن يا عورتن جون ڌارين ملکن جون زالون يا مڙس هتي

سالن کان رهيا پيا آهن يا ڪيترا فارينر هتي سالن کان نوڪريون ۽ بزنيس پيا ڪن ۽ جيتوڻيڪ هو Residency ٽئڪس (Juminzei) بہ ڏين ٿا، پر انهن کي بہ اهو سرٽيفڪيٽ ڏيڻ کان جپاني حڪومت لنوايو وڃي.

۽ هاڻ جڏهن هن جانور (لڌڙي) کي اهو سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو، Publicity Stunt خاطر ئي سهي، تہ باقي ٻين جانورن يعني جپان ۾ رهندڙ ڌارين ماڻهن کي بي عزتيءَ جي حد تائين اهو عجب لڳو تہ هنن کي بہ "جيو منهيو" Certificate of Residence ڇو نہ ملڻ کپي. جپان ۾ رهندڙ ڪيترا فارينر هڪ ڏينهن تہ لڌڙي جي شڪل جا چوغا پائي پنهنجي منهن تي هن جهڙيون مڇون ۽ ڪاڌيءَ تي ڪنڀ وارن جو هٽي جلوس جي صورت ۾ يوڪوهاما جي هڪ پارڪ ۾ اچي گڏ ٿيا تہ جيئن جپاني ماڻهن ۽ حڪومت کي خبر پوي تہ سالن کان رهڻ جي باوجود هنن کي جپانين جهڙو ڇو نٿو سمجهيو وڃي، يعني اهو سرٽيفڪيٽ ڪينچو نٿو ڏنو وڃي، جڏهن تہ هو هيڏو ٽئڪس ڏين ٿا ۽ جپان جي ترقيءَ ۾ Contribute ڪن ٿا ۽ هوڏانهن هڪ ڪکي لڌڙي کي اهو سرٽيفڪيٽ ملي ويو. جيڪو بنا ويزا جي هن ملڪ ۾ گهڙيو. هن کي ڪا مقرر پوسٽل ائڊريس ڪانهي، ڪو ٽئڪس نٿو ڏئي، جپاني

ڳالهائڻ جي قابليت نـ برابر اٿس ۽ هن ان سرٽيفڪيٽ (جيو منهيو) لاءِ جپان حڪومت کي درخواست نـ ڏني ۽ هيڏانهن ڪيترا اسين انسان آهيون جيڪي ان Status جي لائق آهيون، پر سرٽيفڪيٽ نٿو ملي. بهرحال ڪجهہ چرچي ۽ ڪجهہ نموني نموني سان، جپان ۾ رهندڙ ڌارين جپان حڪومت اڳيان آواز اٿاريو آهي تـ اسان کي ريزيڊينسي سرٽيفڪيٽ ۽ فئملي رجسٽري سرٽيفڪيٽ ڇو نٿو ڏنو وڃي، جڏهن تـ جپان OECD (آرگنائزيشن آف ايڪانامڪ ڪو آپريشن ائنڊ ڊولپمينٽ) ملڪن مان آهي. ياد رهي تـ جپان ۾ ڌارين (يعني غير جپانين) کي مٿين سرٽيفڪيٽ بدران Certificate of Alien Registration ڏنو وڃي ٿو، جنهن جي گرين ڪارڊ جيتري بہ Value ناهي، جيڪو آمريڪا ۾ پاسپورٽ کان اڳ ڏنو وڃي ٿو.

هن لڏڙي نـ فقط جپان ۾ رهندڙن جي موڊ خوشگوار ڪئي آهي پر ٽائيم، نيوز ويڪ جهڙن ڌارين رسالن ۽ اخبارن ۽ BBC جهڙن T.V چئنل تان پڻ خبرن ۾ دلچسپ مضمونن جو عنوان رهيو آهي. جپان مان نڪرندڙ هڪ انگريزي اخبار Japan Times جيڪا جپان ۾ سڀ کان گهٽي پڙهي وڃي ٿي، هن لڏڙي لاءِ email سروس بہ شروع ڪئي آهي ۽ ماڻهو هن Seal لاءِ جيڪي بہ دلچسپ نياپا tama_chan20@hotmail.com ائڊريس تي موڪلي رهيا

آهن، اهي ڇپبي پڙ رهيا آهن. هڪ به مزاحيه نياپا جيڪي گذريل هفتي جي اخبارن مان نوٽ ڪيا ٿم.

- واهه واهه! تاماچان جي لئه! ڪيس يوڪو هاما جي ’نشي_ڪو‘ وارڊ آفيس بنا گهُرَ جي سرٽيفڪيٽ ڏئي ڇڏيو. ڇئبو ته اهو لڏڙو جيڪو Bering Sea ۾ ڄائو ان ڪي ملڻ صحيح آهي، باقي جپان ۾ رهندڙ ٻين ڌارين لاءِ نه، جيڪي ڳرا ٽئڪس ڏين ٿا ۽ هن ملڪ ۽ قوم جي خذمت ڪن ٿا.
- آئون به Seal(لڏڙو) ٿيڻ چاهيان ٿو (ٽوڪيو ۾ رهندڙ هڪ ترڪ).
- هڪ لڏڙي ڪي بنا درخواست ڏيڻ جي جپان جو ريزيڊنسي سرٽيفڪيٽ ملڻ اسان ڌارين لاءِ وڏي بي عزتي آهي، جيڪي سالن کان هتي جپان ۾ ڌوڙ پيا پايون (جپاني زال جو جرمن مڙس).
- پلا تاماچان لڏڙي سان شادي ڪرڻ سان مون کي پڻ ان سرٽفڪيٽ جو آسرو ٿي سگهندو؟ (جپان ۾ پنجن سالن کان رهندڙ هاليند جي هڪ ڇوڪري).
- جلدي ڪر. وارو ڪر جيئن تون لڏڙي سان شادي ڪرڻ واري پهرين ڇوڪري قرار ڏني وڃين. جي تون ان موقعي جي

تاڙ ۾ نہ آهين تہ پوءِ ٻئي نمبر تي آئون تيار آهيان پر تاماچان تہ نَر آهي هن ملڪ ۾ هڪ نر جو ٻئي نر کي شاديءَ لاءِ Proposal Seal ڏيڻ خبر ناهي ڪيئن لڳندو؟ (هڪ انگريز مرد)

- شاديءَ لاءِ Proposal جي ڪهڙي ضرورت آهي. ڏج ڇوڪري! هڪ لڏڙو تہ بالتي پريل مڇين مان ئي خوش ٿي ويندو (هڪ جپانيءَ جو خط)
- تاماچان کي تہ سرٽيفڪيٽ ملي ويو. مبارڪ هجيس، پر هن جهڙا ڀيا ڪيترا لڏڙا_جيڪي ٽوڪيو جي Ueno چڙيا گهر ۾ آهن، انهن جو ڇا ٿيندو؟ انهن کي تاماچان کان بہ وڌو عرصو جپان ۾ ٿي ويو آهي. لڳي ٿو تہ اهي Entertainer ويزا تي ئي رهندا.
- جيڪڏهن توهان تاماچان لڏڙي سان شادي ڪندائو تہ بہ توهان کي جپان حڪومت ريزيڊنسي سرٽفڪيٽ نہ ڏيندي. وڌ ۾ وڌ تاماچان جي سرٽفڪيٽ ۾ ڏنل Pets(پالتو جانور) جي ڪالم ۾ توهان جو نالو لکندي سو بہ هٿ سان. (ياد رهي تہ جپان جي آدمشماري وقت مهل هر گهر ۾ رهندڙ پالتو جانورن جو تعداد بہ معلوم ڪيو وڃي ٿو۽ جانور جي ڳچي يا ٽنگ ۾ ميونسپالٽي طرفان ڏنل نمبر هجڻ ضروري آهي. هتي جي جپاني شهرين جي ان سرٽيفڪيٽ تي

انهن وٽ موجود پالتو جانور هٿ سان لکيا وڃن ٿا، جن جي مري وڃڻ يا ٻئي کي ڏيڻ يا وڪڻي ڇڏڻ تي ربڙ سان اهو جانور سرٽيفڪيٽ تان ڏاهيو وڃي ٿو.)

- هن خط کي انگريزيءَ ۾ لکڻ سان ئي ان پويان موجود طنز مزاح سمجهه ۾ اچي سگهندو:

Concerning the consummation of the marriage_ you've heard of "Sealed with a kiss" so I suppose this would be "kissed with a seal."

- منهنجي خيال ۾ جپان ۾ رهندڙ اسان فارينرن کي تاماچان لڏڙي وانگر مڇون وڌائي، اگهاڙو ٿي تاما نديءَ ۾ ترڻو پوندو پوءِ شايد يوڪوهاما جي نِشي وارڊ وارا اسان کي به "جيو منهيو" (ريزيڊنسي سرٽيفڪيٽ) ڏيڻ جو سوچين. (هڪ ڪورين جو خط جنهن جو پيءُ به جپان ۾ ڄائو پر سرٽيفڪيٽ اڃا نه مليو اٿس).
- منهنجي خيال ۾ تاماچان (جپانين هڪ ڪکي کي ڇا ته پيارو نالو ڏنو آهي!) هاڻ گائيجن (Gaijin) نه سڏبو ڇو ته هاڻ هن وٽ "جيو مِنهيو" (هتي جي هجڻ جو سرٽيفڪيٽ) آهي.

ياد رهي ته جپان ۾ رهندڙ ڌاريون "گائجين" سڏجي ٿو ۽ ڪٿي ڪٿي، بلڪ آئون ته اهو چوندس ته گهڻو تڻو جپانين لاءِ

گائيجن معنيٰ ”ڄٽ“ پوءِ ڪٽي اهو آمريڪن هجي يا يورپي! ۽ ڏنو وڃي تہ جپانين جي حد کان وڌيڪ آداب ۽ تڪلفات جي مقابلي ۾ اسان هنن لاءِ ڄٽ ئي ٿياسين. اسان وٽ ڪو گلم تي جتيءَ سوڌو اچي ٿو تہ ان کي ڄٽ ٿا چئون. جپاني تہ اهي آهن جيڪي گهر جي اڱڻ تي بہ بوٽ سان نٿا اچن. بوٽ در ٻاهران لاهيندا. پوءِ ڪپڙي جي چپل ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلندا پر ڪمرن ۾ تہ اهي بہ نہ پائيندا. پيرين اُگهاڙا هلندا ويندي اسڪولن ۾ بہ ٻار پنهنجا بوٽ لاهي پوءِ ڪلاسن ۾ وڃن. سوان قسم جي سوين آدابن جو اسين ڪٿي ٿا مقابلو ڪري سگهون.

بهرحال پلا ياڳ ڪِڪي (لڏڙي) جا جيڪو سرٽيفڪيٽ ملڻ بعد گائيجين نہ سڏائيندو ۽ هو رات اندر اڻ آريي مان آري ڄام ٿي ويندو.

## جپان جون ڪجھ مسجدون ۽ اسلامي ادارا

1980ع تائين ٽوڪيو ۾ فقط هڪ مسجد هئي ۽ هڪ اسلامي سينٽر، جنهن جو ڪرتا ڌرتا عبدالارحمان صديقي نالي ڪراچيءَ جو هڪ ننيڍڙي ڏاڙهيءَ سان هو. ڪو پاڪستاني ڪنهن جپاني ڇوڪريءَ سان شادي ڪندو هو تہ عبدالرحمان صاحب هن کي مسلمان بنائڻ ۽ نڪاح پڙهائڻ لاءِ اچي نڪرندو هو. اسان جو نئون جهاز ٽوڪيو جي شپ يارڊ I.H.I ۾ ٺهيو تہ سرڪاري دعوت ۾ جناب عبدالرحمان صاحب کي دعا گهرڻ لاءِ وٺي آيا. ٽوڪيو ۾ ڪجھ ترڪ مسلمان نظر ايندا هئا يا وري ڪوبي ۾ (جتي پڻ هڪ مسجد آهي)، جيڪا جپان جي پراڻي مسجد چئي وڃي ٿي.

ساڳي طرح فرانس ۽ انگلنڊ جهڙن ملڪن ۾ اڄ کان ٽيهارو سال کن اڳ سؤ کن مسجدون مس هيون ۽ هاڻ انهن جو تعداد هزارن کان مٿي آهي. ٻين ملڪن ۾ تہ ٺهيو پر اسٽاڪهوم، مالمو (سئيڊن)، هيلنسڪي (فنلئنڊ) جهڙن هنڌن تي مسجدون ڏسي تعجب لڳي ٿو. اهو ئي حال اڄ جي جپان جو آهي. اڄ جپان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ مسجد ۽ اسلامي تعليم ڏيڻ جا ادارا آهن. بقول هڪ يورپي ڏاهي جي: “Islam is the fastest growing religion” . هن اهو چوڻون

صدي کن اڳ ڇيو هو. پراج چوڏاري نظر ٿي ڊوڙائجي تہ ميٺو پوي ٿو تہ ان ۾ واقعي سچائي آهي. اڄ کان ويهارو سال کن اڳ تائين مون سان گڏ جهاز هلائيندڙ ساٿي اڄ جپان ۾ مسجدن جو وڌيل تعداد ڏسن تہ تعجب ڪائين. ڪجهہ مسجدون جيڪي هن وقت جپان ۾ ڏسي رهيو آهيان يا جن جون ائڊريسون/ فون نمبر نوٽ ڪيا اٿم، هتي ڏيڻ بي محل نہ ٿيندو.

*** ٽوڪيو جامع مسجد**

ڪوبي مسجد وانگر هيءَ پڻ جپان جي پراڻي مسجد آهي ۽ 1938ع ۾ ٺهي، پر پوءِ ڊگهي عرصي ۽ لڳاتار زلزلن ڪري هيءَ شهيد ٿيڻ لڳي ۽ 1986ع ۾ هن کي ڊاهي اڄ واري نئين مسجد ٺاهي وئي آهي. هن مسجد ۾ روز جي پنج وقت نماز کان علاوه جمعي نماز بہ پڙهائي وڃي ٿي. هيءَ مسجد ٽوڪيو جي يويوگي اُئي هارا اسٽريٽ تي آهي، جتي پهچڻ لاءِ توهان ‘اوداڪيو’ يا ‘چيودا’ ريل لائين وٺي سگهو ٿا.

Address: Tokyo 151,0065 Shibuya_Ky,
Ooyamamachi 1_16.
Tel: No: 03_5790_0760

### ❋ ”هِيرواو“ مسجد ۽ عربي اسلامي انسٽيٽيوٽ

هيءَ مسجد ٽوڪيو جي خوبصورت علائقي گنزا جي پرسان Hirooگهٽيءَ ۾ آهي، جتي سب وي Hibiyaلائين ذريعي پهچي سگهجي ٿو. هتي فقط جمعي نماز ٿئي ٿي. هونءَ هيءَ مسجد ۽ ادارو ڏسڻ وٽان آهي_ خاص ڪري رمضان ۾.

Address: Tokyo 106_0046 Minato_ku, Moto Azabu 3_4_18

Tel: / Fax: 03_3404_6622; 03_3404_8622

### ❋ اسلامڪ سينٽر آف جپان

هي ٽوڪيو جي شيمو ڪيٽازاوا گهٽي ۾ آهي، جتي روزانو پنج وقت نماز ۽ جمعي نماز کان علاوه مسلمانن ۽ غير مسلمانن کي اسلامي ڄاڻ مهيا ڪئي وڃي ٿي.

Address: Tokyo 156_001 Steagaya_ku Oohara 1_16_11

Tel: 03_3460_6169, 03_3460_6105

## ❋اوٽسوڪا مسجد

هيءَ مسجد پڻ ٽوڪيو ۾ آهي ۽ اڪِيبُو ڪُورو پرسان Otuska گهٽيءَ ۾ آهي. هيءَ مسجد هاڻ ويجهڙئيءَ ۾ (ڊسمبر 1999ع) ۾ ٺهي آهي. پنج وقت نماز ۽ جمعي نماز کان علاوه تبليغ جي ڪمن ۾ هيءَ مسجد تمام گهڻو Active آهي. ڪيترائي هتي جا مڪاني ماڻهو (جپاني) اسلام بابت ڄاڻ هتان حاصل ڪن ٿا. هن مسجد جي نگهباني ۽ خدمت Japan Islamic Trust پاران دين جو پياءُ هارون ڪري ٿو. هن مسجد ۾ پهچڻ لاءِ يامانوتي يا مارُونائوچي ريلوي لائين وٺي سگهجي ٿي.

Address: Tokyo 170_005, Toshim_Ky, Minami Otsuka 3_24_7

Tel: 03_3971_5631, 03_5950_6310

## ❋اِڪي بُو ڪُورو موشالا

هتي جمعي نماز پڙهڻ جو بندوبست آهي ۽ سب وي مارونائوچي يا يوراڪوچو ريل گاڏيون پهچن ٿيون.

Address: Tokyo Toshima_Ky.Nishi Ikebukuro 1_2_3_401

Tel: 03_3985_4669

***شِن اوڳُوبو موشالا**

هتي جمعي جي ڏينهن جي نماز ٿئي ٿي. هيءَ مسجد ٽوڪيو جي خوبصورت علائقي "شنجوڪو" جي شِن اوڪوبو گهٽيءَ ۾ آهي، جتي ياما نوتي لائين ذريعي پهچي واري گهٽي ۾ اوڪوبو ۾ لهي سگهجي ٿو. هن جا آرگنائيزر ميانمار (برما) جا مسلمان پاڻ آهن. هن ۾ عورتن کي اچڻ لاءِ جهل آهي.

Address: Shinjuku_ku_Hayakunicho_ 2_10

***شِبُويا مُوشالا**

جمعي جي نماز پڙهڻ لاءِ هيءَ عبادت جي جاءِ شي بويا گهٽي ۾ آهي ۽ ٽوڪيو جي مين شاپنگ سينٽر گنزا کي تمام ويجهو آهي. هتي پهچڻ لاءِ يامانوتي يا هان زومون ريل ذريعي پهچي سگهجي ٿو.

Shibuyaku Dougenazaka, Sagas_Bldg.: 11FR 1107 Address

***دارالارقام (اساڪسا مسجد)**

هتي جمعي ۽ روز جي نماز کان علاوه واعظ بہ هلي ٿو. هيءَ مسجد ۽ ادارو ICOJ (اسلامڪ سرڪل آف جپان) طرفان اوئي نو ۾ مينامي سينجو جي پرسان اساڪسا گهٽيءَ ۾ آهي. پهچڻ لاءِ سب وي اساڪسا لائين يا گنزا لائين ذريعي پهچي سگهجي ٿو.

Address: Tokyo 111_0025 Daitou_ku

Higashi Askausa 1_9_12

Tel: 03_387_6061

***مڪي مسجد (اوهيانا جايا)**

هيءَ مسجد پڻ ٽوڪيو جي علائقي ۾ اوهانا جايا گهٽي ۾ تاتيئشي گهٽي ءَ جي ڪراسنگ تي آهي ۽ Keisei ريل ذريعي پهچي سگهجي ٿو. هن مسجد جا آرگنائيزر ”مرڪز تبليغ“ وارا آهن. مسجد ۾ روز جي نماز ۽ جمعي نماز پڻ ٿئي.

Address: Tokyo 124_001 Katsu Shikha_Ku:

Yotusgi 5_22_14

***بالائي انڊونيشيا، SRIT(ميگورو)**

هي جپان ۾ رهندڙ انڊونيشي مسلم ڪميونٽي وارن جو ادارو آهي، جتي فقط جمعي نماز جو بندوبست آهي. هتي پهچڻ لاءِ يامانوتي ريل ذريعي ميگورو گهٽيءَ واري اسٽاپ تي لهجي.

Address: Tokyo 152_0063 Meguro_Ku_ Meguro 4_6_6

Tel: 03_3715_6459.

مٿيون سڀ مسجدون ٽوڪيو جي مختلف علائقن جون آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته ٽوڪيو وڏو شهر هجڻ ڪري ڪا مسجد ڪهڙي ڪنڊ ۾ آهي ته ڪا ڪهڙيءَ ۾. جيئن ڪراچيءَ ۾ ڪا ملير ۾ هجي ته ڪا ڪلفٽن ۾ ۽ ڪا نارٿ ناظم آباد ۾. ’موشلا‘ اهي جايون آهن، جيڪي نماز لاءِ مسواڙ تي ورتل آهن.

مسجد اوتسوڪا جيڪا ٽوڪيو جي مشهور اوتسوڪا واري علائقي ۾ آهي، جنهن لاءِ مٿي لکي چڪو آهيان ته ڊسمبر 1999ع ۾ هيءَ نهي راس ٿي، جي نهڻ تي ٽي ڪروڙ رپيا خرچ آيو جنهن مان اڌ کن پئسا جپان ۾ رهندڙ مسلمانن ڏنا ۽ باقي پئسا ٻاهرن ملڪن کان آيل چندي مان پورا ڪيا ويا. ان ۾ وڏو حصو سعودي عرب جي شهزادي سلطان بن عبدالعزيز ڏنو ۽ ڪجهه ”رابطہ عالمِ اسلامي، مڪہ مڪرمہ“ کان مليو.

مسجد جي Opening Cermony چوٿين فيبروري 2000ع تي خانہ ڪعبہ جي خطيب ۽ امام مرحوم ڊاڪٽر عمر بن محمد اسبيل ڪئي.

هيءَ مسجد اَوتُسوڪا گهمڻ لاءِ غير مذهب جي ماڻهن، خاص ڪري جپانين جي همٿ افزائي ڪئي وڃي ٿي. مسجد جا خدمتگار نہ فقط هيءَ مسجد گهمائين ٿا پر توحيد تي ليڪچر ڏين ٿا ۽ نماز پڙهڻ سيکارين ٿا. مسجد جي آرگنائيزرن ٻڌايو تہ هن مسجد کي ڏسڻ ۽ اسلام بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترائي جپاني اڪيلي سر يا گروپن جي شڪل ۾ ايندا رهن ٿا. اسان طرفان کين فقط هي ڪجهہ گذارشون آهن.

* ڪوشش ڪريو تہ هن مسجد جي پاڙي ۾ رهندڙن جي آرام يا ڪم ڪار ۾ ڪو رخنُو نہ پوي.

* مسجد وٽ پارڪنگ ملڻ ڏکي آهي. پاڙيسرين جي گهر اڳيان گاڏي بيهاري، هنن کي ڊسٽرب ڪرڻ کان بهتر آهي تہ پير واري بس اسٽاپ يا سب وي تي ريل رستي اچو جتان مسجد تائين ٽن چئن منٽن جو پنڌ آهي.

* گرائونڊ فلور تي ليڊيز سيڪشن ۾ مردن کي وڃڻ جي اجازت ناهي.

❋ مسجد ۾ گهڙڻ کان اڳ عورتن لاءِ ضروري آهي تہ هو ڪپڙي (Scarf) سان مٿو ڍڪين.

❋ مسجد ۾ سگريٽ نوشي منع آهي.

❋ پاڻ سان گڏ ڪا بہ خطري واري شيءِ (گاسليٽ، پيٽرول وغيره) آڻڻ جي منع آهي.

❋مسجد ۾ سمهڻ جي اجازت ناهي.

❋ مسجد ڇڏڻ وقت پاڻ سان آندل شيون ياد ڪري واپس کڻي وڃو.

❋ مسجد اندر پنهنجا موبائيل فون بند رکو.

❋ غير مسلم مسجد ۾ لڳل انٽرڪام ذريعي مسجد جي آفيس وارن سان ضرور Contactڪن.

**❋ ٽوڪيو کان ٻاهر واريون مسجدون**

**❋ ”اِچي نوواري“ مسجد**

اها مسجد سندس نالي سان پيل گهٽي Inchinowari۾ يوڪوهاما شهر جي پر واري علائقي سائيتاما ۾ آهي، جتي روز جي نماز کان علاوه جمعي نماز بہ پڙهائي وڃي ٿي. هتي Tobu_Isesaki

ريل ذريعي پهچي سگهجي ٿو. مسجد جي آرگنائيزر Markaz I Shlaho Tarbiya (تبليغ جماعت) آهن ۽ ائڊيس هن ريت آهي:

Address: Satiama 344_0033, Kasukabe, Shi

Bingo Nishi 1_16

Tel: 048_736_2767

*** چيبا شهر ۾ گيتوڳو گهٽيءَ ۾ روز جي نماز ۽ جمعي نماز لاءِ هيرا مشالا نالي مسجد**

Tel: 047_395_8449, 047_398_0261.

*** ياما تاچي شهر ۾ مسجد** جتي پڻ روز جي پنج وقتن کان علاوه جمعي نماز پڙهائي وڃي ٿي.

***تودا مسجد**

هيءَ مسجد سائيتاما ۾ آهي ۽ پنج وقت روز جينماز کان علاوه جمعي نماز بہ پڙهائي وڃي ٿي.

Tel: 048_343_8350, 048_434_8351

***ياشينو مسجد، سائيتاما**

هيءَ مسجد پڻ سائيتاما ۾ آهي ۽ مٿين مسجدن وانگر هن جو بہ فقط فون نمبر لکڻ ڪافي سمجهان ٿو.

Tel:090_4920_6502

## ❊تسوڪوبا مُوشالا، اباراڪي

هيءَ مسجد اباراڪي شهر ۾ آهي، جيڪا Tsumra (ٽُسوڪوبا مسلم ريزيڊنٽس ايسوسئيشن) وارن طرفان آهي. هتي پڻ روز جون پنج نمازون ۽ جمعي نماز پڙهائي وڃي ٿي، هتي جو فون نمبر ته ملي نه سگهيو پر ائڊريس هن ريت آهي:

Address: Ibaraki 305_0821 Tsukuba_shi Kuasuga 2_31_1 Bella Kasuga 113.

❊تسوموا ضلعي ۾ هڪ مسجد **آئي سيساڪي**، گنما ۾ آهي. گنما جي ساڪائي ماچي اسٽريٽ تي هڪ **”ساڪائي ماچي“** نالي مسجد پڻ آهي. (فون نمبر 0270_47_2258) جتي پڻ پنج وقت روز جي ۽ _ جمعي نماز پڙهائي وڃي ٿي. ڪاناگاوا ضلعي ۾ ماچيدا واري مسجد، ايبينا واري مسجد ۽ فوجي ساوا واري مسجد _ جن سڀني ۾ روز جون ۽ جمعي نمازون پڙهايون وڃن ٿيون.

ان کان علاوه جپان جي ٻين شهرن ۾ ٻيٽن تي ڪيترين ئي مسجدون آهن، جيئن جپان جي اتراهين ٻيٽ Hokkaido جي گاديءَ واري شهر ساپورو ۾ **”هوڪائيدو اسلامڪ سوسائٽي“**(HIS) جي نگهباني هيٺ نهيل مسجد.

*سينڊائي شهر ۾ (ICCS) اسلامڪ ڪلچر سينٽر سينڊائي جي بندوبست هيٺ هلندڙ مسجد (فون: 2820_268_022) جتي رڳو جمعي نماز ٿئي.

* ناگوڪا شهر ۾ **ناگا اوڪا مسلم ايوسيئيشن**(NAMASS)طرفان.

* نگاتا ضلعي جي Iwata شهر ۾ ايواتا مرڪز طرفان (فون: 1370_33_0538)

* نگويا شهر ۾ ٻه مشهور مسجدون: **شن انجائو مسجد ۽ نگويا مسجد**_ جن جا فون نمبر هن ريت آهن: 7678_74_0566 ۽ 2380_486_052

* ڪيوٽو (جپان جي پراڻي گاديءَ واري شهر) ۾ ڪيوٽو مسلم ايسوسيئيشن وارن جي مسجد.

* ڪوبي شهر ۾ هتي جي سڀ کان پراڻي مسجد **ڪوبي مسجد** جيڪا 1935ع ۾ ٺهي ۽ ڪوبي شهر جي ”سن نومِيا“ اسٽيشن وٽ آهي (فون: 6060_231_078)

* ڪيوشو ٻيٽ جي شهر فڪوئوڪا ۾ ”ڪيوشو يونيورسٽي مسلم اسٽوڊنٽ ايسوسيئيشن“KUMSAطرفان هتي رهندڙ مسلمانن لاءِ نماز روزي جو بندوبست آهي.

# ٻئي جي ڪلچر جي سڃاڻپ لاءِ

جپان ۾ هيڏي Modernization اچڻ باوجود پراڻيون رسمون رواج، ريتون ۽ وهنوار ۽ وهم وسوسا اڄ به ڪيترن ئي هنڌن تي ساڳيا هلندا اچن.

ڪيترين ئي جپاني فئملين ۾ اڄ به اهو وڏي پٽ تي فرض آهي ته هو ۽ هن جي زال ماءُ پيءُ جي مرڻ گهڙي تائين خدمت ڪن. ان ڪري ڪيتريون ئي جپاني ڇوڪريون ڪنهن به خاندان جي وڏي پٽ سان شادي ڪرڻ کان لنوائين ٿيون، ڇو جو هنن کي مڙس جي ته خدمت ڪرڻي پوندي پر سس سهري جي پڻ. بهرحال اها ئي ڳالهه آهي ته، ماءُ پيءُ پنهنجي سموري ملڪيت يا ان جو وڏو حصو پنهنجي وڏي پٽ جي ئي حوالي ڪن.

ڪنهن خاندان ۾ پٽ نه هوندو آهي ته وڏي ڌيءُ جو مڙس پنهنجي سهري جي خدمت توڙي ڪاروبار هلائڻ جي جوابداري کڻندو آهي ۽ ڪيترا ته پنهنجي ذات به مٽائي زال جي يعني سهري جي رکن. ان صورت ۾ به عورت کي يعني ڌيءَ کي گهٽي خدمت ڪرڻي پوي ٿي. هونءَ ئي جپاني معاشري ۾ عورت جو سر هليو وڃي. نوڪر چاڪر رکڻ جو ته رواج ئي ڪونهي، گهر جي صفائي، ڪپڙا گنديون ڌوئڻ ۽

استريءَ کان وٺي مڙس ۽ ٻارن جي خدمت چاڪري ڪرڻ هن لاءِ ضروري آهي. سڄو ڏينهن ڏسبو ته جپاني عورتون پيون گهر ٻهارينديون ۽ پوچا ڏينديون. سندن مڙس هر وقت سونڊيا ڦوڪيا هلندا ۽ زالون هر وقت راڻي ڪي ريجهائڻ ۾ پوريون هونديون. جپاني عورت سُک جو ساهه تڏهن کڻي ٿي، جڏهن مڙس جو ساهه نڪري ٿو.

آئون هڪ جپاني فئمليءَ کي سڃاڻان ۽ هينئر ٻه منهنجي ساڻن ملاقات ٿيندي رهي ٿي. زال مڙس ٻئي پوڙها آهن پر تڏهن ٻه مڙس جو هر ڪم سندس زال ڪندي رهي ٿي. اولاد ۾ پٽ نه اٿن سو سندن اڪيلي ڌيءَ پنهنجي مڙس سان گڏ هنن سان گڏ رهي ٿي. ڌيءَ وڏي شوقين ۽ مغرب جي آزاد سوسائٽيءَ کان متاثر آهي، جنهن معاشري ۾ عورت ٻه ڏنڊين ڏاند آهي. هن جي وڏي خواهش هئي ته ڪنهن آمريڪن سان جيڪر شادي ٿئي ها پر هاڻ جپانيءَ سان شادي ڪري، سڄو ڏينهن ويٺي هن جي خدمت ڪري. پاڻ الڳ ۽ سندس ماءُ الڳ پنهنجن مڙسن جون شڪايتون ڪنديون رهن ٿيون. وري ماءُ ڌيءَ پنهنجن مڙسن جون هڪ ٻئي سان دانهون ڪنديون ته وهنجي نڪرن ٿا ته باٿ روم کي پوچو ٻه نٿا ڏين. سڄي گهر جا ڪپڙا ڌوئي سڪايون ٿيون پر ڪانئن پنهنجا ڪپڙا ٻه استري نٿا ٿين. پٽاٽا بصر ٻه خود مارڪيٽ مان وٺي ڳريون ٿيلهيون کڻي گهر اچي رڌ پچاءُ ڪريون

پر ڪائن پنهنجا ٿانوَ ٻہ نٽا ڌوپن. در اصل جپاني سوسائٽي اهڙي آهي جواِهي سڀ ڪم عورت جا ليکيا وڃن ٿا. ڪو مرد جيڪڏهن گهر ۾ استري ڪندو يا ٿانوَ ڌوئيندو يا بوٽ پالش ڪندو تہ عورت خود ئي ڪرڻ نہ ڏيندس جو پيو ڪو ڏسي وٺندو تہ هن تي (زال تي) کلندو تہ ڪهڙي ڪاهل ۽ بي وفا آهي. بهرحال مٿين فئمليءَ جي ڇوڪري انگريزي فلمون ۽ آمريڪن ناول پڙهي پڙهي پنهنجي جپاني سوسائٽيءَ مان سخت بيزار ٿي پئي آهي ۽ وري اهڙي وات ڦاٽي آهي جو هڪ ڏينهن کلندي چوي ٿي تہ خبر ناهي ڪڏهن اسان (ماءُ ڌيءُ) جا مڙس مرندا جو اسين عيش ڪنديونسين.

جپاني ڇوڪريون پنهنجا جپاني يا ڌارين ملڪن جا بواءِ فرينڊ ناهينديون پر هو شاديءَ کان اڳ ڌار فليٽ ۾ نہ رهنديون، جيئن يورپ پاسي عام آهي. هتي جپاني ڇوڪرو ڇوڪري ملندا ضرور پر رهندا ماءُ پيءَ سان، جيسين شادي ٿئين. هر بلڊنگ جي هر فليٽ ۾ سادي شده فئملي نظر ايندي.

اڄڪلهہ هڪ جپاني ناول ’ماڪِي اوڪا‘ (Makioka) پيٽيون تمام ٽاپ تي پيو وڃي. ان ۾ وڏي ڀيڻ يوڪيڪو شادي نٿي ڪري، ان ڪري ننڍي ڀيڻ تائيڪو جي شادي نٿي ڪئي وڃي، جيتوڻيڪ هن لاءِ رشتا ايندا رهن ٿا. آخر ننڍي ڀيڻ اهو سوچي تہ وڏي

پيڻ يوڪيڪو شادي نٿي ڪري، ان ڪري منهنجي بہ عمر هلي ويندي، هوءَ پاڙي جي هڪ ڇوڪري سان (جنهن سان هن جو عشق هلي رهيو هو ۽ جي وڏي پيڻ شاديءَ لاءِ راضي ٿئي ها تہ تائيڪو جي شادي سندس پسند جي هن ڇوڪري سان هونءَ بہ ٿي وڃي ها)پڇجي ٿي وڃي. اها ڳالهہ نہ ڇوڪر جا نہ ڇوڪريءَ جا مائٽ پسند ڪن ٿا ۽ ٻنهي کي آخر ڳولي ڳولي پنهنجي پنهنجي گهر وٺي اچن ٿا.

هونءَ جپاني يا ڪنهن ٻي قوم جي ڪلچرل اسٽڊي ڪرڻي آهي تہ ان کي ان جي ملڪ ۾ وڃي ڏسجي، ان جي سوسائٽي ۾ رلي ملي وڃجي ۽ جيتري قدر ٿي سگهي تہ انهن جي زبان جي واقفيت رکجي. ملائيشيا توڙي جپان منهنجو ڏهہ سال کن جهاز ايندو رهيو. بندرگاهہ ۾ ايندو هو تہ ملائيشيا يا جپان جا ماڻهو جهاز تان سامان لاهڻ چاڙهڻ لاءِ، جهاز جي مرمت لاءِ يا اسان وٽ جهاز جي ڊائيننگ هال ۾ ويهي ماني ٽڪي کائڻ لاءِ ايندا رهيا ٿي پر صحيح معنيٰ ۾ سندن يا سندن ڪلچر جي سڃاڻپ ۽ سمجهہ تڏهن ٿي، جڏهن انهن ٻنهي ملڪن ۾ جهاز ڇڏي سندن شهرن، محلن ۽ گهٽين ۾ رهڻ لڳاسين ۽ پوءِ اسان کي نہ فقط انهن ماڻهن جون ريتون رسمون ۽ عادتون سمجهہ ۾ اچڻ لڳيون پر ڪلچر پڻ. ساڳي طرح سئيڊن ۾ پڻ ٿيو. ڪيترا دفعا يورپ_خاص ڪري Scandinavia جا ماڻهو ٻين ملڪن ۾ مليا

هوندا، ڪيترا دفعا اسان جو جهاز ناروي، ڊئنمارڪ توڙي سئيڊن جي بندرگاهن ۾ ويو هوندو پر هنن جي ڪلچر جي صحيح تصوير دماغ ۾ تڏهن ويٺي، جڏهن لڳاتار ٻن سالن لاءِ اتي جي ماڻهن سانگڏ اتي جي گهٽين ۾ رهڻ ٿيو. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي هن جي پنهنجي ماحول ۽ معاشري مان ڪڍي ٻئي هنڌ هن کي يا هن جي ڪلچر کي پرکڻ جي ڪوشش ڪندائو تہ توهان کي مختلف روپ نظر ايندو. جيئن اسان جا ڪيترا قومي اخبارن جا جرنلسٽ اسلام آباد ۾ ويهي سنڌ بابت لکن ٿا يا ڪيترا گورا (آمريڪن توڙي يورپي) واشنگٽن ۽ جنيوا جي فائيو اسٽار هوٽلن ۾ ويهي اسان تي ۽ اسان جي مذهب بابت لکن ٿا. ان ڪري انهن جون ڪيتريون ڳالهيون حقيقت کان ڏُور ثابت ٿين ٿيون.

سئيڊن ۾ هڪ جرنلسٽ ايران ۾ رهندڙ عورتن بابت عجيب ظلمن جون ڳالهيون ٻڌايون. مون کانئس پڇيو توکي ڪيئن خبر پيئي؟

”هتي هڪ ايراني عورت پنهنجو ملڪ ڇڏڻ ۽ اسان جي ملڪ سئيڊن جي قوميت وٺڻ دوران اهي ڳالهيون ٻڌايون.“ هن ٻڌايو. هن جي دماغ ۾ ايراني مرد ۽ اسلام بابت ڪيڏو تہ غلط Image هو.

ڪاش هوءَ ايران وڃي خود تحقيق ڪري ها تہ مختلف روپ نظر اچيس ها.

آمريڪن مشهور ناول Moby Dick ۾ ان قسم جي غلط ڪلچر جي ڪوجنا بابت ناول جو هڪ ڪردار اشماعيل (Ismael) واهہ جو مثال ڏئي ٿو. اشماعيل وهيل مڇين جي ڪوجنا پوري محنت سان ڪري ٿو. هڪ مڇي ڪناري تي اچڻ تي هن جي ڪو تصوير چٽي ٿو جنهن کي ڏسي هو تعجب ڪائي ٿوءِ سوچي ٿو تہ هن قسم جي پياري جانور جي ڪناري تي ويهي ڪو بہ هوبهو شڪل چٽي نٿو سگهي. هو جڏهن اونهي سمنڊ ۾ ترن ٿيون تہ هنن جي جسم جي Shape ڪجهہ ٻي ٿيو وڃي. ڇو جو هڪ دفعو هنن جانورن کي اونهائين مان، جتي چوڌاري سمنڊ جو وڏو پريشر آهي، ٻاهر ڪناري تي آڻڻ سان هنن جي بدن جي صورت ئي بدلجيو وڃي. وهيل مڇيءَ کي وهيل مڇيءَ جي صورت ۾ ڪو ڏسڻ چاهي ٿو. اشماعيل کي سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هن کي اونهي سمنڊ ۾وڃي ڏسڻ کپي.

اهڙيءَ طرح ڪنهن بابت اسان صحيح ڄاڻ رکڻ گهرون ٿا تہ ان جي ئي ملڪ ۽ ماحول ۾ وڃڻ کپي. بقول موبي ڊڪ جي اشماعيل جي:

“We must be prepared to become deep-divers.”

# جپاني_ چاڪين جا ڍڳا

جپانين کي غور سان ڏسڻ سان هنن جا ڪيترا ڪم (Actions) روبوٽ وانگر لڳندا. صبح جو گهران نڪري پنهنجو فوٽ پاٿ ڏئي بس اسٽاپ تائين پهچندا. فوٽ پاٿ تي ڪنهن جي ڪا شيءِ ڪِري پوڻ تي هڪدم بيهي رهندا، جيسين هوا اها ڪٽي هلڻ لاءِ فوٽ پاٿ خالي ڪري. ان وقت ڪٽي ٽريفڪ نہ هجي پر فوٽ پاٿ تان قدم هيٺ لاهي ٻہ چار وکون ان رستي تان نہ هلندا، جيڪو لارين موٽرن لاءِ آهي. بس ۾ ٻہ چڙهڻ بعد پٺيان هليا ويندا، جيئن ٻين جي چڙهڻ لاءِ جاءِ ٺئي. اهڙي طرح سندن ٻيا سوين ائڪشن. اسان ائين ئي پيا هلنداسين ۽ اهڙا قاعدا جن جي پيڇڪڙي ڏوهہ جو ڪم ناهي آرام سان پورا ٿي سگهيا تہ واهواه نہ تہ مڙيئي خير آهي ۽ اها ئي ڳالهہ اسان کي جپانين کان ڌار ڪري ٿي. هنن لاءِ هڪڙا "پاڻ" آهن، يعني جپاني ۽ ٻيا مڙيئي "گائيجن" جن ۾ يورپي، آفريڪي اسين ايشين _ مطلب تہ سڀ گرا گنجا اچي وڃن ٿا.

رستي هلندي شل نہ ڪنهن جپانيءَ کان_ مرد توڙي عورت کان، ڪنهن بس اسٽاپ، دڪان يا آفيس وغيره جو ڏس پڇو. بس روبوٽ (صاحب/ صاحبہ) پريشان ٿي ويندا. اسان وٽ يا ٻين ملڪن ۾

ڪنھن کي معلوم نہ ھوندو تہ چوندو مون کي ڪھڙي خبر. يا فضيلت سان جواب ڏيندو تہ بہ وڏ ۾ وڏ چوندو ”آءِ ايم ساري! مون کي خبر ناھي يا آئون پاڻ ھتي نئون آھيان.“

پر جپانيءَ کي پلي خبر نہ ھجي، پلي نئون ھجي، ھو توھان جي مشڪل آسان ڪرڻ لاءِ پيو زور لڳائيندو. ھيڏانھن ھوڏانھن ڊوڙندو ٻين کان پڇندو... ايتريقدر جو توھان بيزار ٿي پوندا تہ توھان اجايو پڇيو. ھاڻ رڳو جان ڇڏي. ڪيس پريشانيءَ جي حالت ۾ ڏسي توھان کي ھن تي قياس پيو ايندو.

ھڪ دفعي ڪيٽا ڪيوشو شھر جي ڳوڳورا (Kokura) ريلوي اسٽيشن وٽ، ھتي جي ھڪ مارڪيٽ ۾ بيٺو ھوس. جيئن آمريڪا ۾ One Dollar شاپ ٿين ٿا، جن ۾ ھر شيءِ ڊالر جي ملي ٿي يا مڪي ۽ مديني ۾ بہ ڪيترا اھڙا دڪان آھن، جن ۾ ھر شيءِ ٻن يا ٽن ريالن جي ملي. اھڙي طرح جپان ۾ ھر شھر ۾ ”سؤ يين“ وارا دڪان بہ ٿين، جن ۾ تمام گھٽيون شيون ۽ قيمت جي حساب سان سستيون ٿين ۽ ماڻھن جي انھن دڪانن ۾ پيھہ پيھان ھوندي آھي. ھتي ڪيٽاڪيوشو شھر ۾ اھڙو ھڪ تمام وڏو دڪان ”چاچاچا ٽائون“ ۾ آھي، جيڪو مارڪيٽ نما ٽائون ”سناٽسو“ بس اسٽاپ وٽ آھي. احسن ۽ ايمان وارن (منھنجي ڏوھٽن) جو اسڪول پڻ اتي ئي

آهي، سو شام جي وقت ڪڏهن ڪين ونڻ ويندو آهيان تہ وقت هجڻ جي حالت ۾ اتي چاچاچا ٽائون ۾ چڪر هڻندو آهيان . خاص ڪري ان سؤيين واري دڪان ۾.

ڪنهن ٻڌايو تہ اهڙا ٻہ دڪان گوگُورا ريلوي اسٽيشن کان ”هاءِ وا دوري“ ڏي ويندي اچن ٿا. مون گوگُورا کان هاءِ وا دوري بس اسٽاپ تائين چڪر هنيا، پر جنهن ڏگهي مارڪيٽ ۾ مون چڪر هنيا ان ۾ مون کي نظر نہ آيا. ٽڪجي گهر موٽڻ لاءِ ’هائي وا_دوري‘ بس اسٽاپ تي بس لاءِ اچي بيٺس تہ هڪ بس ان وقت نڪري وئي. جيسين ٻي بس اچي. مون کي ڪٿيءَ ڪنيو جو پر ۾ بيٺل هڪ عورت کان پڇي وٺس تہ هتي ”سؤيين“ وارو دڪان آهي، پر مون کي ملي ڪونہ ٿو. بس منهنجو پڇڻ ۽ هن جو وڏي اعتماد سان ’ها‘ ڪرڻ، جنهن کي مون اهو سمجهيو تہ هن کي ڪا دڪان جي خبر آهي، جنهن لاءِ ”ها“ ڪيو اٿس. جيتوڻيڪ هن جو ’ها‘ مان مطلب اهو هو تہ هوءَ ٻولي ڏيڻ لاءِ تيار آهي. هوءَ هڪ گهٽيءَ مان ڦيرائي مون کي ٻيءَ ۾ وٺي تي آئي، آئون ٿڪل تہ اڳهين هوس، هن ويتر ٿڪائي رکيو. وري پنهنجي منهن ڪنهن دڪاندار کان پڇيو اچي، جنهن کي پڻ ڪا خبر نہ هجي ۽ هيءَ مون کي وري ٻي گهٽي ۾ وٺيو هلي ۽ آئون ان سوچ ۾ تہ اجهو اهو ملي

ويو. آخر جان ڇڏائڻ لاءِ چيومانس تہ ائين ئي پڇيم ٿي، شايد اھو دڪان نہ ھجي.

”نہ آھي، مون کي خبر آھي.“ ھن چيو.

”ڪٿي آھي؟“ مون روبوٽ کان پڇيو. روبوٽ چيو، ”اچ“. پوءِ ھوءَ تکو سامھون واري بس اسٽاپ ڏي وڌڻ لڳي، جتان بس ”آسانو“ ۽ ”سناتسو“ بس اسٽاپ ڏي وڃي ٿي، جتي چاچاچا ٽائون آھي. رستي تي مون کي يڪدم خيال اچي ويو تہ، ھيءَ مون کي ساڳي چاچاچا ٽائون واري ”سئيين“ واري دڪان ڏي بس ۾ وٺي ھلڻ ٿي چاھي.

”ڪٿي تون چاچاچا واري دڪان ۾ وٺي تہ نہ پئي ھلين؟“ مون پڇيومانس. ھن ھائوڪار ۾ ورندي ڏني ۽ مون ٻڌايومانس تہ ان دڪان جي خبر آھي. بھرحال ان پڇ ڳڇ بعد موٽي پنھنجي بس اسٽاپ تي پھتاسين تہ، تي چار بسون لنگھي چڪيون ھيون. مون دل ئي دل ۾ سوچيو تہ آئون تہ واندو ٿيس پر ھن کي شاباش ھجي، جو پنھنجو وقت ويھي وڃايائين. پر جيئن تہ ھن جي دماغ ۾ اھا ڳالھ Programmed آھي تہ ڪنھن جي پڇڻ تي ھن کي دڳ لاھڻو آھي تہ ھوءَ اھو ئي طريقو اختيار ڪري رھي ھئي.

صبح جي وقت دڪاندار مرد توڙي عورتون پنھنجي دڪان جو شٽر مٿي ڪري پھرين دڪان اڳيان فوٽ پاٿ تي ٻھاري ڏئي

ڪچرو ڪٽي، پوءِ دڪان کي صاف ڪنديون (اسان وٽ پھرين دڪان کي ٻهاري ڏئي صاف ڪري، ڪچرو ڪٽي، دڪان جي اڳيان واري رستي کي صاف ڪرڻ بدران ان جي مٿان دڪان وارو ڪچرو اڇلائي وڏيڪ گندو ڪن) بھرحال هتي جي ماڻهن ۾ رستي صاف ڪرڻ جي اهڙي عادت آهي، جو اهو صاف هوندو ته به پيا ٻهاري ڏيندا. ڇو جو هنن جي دماغ ۾ اهو ئي طريقو پريل آهي، جيڪو هنن جي دماغ لاءِ قابل قبول آهي. هتي جپان ۾ ان ڳالھ کي شِڪاتا (Shikata) سڏجي ٿو. يعني ڪنھن به شيءِ کي ڪرڻ جو مڃيل طريقو. ڊڪشنري مطابق جپاني لفظ شِڪاتا جي معني آهي: Accepted ways of doing things ۽ جپان ۾ شِڪاتا جي رول کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. شِڪاتا جو هڪ فائدو آهي ته ماڻهن کي ڪو به ڪم ڪرڻ جو هر دفعي نئون نئون طريقو ڳولڻو نٿو پوي. هڪ طريقو سيني جي ذهن ۾ رهي ٿو ۽ پوءِ ڪم هڪ ڪان وڏيڪ ماڻهو ڪن ٿا. تڏهن به آرام سان ٿيو وڃي جو هر هڪ کي خبر آهي تهڇا ڪرڻ کپي يا اڳلو ڇا ٿو Expect ڪري ٿو.

شِڪاتا جو نقصان اهو آهي ته، ڪو اهڙو نئون ڪم نڪريو پوي جنھن جي ڪرڻ جو طريقو پھرين کان مقرر ٿيل نه آهي، ته پوءِ هي جپاني همراھ مُنجھيو پون ته ڇا ڪرڻ کپي. هتي جي سوسائٽي ۾ اها

Creativity نہ آهي جو هي فقط روبوٽ وانگر ڪم ڪن ٿا. بقول هتي جي هڪ انگريز پروفيسر جي:

“The Japanese culture has its set way of doing things”

هڪ اسان جهڙو ڌاريون ماڻهو جڏهن هتي اچي ٿو تہ هن کي هر ڪم ڪرڻ جا پنهنجا طريقا ٿين ٿا. هو هتي جي جپاني طريقن کان اڻ واقف ئي ٿئي ٿو.

مون کي شروع جي ڏينهن جو هڪ مثال ياد ٿو اچي، جڏهن آئون ٽوڪيو آيو هوس. اسان جي جهاز جي انجن ”سلزر“ جپان جي هڪ ٻئي بندر نديڙي شهر ”آيوئي“ ۾ ٺهي هئي. جپانين کي جهازن جي ان انجڻ (Sulzer) ناهڻ جي سئٽزرلينڊ وارن هاڻ اجازت ڏني هئي، نہ تہ اها انجڻ پولينڊ، اسپين ۽ يوگوسلاويہ ۾ ڪافي سالن کان ٺهي رهي هئي ۽ منهنجو فقط انهن ملڪن جي انجڻ وارن جهاز کي هلائڻ ٿيو هو. جپانين مون کي ’آيوئي شهر‘ واري فئڪٽري ڏسڻ لاءِ چيو جيئن آئون سندن ڪم ڏسي سگهان. اتي پهرين ڏينهن منجهند جي ماني فئڪٽريءَ ۾ ماڻهن سان کائڻ دوران هي واقعو درپيش آيو. اتي جي ميس جي خدمتگار عورت مانيءَ بعد ٽانو ڪٽي سيني اڳيان فروٽ ۾ ڪينو جهڙو سنگتڙو (Orange) رکيو جنهن کي کائڻ لاءِ جڏهن

اسين سڀ ان جون ڪلون لاهڻ لڳاسين تہ اوچتو مون کي محسوس ٿيو تہ منهنجا جپاني ڪليگ ٽيڏي اک سان مون کي غور سان ڏسي رهيا هئا. پهرين مون کي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇو. هو بہ هٿ سان چلي رهيا هئاءِ آئون بہ ائين ڪري رهيو هوس. ڪپ يا پليٽ بہ ڪنهن جي اڳيان نہ هئي جو منهنجا جپاني چون تہ هي بي افعالو ڪپ سان چلڻ يا اڏ ڪرڻ بدران هٿ سان چلي رهيو آهي.

ايتري ۾ خدمتگار عورت نئون سنگتڙو ڪٽي منهنجي ٽپائي وٽ آئي ۽ منهنجي لاءِ اهو سنگتڙو آهستي آهستي ڪري ائين چلڻ لڳي، جيئن ڪل ٽڪرا ٽڪرا نہ ٿئي. هن هڪ پيس ۾ ڪل کي لاهي ان کي ٽپائيءَ تي رومال وانگر رکيو ۽ مون کي سنگتڙي جو وات مان ٻاهر ڪڍيل ٻج ۽ گودي جو ڦوڳ ان تي رکڻ لاءِ اشارو ڪيو. مون چوڌاري پنهنجن ساٿين ڏي نظر ڪئي ۽ مون کي سمجهہ ۾ اچي ويو تہ جنهن وقت آئون سنگتڙيتان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪلون لاهي رهيو هوس تہ ٻيا مڙيئي هڪ پيس ۾ ڪل لاهي رومال يا ٽري جي ڪم لاءِ رکي رهيا هئا. ڪائي اٿڻ مهل هرڪو پنهنجي رومال جهڙي ڪل ٻجن ۽ Discardڪيل گودي جي چوڌاري ويڙهي ڪچري جي دٻي ۾ اڇلائيندو ويو. پويان نظر ڪيم تہ سيني جون ٽپائيون (ننڍڙا ٽيبل)اهڙا صاف هئا جهڙا اچڻ مهل.

آئون دل ۾ اهو ئي سوچڻ لڳس تہ اها ڪيڏي معمولي ڳالهہ آهي پر ان قسم جون معمولي ڳالهيون اسان ڏارين کي هنن جپانين کان ڌار ڪن ٿيون. هنن وٽ جيڪي روزمره جي زندگيءَ ۾ ڳالهيون درپيش اچن ٿيون، انهن کي ڪرڻ جو هنن وٽ هڪ خاص طريقو مقرر (Shikata) آهي. جنهن کي هو Robot وانگر سر انجام ڏين ٿا. ڪنهن بہ قسم جي ڦير ڦار هنن کي منجهايو رکي يا مقرر روٽين يا روز مره جي شين کان علاوه ڪا نئين شيءِ سامهون اچڻ تي هو يڪدم Confuse ٿيو وڃن. هو فئڪٽريءَ ۾ اسيمبلي ورڪ ڪندڙ ڇوڪرين وانگر پنهنجو مقرر ٿيل ڪم فرسٽ ڪلاس نموني سان ڪندا رهن ٿا، ڪندا رهن ٿا. بقول اسان جي هڪ سنڌي دوست اقبال ترڪ جي، جيڪو هتي جپان ۾ جيتوڻيڪ ڪجهہ ڏينهن لاءِ آيو هو پر ماڻهن کي پرکڻ ۾ هوشيار ۽ ڳالهائڻ ۾ کرو هجڻ ڪري، جپانين جي ”شڪاتا“ واري ڳالهہ نوٽ ڪري چيو: ”يار جپانين ۽ چاڪين جي ڏِڳن ۾ ڪو ٿورو ئي فرق آهي.“

# جپانين جون ڪجهه عجيب عادتون

* هڪ جپاني ٽيچر چيو: ”اسين جپاني ماڻهو ڌارين جي پڇڙ تي عام طرح پنهنجي نالي جو آخري حصو يعني (ذات) ٻڌايون ٿا. مغرب (يورپ، آمريڪا) توڙي توهان (ايشيا) جا ماڻهو گهڻو ڪري پهريون نالو ٻڌايو ٿا.“ (يعني مون کان ڪو نالو پڇندو ته الطاف ٻڌائيندس. اهڙي طرح قمر شهباز پنهنجو نالو قمر ٻڌائيندو ۽ نه ٻگهيو. اهو ئي حال انگريزن، يورپين ۽ آمريڪن جو آهي.)

جپاني ٽيچر چيو ته اهو ان ڪري جو توهان سڀ ڌارين سان يڪدم فري ٿيو وڃو ۽ اسان جپانين جي مقابلي ۾ وڌيڪ Open ۽ Friendly آهيو. اسان جپاني ڌارين کان ڪجهه فاصلو رکڻ چاهيون ٿا ۽ اسين ڪجهه Shy ۽ Reserved طبيعت جا آهيون.

* جپاني پنهنجي ڳالهه ڪرڻ وقت پنهنجي شاهد آڱر نڪ تي رکن يا نڪ ڏي اشارو ڪن. مغرب جا ماڻهو پنهنجي آڱوٺي ساندل ڏي اشارو ڪن. اها ڳالهه هڪ جپانيءَ ٻڌائي. پوءِ ٿڌو ساهه کڻي چيو: What a big difference .

* هڪ جپاني توهان جي ڳالهه ٻڌي ڪنڌ کي هيٺ مٿي هائوڪار واري اسٽائيل ۾ ڌوڻي ته معنيٰ هو توهان جي ڳالهه ٻڌي رهيو

آهي. ضروري ناهي تہ هو توهان جي ڳالهہ سان سهمت آهي يا توهان جيڪي هن کي چئو پيا ائين ڪندو.

* پنهنجو هٿ منهن اڳيان هٿ جي پکي کي لوڏڻ وانگر اڳيان پويان ڪرڻ سان جپانين جو مطلب انڪار آهي.

* پنهنجي وات کي هٿ سان ڍڪڻ جيڪو اڪثر عورتون ڪن ٿيون, حياء يا شرمندگيءَ جو اظهار آهي.

* پنهنجي ڏسٽي آڱر کي ڪن مٿان نرڙ وٽ جهلي سڱن وانگر شيطان جو نقل ڪرڻ جو مطلب ڪاوڙ جو اظهار ڪرڻ آهي.

* آڱوٺي ۽ ڏسٽي آڱر کي ملائي گولو ٺاهڻ 'پئسي' جي نشاني آهي. يعني ڇا قيمت آهي يا ڇا پگهار آهي, ڪيترو ناڻو ملندو, وغيره. مغرب ۾ اها نشاني O.k يعني "ٺيڪ آهيان" جي آهي.

* کابي هٿ سان خيالي پيالو ٺاهي ساڄي هٿ سان چاپ اسٽڪ سان پيالي مان چانور ڪڍي وات ۾ وجهڻ جي نقل ڪرڻ مان مطلب 'کائڻ' آهي.

* خيالي گلاس کي هٿ ۾ جهلي چپن اڳيان ان هٿ کي ساڄي يا کابي ڪرڻ مان مطلب پيئڻ جو آهي. جيئن پاڻ وٽ وات اڳيان ساڄي هٿ جو ٻڪ ٺاهڻ اچ جي نشاني آهي, يعني پاڻي پيار.

*جپان ۾ جڏهن پهريون دفعو اچي رهيو هوس، تہ جپان بابت آرٽ جي ڪتابن ۾ ڏٺل تصويرن مطابق جپان منهنجي ذهن ۾ هو. مون سمجهيو تہ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گڏين جهڙيون جپاني ڇوڪريون سندن مخصوص جپاني لباس ’ڪمونو‘ ۾ نظر ايندين. ان قسم جون ڳالهيون جيڪي هڪ مسافر اڳواٽ پنهنجي دماغ ۾ ويهاري، جڏهن هتي پهچي ٿو تہ هن کي ڪيترين ڳالهين مختلف لڳن ٿيون. جيئن مون کي مس مس ڪنهن ڏينهن ڪا ڪموني ۾ ڇوڪري نظر اچي ٿي. هر جپاني مرد توڙي عورت مغربي ڊريس پينٽ بشرٽ يا اسڪرٽ پائي پيو هلي.

گذريل صديءَ جي شروع وارن سالن يعني 1905ع ۾ آسڪر وائلڊ ”The Decay of Lying“ ۾ واهہ جي ڳالهہ لکي آهي:

… The whole of Japan (as depicted in Japanese art) is a pure invention. There is no such country,there are no such people…. If you desire to see a Japanese effect, you will not behave like a tourist and go to Tokyo- you will stay at home and sleep yourself in the work of certain Japanese artists…

جپان ۾ پهچڻ بعد ڪيترين ئي غلط فهمين ۾ دماغ ۾ پاليل غلط سوچون پيچري جي در مان اڏاميو وڃن. آسڪروائلڊ به پڪ ان قسم جي Delusions جو شڪار ٿيو هوندو.

فڪوئڪا کان ڪيوٽو ويندي ٻن ڪلاڪن جي سفر ۾ منهنجي ٽن جپاني ساٿين مان هڪ ننڍ ڪندو هليو ٿئي ڪي ڪنڊ ۾ اڪيلي سيٽ ملي، اهو سڄي واٽ سامهون واري دريءَ مان ڏسڻ کان وڌيڪ ڪجهه سوچيندو رهيو. جو ان دريءَ ۾ سندس سيٽ جي وچ ۾ منهنجي جاءِ هئي ۾ مون هڪ به دفعو پنهنجو هٿ سندس گهورڻ واري ليول تي آٽي هيٺ مٿي ڪيو. جيئن هن جو View ڊسٽرب ٿيڻ تي مون ڏي نهاري، پر هن ان جو ڪو Reaction نه ڏيکاريو. ڄڻ ڪنهن گهري ننڊ ۾ ستل اڌ اکيون کليل ماڻهوءَ جي اکين اڳيان هٿ گهمائي پڪ ڪجي ته هو ستل آهي يا جاڳي پيو ۾ ٽيون ساٿي ريل ۾ ويٺل اڌ کان وڌيڪ ماڻهن وانگر سڄو سفر ناول پڙهڻ ۾ مشغول رهيو. مون به ريل ۾ ڪجهه پڙهڻ ۾ وقت پاس ڪرڻ لاءِ رستي تان هيروشيما اسٽيشن تان ٽائيم مئگزين جو تازو پرچو ورتو هو_ پر ڪيترا دفعا ڪوشش ڪرڻ جي باوجود ڪي چند منٽ مس پڙهي سگهيس. ”رش اور“ هو_ يعني آفيسن مان موڪل جو وقت، سو ريل ۾ اهڙي پيهه پيهان هئي، جو هر ريلوي اسٽيشن تي ريل جي پوليس گارڊن مسافرن کي ريل

جي دٻن ۾ ڌڪا ڏئي اندر ٿي ڪيو. جپان ۾ صبح جي وقت ۾ ريلن جو اهو حال هوندو آهي. گارڊ يا پوليس وارا ائين نہ ڪن تہ، ريل جي دٻن جا Sliding دروازا بند ٿي نہ سگهن ۽ ريل هلي نہ سگهي، جو هتي جي ريلن ۽ بسين ۾ اهو سيفٽي فئڪٽر آهي. جيسين دروازا بند نہ ٿيندا تيسين گاڏي اسٽارٽ ٿيڻ لاءِ ڪرنٽ پاس نہ ٿيندو. ائين نہ هجي تہ تيز رفتار گاڏين مان ماڻهو ڪِري پون_ خاص ڪري اهي جيڪي اڌ گابرا چڙهيل ٿين ٿا. سو بهرحال اسان کي ويهڻ جي جاءِ تہ ملي وئي پر ماڻهن جي ٿيلهہ ٿيلهان ۾ ڪتاب پڙهڻ ۾ ذهن نٿي لڳو. يعني منهنجو نٿي لڳو. پڙهڻ کي تہ ٻيا سڀ پڙهي رهيا هئا. مون وانگر ويٺل تہ ڇا پر بيٺل بہ سڪون سان پڙهي رهيا هئا. ٿيلهو ڳچيءَ ۾ هئن، هڪ هٿ ريل جي ڇت ۾ لڳل ڏنڊي ۾ ۽ ٻيو هٿ ڪتاب ۾.

ريل هڪاتا، ڱوڱورا، شِمونو سيڪي ۽ هيرشيما کان پوءِ فوڪوياما، اوڪاياما، هيميجي، ڪوبي ۽ اوساڪا جون اسٽيشنون لتاڙي اسان جي منزل ڪِيوٽو پهتي. آئون سڄو سفر پاسا ورائيندي، ماڻهن جي ڌڪ ڌڪان ۾ پريشان ٿيندي، هڪ منٽ بہ ننڊ نہ ڪندي ڪيوٽو اسٽيشن تي ٽڪل لٿس. منهنجا ٽئي جپاني ساٿي ايڏو فريش ۽ تازا توانا لڳي رهيا هئا، جو بس. هڪ تہ سمهندو يعني ننڊون ڪندو آيو ٻئي کان پڇيم تہ سڄي واٽ دريءَ مان ڇا پئي ڏٺئي؟

”آئون افق Enjoyڪندو آيس تہ پري پري آسمان ڏرتيءَ سان ملي ڪيڏي خوبصورتي پيداڪري ٿو ۽ مون ان تي ھڪ ٻہ ھائڪو (ٽن سٽن جا شعر) بہ ٺاھي ورتا آھن! ٻڌنديں؟“

”في الحال ھينئر نہ. سپاٽي سيمينار اٽينڊ ڪرڻ کانپوءِ.“ جواب ڏنومانس ۽ ٺئين کان پڇيم تہ ھھڙي گھمسان، ڌڪ ڌڪان ۾ توڪان ڪتاب ڪيئن پڙھيو ٿيو ٿي؟“

”آئون ٽرين ۾ ويھڻ بدران اھو سوچيندو ئي نہ آھيان تہ، گاڏيءَ ۾ توڙي ٻاھر ڪا شيءِ آھي.“ ھن وراڻيو ”ان ڪري ڪتاب پڙھڻ، توڙي سوچڻ يا ننڊ ڪرڻ ۾ ڪنھن بہ قسم جو رخنو پيدا نہ ٿيندو اٿم.“

اھو حال سيني جپانين جو آھي. جپانين جي ڪنھن بہ ريل گاڏي يا بس ۾ چڙھڻ سان توھان کي احساس ٿي ويندو تہ ھو گوڙ گھمسان ھوندي بہ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري سگھن ٿا. ھو جيڪي شيون چاھين (اھي ڪٺي سندن سامھون موجود نہ ھجن تہ بہ ھو) انھن کي ڏسيءِ محسوس ڪري سگھن ٿا ۽ جيڪي شيون۔ شڪليون، آواز وغيره ھو نہ چاھين، سامھون ھجڻ جي باوجود Discardڪري سگھن ٿا. ڪڏھن ڪڏھن جپان ۾ اھڙا فنڪشن ٿيندا آھن، جن ۾ نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون شھر جي ھر ڳٽ تي چار چار وڏا نغارا ۽ دھل رکي ويھي ڪُٽيندا آھن، جن جو آواز پري

پري تائين پيو ٻڌبو آهي، پر توهان ڏسندئو تہ پر ۾ ڪنهن بئنچ تي يا پارڪ جي ڪنڊ ۾ ڪو پوڙهو جپاني، وڏي سڪون سان وينو اخبار پڙهندو يا ڪا نوجوان ڇوڪِري پنهنجي محبوب جي شڪل تصور ۾ آڻي ويٺي مُرڪندي، ويٺي مُرڪندي!

اهي ڳالهيون ڏيان ۾ رکندي مصر جي منهنجي هڪ ڪليگ ڪئپٽن حنفيءَ هڪ ڏينهن مون کي چيو "اسان ڪهڙا مسلمان آهيون جو نماز پڙهندي بہ (جنهن ۾ اتاهين قسم جي Concentration جي ضرورت آهي جو پنهنجي اپاڻهار جي اڳيان بيٺا آهيون). اسان جو ڌيان معمولي آواز يا ڪنهن جي لنگهڻ تي هيڏانهن هوڏانهن هليو وڃي ٿو ۽ هي جپاني هيڏي ڌماچوڪڙيءَ ۾ بہ پنهنجي ذهن کي ڪنٽرول ۾ رکيو ويٺا آهن. جپانين جي ان عجيب عادت جو جائزو وٺندي، هڪ جهازي دوست خوب چيو :

Japanese are very good at filtering what they do not wish to see or hear.

مٿي هڪ هنڌ ريل ۾ چڙهڻ جو لکيو اٿم تہ ريل جا گارڊ مسافرن کي دٻي ۾ گهڙڻ لاءِ ڌڪا ڏيئي اندر هڪ ٻئي جي پرسان سَٿين ٿا.

جپان ۾ صبح جي وقت ۽ شام جو آفيسون بند ٿيڻ وقت ريل ۾ چڙهڻ لاءِ وڏي پيهه پيهان رهي ٿي. هر ڪو پائي ته دٻي ۾ چڙهي در وٽ ئي بيٺو رهان، جيئن ٻي اسٽيشن تي لهڻ ۾ آساني رهي. پر ائين ڪرڻ سان ٻين مسافرن جو اندر وڃڻ لاءِ رستو رڪجيو وڃي. ريل وارا اهو ئي چاهين ٿا ته گهٽي کان گهٽا مسافر هنن جي ريل ۾ چڙهن ۽ هر آيل مسافر وقت تي آفيس پهچي. سو ان ڳالهه کي نظر ۾ رکي گهٽي رش وارن وقتن (Rush Hours) تي هر ريلوي اسٽيشن تي ريل جو عملو ماڻهن کي ريل جي دٻي ۾ ڌڪي اندر ڪندو آهي. ٻين لفظن ۾ لت ڏيئي ٻوري پرينڊا آهن.

هن مضمون سان گڏ هي ڪارٽون ٻه ان سلسلي جا آهن ته ريل جو عملو مسافرن کي ريل جي دٻي ۾ اندر ڌڪي رهيو آهي، جيئن گهٽي کان گهٽا اندر وڃن ۽ ساڳي وقت بند ٿي سگهن. ڇو جو اليڪٽرڪ پاور تي هلندڙ هتي جون ريلون تيستائين اسٽارٽ ٿي نه سگهنديون، جيسين سڀ در بند ٿي اليڪٽرڪ Contactsهڪ ٻئي سان ملائين. بهرحال ڪارٽونسٽ ان بابت ڪجهه دلچسپ ڳالهين ڏي ڌيان ڇڪايو آهي. عام ماڻهن کي ته ريل جي دٻي ۾ ڌڪڻ يعني ٺيلها ڏيڻ (Push ڪرڻ) سولو ڪم آهي پر جي اهو مسافر هڪ عام جپاني (بندري قد جو هلڪڙو ڦلڪڙو) هجڻ بدران هڪ قداور ۽ ٿلهو متارو

سومو (Sumo) پهلوان آهي يا رغبي (ساڪر) جو فل گيئر ۾ راند جو گول ڪيپر آه تہ پوءِ تہ غريب ريلوي گارڊ جو سر ويو.

پر ڪڏهن ڪڏهن هن لاءِ موج مزا بہ ٿيو وڃن، يعني ڪارٽونسٽ جي خيال مطابق، جڏهن مسافر نازڪ جنس آهن. هڪ ڪارٽون ۾ هڪ شوقين گارڊ اهڙي نوجوان ڇوڪريءَ کي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، جيڪا مسافر هجڻ بدران ڪنهن مسافر کي سايو نارا (گڊ باءِ) ڪرڻ لاءِ هيٺ بيٺي آهي. ان گارڊ جا پياساٽي جن کي پر واري ڊبي ۾ نر مسافرن کي اندر ڌڪڻ ۾ مسئلو ٿي رهيو آهي، سي هن کي ائين عيش ڪندو ڏسي رڙ ٿا ڪنت "پٽيا هيڏانهن اچي مدد ڪراءِ، ايڏانهن اهو ڇا پيو ڪرين؟" ڊبي ۾ چڙهيل مسافر پڻ هن کي حيرت مان ڏسي رهيا آهن.

ريلوي گارڊ جي نهپجي سگهڻ ڪري هڪ ڪارٽون ۾ ڪارٽونسٽ ڏيکاريو آهي تہ، هڪ ريلوي اسٽيشن تي مسافرن کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ خاص (Specialist) رکيو آهي ۽ اهو ماڻهو پيو نہ پر سمورائي (Samurai) پهلوان يعني "جنگجو جوڌو" آهي، جنهن جو ڪم مقابلي ۾ مرڻ يا دشمن جو سِر قلم ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪونہ آهي.

# گهر جي بالڪنيءَ مان

1973ع ۾ ئي ان وقت جي جپاني حڪومت پنهنجي اسيمبليءَ ۾ اهو قانون پاس ڪيو ته، ڪارخانا، فئڪٽريون، يونيورسٽيون، ڪاليج يا ٻيا وڏا ادارا فقط وڏن شهرن ۾ ناهڻا نه آهن، پر ننڍين ننڍين ڳوٺن ۾ پڻ بنائڻا آهن. جيئن ڳوٺن کان ماڻهن جي شهر ڏي لڏپلاڻ بند ٿئي ۽ ساڳئي وقت ڳوٺ به ترقي ڪن ۽ ڪيترين ڳالهين_ تعليمي ادارن، ميلن ملاکڙن، جلسن نمائشن ڪري شهرن جا ماڻهو ڳوٺن ڏي وڃن. بهرحال چوڻ سولو آهي پر جپاني حڪومت توڙي عوام ان تي عمل ڪري ڏيکاريو ۽ چو نه ڪن، جڏهن ته سڄي ملڪ ۾ امن امان ساڳيو، رستا ۽ ڪميونيڪيشن جو بهترين طريقو، اسپتالن ۽ تعليمي ادارن جو ساڳيو معيار_ جهڙو ٽوڪيو ۽ اوساڪا جهڙن شهرن ۾ بجلي سال ۾ هڪ دفعو به نٿي وڃي، اهڙو حال هوڪئدو ۽ شڪوڪو جهڙن ٻيٽن جي ڏورانهن ۽ ننڍين ڳوٺن جو آهي. جهڙي بهتر Law & Order جي حالت هيروشيما، ڪيوتو ۽ ڪوبي جهڙن وڏن شهرن جي آهي، اهڙي اهڙي اوڪو شري ۽ اوشيما جهڙن ڏورانهن ۽ ننڍين ٻيٽن جي آهي، جتي ريل يا بس ته نه آهي پر پاڻيءَ جو وڏو جهاز به لنگر انداز ٿي نٿو سگهي. ننڍڙين ٻيڙين ۾ ئي پهچڻو پوي ٿو. ان مقابلي ۾ اسان

جي ملڪن ۾ ماڻھن جي اھا بدقسمتي آھي جو نوري آباد جھڙي ھاءِ وي تي ٺھيل ڳوٺ کي بہ آباد ڪري نہ سگھيا آھيون. جنھن جي رٿ اڄ کان ويھہ سال اڳ شروع ٿي. اڄ ھي شھر ڪارخانن ۽ فئڪٽرين جي حساب سان انگلئنڊ جو نيوڪنسل ۽ آمريڪا جو ھيوسٽن ھجي ھا پر افسوس جو ان ئي حالت ۾ پڙپانگ لڳو پيو آھي. جھڙيءَ ۾ شروع کان ھو. ملڪ جي امير ڪارخانيدارن پنھنجي حيثيت مطابق قرباني ڏنيءَ ھڪ نئين ھنڌ تي پئسو لڳائي پلاٽ خريد ڪري ڪارخانا لڳائڻ شروع ڪيا. پر ھنن کي جيئڻ نہ مڪاني چورن ۽ ڌاڙيلن ڏنو ۽ نہ سندن مال ملڪيت جي حفاظت پوليس ڪري سگھي. نوري آباد سنڌ جي قانون. مڪاني ماڻھن جي مدد ۽ تحفظي ادارن جو ھڪ ڦٽ ٿي پيو آھي. ٻاھر ملڪن ۾ رھندڙ امير پاڪستاني جڏھن پنھنجي وطن ۾ ڪارخانو يا فئڪٽري ھڻڻ لاءِ ڪنھن شھر جي چونڊ ڪندا آھن تہ دل چوندي آھي تہ جيڪر ھو اھا فئڪٽري سجاول، ٺٽي، راڻيپور، گمبٽ يا قمبر ۽ گھوٽڪي پاسي ھڻن. ظاھر آھي ڪارخانا لڳڻ ڪري مڪاني ماڻھن لاءِ پڪو روزگار مھيا ٿي سگھي ٿو. پر جو ان بعد ھنن کي ٻٽئي لاءِ سڄو سال انتظار ڪرڻو نٿو پوي. ھنن کي زميندار ۽ وڏيري جي whims تي جيئڻو نٿو پوي. ھنن کي ھر مھيني پگھار مليو وڃي، چاھي ڪارخانيدار کي سندس مال جي وڪري ۾

فائدو ٿئي يا نقصان. افسوس جو ڪنهن بہ ڪارخانيدار کي سنڌ ۾ ڪارخانو کولڻ لاءِ ڪٽي چئو تہ نہ پهہ نوري آباد جو مثال ڏيندو. مڪاني ماڻهن جي چورين، وڏيرن جي ساڙ ۽ دشمنيءَ جا مثال ڏيندو. پوليس جي بيجا مصيبتن ۽ مڪاني واسطيدار ادارن جي ڪامورن جي هر نارمل ڪم ۾ رنڊڪون وجهي رشوتون اوڳاڙڻ جون ڪهاڻيون ٻڌائيندو. ايڪانامڪس ۾ انڊسٽريءَ جو هر شاگرد ڄاڻي ٿو تہ ڪارخانيدار اتي پئسو لڳائيندو جتي پهرين نمبر تي امن امان هجي ۽ ٻئي نمبر تي رستا، بجلي، پاڻي ۽ ڪميونيڪيشن جي بهتر سهوليت هجي. شايد ان ڪري ڪراچيءَ جا ئي ڪيترا ڪارخانيدار پنهنجيون فئڪٽريون سنڌ مان پٽرائي پنجاب جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ ڪڻائي ويا آهن، جتي هنن کي بهتر سهولتون ملن ٿيون.

پر هتي جپان ۾ مختلف حال آهي. هتي هر ورڪر ۽ حڪومت طرفان ڪارخانيدار توڙي ڪارخاني جي عزت عبادت جي حد تائين ڪئي وڃي ٿي، جيئن هڪ واڍو رازو پنهنجن اوزارن جي ڪريڊٺ جو اهي هن لاءِ ۽ هن جي ٻچن لاءِ پيٽ قوت مهيا ڪن ٿا. هتي جا سياستدان توڙي سرڪاري ڪامورا پڻ نيڪ نيتيءَ سان پنهنجي علائقي جي خدمت ڪن ٿا. هي شهر ڪيتا ڪيوشو (Kita_Kyushu) جنهن مان هي لکي رهيو آهيان ۽ جتي اڄڪلهہ رهان ٿو

ﭘان سعيد آباد ۽ هوسڙي جهڙن پنجن ڳوٺن جو مجموعو هو. ستر واريڏهاڪي ۾ جڏهن اسان پڙ وارن بندرگاهن، موجي ۽ شيمونو سيڪيءَ ۾ جهاز وٺي ايندا هئاسين تہ اهي شهر هئا پر ڪيٽا ڪيوشو 1980ع تائين ڳوٺ هئا. جن جي وچ مان ’موراساڪي گاوا‘(ندي) وهي ٿي. اڄ 22 سالن بعد هنن ڳوٺن جي قسمت چمڪي وئي آهي. ان جهڙي تهڙي نديءَ مٿان ڇهہ ڪن پليون آهن. جتي ڪٿي پبلڪ پارڪ، پبلڪ لائبريريون، اعليٰ درجي جا ٻارن لاءِ سهڻا اسڪول ۽ جمنازيم، پڪا ۽ ويڪرا رستا، صحت لاءِ هر سهوليت سان ڀرپور اسپتالون، بسون، ٽرينون، ڪارخانا، فئڪٽريون_ سڀ ڪجهہ عوام جي ڀلي ۽ بهتريءَ لاءِ ۽ ان جو Credit هتي جي سياستدانن کي آهي، خاص طور هتي جي ميئر ڪوئچي صاحب (Koichi Sueyoshi) کي جيڪو سول انجنيئر هجڻ ڪري عمارت سازي ۾ وڏيڪ دلچسپي رکي ٿو خاص ڪري هتي جي پُلين جي گهٽي Idea هن جي آهي. شهر کي صاف سٿرو ۽ عوام لاءِ سهوليت وارو رکڻ ڪري هن کي بہ سال اڳ (2002ع) ۾ جهانسبرگ (سائوٿ آفريڪا) ۾ ٿيل Environment تي ڪانفرنس ۾ ايوارڊ ڏنو ويو هو. آئون ڪيس ان جي مبارڪ ڏيڻ ويس.

“It is part of my duty” هن ڪلنديءَ سنتي انگريزيءَ ۾ جواب ڏنو. سندس اهو جملو هن وقت به منهنجي دماغ ۾ ٻُري رهيو آهي. ڪاش اسان جا سياستدان، ناظم ۽ سرڪاري ڪامورا پنهنجي عهدي جي زور تي فقط پنهنجي بنگلي تائين پڪو رستو ٺهرائي پاڻ کي اهم سمجهڻ بدران عوام لاءِ ڪجهه ڪن ۽ هو هتي جي ميئر وانگر پنهنجي فرض کي فرض سمجهن. اسان جو هڪ اهڙو ناظم ضرور آهي، جيڪو ڪراچيءَ کي دل سان ٺاهي رهيو آهي. اهو آهي نعمت الله صاحب جيڪو پنهنجي خرچ تي، هتيجي ناظم سان صلاح مشوري لاءِ ايندو آهي ۽ ڪوشش ڪري ماني به پاڻ سان کڻي اچي ٿو. هن وڏي مشڪل سان اسان وٽ فقط هڪ ويلو ماني کاڌي.

هن ڪان پهرين به لکي چڪو آهيان ته، ”جپان“ پاڪستان، ايران، برما يا عراق، افغانستان وانگر هڪ چَڪُ_ يعني زمين جو ڪو ٽڪرو ناهي، پر فلپين ۽ انڊونيشيا وانگر ٻيٽن جو جهڳٽو آهي. ننڍا ننڍا ٻيٽ (ڪي ته فوٽ بال يا اچا به ننڍا والي بال گرائونڊ جيڏا) ملائجن ته پنجٽيهه هزار کن ٿيو وڃن، پر چار وڏا ٻيٽ آهن، جيڪي اتر ۾ هوڪائيدو کان وٺي ڏکڻ ۾ سائوٿ ڪوريا جي پير ۾ ڪيوشو ٻيٽ تائين آهن. وچ ۾ هونشو سڀ ۾ وڏو آهي ۽ چوٿون شڪوڪو آهي. هونءَ ته جپان جي انهن چئني ٻيٽن جي مختلف بندرگاهن ۾

اسان کي جهاز وٺي وڃڻو پيو ٿي، پر هن وقت منهنجي رهائشگاهه ڪيوشو بيٽ جي بلڪل اتراهين ٽِپ واري علائقي ڪيٽا ڪيوشوءِ آهي. ڪيٽا معنيٰ اتر ۽ ڪيوشو بيٽ تان هن شهر تي Kita_Kyushu نالو پيو آهي، جيئن سنڌڙي سنڌ صوبي تان پيو آهي. هن شهر جي پر ۾ موجي ۽ شيمونوسيڪي مشهور بندر گاهه آهن، جن ڪان هر پاڪستاني جهازي جيڪو جپان روٽ تي رهيو هوندو ضرور واقف هوندو.

ڪيٽاڪيوشو جيڪو ماتلي ۽ تلهار جهڙن پنجن ڳوٺن کي ملائي هڪ شهر ۽ هڪ ميونسپالٽي ٺاهيو ويو آهي، تنهن جو مرڪزي شهر ڪوڪُورا (Kokura) آهي، جتي آئون ترسيل آهيان ۽ ٻيا ڳوٺ موجي، توباتان، ياهاتا ۽ اڪامتسو آهن. آدمشماري گهٽجي ۽ رهائش جي زمين گهٽ هجڻ ڪري هر هڪ شهر ٻئي شهرسان مليو پيو آهي. اسان وارو Concept هتي ناهي ته شهر کانپوءِ ٻهراڙي ۽ ٻهراڙيءَ جي معنيٰ کيتيون، فصل ۽ غير آباد زمينون ۽ جهنگل. هتي اها خبر ئي نٿي پوي ته هڪ شهر ڪٿي ختم ٿيو ٻيو ڪٿان شروع ٿيو. ائين جيئن ڪياماڙي ڪان ڪو نيو ڪراچيءَ تائين سفر ڪري ته رڳو رستا، عمارتون ۽ دڪان نظر ايندس. ستر جي شروع وارن سالن ۾ ئي اهو محسوس ڪري مون کي تعجب لڳو هو اجا ته مونو ريل ۽ بليٽ

ٽرينون شروع نہ ٿيون هيون، ڪارين ۽ مشينن جا ايڏا ڪارخانا نہ لڳا هئا. هاڻ تہ رهيل کهيل پيٽ بہ انهن شين والاري ڇڏيو آهي. ڪارين، بسين ۽ مختلف رفتار جي گاڏين جا پڪا رستاءِ ريل جا پٽا هيٺ، مٿي ۽ اجا مٿي نانگن وانگر وچي رهيا آهن. ڪارخانن، دڪانن، سئنيمائن ۽ وندر جي جاين جون ڀتيون ۽ انهن جي اشتهارن جو چمڪاٽ جتي ڪٿي آهي. ڀهراڙيءَ تہ نظر ئي نٿي اچي. ستر جي شروع وارن سالن ۾ تہ ٽوڪيو جي گنزا ۾ بہ سڪون هوندو هو. خاص ڪري ڇنڇر آچر (موڪلن وارن ڏينهن) تي، جڏهن بندرگاهہ کان واڪ ڪري يا بس ۾ چڙهي اچي گنزا جي گهٽين ۾ پبلڪ لاءِ رکيل ڪرسين تي ويهبو هو. پاڪستان کان آيل ۽ ٻين ملڪن جي جهازن جا آفيسر ۽ خلاصي اتي اچي ساهہ پٽيندا هئا ۽ آئيسڪريم کائيندا هئا. ان ۾ ڪوشڪ ناهي تہ اوسي پاسي جي ملڪن (ڪوريا، هانگ ڪانگ، سنگاپور ۽ ملائيشيا) جي ڇوڪرين کان جپاني ڇوڪريون خاص ڪري ٽُڪيوءِ يوڪوهاما جون وڏيڪ سهٽيون ۽ ڪپڙي گنديءَ ۾ وڏيڪ ماڊرن لڳنديون هيون پر اڄ تہ هتي جي ڳوٺن جون ڇوڪريون بہ مغربي فلمون ۽ ڊاريان ٽي وي چئنل ڏسي عجيب چرين واريون حرڪتون ڪون ٿيون. ويندي چپ ۽ زبان ٽوپائي مختلف رنگن جي ٻُڙن ۽ پٿرن جو جڙاءُ ڪن ٿيون. نوجوان ڇوڪرا بہ ڪڏهن ڪڏهن رات جو ٽولا

ٺاهي گهٽي آواز سان موٽر سائيڪلون هلائيندي نظر اچن ٿا، پر پوليس بہ سندن پٺيان هوندي آهي. اسان جو فليٽ 12 ماڙ بلڊنگ جي اٺين فلور تي آهي، جيڪا بلڊنگ مين روڊ تي ڪمرشل سينٽر ۾ آهي، هيٺان بسين ۽ ڪارين جا چار چار رستا اچن وڃن ٿا ۽ مٿان مونو ريل. جنهن وقت بہ بور ٿيندو آهيان تہ بالڪنيءَ ۾ ڪرسي رکي اچي ويهندو آهيان. اڄ ڪلهہ صبح جي روشني پنجين بجي ئي ٿيو وڃي. ان وقت وڏي عمر جا جپاني مرد ۽ عورتون فوٽ پاٿ تي تکو تکو هلندي يا جاگنگ ڪندي نظر ايندا آهن ۽ ٻيا اهي نوجوان هوندا آهن جن ڪتا پاليا آهن. آفيس وڃڻ کان اڳ هو پنهنجن ڪتن کي واڪ ڪرائڻ ۽ هنگائڻ مٽائڻ لاءِ نڪرندا آهن. بقول هڪ جپانيءَ جي ”هي ملڪ ڪتن جو نہ پر ٻلين جو آهي، پر اڄ جون نياڻيون ڇوريون يورپ ۽ آمريڪا گهمي پاڻ کي ماڊرن مڃائڻ لاءِ ڪتا ٿيون پالين. انهن کي پاڪر ۽ چميون ٿيون ڏين!“

وڏي عمر جا جپاني پنهنجي نوجوان ٿهيءَ کي ان قسم جون حرڪتون ڪندو ڏسي ڏاڍا جڪ ٿا ڪائين. هو نٿا چاهين تہ سندن پراڻين رسمن ريتن جي تباهي ٿئي. هو ڳالهہ ڳالهہ ۾ نوجوانن جي اهڙين ڳالهين جو روئڻ رئن ٿا، جيتوڻيڪ اهڙا نوجوان اٽي ۾ لوڻ برابر

آهن ۽ جپان جي مقابلي ۾ ٻين ملڪن ۾ تہ الائي ڇا حالتون ٿي ويون آهن.

جپان ۾ آفيسون اسڪول وغيره ساڍي اٺين يا نائين کلن. ان ڪري پوڻي اٺين ڪان رستن تي ماڻهن ۽ لارين بسين جي پيهہ پيهان شروع ٿي وڃي ٿي. صبح جي وقت واڪ ڪندي هرهڪ ڏرن ڏارن ڪپڙن ۾ نظر ايندو آهي پر اٺين بجي بالڪنيءَ ۾ اچي ويهندو آهيان تہ چوڏاري هر گهٽيءَ مان مختلف عمرين ۽ مختلف گريڊ جي اسڪولن جا ٻار مختلف اسڪول يونيفارمن ۾ بس اسٽاپن تي ٽڪو ٽڪو ويندي نظر ايندا آهن. چاهي جهڙ هجي، اُس هجي يا گوڙ جي ٺڪائن ۽ ڪنوڻ جي چمڪن سان تيز بارش_ هنن لاءِ گهڙيال جون سيون اهم آهن. جن مطابق هنن کي گهر ڇڏي اسڪول ڏي روانو ٿيڻو آهي. اٺي وڳي ڪان نہ فقط بسين جو تعداد وڌي ويندو آهي پر هرهڪ بس مسافرن سان ٽُٻ هوندي آهي. مٿان هلندڙ مونو ريل جيڪا اسان جي بالڪنيءَ جي سنوت ۾ هلي ٿي، اها پڻ ان وقت ماڻهن سان ڀريل هوندي آهي. ڪجهہ دير بعد آفيسن ڏي ويندڙ مرد لائيٽ بلو يا ڪاري سوٽ ۾ ۽ عورتون مختلف ڊريسن ۾ نظر اينديون آهن ۽ پوءِ ساڍي نائين ڏهين ڪان هائوس وائيف گهر جي سيڌي سامان خريد ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ شروع ڪنديون آهن.

بسين، لارين ۾ ريل جو سڄو ڏينهن مسافر ڍوئڻ جو سلسلو هلندو رهي ٿو ۽ پوءِ رات جا نَو ٿيڻ سان چرپر يڪدم جهڪي ٿيو وڃي، ڇو جو جپان شايد دنيا جو واحد ملڪ آهي، جتي سڄي رات بسيون يا ريل گاڏيون نٿيون هلن. مون سمجهيو هاڻ اهو پراڻو رواج ختم ٿي ويو هوندو پر ٽوڪيو اوساڪا، ڪوبي هجي يا جپان جو ڪو ننڍو ڳوٺ _ رات جو ساڍي ڏهين کانپوءِ ڪڪڙو ڪون ٿيو وڃي. ان ڊپ کان هرڪو گهڻو اڳ گهر پهچيو وڃي. ڇو جو پوءِ ٽئڪسي ملڻ به ڏکيو ڪم ٿيو پوي ۽ جپان ۾ هونءَ ئي ٽئڪسي مهانگي آهي ۽ رات جو ڏهين کان پوءِ اڃا مهانگي ٿيو وڃي. مون کي ياد آهي ته جهاز وارن ڏينهن ۾ جڏهن اسان ڪجهه وڏيڪ ئي بي پرواهه بادشاهه هوندا هئاسين، ريلوي اسٽيشن تي پهچڻ ۾ هميشه دير ٿي ويندي هئي ۽ آخري گاڏي مِس ٿي ويندي هئي ۽ پوءِ بيئن جپانين وانگر ريلوي اسٽيشن جي بئنچ تي يا ڪاٺ جي ڏاڪڻين تي سمهي رهندا هئاسين. پر مزي جي ڳالهه ته ڪو به سنئون سڌو جپاني ورلي گاڏي مِس ڪندو هو. گهڻو ڪري اهي هوندا هئا جيڪي ڪلبن ۾ مئخانن مان ڪجهه گهڻو پي نڪرندا هئا ۽ ڪٿي هو صحيح وقت تي پهچڻ لاءِ ڪلب ڇڏيندا هئا پر شايد پيئڻ بعد هنن جون ٽنگون ساٿ نه ڏينديون هونديون. اهو به چڱو جو ڪوبي ۽ اوساڪا شهرن جون ”سَن نَو مِيا“

(جنهن کي اسين ’سُنو ميان‘ چوندا هئاسين) ۽ ”اميدا“ جهڙين ريلوي اسٽيشنن تي ڏگهيون بئنچون هيون. جن تي سوٽ پهريل جپاني آفيسر بہ سمهي سگهيا ٿي. اسين تہ هئاسين ٽي شرٽ ۽ جينز ۾ سولت ڪوڙي سمهي رهندا هئاسين. پر جپاني اصولن جا پڪا سو گهڻا ٽٽا سمهڻ بدران انهن بئنچن ۽ ڪرسين تي ويهي اچو صبح ڪندا هئا. چي بئنچون وهڻ لاءِ رکيون ويون آهن ۽ نہ سمهڻ لاءِ. نشي ۾ ڏت هوندي بہ هو اصول جي ڳالهہ تي پڪا هوندا هئا ۽ اسان پنهنجي منهن، مٿن کِلندا رهندا هئاسين. اهڙي ئي هڪ رات جي ڳالهہ ڪنهن هنڌ تي لکي چڪو آهيان يا شايد زباني دوستن کي ٻڌائي هوندم تہ ٻہ جپاني نشي ۾ آخري گاڏيءَ ۾ چڙهي نہ سگهيا. هڪ جو ٻئي کي ٽيلهو لڳي ويو ۽ هو ٿاٻڙجي ڪري پيو. پهرين هن کي پاڪر ۾ ڪٽي اٿاريو ايتري ۾ ٽرين جا دروازا بند ٿي ويا ۽ اها ڇٽي وئي. ڪريل ماڻهو جنهن ڪان نشي جي حالت ۾ صحيح بيٺو نٿي ٿيو اهو ٻئي تي اچي بگڙيو. اسين بہ ان وقت ڊوڙندا ٽرين لاءِ اچي پليٽ فارم تي پهتاسين تہ خبر پيئي گاڏي اها پئي وڃي. يڪدم پنهنجي قسمت تي ڳوڙها ڳاڙي تہ اسٽيشن جي ڪانائين پليٽ فارم تي سمهڻو پوندو. حالتن سان يڪدم سمجهوتو ڪري هنن ٻن جپانين جي زباني جهيڙي کي ٻڌڻ لڳاسين. جيڪو ڪِري پيو هو اهو ٻئي کي چئي رهيو هو تہ تو مون کي

ڏکو ڏنو. مون کي پنهنجو ٽيليفون نمبر ڏي ته سپاٽي پوليس کي ٻڌايان. ۽ اڳلو اها ئي ورندي ڏيندو رهيو ته مون توکي ڪونه ڪيرايو. تون پاڻهي ٿاٻڙجي ڪِري پيئين. آئون توکي فون نمبر نه ڏيندس.

اسان کي ويجهو بيٺل ڏسي هو اسان کي چوڻ لڳو ته توهان هن جو فون نمبر مون کي وٺي ڏيو. پر اڳلي جو اهو ئي ضد ته جڏهن منهنجو ڏوهه ئي نه آهي ته نمبر ڇو ڏيانءِ...۽ اسان پنهنجي منهن کلندا رهياسين ته جپاني پنهنجي اصول تي ڪيڏو اٽل آهن. هن کي نمبر نه ڏيڻو آهي سو نٿو ڏئي. اتي اسان پارو هجي ته ٻئي کي ويتر خوار خراب ڪرڻ لاءِ غلط نمبر ڏئي ڇڏي ها، پر هي جپاني ڪوڙ به نٿا ڳالهائين.

هڪ دفعي ٽرين ڇڏائي وجهڻ ڪري صبح جو پهرين ٽرين ۾ چڙهياسين. ٻه جپاني ڪمپليٽ سوٽن ۾ جيڪي اسان وانگر سڄي رات پليٽ فارم تي ويٺا هئا، انهن مان هڪ ساڳي پاسي ويندڙ ٽرين ڏي وڏڻ لڳو، جنهن پاسي کان رات هتي پهتو هو. منهنجي ياد ڏيارڻ تي هو شايد غلط پاسي ڏي پيو وڃي جو رات جو گهر وڃڻ لاءِ هن پاسي جي ٽرين لاءِ آيو هو ته وراڻيائين:

”گهر ته هونءَ ئي نه ويس سو نه ويس، هاڻ گهر وڃي ڪهڙي ڏوڙ پايان، گهٽ ۾ گهٽ آفيس ته وقت تي وڃي پهچان...“ ۽ آفيس ڏي ويندڙ ٽرين ۾ هليو ويو.

بھرحال اسين ڏاريان سڏرياسين يا نہ پر رات جو ٽرينون ۽ بسيون بند ڪري جپان جي حڪومت پنھنجي ملڪ جي ماڻھن کي رات جو دير تائين رلڻ پنڻ کان دلشڪستو ضرور ڪيو آهي. هرڪو آخري ٽرين ڇٽڻ جي ڊپ کان ان کان اڳ وارين گاڏين ۾ گھر پھچيو وڃي ۽ رات جا ڪافي ڪلاڪ ننڊ ڪري صبح جو فريش ۽ چست ٿي آفيس يا فئڪٽري پھچي ٿو ۽ پنھنجو پنھنجو ڪم صحيح طرح سر انجام ڏئي ٿو.

هتي جي هڪ ٻي ڳالھہ قابل غور ۽ نوٽ ڪرڻ جي اها آهي تہ اونھارو هجي يا سيارو، هر ڪو ٻار ٻچو پنھنجي گھر يا فليٽ ۾ سکيو وينو آهي. ٻارن جا اسڪول سادي اٺين کان پنجين تائين آهن، ان ۾ جيڪا ڪجھہ ڊوڙ ڊڪ ڪرٽي پوي ٿي اها ڪن ٿا، ان بعد گھر جي درِيءَ تي بہ نٿا ٻيھن. ٻاهر گھٽيءَ ۾ نڪري رستن تي ڪيڏڻ يا دانھون ڪرڻ تہ ٿي پري جي ڳالھہ. اسان جي ٻارهن ماڙ ۾ گھٽ ۾ گھٽ 120 ڪن فليٽ هوندا ۽ ايڏيون ڏهہ ٻارهن عمارتون اسان جي بلڊنگ جي چوڌاري آهن، پر مجال آهي جو هيٺ رستي تي يا پنھنجي پنھنجي عمارت جي هيٺان ٻارن جون رڙيون ٻڌڻ ۾ اچن. هتي جو ڪلچر ڪجھہ اهڙو آهي جو اسڪول کان اچڻ بعد ٻار وھنجي ٿوري دير هوم ورڪ ۽ ٽي وي ڏسي ماني کايو اٺين نائين تائين سمھيو رهن ۽ پوءِ

صبح جو ڇهين سادي ڇهين پاڻهي اُٿيو تيار ٿين. ڇو جو هنن جي ننڊ پوري ٿيو وڃي ۽ صبح جو نہ فقط پاڻهي اٿن پر فريش بہ محسوس ڪن. اسان وٽ ڪيترا ٻار اسڪول ويندي پنڪيون ڪائيندا نظر ايندا. هو بہ ڇا ڪن؟ مائٽن سان گڏ رات جو ٻي تائين ٽي وي يا وي سي آر تي فلمون ڏسن، پوءِ ننڊ پوري ڪيئن ٿئين. مائٽ تہ ڪين اسڪول موڪلي، بلڪ تڙي پاڻ وري سمهي ننڊ پوري ڪن. ٻار گهٽ ننڊ جي ڪري وڃن موڳا ۽ ننڊ ٿيندا.

هڪ ٻي ڳالهہ جيڪا هرڪو ڌاريون هتي جپان ۾ اچي نوٽ ڪري ٿو تہ رستي تي گاڏين جا هارن نہ برابر وڄن ٿا. مجيان ٿو تہ سڌريل ملڪن ۾ گاڏين وارا اجايو سجايو هارن وڄائي اڳين گاڏين وارن ۽ ان پاڙي ۾ رهندڙياتين کي ڊسٽرب نٿا ڪرڻ چاهين، پر جپاني ٻين ڳالهين سان گڏ گاڏي هلائڻ ۾ ايڏا Polite ۽ ٻئي جو خيال رکڻ وارا آهن جو ڪڏهن سڄو ڏينهن گذري ويندو آهي پر هارن جو آواز ڪن تي نہ پوندو آهي.

اڄڪلهہ هتي سج پوري سادي ستين وڳي لهي ٿو. سادي نائين بجي ڌاري سومهڻي (عشاء) جي نماز پوري ڪري پنج ڇهہ منٽ بالڪنيءَ ۾ اچي ويهندو آهيان تہ رستن تان گاڏين جي اچا چڱي اچ وڃ هوندي آهي، پر فوٽ پاٿ تقريباً ويران ٿي چڪا هوندا آهن. ڪو

رکي رکي ماڻهو لنگهي ويندو آهي يا ڪڏهن پوري فئملي (زال مڙس) پنهنجي ننڍي ٻار ۽ پوڙهي ماءُ پيءُ سان گڏ پسار ڪندي نظر ايندا آهن. تعجب جي ڳالهہ آهي تہ هيڏي وڏي شهر جي هن چهل پهل واري علائقي ۾ بہ جلدي ماٺ ٿيو وڃي. ڏهين تائين تہ بنهہ ماٺ لڳيو وڃي. جيتوڻيڪ يورپ وارا بہ ڪم ۽ آرام کي پنهنجي پنهنجي وقت تي ترجيح ڏين ٿا پر اهي بہ ايڏو جهٽ گهرن ۾ داخل نٿا ٿين، جتي خاص ڪري اونهاري ۾ تہ يارهين ٻجي تائين رستن ۽ گهٽين ۾ نہ فقط ماڻهن جي هلچل پر جوان ڇوڪرن ڇوڪرين جون دانهون ڪوڪون ۽ ٽهڪ ويندي ٻارن جون رڙيون لڳيون رهنديون. پر جپاني سڄي دنيا کان مختلف آهن. سنگاپور جي ماڻهن کي حڪومت جي ڏنڊي ۽ ڳرن ڏنڊن Disciplined بنايو آهي پر جپانين جو ڪلچر ئي اهو آهي. سندن اها Built_in عادت آهي تہ سوير سمهجي، سوير اٿجي ۽ اوڙي پاڙي جو خيال ڪجي. زور سان ڳالهائڻ يا بلڊنگ جي اندر توڙي ٻاهر دانهون ڪرڻ کي عيب سمجهيو وڃي ٿو. ڇنڇر يا آچر ڏينهن ٻارن کي ڊوڙڻ ڀڪڻ، اسڪيٽ يا اسڪوٽر (موٽر سائيڪل نہ پر Skates ۽ Skiing جهڙيون ڦيٿن لڳل تختيون) هلائڻ لاءِ موڪل ڏيندا پر بلڊنگ جي ٻاهران نہ. جيتوڻيڪ هر بلڊنگ جي ٻاهران ان بلڊنگ جي اڌ جيترو پٽ خالي ڇڏيل رهي ٿو پر هو پاڙي اوڙي جو سک ڦٽائڻ بدران

پنهنجي ٻارن کي ڪنهن پارڪ يا ميدان ۾ وٺي ويندا. اهڙين ڳالهين لاءِ هو ٻارڻ کي تڪليف ڏيندا پر ٻاڙي جي ماڻهن کي ڊسٽرب نه ڪندا. سنگاپور وانگر جيتوڻيڪ هتي ڪو اهڙو قاعدو ٺهيل نه آهي پر ان قسم جا اخلاقي قاعدا هتي جي ماڻهن جي دلين تي سالن ڪان اڪريل آهن، جن تي هو سختيءَ سان عمل ڪن ٿا. گذريل ٻن مهينن ۾ مون فقط هڪ دفعو ڇوڪرن ڇوڪرين جي ڪلڻ ۽ ٻارن جي ڳالهائڻ جو آواز ٻڌو. ڊوڙ پائي بالڪنيءَ مان ڏسڻ آيس ته اسان جي بلڊنگ يا ڀر واري بلڊنگ جون چار پنج ڇوڪريون ۽ هڪ ٻه ڇوڪرا پنهنجي ننڍنياڻرن پينرن سان گڏ دارون(ڦٽاڪا) ساڙي رهيا هئا. هنن پاڻ سان هڪ پليٽ آندي هئي، ان تي ميڻ بتي ٻاري ان مان پنهنجيون دارونءَ جون شيون ٻاري خوش ٿي رهيا هئا. پر انهن ۾ ڪا به نڪاءُ ڏيڻ واري يا پري اڏامي وڃڻ واري نه هئي. سڀ شيون جل ڦل نموني جون هٿ ۾ جهلي ٻارڻ واريون هيون يا هڪ ئي هنڌ ٻري رنگين روشني ڪيڏوواريون هيون. پاڻ سان گڏ هڪننڊو دٻو آندو هئائون، جنهن ۾ انهن ٻرندڙشين جون لوهي تارون يا ٻچيل ڪوپا وڌا ٿي، متان سندن مان ڪنهن جو هٿ انهن گرم تارن کي لڳي وڃي. آخر ۾ هو ان سموري ڪچري سميت، سڀ سامان ڪٽي گهر ڏي روانا ٿيا.

ان واقعي بعد ڪالهہ هڪ اٺ ڏهہ سالن جو ٻار هڪ ڦيٿي واري سائيڪل هلائي رهيو هو. مون يڪدم احسن ۽ ايمان کي سڏ ڪيو تہ ڏسو هي هلائي پيو. توهان بہ پنهنجي سائيڪل هيٺ وجي هلايو. پر ٻنهي اهو چيو تہ اهو ٻار غلط ڪم ٿو ڪري.

”اسان کي مِس چيو آهي تہ بلڊنگس اڳيان چڏيل ميدان ٻارن جي کيڏڻ لاءِ ناهي.“ هنن ٻڌايو.

جپان جي ٻارن جي ننڍي هوندي کان وٺي سٺيون ڳالهيون سيکارڻ ۾ ماءُ پيءُ کان وڌيڪ ٽيچر (ماسترياڻي) جو وڏو هٿ آهي، جيڪا ڪنڊرگارٽن ۽ نرسريءَ کان وٺي ٻارن کي اها سُٽي وجهندي رهي ٿي تہ هيئن هلجي، هيئنوهجي، هيئنکائجي، هيئن بس ۾ لهجي چڙهجي، هي ڳالهيون سٺيون آهن، هي خراب آهن .... وغيره.

اسان ڏهہ سال جپان ۾ ايندا ويندا رهياسين ۽ پنهنجو ٻاڻکي هنن جي اصولن مطابق رکڻ جي ڪوشش ڪندا رهياسين، پر هينئر ٿو ڏسجي تہ اجا دهلي دُور آهي. احسن ۽ ايمان کان روز نئين ڳالهہ جي خبر پوندي رهي ٿي. ڪنهن سان ڳالهائڻ يا بس ٽئڪسي لاءِ بيهڻ وقت بند ٿيل ڇٽي اڳيان سڌي ڪري جهلي بيهجي (جيئن بندوق جو منهن هيٺ ڪري بيهجي ٿو) ٿوري بہ Angleتي جهلڻ هتي خراب سمجهيو وڃي ٿو جوان تان ٽميل پاڻي ٻي تي ڪري سگهي ٿو ۽ پوءِ

چوڏاري نظر ڪيم تہ سپني جپانينکي ائين ڏٺم ۽ اسان هميشہ غلط ڪم ڪندا رهياسين.

هڪ ڏينهن هڪ جپانيءَ کان هتيجي هڪ مشهور ڪتابن جي دڪان 'Quest' جو پڇيم. هن ڪجھ رستو ٻڌائڻ شروع ڪيو تہ آئون سمجهي ويس تہ هو ان دڪان بدران ڪنهن ٻئي دڪان يا لئبريريءَ جو ٻڌائي رهيو آهي، سو سندس ڳالھ ڪي يڪدم ڪٽي چيم تہ اهو نہ پرجيڪو 'مارووا' شاپنگ سينٽر پرسان آهي. هو سمجهي ويو ۽ پوءِ هن اهو رستو ٻڌايو. پر مون ڏٺو تہ مون سان گڏ بيٺل احسن Uneasy محسوس ڪري رهيو هو. منهنجي پڇڻ تي چيائين:

”نانا ٻئي جي ڳالھ اڌ ۾ نہ ٽوڙيو.“

”ڇو؟ اجايو هن کي غلط دڪان جو رستو ٻڌائڻ ۾ وقت لڳي ها.“ مون وراڻيومانس.

”ها، اهو صحيح آهي. پر هتي ان کي خراب ٿا سمجهن. ڳالھ پوري ڪرڻ بعد چئجيس.“ هن چيو ۽ آئون سمجهي ويس تہ هن جو مطلب ڇا آهي. جپان ۾ ڳالهائڻ جي ڏيرج واري Politeتون سان گڏ ننڍي وڏي لاءِ تون، توهان، توهان _ جن وغيره قسم جي آدابن سان گڏ، ان قسم جون ڪئين ڳالهيون خيال ۾ رکڻيون پونٽيون. يعني مٿين Case ۾ هن جي ڳالھ Interrupt ڪرڻ بدران ڪيس سچي ڳالھ

پوري ڪرڻ بعد چئجي تہ ”اها ڳالهہ تہ تنهنجي صحيح آهي پر آئون فلاڻي دڪانجو پيو پڇان.“ هونءَ بہ ڪنهن جپاني جي ڳالهہ ڪٽڻ سان هن جو مونجهارو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. اهي تہ نارمل ڳالهيون ٿيون، پر سياستدان يا ڪتابن جا نقاد بہ ٻئي جي ڳالهہ نہ مڃڻ وقت بہ شروعات Polite نموني سان ڪندا، تہ توهان جي ڳالهہ تي سگهي ٿو پنهنجي جاءِ تي درست هجي، تمام سٺو خيال ٿو لڳي، پر منهنجي خيال ۾ هيئن هجڻ گهرجي...“

هتي پنهنجي گهر جي بالڪنيءَ جي ڳالهہ ڪري رهيو هوس، جتي بيهي هو اڪائڻ، چوڏاري جو نظارو ڪرڻ سان گڏ گذريل وقت ۾ جهاتيون پائڻ لاءِ خوبصورت Outlet ملندو اٿم. ڪڏهن ڪڏهن سامهون جا جبل ۽ اتي ننڍڙا ننڍڙا هارين نارين جا گهر ڏسي جپاني ليکڪن مشيما يوڪيو، تڪاشي(Takashi Atoda)، نڪاگامي، (Kenji Nakagami)، ڪاواباتو ياسو ناري ۽ ڪينزابورو (Oe Kenzburo) جهڙن جي ناولن جا بئڪ گرائونڊ ياد اچي ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن هتي جونچوڏاري نهيل گهڻ ماڙ عمارتن جي عمارت سازيءَ تي غور ڪندو آهيان تہ ڪڏهن انهن جي مٿان وڏن اکرن ۾انهن جا جپانيءَ ۾ لکيل نالا پڙهڻ جي ڪوشش ڪندوآهيان. ڪن ڪن عمارتن جا انگريزيءَ ۾ بہ نالا لکيل آهن، جيئن ـ Koeo, Sky

Mansion, Best Kosan, Toto وغيره. Toto فليٽن واري عمارت هتي جي مشهور ٽوٽو ڪمپنيءَ ٺاهي آهي، جنهن جا ٺهيل ڪموڊ دنيا ۾ مشهور آهن. جن ۾ ميوزڪ ۽ خوشبوءِ جي اسپري اچڻ ڪان علاوه اليڪٽريڪلي بلڊپريشر، ٽيمپريچر ۽ هاڻ شگر ليول پڻ چيڪ ڪرڻ جو بندوست رکيل آهي. پنهنجي بالڪنيءَ مان چوڌاري نظر ايندڙا وچين بلڊنگن، مونو ريل جي پٽن ۽ رنگين بتين وارن Sign Boards جي وچ وچ ۾ هيٺ زمين سان مليل پراڻي زماني جا ڪنڊائتين ڇتين وارا گهر پڻ آهن. اڄ ڪان 22 سال اڳ هي سڄو شهر ههڙين جهوپڙين جهڙن گهرن جو ڳوٺڙو هو. جن جي وچ مان نانگ وانگر ڪو پڪو رستو لنگهيو ٿي. هنن وڏين بلڊنگن ۽ مٿان هلندڙ مونو ريل مان ڪا بہ اهڙي شيءِ ناهي، جيڪا پنڌرهن سالن ڪان مٿي پراڻي هجي ۽ اهوئي حال هنن جي پر وارن بندرگاهن، موجي ۽ شيمونو سيڪيءَ جو هو ۽ اهوئي حال اوساڪا ۽ ڪوبي شهرن جي ڀرواڙيءَ جو هو. اڄ ڪان پاءُ صدي اڳ جو اهو زمانو اڄ بہ منهنجي اکين اڳيان ڦري رهيو آهي.

# جپانين جي سياڳي ٻلي

جپان جي ڪٺي ڪھڙي بہ شهر ۾ اچو_ توهان کي اڌ ڪلاڪ کن مارڪيٽ يا بازار جي چڪر ۾ هڪ ٻندڪانن اڳيان پٿر، پلاسٽڪ يا ڪنهن ٻئي مٽيريل جي هٿ مٿي ڪٽي ويٺل ٻلي ضرور نظر ايندي. اها ٻلي اليڪٽرڪ ڪرنٽ يا بيٽري سيلن ذريعي پنهنجو هٿ (چنبو) هيٺ مٿي پئي ڪندي. هيءَ ٻلي Maneki neko سڏجي ٿي ۽ هتي جي ماڻهن جي عقيدي موجب اها دڪاندار (هوٽل واري) لاءِ ڀاڳ (پئسو) ۽ گراهڪ آڻي ٿي. ان ڪري هن قسم جي ٻلي جيڪا مانيڪي نَيڪو سڏجي ٿي، توهان کي جپان جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ملندي. جيڪا ڪٿي پنهنجي اڳين ٻانهن مٿي ڪري (سندس چنبي جو منهن توهان ڏي ڪري) ويٺي هوندي يا چنبو ائين پئي هيٺ مٿي ڪندي ڄڻ توهان کي دڪان يا هوٽل ڏي سڏي رهي هجي.

ڪو زمانو هو جو جپانين جو اهو خيال هو تہ ٻليون پنهنجو روپ بدلائي جن ڀوت پڻ ٿيو وڃن. هونءَ بہ جپاني عقيدي موجب سندن لوڪ ڪهاڻين ۾ ڪيترائي ڀوت (Monsters) آهن. جن ۾ هڪ ’باڪي نيڪو‘ ٻلي وارو ڀوت تمام گهڻو مشهور آهي. جپانيءَ ۾ هڪ

چوٽي آهي تہ Neko O Koroseba nanadai tataru (ٻلي نہ مارجو نہ تہ هن جي پٺَ توهان جي ستن پيڙهين تائين لڳندي).

هونءَ جپان سهٽين ٻلين (Neko) ۽ ڪتن (Inu)جو ملڪ آهي. ڪتا گهڻو ڪري نِنڊيا ڏاريا وڃن ٿا ۽ انهن کي واڪ ڪرائڻ ۽ وقت تي هنگائڻ مُتائڻ جي ڪٽراڳ کان علاوه سئيڊن، ڊئنمارڪ ۽ سنگاپور فرانس وانگر جپان جي حڪومت بہ ڏينهون ڏينهن ڪتن پالڻ وارن تي سختي ڪندي وڃي تہ رستي تي جنهن جي بہ ڪتي گند ڪيو تہ اهو ان ڪتي جي مالڪ يا مالڪڻ کي ڪٽڻو آهي. ڪتن جي مالڪن کي ان حڪم کان آگاهہ ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي هنڌن تي خاص ڪري پارڪن ۽ باغيچن ۾ بورڊ لڳل آهن. سئيڊن ۾ ڊئنمارڪ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ايترو آهي تہ هر گهٽيءَ جي موڙ وٽ، بس اسٽاپ وٽ، دڪانن پويان عام ڪچري جي دٻن سان گڏ گڏ ڪتي جي ڪاڪوس جو دٻو بہ رکيل ٿئي ٿو. ڪتي جي رستي خراب ڪرڻ تي مالڪ کيسي مان پلاسٽڪ جي ٿيلهي ڪڍي، هٿ تي چاڙهي ٻوڙ پائي ان دٻي ۾ وجهندو آهي . پر هتي جپان ۾ ڪتن لاءِ بلڪ انهن جي مالڪن جي سهولت لاءِ (يا ٻين لفظن ۾ خواريءَ کان بچڻ لاءِ) ڪو اهڙو دٻو نظر نٿو اچي. پوءِ ڪتن جو مالڪ يا مالڪڻ ان کي ڪٺي اچلڻ بدران پنهنجي ٿيلهي يا پرس ۾ وجهن ۽ گهر پهچي ان کان آجيون ٿين.

ٻلين سان اهو مسئلو ناهي. هنن کي پاڻ ئي خيال ٿئي ٿو ڪڏ ڪوٺي هنگي پوءِ مٽيءَ سان ڍڪي ڇڏين. ڪين نہ ميونسپالٽي ۾ رجسٽرڊ ڪرڻو پوي ٿو نہ ڪين رسو ٻڌي هلڻو پوي ٿو. هو گهرن اڳيان مالڪياڻين سان گڏ ڏڪين تي ويٺيون هونديون يا گهٽين ۾ ناز نخري سان واڪ پيون ڪنديون.

هونءَ هتي جي رواج مطابق ماڻهن ڪوئن کي مارڻ لاءِ ٻليون پاليون ٿي. ان ڪري گدامن، سيڌي جي دڪانن ۽ هوٽلن ۾ ٻلين جو هجڻ هڪ عام ڳالهہ سمجهي وئي ٿي پر هاڻ اڄ جون امن پسند يا ڪٽي چئجي تہ سست ۽ ڍڄٽيون ٻليون ڪوئن کي ڦاسائڻ يا مارڻ جي چڪر ڪان پاڻ کي پري رکن ٿيون. بس هاڻ سڄي جپان ۾ دڪانن، خاص ڪري هوٽلن اڳيان جپاني ٻي ڪا ٻلي رکڻ بدران چيني، ڪاشي، ڪانچ، پٿر يا پلاسٽڪ مان ٺهيل هيءَ ياڳ واري ٻلي Maneki_neko رکن ٿا.

چيني ٻارهن سالن واري چڪر Zodiac ۾ ٻلي ڪوئي لاءِ خطرو آهي. ٻلي جپاني لوڪ ڪهاڻين، پهاڪن ۽ شاعريءَ ۾ تہ آهي پر ڪيس جپاني Zodiac ۾ جاءِ نہ ڏني وئي آهي. پراڻي مصر ۾ ري ديوتا جي ٻلي ڏيءَ (جنهن جو نالو باسطيت هو) کي ديويءَ جو رتبو مليل هو. جپاني پنهنجي نيڪو (ٻليءَ) کي ديويءَ جو رتبو تہ نہ ڏئي سگهيا

آهن پر ٻلي (Neko) جپاني ادب ۽ ڪلچر ۾ اهم جاءِ ضرور والاري سگهي آهي. جپان جي مشهور ناول نويس سوسيڪِي (Soseki) جي هڪ مشهور ناول Wagahai we neko de aru (آءٌ ٻلي آهيان) ۾ تہ ٻليءَ کي ڪهاڻي جي هيرو جو درجو مليل آهي ۽ اڄ ڏينهن تائين اها ٻلي جپان جي مشهور ترين ٻلي مڃي وڃي ٿي. ائين تہ هڪ ٻئي مشهور جپاني ليکڪ تاني زاڪيءَ بہ پنهنجيناول Neko to shozo to futari no omna (ٻلي، مرد ۽ بہ عورتون) ۾ هڪ ٻليءَ کي مرڪزي ڪردار ڏنو آهي.

جپان جو مٿيون ليکڪ سَو سَيڪِي ذات جو ناتسو مَي 1867ع ۾ ڄائو ۽ سندس مرڻ جو سال 1916ع آهي. جپان جي نہ فقطن وڏن ۾ مشهور ليڪڪن مان آهي پر جپان جي مَي ئيجي (Meiji) دؤر جو آخري ۽ تائيشو (Taisho) دؤر جي شروع وارن ڏينهن جو وڏو اثر رسوخ وارو ماڻهو ٿي گذريو آهي. پاڻ ٽوڪيو يونيورسٽيءَ ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هو.سندس پهريون 800 کن صفحن جو ناول “I am a cat” سن 1905ع ۾ ڇپيو. ان بعد 1907ع ۾ نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏئي سڄو وقت لکڻ ۾ لڳائين. سندس ٻيون مشهور لکڻيون هي آهن: The Three Cornered World جيڪو ڪتاب

1906ع ۾ ڇپيو. ڪوڪورو 1914ع ۾ The Frass on Wayside سن 1915ع ۾ ڇپيو.

1984ع ۾ جپاني نوٽ بدلايا ويا ته هڪ هزار يين جي نوٽ تي (جيڪو روز مره جي زندگيءَ ۾ سڀ کان گهڻو استعمال ٿئي ٿو. جيئن پاڻ وٽ پنجين ۽ ڏهين جو نوٽ) هن جپاني ليکڪ جي تصوير ڏئي ڪيس وڏي عزت بخشي وئي آهي، نه ته جپاني نوٽن تي اسان هميشه شهزادي شوتوڪو (Shotoku 574_622) ۽ واءِ ڪائونٽ اِتو هِيرو بومي (1868ع _ 1912ع) جهڙن جون تصويرون ڏٺيون. شهزادو شوتوڪو اهو پهريون وڏي رتبي جو ڪامورو آهي، جنهن نارا دؤر (710ع _797ع) کان اڳ ٻڌ ڌرم کي جپان ۾ پير کوڙڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو.

بهرحال هتي پاڻ اديبن ۽ شهزادن جي نه پر ٻلين جي ڳالهه پيا ڪريون. پاڻ وٽ ڪُئي ٻلي جي ڊوڙ (دشمني، جهيڙو) مشهور آهي ۽ ٻلي ڪتي جي پڄڻ. يورپ پاسي ته ڪنهن جي دشمنيءَ لاءِ اهو ئي چوندا آهن ته هنن جو ڪتي ٻليءَ وارو وير يا جهيڙو لڳو رهي ٿو يعني ڪتي به اهي ٻه جانور سڪون سان ويهي نٿا سگهن. پر توهان کي تعجب لڳندو ته جپان ۾ ان معاملي ۾ ٻليءَ کي ذليل ڪرڻ کان بچايو ويو آهي. جپان ۾ اها دشمني ڪتي ۽ ٻولڙي جي وچ ۾ مشهور آهي. ٻه ماڻهو هڪ ٻئي سان صحيح نه هلندا ته جپانيءَ ۾ انهن لاءِ "Kenen

”no Naka يعني ’ڪتي ۽ ٻولڙي وارو تعلق اٿن‘ چوندا. هڪ سنڌي دوست کي چيم تہ دنيا ۾ فقط جپاني آهن، جيڪي ڪتي ٻلي جي دشمني واري عام اصطلاح بدران پنهنجو ناهيل ڏين ٿا تہ هن نہ پهہ چيو: ”ٻيا پاڻ سنڌي.“

”اهو وري ڪيئن؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”پاڻ وٽ ڪنهن جي دشمني يا نہ نهڻ لاءِ چوندا آهيون تہ هنن جي چاندين مگسين واري لڳل آهي.“

مٿين مثال (يعني ٻلين جي_ ۽ نہ چاندين مگسين جي) مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ جپان ۾ ٻلين جو نہ فقط اهم درجو آهي، پر مغرب کان مختلف ۽ نرالو پڻ. يورپ توڙي آمريڪا پاسي ٻليءَ کي کير ۽ ملائي ڏني وڃي ٿي، پر جپان ۾ ٻلين جو دلپسند کاڌو سڪل مڇيءَ جون سنهيون ڪٽيل چپس (Flakes) آهي، جنهن کي جپانيءَ ۾ ڪاتسو اوبوشي (Katsu Bushi) سڏين ۽ ان تان ئي جپاني هڪ اصطلاح ٺهيو آهي_ Neko ni Katsuobushi جيڪو چتاءُ آهي تہ ’ڪنهن کي گهٽي عياشيءَ جي عادت نہ وجهو‘ يا ڪنهن کي عمدي شيءِ ڏيکاري نہ هرکايو.

ٻليءَ جي آواز کي يورپ توڙي آمريڪا ۾ Meow سڏين، اسان وٽ مياؤن مياؤن، پر جپان ۾ نِيا نِيا (Nyaa Nyaa) يا ڪڏهن ڪڏهن Nyan_Nyan جنهن ۾ آخري N (نون) گهنو آهي.

جپاني زبان ۾ ٻليءَ تان ٻيا بہ ڪيترائي پهاڪا ۽ اصطلاح ٺهيل آهن، جيڪي روزمره جي ڳالهائڻ ۾ استعمال ٿين ٿا.

ڪو ماڻهو يا ٻار پنهنجي ڏنگي ۽ جهيڙاڪ طبيعت جي ابتڙ ماٺ ۽ فضيلت ڪري وهي، جيئن ٻلي نئين ماڻهوءَ جي گهر ۾ ڪندي آهي تہ ان کي جپاني Karite Kita Nekoمعنيٰ ”اُڌاري آندل ٻلي“ چون.

اهو ماڻهو جيڪو گهڻو گرم ڪاڌو يا گرم چانهہ، کير وغيره نہ پي سگهي تہ ان کي Neko Jita يعني ٻليءَ جي جڀ چون. جپانيءَ ۾ هڪ ٻي چوڻي آهي، Neko Ni Koban ٻليءَ کي گِنيون (سونا سڪا) ڏيڻ. يعني ڪنهن کي اها شيءِ ڏيڻ جنهن جو هن وٽ قدر نہ هجي. جيئن پاڻ وٽ رڍ اڳيان رباب وڄائڻ. اڙدوءَ ۾ مينهن اڳيان مرلي وڄائڻ يا انگريزيءَ ۾ ”سوئر اڳيان هيرا اڇلڻ“ آهي. ڪٿي ڪا شيءِ رکڻ جي ٿوري جاءِ هوندي تہ ان جو اظهار ڪرڻ لاءِ جپاني چوندا Neko no hitai معنيٻليءَ جي نِرڙ جيتري جاءِ آهي. ڪٿي ڪو ماڻهو چيڙو نہ هوندو يعني ماٺ منوڙ لڳو پيو هوندو آهي تہ پاڻ چوندا

آهيون تہ ”ڪڪڙون تون“ لڳي پيئي آهي پر جپاني ان جاءِ لاءِ جتي زندگيءَ جو ڪو آثار نہ هجي ان لاءِ چون Neko no ko ippiki inai _ اهڙو ويران هنڌ جتي ٻليءَ جو پونگڙو بہ نظر نہ پئي آيو. ڪا شيءِ جلدي بدلجندي رهي تہ ان لاءِ چوندا Neko no me no you ni kawaru _ معنيٰ ٻليءَ جي اک وانگر بدلجڻ.

جپانيءَ ۾ هڪ چوڻي آهي: Neko no to me karitai ٻليءَ کان سندس چنبو (پنجو) اڌارو وٺڻ. ان کان علاوه ٻليءَ تي ٻيا بہ ڪيترائي اصطلاح آهن. جيڪي گهٽ ۾ گهٽ مون کي سمجهہ ۾ نہ اچي سگهيا آهن. جهڙوڪ Neko Okaburu جيڪو منافق ماڻهوءَ لاءِ چيو ويندو آهي، Nekoze (ٻليءَ جي پٺيءَ جو ڪنڊو) وغيره.

ٽوڪيو جي هڪ علائقي تاماگاوا ۾ هڪ جاءِ Nekotama دنيا جي ٻلين کان مشهور آهي. ٻلين جا شوقين هتي اچي نہ فقط اهي ٻليون ڏسندا آهن پر انهن کي ڪڇ ۾ کڻي فوٽو بہ ڪڍرائين.

## • ٻليءَ بابت ڪجهہ ٻيون دلچسپ چوڻيون

* ٻلي توهان جي دوست تہ ضرور ٿي سگهي ٿي پر غلام هرگز نہ.

* ڪير آهي جنهن کي ٻليءَ کان بہ بهتر دوست آهي.

انگريزيءَ جي مشھور ليکڪ ارنيسٽ ھيمنگوي بہ ھڪ ھنڌ ٻليءَ لاءِ لکيو آھي تہ "A Cat has abasolute honesty"

* ھر ٻليءَ جو مالڪ ان ڳالھہ کان چڱيءَ طرح واقف آھي تہ ٻلي ھن جي ملڪيت ٿي نہ سگھندي.

ٻلين جي ڳالھہ تان ھڪ جپاني عورت ڪلندي ٻڌايو_ خبر ناھي واقعي سچ پچ يا چرچي ۾ "مون مڙس ڪي پچائي ڇڏيو ڇو جو منھنجي پاليل ٻلي ھن کان الرجڪ ھئي..."

ٻليءَ ڪي دل سان چاھڻ واري ھڪ انگريز عورت جي بہ ان قسم جي ڳالھہ مشھور آھي.

"My husband said it was him or the cat…"

ءِ ھاڻ "I miis him some times…" ھن ٻڌايو.

# جپان ۾ پاڻ جهڙا ايشين ۽ پيا

جپان ۾ نوڪرين يا پڙهائيءَ لاءِ ايترا يورپي يا ايشين ۽ آفريڪن نظر نٿا اچن. جيترا آمريڪا ۾ آهن يا جيترا يورپ جي شهرن ۾ آهن. پوءِ اهو شهر چاهي انگريزي ڳالهائڻ وارن جو لنڊن ۽ مانچسٽر هجي يا فرينچ ۽ جرمن ڳالهائڻ وارن جو پئرس ۽ برلن هجي. بهرحال آئون ٻه ٻن مهينن کان جپان جي مختلف شهرن جي مختلف گهٽين ۽ بازارين جا چڪر هڻان پيو. پوءِ ڪٿي ڪو ايشين يا آفريڪن نظر ايندو اٿم ته هن سان ملڻ تي دل ايڏي ته ماندي ٿيندي آهي جو بس مان لهي ٻه هن کي هيلو! هاءِ! ڪندو آهيان ۽ پوءِ ڏسندو آهيان ته هو ٻه وڏي حب مان ملي ٿو. پر اهو سڀ ڪجهه ٽوڪيو، يوڪوهاما ۽ ڪوبي اوساڪا جهڙن وڏن شهرن کان علاوه. ٽوڪيو يا اوساڪا جهڙن شهرن ۾ هون ٻه هر ملڪ جي ايمبسي ۽ قونصل خانو هجڻ ڪري هر ملڪ جا ماڻهو جام نظر اچن ٿا.

هڪ دفعي هڪ انگريز_ ٽيهن سالن کن جو مليو. هو سامهون کان اچي رهيو هو. ويجهو ٿيڻ تي پڇيومانس ”واٽ ڪنٽري؟“

”انگلينڊ.“ هو ٻه بيهي رهيو.

”هتي ڇا ڪرين؟“ مون پڇيومانس.

”ھتي ٻہ مھينا اڳ آيو آھيان. ھڪ فئڪٽريءَ ۾ جپاني مزدورن کي انگريزي پڙھائيندو آھيان.“

اڄڪلھہ سڄي جپان ۾ انگريزي سکڻ جو وڏو Craze ٿي پيو آھي. خاص ڪري نوجوانن کي ۽ ھو انگريزي سکڻ بہ انگريزن کان چاھين ٿا. ھو سمجھن ٿا تہ جيئن جپاني لفظ فقط جپان جو باشندو سيکاري سگھي ٿو، چيني چين جو تھڙي طرح انگريزي بہ فقط انگلينڊ جو سيکاري سگھي ٿو. جيتوڻيڪ انگريزي تہ ھڪ پاڪستاني،انڊين، سنگاپورين ۽ نائجيرين يا ڪينين بہ ايتري ئي سٺي سيکاري سگھي ٿو جيتري ھڪ انگريز _ جو انھن ملڪن ۾ بہ سؤ سالن کان مٿي انگريزن راڄ ڪيو آھي ۽ انھن ملڪن جو ھر پڙھيل ماڻھو انگريزيءَ کان واقف آھي. جپاني جيڪي ڪجھہ ڏينھن شوق ڪري ”واٽ مني ڪياماڙي گوز؟ _ ٿو آنا ڪمس ٿو آنا گوز!“ جھڙي ڪراچي جي مڪراني ٽانگن واري انگريزي سکن ٿا، اھا تہ ھڪ نان انگلش ملڪ انڊونيشيا، سينيگال ۽ چاڊ جو ڊچ، فرينچ ۽ پورچوگالي ڳالھائڻ وارو بہ پڙھائي ويندو. پر جپاني اخبار يامختلف لئبررين ۾ لڳل اشتھار ۽ نوٽس پڙھبا تہ تقريباً ھر ھڪ ۾ اھو ھوندو تہ ”انگريزي پڙھائڻ لاءِ پارٽ ٽائيم يا پرمننٽ Native ٽيچر کپي. يعني انگلينڊ جو کپي.“ پوءِ ھتي رھندڙ ڪنگلن انگريزن جو تہ عيش آھي، پر ڪوٽ ٽيڻ تي

انگليند جو سياڻو سفارتخانو جهٽ پٽ انگليند مان پيا بيروزگار بہ گهرائي وٺي ٿو.جيئن مٿيون همراھ اسان کي مليو جيڪو هاڻ آيو هو ۽ جپان ۾ ڪو چوڻ اچي جڏهن جهڙي تهڙي پڙهائڻ جا ڪلاڪن جي حساب سان پئسا ملن ٿا. ڪلاڪ جو هزار رپيا ڪن تہ معمولي ڳالھ آهي.

هڪ دفعي ساسيبو شهر جي پر واري ڳوٺ ۾ ڇھ ست آفريڪا جا ۽ هڪ ايشيا جو (جيڪو انڊونيشيا جو هو) مليا. هو مختلف ملڪن جا شاگرد هئا، جيڪي ياماگچي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي رهيا هئا ۽ هينئر يونيورسٽيءَ طرفان آرگنائيز ٿيل ٽوئر تي ساسيبو گهمڻ آيا هئا.اهڙي طرح هيروشيما ۾ هڪ ٻيو شاگردن جو ٽولو مليو جيڪي انجنيئرنگ ۾ B.E پنهنجي ملڪ مان ڪري هاڻ وڌيڪ تعليم لاءِ هتي آيا هئا. منجهن آفريڪا جي ملڪن جا گهڻا هئا، جيڪي ايشيا جا هئا انهن ۾ هڪ بہ پاڪستاني نہ هو. اڄڪلھ جپان ۾ پاڪستان جا اعليٰ تعليم توڙي ننڍا ڪورس ڪرڻ لاءِ تمام گهٽ اچن ٿا. جپان ايڏو مهانگو ملڪ آهي جتي ظاهر آهي ڪنهن جو مٿو خراب نہ ٿيو آهي جو پنهنجو خرچ ڪري پڙهڻ لاءِ ايندو. هو جپان حڪومت جي ئي اسڪالرشپ تي اچي سگهي ٿو. جپان کان وڌيڪ اسڪالرون يا تعليمي سهولتون حاصل ڪرڻ لاءِ اسان جي حڪومت

يا اسان جو هتي جپان ۾ موجود سفارتخانوئي ڪوشش ڪري سگهي ٿو.

ڪوبي ۽ اوساڪا جي وچ ۾ هڪ شهر نشينومِيا جي هڪ ڊپارٽمينٽل اسٽور ۾ ٻه ڇوڪريون پهرين ئي نظر ۾ جپاني نه لڳيون. جيتوڻيڪ برما کان وٺي ڪوريا تائين هن سڄي ريجن جا ماڻهو هڪ ٻئي سان گهڻو ملن ٿا. جيئن بنگلاديش، انڊيا، سريلنڪا ۽ پاڪستان جا ڀر هن پاسي جي ملڪن ۾ ڪجهه عرصو رهڻ سان سمجهيو وڃجي ته هي چيني آهي، هي جپاني آهي ۽ هي ڪورين يا ٿائي، ڪمبوڊين وغيره. بهرحال مون کين سنئون سڌو ڇوڪرين بدران ته ”توهان فلپينو آهيو“ جي، اهو ئي پڇيو ته جپاني آهيو؟ ڇو جو غلطيءَ ۾ هڪ فلپينو کي چوڻ ته تون جپاني آهين، اها هن جي عزت افزائي آهي پر هڪ جپاني ڇوڪريءَ کي فلپينو يا چيني چوڻ هن جي بي عزتي آهي. ڪٿي جپاني ڪلچر ۽ سلجهيل ماڻهو (اسان ڪٿي نه چئون پر جپاني ته پنهنجو پاڻ کي سمجهن ٿا) ۽ ڪٿي چينيا فلپينو! اجا به جي ڪنهن جپاني ڇوڪريءَ کي گار ڏيڻي هجي ته چئجيس ته تون ڪورين لڳي رهي آهين. ڇو جو جپانين لاءِ ڪورين باگڙي ڀيل آهن. منهنجي پڇڻ تي ڇوڪرين صاف انگريزيءَ ۾ وراڻيو ”نه، اسين فلپينو آهيون.“

فلپينو ڇوڪريون دنيا جي امير ملڪن ۾ جتي آيا، بورچياڻي يا نوڪرياڻي رکڻ جي حڪومت طرفان اجازت آهي (جيئن ته سڀ عرب ملڪ، سنگاپور،ملائيشيا، برونائي وغيره) اتي گهرن ۾ ڪم ڪن ٿيون. پر جيئن ته سئيڊن ۽ ناروي وانگر جپان ۾ به نوڪرياڻي رکڻ تي بندش آهي يا خراب سمجهيو وڃي ٿو ان ڪري هتي فلپينو ڇوڪرين جو هجڻ عجيب لڳي ٿو. پڙهائيءَ لاءِ به هو هتي نه آيون هونديون جو فلپين اهو ملڪ آهي جتي صحيح تعليم سان گڏ هر سبجيڪٽ جون ٺڳ يونيورسٽيون به آهن، جتي اسان جي ملڪ جا موچڙا مٽر، ڪريل ۽ امير مائٽن جا پٽ به بنا پڙهڻ جي ڊگريون وٺيو اچن. سڀ کان وڏيڪ هنن ڇوڪرين جا نماڻا چهرا سندن خوشحاليءَ جي کاڻي نه پر غم جو داستان ٻڌائي رهيا هئا.

”هتي جپان ۾ خير مان آيون آهيو؟“ مون پڇيومان.

”اسين هتي ڪم لاءِ آيون آهيون.“ هنن ٻڌايو ۽ مون تعجب مان يڪدم پڇيو: ”ڇا! ڪنهن جي گهر ۾؟“

”نه آفيس ۾.“ اهو چئي هڪ ڏک ڀري لهجي مان شڪايت واري نموني ۾ ٻڌايو ”فقط ڇهن مهينن لاءِ.“

”ڇا مطلب؟“

”اسان هتي ورڪنگ ويزا تي نه آهيون.“

آئون هن جي ڳالهہ سمجهي ويس. “Oh! Very sad!”
ڪيتريون فلپين جون بيروزگار ڇوڪريون ڪٿي (عرب ملڪن يا بين ۾) جاب نٿو ملي تہ پوءِ Risk کڻي پنهنجي ڪيسي مان ٽڪيٽ پري ملائيشياءِ جپان جهڙن امير ملڪن ۾ گهمڻ جي ويزا (Visit Visa) تي اچي پوءِ نوڪريءَ لاءِ هٿ پير هڻن ٿيون. هنن ڪي وڏ ۾ وڏ ڇهن مهينن جي ويزا ملي ٿي ۽ پوءِ هنن جي اهائي ڪوشش رهي ٿي تہ ڪين جهٽ ڪنهن آفيس يا دڪان، ڪارخاني ۾ جاب ملي وڃي تہ هو چار پئسا ڪمائي پنهنجي سفر جو بہ خرچ ڪڍن. رهائش دوران پيٽ گذر بہ ڪن ۽ چار پئسا بچائي پنهنجي ملڪ بہ ڪٽي وڃن. جن مان هو پنهنجي شاديءَ جي خرچ پکي لاءِ ڪجهہ گڏ ڪري سگهن يا پنهنجي غريب پاءُ پيٽڻ جي پڙهائيءَ لاءِ مدد ڏيئي سگهن ۽ ان سان گڏ ايترو پاڇي ڪري سگهن جو وري پئي هنڌ هٿ پير هڻڻ لاءِ ان ملڪ جي پاڙيلاءِ نوڪري هٿ ڪرڻ لاءِ رشوت ڏيئي سگهن. پوءِ ڪيترين ڇوڪرين کي جلد نوڪري مليو وڃي، ڪن کي ايڏو دير سان يا گهٽ پگهار تي جو خرچ لٿي هنن وٽ پائي بہ نٿي بچي.

ڪيتريون اهڙيون ڪهاڻيون اخبارن م ايندڀون رهن ٿيون جن ۾ ان قسم جون غريب ڇوڪريون صحيح نوڪري ملڻ بدران غلط ماڻهن جي ور چڙهيو وڃن. جيڪي هنن کي پنيلايو ظاهريءَ طرح

سنين نوڪرين جا ڏئا ڏيو ڪين مئخانن، مساج پارلرن ۾ چڪلن ۾ آٽيو ڪڍن ۾ ويزا مطابق مقرر ڏينهن کان وڌيڪ رهائي ڪين قانوني ڏوهاري ڪريو وجهن ۾ پوءِ سندن ان ڪمزوري ۾ پوليس جي پڪڙجڻ جي ڏپ ۾ هو ڪنهن بہ ڳالهہ کان انڪار نٿيون ڪن. ملائيشيا ۾ جپان ۾ ڪٽي قانون قاعدو آهي، ماڻهو سنا ۾ شريف آهن، پر انهن ملڪن ۾ بہ ٺڳ، ظالم ۽ ڪرمنل قسم جا ماڻهو ۾ غلط ڪم هلندا رهن ٿا ۽ پوءِ انهن لاءِ سولو شڪار هن قسم جون غريب ملڪن جون غريب پريشان حال ۽ مجبور ڇوڪريون ٿين ٿيون، جن جا سفارتخانا بہ بي حس ۽ بي پرواهہ رهن ٿا. بهرحال هي وري بہ ڀين کان وڌيڪ خوشنصيب فلپيني ڇوڪريون هيون جن کي ڪنهن آفيس ۾ ڪم ملي ويو هو جو يقيناً بهتر آهي ۽ هو اونداهي راتين ۾ لڪ چوري ڪٽي ڪم ڪرڻ بدران آزاد گهمي ڦري رهيون هيون.

جنهن شهر ۾ هن وقت آئون رهان ٿو، ان جي پر واري شهر فڪوئوڪا ۾ خيرپورناٿن شاهہ جو عامر بلوچ بہ رهي ٿو. هن ڪراچي يونيورسٽيءَ مان فزڪس ۾ M.Sc. ڪئي، ان بعد هاڪس بي تي ڪئنوپ ۾ نوڪري ڪيائين پئي تہ ڪيوشو يونيورسٽيءَ مان اليڪٽرونڪس ۾ پي. ايچ ڊي ڪري ورتي. اڄڪلهہ هو فڪوئوڪا ۾ ئي رهي ٿو ۽ اتي جي هڪ جپاني فرم ۾ نوڪري ڪري ٿو جيڪو

فرم مختلف قسم جا روبوٽ ٺاهي ٿو. عامر چڱو يار ويس ماڻهو آهي. سندس پاڙي ۾ هڪ نئون مسلمان جپاني فئملي عبدالواحد ساتوشي ۽ سندس زال حِڪما چيڪاڪو رهن ٿا. انهن سان عامر اسان کي به ملايو ۽ هو (جپاني مسلمان) اسان جي گهر مانيءَ تي پڻ هڪ ڏينهن آيا، جن جو ذڪر ڪتي بئي هنڌ ڪنداسين.

هڪ سنڌي ڊاڪٽر نري ميرواهه (نوابشاهه پاسي) جو پڻ جپان ۾ رهي ٿو. سندس نالو ڊاڪٽر نور محمد خاصخيلي آهي. پاڻ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ ۽ ماڊل اسڪول يونيورسٽيءَ مان انٽر ڪرڻ بعد چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي مان MBBS ڪئي. ان بعد به ٽي سال نوڪري ڪري، جپان آيو ۽ هتان جي مشهور يونيورسٽي ريوڪيو (Ryukyu) جيڪا اوڪيناوا ٻيٽن تي آهي، مان ڊرموٽولاجي (Skin Disease) ۾ پي. ايچ ڊي ڪيائين ۽ ٽن سالن کان ان ئي يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي. سندس جنم جي تاريخ پهرين فيبروري 1967ع آهي ۽ اِي ميل ائڊريس هيءَ آهي: khaskhelis@hotmail.com ڊاڪٽر خاصخيلي جو هڪ ٻيو ساٿي ڊاڪٽر عبدالمنان پٿو آهي جيڪو اڄڪلهه چانڊڪا ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي. ڊاڪٽر عبدالمنان به جپان ۾ پي ايچ ڊي ڪرڻ آيو هو ۽ ناگاساڪي

يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽوريٽ حاصل ڪرڻ بعد ڊاڪٽر خاصخيليءَ سان گڏ اوڪينوا پيٽن تي ٻه سال ڪن نوڪري ڪيائين.

هڪ ٻيو ڊاڪٽر ظفر ميمڻ صاحب ٽوڪيو ۾ نوڪري ڪري ٿو. هو جپان اچڻ ڪان اڳ بقائي اسپتال ڪراچيءَ ۾ هو. سندس ڳوٺ ٽارو شاهه آهي.

ائين هڪ اسان جي ڳوٺ جو نويد ميمڻ پڻ اٺن سالن کان هتي جپان ۾ آهي. پاڻ هالا جي مشهور شخصيت جمعي ٽيڪي جو پوٽو۽ اسان جي ڪلاس ميٽ ۽ PIA جي مشهور آرٽسٽ علي محمد ميمڻ جو ڀائٽيو آهي. نويد ڪڏهن نگويا ۾ رهي ٿو ته ڪڏهن فڪوئوڪا ۾. پاڻ هتي هميشه رهڻ جي ڪوشش ۾ آهي جو هتي لڳاتار ڪم ڪري رهيو آهي.

گذريل سال ملائيشيا ۾ هوس ته اتي خيرپور ناٿن شاهه پاسي جو قاري غلام سرور ڏهر صاحب مليو. هن کي جپان اچڻ جو ڏاڍو شوق هو. هن ٻڌايو ته جپان ۾ (شايد ٽوڪيو جي پر ۾) لاڙڪاڻي پاسي جا ڪيترائي چنا رهن ٿا ۽ اسان کلندا رهياسين ته جپان سعودي عرب آهي ڇا جتي هڪ ئي ڪٽنب ۽ ذات جا ڪيترائي سنڌي رهيا پيا هجن پر هاڻ مون جڏهن اها ڳالهه ڊاڪٽر خاصخيليءَ سان ڪئي ته هن کلندي چيو ته اهو صحيح به ٿي سگهي ٿو جو ٽوڪيو پاسي

ڪيترائي اتر سنڌ جا جتوئي ۽ ٻيا غير قانوني رهيا پيا آهن. ٿي سگهي ٿو چنا ۽ ٻين ذاتين جا بہ هجن. پوءِ جپان ۾ غيرقانوني هجڻ ڪري، هتي جا بدمعاش ڪارخانيدار انهن ماڻهن کان گهٽ پگهار تي پورهيو وٺن ٿا تہ بہ پنهنجي ملڪ يا عرب ۽ يورپ جي ملڪن کان هتي جپان ۾ چڱو خاصو پئسو بچيو وڃي. جپان ۾ جتي ڪاڏي پيتي جون شيون ۽ ڀاڙا ڀتا وڏا آهن اتي پگهار بہ دل وٺان ملن ٿا.

اڄ ڳوڳورا اسٽيشن جي چار ماڙ شاپنگ سينٽر - AMU Plaza ۾ چڪر هڻندي هڪ پاڻ جهڙو ايشين يعني ننڍي کنڊ جو ٽيهن سالن جو نوجوان ملي ويو. قد بت ۾ بندرو ۽ رنگ ۾ ٿورو وڌيڪ پڪو ڏسي سمجهيم تہ بنگالي هوندو. مون هن کي ڏسي مرڪيو ۽ هن مونکي. چوڏاري سوين هزارين جپانين جي وچ ۾ ڪڏهن ڪو پاڻ جهڙو ماڻهو نظر ٿو اچي تہ ڏسڻ سان خوشيءَ جي هڪ عجيب ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي، جڻ فلمن ۾ وڇڙيل ڀائر سالن بعد ملن جيڪي ننڍي هوندي ميلي ۾ گم ٿي ويا هجن.

“Hello! Are you from Bangladesh?” مون هن سان ڳالهائڻ جي شروعات ڪئي.

”نہ آئون سريلنڪا جو آهيان.“ هن ٻڌايو. ”منهنجو نالو امل آهي.“

”او. ويري گڊ!“ مون يڪدم خوشيءَ جو اظهار ڪري ڪيس اهو احساس ڏياريو تہ مون ڪنهن بنگلاديشيءَ کي نہ پئي ڳوليو. مون لاءِ تون بہ اهم آهين ۽ پوءِ ڪانئس سندس ڳوٺ پڇيو.

”آئون ڪولمبو جو آهيان.“ هن ٻڌايو.

” واه سائين واه! زبردست هنڌ جو آهين. ڪولمبو سان تہ منهنجو گهڻو واسطو رهيو آهي پر سمجهہ سڄي سري لنڪا کان واقف آهيان. منهنجا ڪولمبو ۾ تمام گهڻا دوست ۽ ڪليگ آهن جن سان گڏ مون جهاز هلايا آهن، جن مان ڪيترا مون سان گڏ M.Sc دوران ورلڊ ميريٽائيم يونيورسٽي، سئيڊن ۾ هئا. ڀلا اهو ٻڌايو تہ توهان هتي ڪيئن؟“

”آئون Sony اليڪٽرانڪس ۾ نوڪري ٿو ڪريان. آئون بہ توهان وانگر انجنيئر آهيان.“

”ڀلا هن وٽ وٺان جي دؤر ۾ جڏهن يورپي بہ پيا ڌڪا کائين، توهان ڪيئن هتي پير ڄمايو؟“ مون ڪلندي چرچي طور چيومانس.

”مون هتان جي يونيورسٽيءَ مان اليڪٽرانڪس ۾ پوسٽ گريجوئيشن ڪري ختم ڪئي تہ منهنجي سٺي رزلٽ ڏسي سونيءَ وارن نوڪريءَ جي آفر ڏني.“ امل ٻڌايو.

”ڀلا ڪولمبو مان هتي پهچڻ لاءِ اسڪالر ڪيئن هٿ ڪيانوَ. پنهنجي مڙسيءَ سان يا حڪومت ۾ اثررسوخ هجڻ ڪري؟“

”در اصل آئون غريب گهر جو آهيان. منهنجو نه مائٽ مٽ سري لنڪا حڪومت ۾ آهي ۽ نه سياست ۾. مون اسڪول ۾ به ٽاپ ڪيو ۽ ڪاليج ۾ به. ان تي جپان حڪومت مون کي وڌيڪ پڙهڻ لاءِ جپان گهرايو ۽ هتي به مون هنن کي پنهنجو Worth ثابت ڪري ڏيکاريو.“

”ڏاڍي خوشي ٿي. آئون انجنيئر ضرور آهيان پر منهنجي هابي اخبارن ۾ لکڻ آهي. آئون اڄ ئي تنهنجي ڪهاڻي جيڪا محنت ۽ همت جي آهي، ان تي به سٿون لکندس، جيئن منهنجا پڙهندڙان مان ڪجهه اتساهه حاصل ڪري سگهن ته اڄ به ڪنهن جي محنت ضايع نٿي وڃي. There is always a place on top اميد ته هڪ ٻئي جي خبر چار رکندا رهنداسين.“ مون سندس فوٽو ڪڍڻ ٿي چاهيو ته پاڻ مون کي به پر ۾ بيهاري سندس آفيس ۾ ڪم ڪندڙ جپاني ڇوڪرين کي اسان جو گڏ فوٽو ڪڍڻ لاءِ ڪئميرا ڏني.

”در اصل پاڻ به ته سريلنڪا ۾ به فوٽو ڪڍرائي سگهون ٿا. تون جپانين سان ٿي بيهه ته خبر پوي ته تون واقعي جپان ۾ آهين.“ ۽ پوءِ مون ساڻس ڪم ڪندڙ جپاني ڇوڪرين سان گڏ فوٽو ڪڍيو.

موڪلائڻ وقت امل پنهنجو فون نمبر 11091222_090 ۽ اي ميل ائڊريس: amal_pr@yahoo.com ڏني.

هتي هن شهر ۾ هڪ نيپالي به رهي ٿو بلڪ اسان واري بلڊنگ ۾ ئي رهي ٿو. اسان واري ٻارنهن ماڙ عمارت جي هر فلور تي ڏهاڪو کن فليٽ آهن جن مان ٻن فليٽن ۾ اسين ايشيائي رهون ٿا ۽ اهڙيون اٺ کن انگلينڊ، جرمني ۽ نيوزيلينڊ جون فئمليون آهن. باقي فليٽن ۾ هتي جا مڪاني ماڻهو يعني جپاني رهن ٿا. پنهنجي ملڪ ۾ رهي ڪري سياسي طرح ڀلي انڊيا ۽ پاڪستان نه ٺهن پر ملڪ کان ٻاهر انڊين ۽ پاڪستاني سڀ کان وڌيڪ پنهنجائي محسوس ڪن ٿا ۽ ڇو نه ڪن جڏهن ته هو هڪ ئي زبان اڙدو/ هندي ۾ Communicate ڪري سگهن ٿا، ساڳيون شڪليون اٿن. ايتري ويجهڙائي ته سيوهڻ تعلقي جيڏي ملڪ سنگاپور ۾ به نه ملندي، جتي رهندڙ چيني، ملئي ۽ تاملن جي زبان، پوشاڪ، کاڌا پيتا ۽ شڪليون وغيره مختلف آهن. ملڪ کان ٻاهر انڊيا وارا اسان پاڪستانين سان ۽ اسان پاڪستاني پڻ هنن سان وڌيڪ قرب محسوس ڪريون ٿا ۽ پرديس ۾ جيڪڏهن انڊين نه آهن ته ٻئي نمبر تي پنهنجا بنگالي، سريلنڪن ۽ نيپالي لڳن ٿا. جيڪي مڙيئي ٽٽل ڦٽل اڙدو ڳالهايو ۽

سمجهيو وڃن ۽ انهن جا ڪاڏا پيتا ۽ ڪپڙا گنديون ساڳيون نه ئي سهي پر مسئلا ساڳيا ئي آهن جيڪو وڏو ڪامن فئڪٽر ۾ آهي.

نيپال جو 33 سالن جو شوپاڪر ڏڪال پنهنجي زال باسودا ۽ هڪ سال جي پٽ سان گڏ گذريل ٻن سالن کان هن بلڊنگ جي ٻئي فلور تي رهي ٿو ۽ هي گوگورا ۾ ئي نوڪري ڪري ٿو. پاڻ شوپاڪر (ڏڪال سندس ذات آهي) جيئن ته انڊيا مان پڙهيو ان ڪري هن کي ٿوري گهڻي اڙدو (جنهن کي هو هندي چون ٿا) پڻ اچي ٿي، باقي سندس زال باسودا جيڪا جيتوڻيڪ سندس پري جي ڪزن به ٿئي پر جيئن ته هن جو ننڍپڻ آفريڪا جي ملڪ گئمبيا ۽ سينيگال ۾ گذريو جتي سندس پيءُ جي نوڪري هئي، ان کي فقط پنهنجي نيپالي ۽ فرينچ اچي ٿي ۽ ڳالهائڻ لائق انگريزي ۾ جپاني.

هن نيپالي فئمليءَ جو هر وقت اسان وٽ اچڻ وڃڻ رهي ٿو ۽ ڪم ڪار جو پڇندا رهندا آهن. هيءَ فئملي نيپال جي بيحد پڙهيل لکيل ۽ مٿاهين درجي واري سڏجي ٿي. ڏڪال جو پيءُ پروشوتم پڻ پڙهيل لکيل آهي ۽ نيپالي حڪومت جو سيڪريٽري ٿي رٽائرڊ ٿيو. اڄڪلهه هو پنهنجي Memoris (يادگيرين) جو ڪتاب لکي رهيو آهي. ڏڪال جي زال ”باسودا“ جو پيءُ مورائي پرساد گوتم پڻ اعليٰ تعليم يافته آهي. پاڻ قانون جو ڄاڻو آهي ۽ نيپال ۾ ڪيترائي سال

حڪومت ۾ رهڻ بعد سال ڪن گئمبيا (اولهہ آفريڪا) ۾ ۽ ڏهہ سال ڪن سينيگال ۾ اتي جي حڪومتن جو قانوني صلاحڪار ٽيڻ سان گڏ پنهنجو ذاتي بزنس بہ ڪندو رهيو. اڄڪلهہ هو نيپال ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي.

شوپاڪر ڊڪال ڏهين ڊسمبر 1970ع تي کٽمنڊو (نيپال) ۾ ڄائو. جتي جي مختلف شهرن ۾ هن هاءِ اسڪول جي تعليم مڪمل ڪئي. ڊڪال ٻڌايو تہ نيپال جي قانون مطابق سندس پيءُ جي هر سال ڏيڍ بعد بدلي ٿيندي هئي ۽ ڪيس اسڪول بدلائڻو پوندو هو. ننڍپڻ جي گذاريل انهن ڏينهن جون دلچسپ ڳالهيون ٻڌائڻ ڊڪال جو ۽ ٻڌڻ منهنجو فئوريٽ ڪم رهي ٿو. گس پنڌ، بس يا ٽرين ۾ ۽ هڪ ٻئي جي گهر اچڻ تي آئون ڪانئس نيپال جون ڳالهيون پڇندو آهيان.

”ڊڪال! ڪاش توهان جي ملڪ کي سمنڊ هجي ها.“ آئون ڪلندي چوندو آهيانس. ”هاڻ مون کي پنهنجا پئسا خرچ ڪري باءِ ايئر تنهنجو خوبصورت ملڪ نيپال ڏسڻو پوندو.“

ڊڪال سول انجنيئرنگ جي ڊگري انڊيا مان حاصل ڪرڻ لاءِ سورت شهر جي ايس وي انجنيئرنگ ڪاليج مان چارسال پڙهيو (هي ڪاليج سردارولڀ ڀائي پٽيل نالي آهي.) انجنيئرنگ ۾ B.E حاصل ڪرڻ بعد هن وڌيڪ تعليم (ماسٽر آف انجنيئرنگ جي

ڊگري) ٿائلينڊ جي ”ايشين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي“، بئنڪاڪ مان حاصل ڪئي ۽ ان بعد ٽوڪيو يونيورسٽيءَ جپان مان پي. ايچ. ڊي ڪرڻ تي هن کي هتي جپان ۾ ئي نوڪري ملي وئي.

# جپانين کي انگريزي سکڻ جو شوق

وقت گذارڻ لاءِ جپان جي هن شهر ڪوڪورا (Kokura) جون ٻه جايون منهنجون دلپسند آهن. هڪ هن شهر جي عوام لاءِ ميونسپل طرفان تمام وڏي سينٽرل لائبريري ۽ ٻي ايم (Aim) بلڊنگ، جنهن جو سڄو نالو Asia_Pacific Import Mart آهي. هن چار ماڙ عمارت ۾ ڪيترائي دڪان، هوٽلون، ٻارن جي کيڏڻ لاءِ پليلئنڊ ٽائيپ رانديون، ٻاهرين ملڪن، خاص ڪري ايشيا ۽ پئسفڪ سمنڊ جي ملڪن ۾ ٺهيل جو وڪري لاءِ سامان آهي، جيڪو شهر جي دڪانن کان ڪافي سستو آهي ۽ سڄو ڏينهن جپاني توڙي ڌارين ملڪن جا ماڻهو ايندا رهن ٿا. ان کان علاوه هن ايم بلڊنگ ۾ جپانين توڙي اسان جهڙن ڌارين لاءِ هڪ انفارميشن سينٽر ٺهيل آهي جنهن ۾ سڄو ڏينهن CNN ۽ BBC جهڙا سڀ انگريزي چئنل هلندا رهن ٿا. جپان بابت ڪيترائي انگريزيءَ ۾ ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون آهن. انگلينڊ، آمريڪا، آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ جا ڪيترائي ڊيلي نيوز پيپر آهن. ايشيا ۽ پئسفڪ جي ڪيترن ئي ملڪن جون ٽوئرسٽ گائيڊس، رنگين تصويرن جا ڪتاب آهن. ويندي نيپال، بنگلاديش، مالديپ، فجي، ٽونگا ۽ سموئا ٻيٽنجا آهن. سواءِ پاڪستان جي.

آئون هن انفارميشن سينٽر ۾ مختلف ملڪن جون اخبارون ۽ ٽائيم ۽ نيوزويڪ جھڙا رسالا پڙهڻ کان علاوه گهر پڙهڻ لاءِ مختلف ناول ۽ آتم ڪهاڻيون وٺي ايندو آهيان. اتي ٻه نوٽس بورڊ به لڳل آهن جن تي ڪو به جپاني يا ڌاريون هن آفيس مان مهيا ڪيل مقرر سائيز جي پني تي ڪو به پيغام لکي هڻي سگهي ٿو. هڪ ڏينهن هڪ هڪ ڪري سڀ پنا پڙهيم. گهڻي ڀاڱي جپاني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا لکيل هئا ته هو انگريزي پڙهڻ لاءِ ڪنهن Native انگلش ٽيچر جي ڳولا ۾ آهن. ”ڪو به Intersted هجي ته اسان جي فلاٽي فون نمبر يا اِي ميل ائڊرس تي Contact ڪري ته ڪلاڪ پڙهائڻ جو گهڻو وٺندو.“

ڪن پنن تي اهو نياپو به لکيل هو ته ”آئون (يا اسين) انگريزيءَ ۾ گفتگو ڪرڻ ۽ گرامر صحيح ڪرڻ چاهيون ٿا.“ ڪي اشتهار يا Message هتي جي ٽيوشن سينٽرن جا هئا ته اسان کي عارضي طور ڪلاڪن جي حساب سان يا مهيني جي پگهار تي انگلش ٽيچر کپي. ڪي جپاني يا ڌارين خاص ڪري انگريزن ۽ آسٽريلين جا انگريزي پڙهائڻ لاءِ هئا ته ”اسان وڏا تجربيڪار ۽ Native آهيون(يعني اصل ان ملڪ جا آهيون، جتي انگريزي زبان جنم ورتو) ۽ جپانين کي پيرائيويٽ ٽيوشن پڙهائڻ چاهيون ٿا.“ سندن

تجربي جي خبر سندس لکيل غلط انگريزي ۽ Spellings جي چُڪن مان صاف ظاهر ٿي رهي هئي پر هھڙن اڀوجھ ۽ درويش جپانين کي تہ مئٽرڪ فيل فلپينيو ۽ انڊونيشين بہ پڙهائي سگھي ٿو. تڏهن تہ انگريزي پڙهائڻ جا جيترا نوٽيس (پيغام يا اشتهار) انگريزن ۽ آسٽريلين طرفان هئا، ان کان وڌيڪ فلپينيو، انڊونيشي، ويندي چينين ۽ انڊين جا هئا. انڊين جا تہ ويتر گھڻا هئا ۽ نالن مان لڳو پئي تہ هو سائوٿ انڊيا جا تامل آهن.

نوٽيس بورڊ تي اهي پيغام پڙهي اچي تي وي اڳيان ويٺس تہ هن آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ٻن جپاني ڪلارڪ ڇوڪرين توئي ڪانيساڪي ۽ يوڪو اچيدا مان هڪ مون وٽ اهڙو پيغام لکڻ وارو پنو کڻي آئي تہ آئون بہ لکان ”تو ٻڌايو تہ تون ٽيچر آهين تون بہ پنهنجو فون نمبر ۽ اِي ميل ايڊريس لکي ڇڏ.“ يوڪو Yoko Uchida چيو.

دل ۾ سوچيم تہ ٽيچر ضرور آهيان، پر انگريزيءَ بدران ”نيول آرڪيٽيڪچر“ ۽ ”شپ ڪنسٽرڪشن“ جهڙا سبجيڪٽ پڙهايان ٿو پر سئيڊن يونيورسٽيءَ جي منهنجي هڪ پروفيسر چواڻي هڪ سٺو ٽيچر ايمرجنسيءَ ۾ ڪجھ بہ پڙهائي سگھي ٿو ۽ هتي ڏسان پيو تہ هر

ٽوئرسٽ چاهي هو ڪٽي پنهنجي ملڪ ۾ واڌو رازو آهي پر هتي جپان ۾ انگلش ٽيچر ٿيو پيو هلي.

”يوڪو! سنو تجربو ٿيندو پر اڳهين هيترا پڙهائڻ وارا موجود آهن. آئون ڇا پنهنجو نالو لکان.“ مون جپاني ڪلارڪ ڇوڪريءَ کي چيو.

”پر انهن مان اڌ ته هفتي کن بعد شهر ڇڏي ويا هوندا. توهان ته هتي رهيا پيا آهيو.“

مون کي آئيڊيا وڻي. پني تي پنهنجي ائڊريس ۽ فون نمبر لکيم ۽ پڙهائڻ جو پڻ ته ”ڪنهن به Age Group جو پڙهي سگهي ٿو، پنهنجي آسانيءَ واري وقت ۾.“

نوٽيس هٽي ماڳهين پڙهائڻ لاءِ ذهني طرح تيار ٿي ويس. گهر پهچڻ سان پڇڻ لڳس ته ڪنهن پڙهڻ واري جو فون ته نه آيو ۽ روز صبح شام ڪمپيوٽر کولي اِي ميل ڏسڻ لڳس. پوءِ ڏينهن ٻن بعد فون به آيا ته اِي ميل به. هڪ ته ڪِيڪو ڪاٽيمتسو نالي هڪ جپاني عورت جو فون آيو ۽ ان سان گڏ اِي ميل به ته ڪڏهن پڙهائي سگهندين.

”آئون واندو آهيان، جڏهن چئين.“ مون وراڻيو مانس ۽ پوءِ ٻن ڏينهن کانپوءِ اِي ميل ڪيائين، ”آئون اڳ ۾ پاڻ پڙهائيندي هئس.“ هن خط ۾ لکيو ”هاڻ مون پنهنجو ٽيوشن سينٽر کوليو آهي جنهن ۾ جپاني

ٻارن ۾ وڏن کي انگريزي پڙهائڻ چاهيان ٿي. هن وقت ٻه چار شاگرد گڏ ڪيا اٿم ۽ وڌيڪ لاءِ اخبارن ۾ اشتهار ڏنو اٿم. روز ڇهه ڪلاڪ صبح جو پڙهائڻ جو سلسلو رهندو. توهان ٻڌايو ته مهيني جو پگهار گهٽ وٺندائو؟"

آئيڊيا ته سٺي هئي پر هڪ ته آئون مهينو ڪن موڪلن جو گذاري چڪو هوس ۽ هاڻ باقي ڪي ٻه اڍائي مهينا هتي رهڻو هوم. ٻيو ته ان قسم جي روز واري پابنديءَ جي نوڪري نٿي ڪرڻ چاهيم. اهڙي نوڪريءَ کان آرام ڪرڻ لاءِ چار مهينا ڪن موڪل ڪري هتي آيو هوس. مون کيس جواب لکيو ته، "آئون ائين نوڪري ڪرڻ نٿو چاهيان. توکي ڪنهن شاگرد کي پڙهائڻ ۾ مسئلو هجي ته ان کي هفتي ۾ ٻه ٽي دفعا ڪلاڪ ٻه پڙهائي سگهان ٿو جيئن توکي ٻه ڪجهه مدد ٿي سگهي."

"اهو ته تمام سٺو. آئون توسان وري رابطو رکنديس." هن اِيميل ڪيو.

هڪ ٽوياٽا مان نگاسي نالي يونيورسٽيءَ جي ڇوڪري فون ڪيو ته، هو پڙهڻ جي سلسلي ۾ مون سان ملڻ چاهي ٿو. هڪ ماسا نالي ڪنهن فئڪٽريءَ جي مئنيجر پر واري شهر شيمونو سيڪيءَ

مان فون ڪيو تہ ”آيا آئون هن ڪي هر آچر تي ڪلاڪ بہ پڙهائي سگهان ٿو؟“

وندر لاءِ اها هلڪي ڦلڪي ڊيوٽي سٺي هئي ۽ ان سان گڏ هتي جي مڪاني ماڻهن سان هنن جي رسم و رواج ۽ ڪلچر بابت بہ گفتگو ٿي سگهندي. ”پر شمونو سيڪي نہ نہ، تہ بہ پري آهي. تون هيڏانهن اسان واري شهر ڪوڪُورا اچي سگهين ٿو يامون ڪي چڱي طرح پار پتا سمجهاءِ تہ پوءِ تو تائين اچان.“ مون جتي ٻئي شهر ڏي وڃڻ نٿي چاهيو، اُتي دل ۾ اهو بہ خيال آيو تہ ان بهاني ٻئي شهر جو بہ چڪر ٿي ويندو_ خاص ڪري شمونو سيڪي جو، جتي اسان جهاز ڪي وٺي سامان لاهڻ چاڙهڻ، جهاز جي مرمت يا سائوٿ ڪوريا جي بندرگاهن: انچان ۽ پوسان ڏي وڃڻ لاءِ (جيڪي شمونوسيڪيءَ ڪان ائين آهن جيئن موري ڪان دادو سيوهڻ) ويندا هئاسين.

”چڱو پلا ايندڙ آچر تي آئون تنهنجي شهر ڪوڪورا ۾ اچي طئہ ٿو ڪريان تہ ڇا ڪرڻ کپي.“ ماسا چيو.

جيسين مٿئين سان ملاقات ٿئي ۽ پڙهائيءَ جو پروگرام ٺهي، تنهن ڪان اڳ ’موتوڪو سَان‘ هنن وٽ هفتي ۾ هڪ دفعو پڙهائڻ جو طئہ ٿيو. ”اسين ٽيهن ڪان ڇٽيهن سالن جون چار عورتون انگريزي

پڙهڻ چاهيون ٿيون. اسين ڪوڪورا کان سؤ ڪلوميٽر ڪن پري Orio (اوري او) شهر ۾ رهون ٿيون.“

منهنجي هائوڪار لکڻ تي موتوڪو جو يڪدم فون آيو تہ ”اسين يارهين بجي پڙهڻ چاهيون ٿيون. توهان پرينءَ اربع ڏينهن اچي سگهندائو؟“ موتوڪو انگريزي تہ تمام سٺي ڳالهائي پئي. شايد ان ڪري هوءَ پنهنجين ٻين ساهيڙين پاران پاڻ ڳالهائي رهي هئي. پر جي سندس ٽولي جي ٻين عورتن جي بہ اهڙي سٺي انگريزي آهي تہ پوءِ منهنجو سِر ويو_ ڪين اسان جو پيٽارو جو انگلش ٽيچر ”مسٽر سيد شهداعظيم“ ئي پڙهائي سگهندو. جيڪو اسان جهڙا. جيڪي جهازن جا چيف انجنيئر ۽ ڪئپٽن ٿي ويا. پرويز شاهد ۽ انيس الرحمان جهڙا جيڪي ليفٽيننٽ جنرل ۽ ريئر ائڊمرل ٿي ويا_ اهي تہ ڇا لياقت جتوئي ۽ ايئرڪموڊور خيام دراني جهڙا جن M. A ئي انگلش ۾ ڪئي. انهن کي بہ اڄ ڏينهن تائين دڙڪا ڏيندو وتي تہ. پنهنجي انگريزي سڌاريو ۽ گرامر جو خيال ڪريو.

بهرحال موتوڪو جنهن پنهنجي ذات ڪاوابارا ٻڌائي. تنهن کي وڏي دل سان چيم تہ بلڪل اچي سگهان ٿو. آئون هفتي جا ست ئي ڏينهن واندو آهيان.

”پلا مسٽر الطاف اهو ٻڌايو تہ، توهان جي ڪلاڪ جي ڇا Payment ٿيندي؟“ موتوڪو پڇيو.

نيول انجنيئرنگ تي ليڪچر ڏيڻو هجيم ها يا ان سان واسطو رکندڙ ڪو سبجيڪٽ تہ وڏي اعتماد سان پنهنجي محنت جي اجوري جو ٻڌايانس ها. پر هن معاملي ۾ سوچڻ جي ڳالهہ اها هئي تہ آئون فقط انگريزي ڳالهائڻ جي بنياد تي رات اندر ”انگريزيءَ جو ماسٽر“ ٿي ويو هوس ۽ مثال طور آئون ڪٽي هنن کي ٻہ هزار ين (تقريباً رپيا) ٻڌايان، جيڪا هتي گهٽ ۾ گهٽ ڪلاڪ جي ٽيوشن جي في آهي پر آئون هنن جي معيار تي نہ لهان تہ ماڳهين بي عزتي. ان ڪري پاڻ کي High Spirits ۾ رکڻ خاطر کين چيم:

”موتوڪو سانِ! ڏس پڙهائڻ جي في کي في الحال ڇڏي ڏي. ڪڏهن توهان کي گهڻو وقت پڙهڻو پيو تہ پوءِ ڏسنداسين. باقي اسان جي گهر کان ڪوڪورا اسٽيشن تائين بس جي ۽ ڪوڪورا اسٽيشن کان توهان جي شهر ”اوري او“ تائين ريل جي ٽڪيٽ جو بندوبست توهان کي ڪرڻو پوندو، ڇو جو توهان جي جپان جي بسين ۽ ريلن جا ڀاڙا دنيا ۾ مهانگي ۾ مهانگا آهن.“

موتوڪو ٺهڪ ڏيندي چيو”ظاهر آهي، اهو تہ هر صورت ۾ اسان کي ڏيڻو آهي. بهرحال اچڻ لاءِ راضپو ڏيکارڻ لاءِ مهرباني.“

هتي مهرباني شهرباني فقط هڪ دفعو لکي رهيو آهيان نہ تہ هونءِ جپانين سان ڳالهائڻ لاءِ ۽ ادب آداب ۾ مقابلو لکنوي بہ نہ ڪري سگهن. جملي جملي ۾ هاءِ اري گاتو هاءِ دوموا (سائين مهرباني، سائين لک ٿورا)، گومي نسائي.(معاف ڪجو تڪليف لاءِ معافي) ۽ پوءِ آخرڪار باءِ باءِ ۽ سايو نارا جو ٿڪو هوندو آهي.

’موتوڪو سَانَ‘ سان پڙهائڻ جو پروگرام پڪو رکي، پوءِ ڊوڙ پائي سينٽرل لئبريريءَ مان انگريزي پڙهائڻ جا هڪ بہ ڪتاب ڪڍي آيس. هنن وٽ ٻيا ڪي ڪتاب نہ هئا پر آڪسفورڊ ڪاليج انگلينڊ جي ’A‘ ليول جا هئا، جيڪي مليا ۽ انهن کي لڳي ويس. سنڌن انگريزي سڌرڻ تہ ٺي پوءِ جي ڳالهہ منهنجي سڌرڻ لڳي. منهنجي ڌيءَ جيجل (مريم) مون کي گهڻو ئي سمجهايو تہ مون کي فڪر نہ ڪرڻ کپي، هتي جي جپانين جي پڙهڻ معنيٰ رڳو انگريزيءَ ۾ ڳالهيون ڪرڻ. سال پڙهائڻ بعد بہ هو اتي جو اتي رهنديون، ڇو جو هوءَ جڏهن هيروشيما ۾ رهندي هئي تہ هن ڪيترين ئي جپانين کي ٽي چار سال ڪن انگريزي پڙهائي هئي.

پر مون Risk نٿي ڪڻڻ چاهيو. ڪڏهن گرامر تي غور ڪيان تہ ڪڏهن ڪمپوزيشن جو سوچيان. ايتري ۾ موتوڪو جو فون آيو. هوءَ پنهنجين ساهيڙين کي فون ڪري ٻڌائي چڪي هئي ۽ هنن

سپني اهو سوچيو تہ آئون ساڳئي ماني گڏ کان، سو مونکي لنچ کائڻ ۾ ان ۾ پسند جا جپاني ڊش پچڻ لڳي. مون بهرحال هن کي ان ضد تان لاٿو.”ان ڪري نہ تہ جپاني کاڌا پسند نہ اٿم، پر آئون نيرن ئي دير سان ڪندو آهيان ۽ لنچ بدران چانهہ پيئندو آهيان. سو توهان پلي لنچ ڪجو، آئون چانهن پيئندس.“ مون کيس پنهنجي پَر ۾ مطمئن ڪيو. فون رکڻ بعد جيجل، جيڪا منهنجي ڳالهہ ٻڌي رهي هئي، تنهن جو خيال هو تہ مانيءَ لاءِ انڪار نہ ڪجي ڇو جو هتي اهو هڪ قسم جو Set Trend آهي، چاهي آئون کائڻ پڙهائڻ جا پئسا وٺان يا نہ. بلڪ هاڻ منهنجي انڪار تي هي مُنجهي پيون هونديون.

اها ڳالهہ مون کي بہ دل سان لڳي بلڪ هڪ هنڌ جپانين جي ان عادت مطابق لکي چڪو آهيان تہ هو هر ڪم روبوٽن وانگر ڪن ٿا. پهرين پروگرام ٺاهي ان مطابق پاڻ کي نفسياتي طرح Set ڪن ٿا ۽ پوءِ چاهي جهڙ مينهن هجي يا طوفان، ان Schedule کي فالو ڪن ٿا. سو هنن بہ ڪو پروگرام اهڙو سوچيو هوندو جنهن ۾ ڪجهہ پڙهائيءَ بعد لنچ ۽ ان بعد وري پڙهائي... وغيره رکيو هوندو. هاڻ ان مان هڪ بلاڪ ”مانيءَ کائڻ جو“ نڪرڻ سان باقي بلاڪ ڪرڻ جو ڊپ آهي... بلڪ وڏي چانس ڪِرڻ جي آهي. جپانين جي ان عادت جو مثال پنهنجن پاڪستاني جهازي دوستن کي جپان جي شپ ياردن ۾ جهازن

جي مرمت دوران هن ريت ڏيندو آهيان تہ جپاني ماڪوڙين مثل آهن. ماڪوڙيون هڪ ئي ليڪ ۾ هڪ ٻئي کي فالو ڪنديون پيون وينديون. انهن جي وچ ۾ توهان آڱر سان گهڪو ڏيندائو تہ ان بعد اتان لنگهندڙ ماڪوڙيون ڪا دير اتي بيهي رهنديون ۽ منجهي پونديون تہ اڳتي وڌون يا نہ ۽ ڪهڙي طرف؟ پوءِ مس مس هڪ ٻہ همت ڪري اڳتي وڌنديون، جن کي باقي رهيل ماڪوڙيون پيڇو ڪري پهرين ٽولي سان وڃي ملنديون. سو جپانين کي بہ سندن ڪم ۾ ڊسٽرب نہ ڪجي جو هو واٽ ڀلجيو وڃن.

هونءَ نئين هنڌ تي ڪائڻ ڏاڍو ڏکيو ٿئي ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ هو خرچ ڪري پنهنجي حساب سان سٺي ماني ٺاهين، پر هنن کي ڪهڙي خبر تہ اسان لاءِ پورڪ (سوئر) حرام آهي ۽ ساڳي سبب ڪري اسان ٻڪري ۽ ڍڳي وغيره بہ تيسين نٿا کائي سگهون جيسين ڪو مسلمان يا يهودي ذبح ڪري. يهودي پڻ رب پاڪ جو نالو وٺي جانور کي ڪُهن ٿا ۽ هنن جي هٿ جي ڪٺل کي ڪوشر سڏين. آمريڪا ۽ يورپ پاسي مسلمان ڪوشر وٺن. اها ڳالهہ اڪثر زير بحث رهندي آهي تہ ڪو جانور جاٽي واٽي ڪنهن ديوتا ڪنهن پير بزرگ يا ڪنهن ديوي يا روح جي نالي تي ڪُٺل ناهي، بلڪ کائڻ لاءِ صاف سٿري نموني سان ڪُٺل آهي تہ بسم الله پڙهي کائي سگهجي ٿو يا نہ.

موتوڪو شام جو وري فون ڪري پڇيو تہ سندن شهر اوريو (جپاني اچار'اوري او') ڪهڙي وقت پهچندس.

”جنهن وقت چئو پهچي ويندس.“ مون وراڻيو.

”توهان اتان ڏهين بجي ڇٽندڙ گاڏيءَ ۾ چڙهندؤ تہ هتي ساڍي ڏهين پهچي ويندؤ پر اسٽيشن مان نڪرڻ وقت هڪ ڪم ڪجو ايسٽ واري دروازي مان نڪرجو. ٻيو ويسٽ وارو ٻئي پاسي ڪان وڃيو نڪري. آئون ايسٽ گيٽ وٽ انتظار ڪنديس.“

”بس بس سمجهيم هگاشي ديگوچي.“ (اوڀر وارو Exit) مون ڪيس جپاني ۾ ٻڌائي ڊبل خاطري ڏياري. ظاهر آهي دروازي تي تہ جپانيءَ ۾ لکيل هوندو يا اتي پهچي ٿي سگهي ٿو انگريزي سمجهڻ وارو جپاني نہ هجي تہ بہ آئون پاڻ سان لهندڙ ڪنهن بہ مڪاني مسافر کان ”هگاشي نو ديگوچي واڊوڪوني اري ماسڪا“ چئي صحيح هنڌ تي پهچي سگهان.

”پر موتوڪوسان،“ مون کي اوچتو ڌيان ۾ آيو. ”مون کي ڪيئن سڃاڻيندينءَ؟ آئون ڊگهي قد جو آهيان ۽ منهنجو مٿو وارن کان آجو آهي.“

منهنجي پوئين ڳالهہ شايد وڌيس جو ٺهڪ نڪري ويس.

”الطاف سانَ، فڪر نہ ڪريو. اسان جي ڳوٺ جي اسٽيشن تي لهندڙ

مسافرن ۾ ٿي سگهي ٿو توهان ئي واحد مسافر هجو، پر جي گهٽا به هوندا ته توهان فارينر ٿيائو.“

جپانين جو فارنير چوڻ سان مطلب نه فقط قد بت جي ڳالهه هوندي آهي، ڇو ته جپاني بندري قد جا ٽين ٽا ۽ ڏاريان (فارينر) قد جا ڊگها ۽ نقش ۾ صاروفن جا ڇتا ٽين ٽا، پر هنن وٽ فارينر مان مطلب هن جا افعال به آهن، جيڪي پڻ جپانين جهڙا ٿي نٿا سگهن. جپانين مطابق (۽ ڪنهن حد تائين هو صحيح به آهن) هو پاڻ هلڻ جا فضيلت وارا، کائڻ پيئڻ ۽ ڳالهائڻ جا فضيلت وارا. اسان ڏاريان (پلي ڪٽي اسان ۾ آمريڪن، يورپي هجن) هر ڳالهه جا سخت بد افعالا! بهرحال موتوڪو جو مون کي فارينر چوڻ کي مون بلڪل دل ۾ نه ڪيو جو هوءَ نيڪ نيتيءَ سان اسان جي جسماني بيهڪ (Physical appearance) کي ڏيان ۾ رکي چئي رهي هئي.

اربع ڏينهن پنهنجن ڏوهٽن: احسن ۽ ايمان سان گڏ ساڳي بس ۾ نڪتس ۽ ڪين سادي اٺين بجي اسڪول ۾ ڇڏي ڪوڪورا اسٽيشن ڏي ويندڙ بس ذريعي اسٽيشن پهتس. گاڏين جو معلوم ڪيم ته خبر پيئي ته سادي نائين تائين ڏهن ڏهن منٽن جي گئپ تي گاڏي نڪري ٿي. ان بعد ڏهين تائين 15 منٽن جي گئپ تي ۽ پوءِ ويهه منٽ ۽ بعد ۾ اڌ ڪلاڪ بعد نڪر يتي. مون پوٽي ڏهين واري گاڏيءَ ۾

نڪرڻ بهتر سمجهيو. جيئن اها چٽي وجي تہ ٻي ڏهين واريءَ ۾ وڃڻ سان بہ سادي ڏهين اوريئو پڄي سگهجي. ٽڪيٽ آفيس مان ٽڪيٽ خريد ڪري ريلوي پليٽ فارم تي پهچڻ لاءِ دروازي وٽ ٺهيل چير (Slot) ۾ ٽڪيٽ داخل ڪيم تہ دروازي اڳيان لوهي آڏ هٽي وئي ۽ اتان لنگهي ٻئي پاسي پهچي ان ٽڪيٽ کي ڪنيم، جيڪا مون کي وري "اوريئو" اسٽيشن مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ استعمال ڪرڻي هئي.

پوري پوڻي ڏهين وڳي گاڏي اسٽيشن ڇڏي، وقت تي گاڏيون ۽ بسون هلڻ کان جپان مشهور آهي، پر مينهوڳيءَ جي موسم ۾ رستن تي ٿوري گهڻي ٽريفڪ وڌڻ ڪري هي بسين کي شيڊول جو پابند نہ بنائي سگهيا آهن. ان معاملي ۾ گذريل ڏهاڪو سالن کان سئيڊن جپان کي ملهہ ماريو وينو آهي.

گاڏيءَ ۾ چڙهڻ کان اڳ سامهون بيٺل گارڊ کان هڪ دفعو پڪ ڪيم تہ هيءَ گاڏي اوريئو اسٽيشن ڏي ئي ويندي. هن شاهد آڱر ۽ آڱوٺي کي ملائي گول ڇلو ٺاهيو جيڪا جپان ۾ O.K جي نشاني سمجهي وڃي ٿي. هونءَ بہ مون جهڙي نئين ماڻهو لاءِ پڇڻ ضروري هو. ائين نہ تہ بعد ۾ خبر پوي تہ گاڏي ملتان کان روهڙي وڃي نڪتي ۽ مون کي لاهور ڏي وڃڻو هو ۽ ٻيو تہ اها اسٽيشن اچڻ تي ڪو اڳواٽ اطلاع ڪري سگهيم. ان لاءِ گاڏيءَ ۾ ويهڻ سان سامهون ويٺل همراهہ کان بہ

اوريئو اسٽيشن جي پڪ ڪيم. ٻئي ڪنهن ملڪ ۾ ڪو خيال ڪري نہ پر جپانين جو سک ڦٽي پوندو. هو پنهنجو پاڻ تي اخلاقي ڊيوٽي مڙهي ڇڏيندو تہ صحيح اسٽيشن اچڻ تي هن جو ڪم مون کي دڳ لاهڻ آهيءِ منهنجي سامهون ويٺل هي همراهہ تہ ڪجهہ وڌيڪ ئي شريف هو جو هر اسٽيشن تي مون کي ٻڌائيندو هليو تہ هاڻ باقي هي اسٽيشنون آهن.

ڪوڪورا کان پوءِ ڪودائي مائي، توباتا، اسپيس ورلڊ (اهو هن شهر جو انگريزي نالو رکيو اٿن. شايد هتي ٻارن جي لاءِ اصل سائيز جا راڪيٽ وغيره آهن)، راهاتا، ڪُوروساڪي، جينو هارو جهڙين وڏين اسٽيشنن تان ٽرين ٽپندي ٻيا پور جهڙي اسٽيشن تي اچي بيٺي، جتي هڪ عدد بسڪيٽ ۽ ٽڪين جي ڪئبن هئي، هڪ باٿ روم، هڪ Orio اسٽيشن جي نالي جو بورڊ ۽ چار پيلي رنگ جون پلاسٽڪ جون ڪرسيون، جنهن تي ويٺل ڪو بہ نہ هو. جيڪڏهن ڪو هو بہ تہ ان ٽرين ۾ چڙهي اڳتي هليو ويو جنهن مان آئون لٿس. ٽرين مان مون سان گڏ جيڪي چار پنج لٿا، انهن کان هگاشي ديگوچي (East Exit) پڇيم. هنن سامهون اشارو ڪيو ۽ پاڻ اولهہ واري Exit مان ٻاهر نڪري ويا.

آئون ڏاڪٽيون لهي هيٺ آيس تہ وراندي جهڙي هال ۾ ٻاهران مين روڊ تي ٽي چار ٽئڪسيون بيٺل هيون ۽ پريان بس اسٽاپ هو. وراندي جي وچ ۾ هڪ ٿنڀ هو جنهن جي چوڌاري ڪاٺ جي گول بئنچ تي ٻلي ويٺل هئي. آئون بہ چپڙي ڪري ان بئنچ تي ويهي رهيس. ٻليءَ نہ منهنجي ويهڻ تي اعتراض ڪيو ۽ نہ پاڻ ڀڳي. ٿوري دير لاءِ اکيون کولي وري ساڳي سڪون سان سمهي رهي. ”هي عجيب ريلوي اسٽيشن آهي.“ مون دل ئي دل ۾ چيو ۽ سامهون ايندڙ عورت ڏي نهاري زبردستيءَ مرڪڻ جي ائڪٽنگ ڪئي. پر هن کو React نہ ڪيو ۽ ٽڪيٽ خريد ڪري مٿي پليٽ فارم ڏي هلي وئي. مطلب تہ اها موتوڪو نہ چئبي. هونءَ بہ هوءَ تہ هڪ ٻهراڙيءَ جي هارياڻي ٽائيپ لڳي رهي هئي. ساڍا ڏهہ ٿي ويا آهن، ٿي سگهي ٿو موتوڪو کي ڳالهہ وسري وئي هجي ۽ ڪنهن جي نہ اچڻ ڪان ڪاش اها جپاني هارياڻي ئي موتوڪو هجي ها ۽ وڌيڪ انتظار ڪرڻ جي ٿارچر کان بچي وڃان ها.

ان بعد هڪ بہ ٻيون عورتون سامهون بس اسٽاپ کان يا پر واري ڊپارٽمينٽل اسٽور مان نڪري اسٽيشن جي هن ڪلئي عمارت ڏي جيئن وڌيون تہ مون مرڪڻ جي ائڪٽنگ ڪئي. پر هنن منهنجو نوٽيس ونڻ بنا اسٽيشن جي ٻمپ وٽ پهچي اندر گهڙي، مون ڏي وڌڻ

بدران ساجي يا کابي مڙي ويون ۽ پوءِ ته مون شڪل ڇپي ڪرڻ ئي ڇڏي ڏني ۽ سمجهي ويس ته پروگرام فڪس ڪرڻ ۾ ڏينهن يا وقت جي ڪا ڦيرڦار ٿي وئي آهي نه ته جپاني ماڻهو هڪ منٽ جي دير نه ڪن. هتي ڏهه منٽ مٿي ٿي ويا هئا. هاڻ مون ڏهه منٽ وڌيڪ ترسڻ جو Limit ٺاهي ان بعد موٽڻ جو پڪو پهه ڪيو ته اتي 'ٽئڪسي اسٽينڊ' جي پر واري 'ڪار سٽينڊ' ۾ هڪ ڪار پارڪ ٿي ۽ اڳين سيٽ تي پينٽ بشرٽ ۾ ويٺل ٻن ڄڻين ٻاهر نڪري اسٽيشن ڏي منهن ڪري هٿ لوڏيو. جواب ۾ مون به لوڏيو جو اسٽيشن جي ان ڪلئي هال ۾ مون ۽ ننڍن جي شوقين ٻليءَ ڪان سواءِ ته ٻيو ڪير به نه هو. دل ۾ سوچيم ته شل اها پارٽي مون ڪي وٺڻ لاءِ آئي هجي، جو هن ٻڏاپور جهڙي ويران اسٽيشن تي منٽ منٽ مشڪل سان ٿي گذريو.

منهنجي ڳالهه صحيح ثابت ٿي، بلڪ سوچيل ڳالهه پوري ٿي. هو مون کي ئي وٺڻ لاءِ آيون هيون ۽ ملڻ سان معافي جي تسبيح شروع ڪري ڏنائون ته آيوسين پئي ته ٻار پاٿي ڪري ڏني تنهن ڪري صاف ڪرڻ ۽ ٻيا ڪپڙا پائڻ ۾ دير ٿي وئي.

"مڙيئي خير آهي." هيترو وقت جو مون سوچيو پئي ته هاڻ واپسي ٽرين ڪهڙي پليٽ فارم تان ۽ ڪڏهن ويندي سو هاڻ يڪدم

پنهنجي منهن تي سڪون جا تاثر آڻي هڪ ڪمپوزڊ قسم جو ماڻهو ٿي ويس.

”باءِ دي وي! وتاشيوا موتوڪو ديس_ آئون موتوڪو آهيان، منهنجو انگريزي نالو وينڊي آهي ۽ هيءَ منهنجي ساهيڙي Twiggy آهي.“

”توهان سان ملي خوشي ٿي.“ مون ساڻن هٿ ملائيندي چيو ۽ يڪدم سمجهي ويس تہ هي انگريزن مان ايڏو متاثر آهن جو انگريزي ڊريس سان گڏ انگريزي نالا بہ رکيا اٿن. اسان وٽ پاڪستان ۾ اجان انگريزي نالن رکڻ جي پِٽ ناهي. هونءَ بہ مسلمان پنهنجو نالو بدلائي ڪنهن غير مسلم جو ڪيئن رکي. پر ملائيشيا ۽ ٿائليند ۾ تہ اهو شوق وڏي پيماني تي آهي تہ پنهنجي اصلي نالي سان گڏ انگريزي نالو بہ رکجي، جيئن تہ رچرڊ، جارج، وليم... وغيره پر اتي بہ اهو فئشن چينين ۾ گهڻو آهي. مون ٿي سمجهيو تہ ڪي اهڙا بہ جپاني آهن جيڪي پنهنجا سٺا نالا (جن تي بين ڪي هجي يا نہ پر ڪين وڏو ناز آهي) ڇڏي وينڊي (Wendy) سينڊي يا ٽِوگي Tiwggy رکن. ٽوگي جا وينڊي (موتوڪو) جي مقابلي ۾ بيحد سنهي هئي، تنهن ٻڌايو تہ سندس جپاني نالو مِي يُوڪي (Miyuki) آهي. دل ۾ آيو تہ چوانس اهو نالو

تہ واھہ جو آهي پر جڏهن پاڻ انگريزي نالو پسند ڪري ويني آهي تہ جپاني نالي تي آئون ڇا تعريف ڪريانس.

بهرحال موتوڪو (ويندي ءَ) پنهنجي ڪار جي چابي ٽِوگي ءَ کي ڏني تہ گاڏي هلائيءِ پاڻ ٻار کي ڪٽي پوئين سيٽ تي ٽي ويٺي. مون کي اڳيان ويهڻ لاءِ چيائون, جو ٻن دروازن واري ڪار هئي ۽ پٺيان ويهڻ لاءِ گڪو ٽي سيٽ پويان گهڙڻو پيو ٽي. سندن گهر اسٽيشن کان ست اٺ ميل پري هڪ پهاڙي ءَ وٽ ڏهاڪو کن ماڙين جي بلڊنگ ۾ فليٽ هو. اوريئو شهر جي جهڙي ريلوي اسٽيشن ڀوت بنگلو لڳي ٽي ان جي ابتڙ سهٽي نظاري وارو هي شهر آهي. جبل جي قدمن ۾ ٻہ چار هاءِ رائيز بلڊنگون هيون. باقي سڀ ماٺري پراڻي زماني جي ڪاٺ جي ڪنڊاڻن گهرن سان ڀري پئي هئي. انهن گهرڙن جي وچ وچ ۾ ٻڌ ڌرم ۽ شنتو ڌرم جا مندر صاف نمايان نظر اچي رهيا هئا. چوڌاري وڻن ۽ خوبصورت ٻوٽن جي ساوڪ هئي.

موتوڪو جي فليٽ واري عمارت هيٺيان ڪار پارڪ ڪري ٻاهر نڪتاسين. موتوڪو ٻڌايو تہ سندس ٻي ماڙ تي فليٽ آهي ۽ مِيوڪي جو ستين تي آهي. ”پر پاڻ ٻہ واري بلڊنگ ۾ هلنداسين, جتي اسان جي ٽي ساهيڙي ساچيڪو ٽي رهي ۽ جنهن جي گهر ۾ اڄ ملڻ جو پروگرام رکيو اٿئون.“ موتوڪو گهٽي ڀاڱي صاف انگريزي ءَ ۾

ٻڌايو. ٿورو گهڻو ڪنهن انگريزي لفظ سوچڻ ڪري هوءَ هٻڪي ٿي پر ٻيءَ جي مقابلي ۾ سنو ڳالهائيندي رهي. ميوڪيءَ ڪا ڳالهه پڇڻ تي جواب ڏنو ٿي پر پڇڻ مهل پهرين جپانيءَ ۾ موتوڪو سان ڳالهائي پڪ ڪري پوءِ پڇيو ٿي.

”چئبو تہ توهان سڀ هڪ ئي پاڙي ۾ رهڻ ڪري دوست ٿي ويون آهيو.“ مون چيو.

”نہ اسان هڪ ٻئي جي پر ۾ آفيسون هجڻ ڪري دوست ٿيون آهيون. اسان جي چوٿين دوست نائوڪو (Naoko) اسان ڪان پري ٿي رهي. هوءَ دير سان ايندي.“ موتوڪو ٻڌايو.

اسان رستو ٽپي ٻئي پاسي ساچيڪو جي فليٽ واري بلڊنگ ۾ آياسين. هن بلڊنگ جي Entrance ۾ گهڙڻ لاءِ موتوڪو کيسي مان چاٻي ڪڍي گهمائي. پر ۾ اسڪرين تي ان چاٻيءَ جو نمبر اچي ويو ۽ شايد موتوڪو جي منهن جي تصوير پڻ جو چاٻي هٽڻ وقت هوءَ ان سوراخ ۾ مٿان ٻرندڙ بتي جي سڌائي ۾ ٿي بيٺي. آئون سمجهي ويس تہ هن بلڊنگ جي فليٽن جي سڪيورٽيءَ لاءِ بلڊنگ جي انتظاميہ طرفان هر فليٽ واري کي Main entrance ۾ گهڙڻ جي دروازي جون ڪجهہ چاٻيون آهن ـــ ٻہ، ٽي يا چار ٻہ ـــ تہ هو هڪ پاڻ رکن ۽ ٻيون پنهنجي ويجهي مائٽ يا ملاقاتين کي ڏين. يعني هن بلڊنگ ۾ فليٽن

جا مالڪ ۽ انهن طرفان مقرر ٿيل مهمان اچي سگهن ٿا جن کان مالڪ واقف آهن جو چاٻيون ئي انهن ڏنيون آهن ۽ ان کان علاوه ٻٽي چيڪ رکڻ لاءِ ڪمپيوٽر ذريعي ان مهمان جي تصوير نڪريو وڃي ۽ ان سانگڏ چاٻيءَ جو نمبر پڻ. جيئن ان نمبر واري چاٻيءَ جو مالڪ ڪنهن وقت به پنهنجي PC تي سندس چاٻين معرفت آيل ماڻهو چيڪ ڪري سگهي ٿو ته اهي ماڻهو اچن پيا يا ان چاٻي کي ڪو ٻيو استعمال ته نه پيو ڪري. هتي جپان ۾ ته چوري نه برابر آهي پر احتياطاً ڪو چور ڪنهن جي چورايل چاٻيءَ سان فقط اندر لفٽ تائين پهچي سگهي ٿو. فليٽ ۾ گهڙڻ لاءِ هن کي فليٽ جو ڊور بيل وڄائڻو پوندو ۽ فليٽ جو مالڪ در جي اندرين پاسي لڳل اسڪرين تي سندس تصوير ڏسي پوءِ دروازو کولي سگهي ٿو. سڪيورٽي جو اهو سسٽم ڪراچيءَ جي به ڪيترن ئي فليٽن ۽ گهرن ۾ گذريل ٻن ٽن سالن کان عام ٿي چڪو آهي. ساچيڪو جو فليٽ نائين فلور تي هو. اسان جي پهچڻ کان اڳ هوءَ دروازو کولي اسان جي انتظار ۾ بيٺي هئي. شايد سندس ڏنل چاٻي گهمائڻ وقت ڪيس Audio (بيل ذريعي) يا Visual (بتي ٻرڻ) جي طريقي سان اطلاع ٿي ويو هجي ۽ هن اسان کي Expect ته اڳهين ڪيو پئي سو هوءَ اڳواٽ ٻاهر اچي بيٺي. اسان بوٽ ۽ چٽيون ٻاهر رکي اندر گهڙياسين.

ساچيڪو جو فليٽ جپان جي حساب سان تمام وڏو هو. ٽي وي لائونج ۽ ٻه وڏا ڪمرا هئا. هڪ ۾ سمهڻ لاءِ فوتان (جپاني بسترا) وڇايل هئا ۽ ٻئي ڪمري ۾ جپاني تونئري (جنهن کي تاتامي سڏين) وڇايل هئي جنهن مٿان ڪيترائي ساچيڪو جي ٻارن جا ننڍا وڏا رانديڪا رکيل هئا. جتي موتوڪو گهرڻ سان پنهنجي پٽ ”اخروٽ“ کي ڪڇ تان لاهي ان ڪمري ۾ ڇڏيو ۽ هو ساچيڪو جي اڳهين اتي موجود پٽ سان کيڏڻ ۾ لڳي ويو. موتوڪو ٻڌايو ته سندس ان هڪ سال جي پٽ جو نالو ’ڪورومي‘ آهي ۽ جپاني لفظ ڪورومي جي معنيٰ اخروٽ آهي. جپان ۾ ٻارن جا نالا ميون ۽ گلن تي به آهن، جيڪي پاڻ وٽ پاڪستان ۾ به عام آهن. ٽوهه، انب، اڪ، ڦوٽو وغيره. درٻيلي جي خالد مخدوم جي ٻارن جا نالا ڪشمش، بادام، اخروٽ، ڊراءِ فروٽ تي آهن.

ٽي وي لائونج جو پٽ ڪاٺ جو ٺهيل هو. هڪ ڪنڊ ۾ ڪچن هئي، يعني Cooking Range لڳل هئي، جنهن تي رڌ پچاءُ ڪري سگهجي، پر ۾ فرج، ٽي وي، ڪمپيوٽر وغيره. ان بعد چئن ڪرسين واري ڊائيننگ ٽيبل هئي. يعني هيءَ جپاني خاتون ۽ ٻيون ڪجهه ڪجهه مغربي ٽائيپ آهن يا آمريڪا يا يورپ ۾ رهڻ ڪري اتي جو ڪلچر ۽ رهڻ ڪرڻ کي به پسند ڪن ٿيون، نه ته عام جپاني

گهر ۾ (غريب توڙي امير جي گهر ۾) ڪاٺ توڙي ويهڻ ۽ سمهڻ سڀ ڪجهه ڪاٺ جي پٽ تي ٿئي ٿو. وڏ ۾ وڏ ٽي وي لائونج ۾ هڪ ننڍين پيرن واري ٽيبل ٿئي جنهن مٿان ڪاڌو رکي ڪائين پر پاڻ ان جي چوڌاري پٽ تي ويهن. ساچيڪو جي هن ٽي وي لائونج ۾ ٽن ماڻهن جي ويهڻ وارو بلو رنگ جو هڪ صوفا به رکيل هو. جنهن تي مون کي ويهڻ لاءِ چيو ويو ۽ پاڻ ڪاٺ جي پٽ تي ٿي ويٺيون.

”ساچيڪو جو انگريزي نالو ’جيسي‘ آهي.“ وهڻ بعد موتوڪو ٻڌايو ۽ جيسيءَ هٿ وڌائي هڪ دفعو وري کيڪاريو. دل ۾ سوچيم ته ڏاڍي ڳالهه ٿي هي چار ڄڻيون نه پر اٺ ٿيون جو چار جپاني نالا ياد ڪرڻا پيا ۽ چار انگريزي جا ۽ في الحال سندين ذاتين کي ته هڻ ڪڏ ۾. جيڪي پڻ سندن نالن وانگر اوتريون ئي اهم ٿين ٿيون. موتوڪو کان پڇيم ته هوءَ جيڪا چوٿين اچا پهتي ناهي ان جو نالو ڇا آهي؟

”انگريزي يا جپاني؟“

”ٻئي؟“

”انگريزي نالو ڊيبي (Debby) ۽ جپاني نائوڪو (Naoko) اٿس.“

مِيوڪي بنا ٻارن جي هئي، جو سندس ٻئي ٻار (هڪ ڇهن جو ۽ ٻيو ٽن جو) ڪنڊرگارٽن (ٻاراڻي اسڪول) ۾ هئا. موتوڪو جا ٻه ٻار جيڪي پڻ ساڳي عمر جا ٻڌائين، اسڪول ۾ هئا.

ٻارڻ هِتان هُتان جون خبرون ٻڌائيندي اون ۽ پڇنديون رهيون. مون کين ٻڌايو ته بنيادي طرح آئون جهازن جو انجنيئر آهيان پر گذريل ويهن سالن کان مختلف هنڌن تي جهاز سازيءَ جا سبجيڪٽ پڙهائيندو اچان. کين اهو ٻڌي عجب لڳو ته اسان ڪيترائي جهاز جپان جي مختلف شپ يارڊن کان نه صرف نوان ٺهرايا پر ٻين ملڪن مان ورتل جهازن جي به اڄ تائين مرمت هتي ڪرائيندا اچون ۽ هتي جي ٻر وارن بندرگاهن ۾ اسان جو اچڻ عام ٿيندو رهيو آهي.

”يلا جپاني گهر ۾ ٻهرين به وچڻ ٿيو؟“ ساچيڪو پڇيو. سندس انگريزي بنهه پوري ساري هئي. ورجائي ورجائي جڏهن پڇيائين ٿي تڏهن سمجهه ۾ آيو ٿي. اها ٻي ڳالهه هئي ته سيني ۾ گهٽو اها چرچائڻ لڳي ٿي ۽ رکي رکي جپانيءَ ۾ ڪا اهڙي ڳالهه يا چرچو ڪيائين ٿي جو سڀ کِل ۾ اونڌيون ٿي ويون ٿي ۽ جنهن Accent (لهجي) ۽ اڌ کِل ۾ ڳالهه ڪيائين ٿي، مون کي تڏهن سمجهه ۾ آئي ٿي جڏهن موتوڪو ان کي سليس انگريزي ۽ جپانيءَ ۾ سمجهايو ٿي ۽ پوءِ مون سان گڏ وري ٻيو دفعو هنن ٺهڪ ڏنا ٿي. ”چا ڪريان! ايگوگا

سڪوشي وَڪاري ماشتا“ (انگريزي تمام ٿوري اچيم ٿي)، ساچيڪو رکي رکي چيو ٿي ۽ هڪ ٻه دفعو ٻئي هٿ مون ڏي ڪري پاڻ ڏي ڪيا ٿي ۽ ان سان گڏ چيو ٿي ”يو ڪم ٿ مي پرائيويٽلي.“ (تون مون وٽ پرائيويٽلي اچ). آئون سمجهي ويس ته جيڪا ڳالهه هيءَ ڪرڻ چاهي ٿي ان جا هن کي انگريزيءَ جا صحيح لفظ هٿ نٿا اچن، ان ڪري مطلب غلط نڪري رهيو آهي. نيٺ هڪ دفعو ساڳيو جملو وري چوڻ تي مون ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري موتوڪو ڏي نهاريو ته پنهنجو ڏيان ڇڪڻ لاءِ سڌ ڪري چيو: ”مسٽر الطاف ?Yes or No.“

موتوڪو کي چيم ته توهان جي هيءَ جپاني دوست ڇا پئي چوي.

”اسان سيني جي انگريزي ته گذاري لائق آهي ان ڪري اسين ڪڏهن ڪڏهن پڙهڻ چاهيون ٿيون پر ساچيڪو جي انگريزي بنهه ڪمزور آهي. اها ريگيولر بنياد تي پڙهڻ چاهي ٿي ۽ هوءَ اڪيلي سر توکي Travel جا ۽ پڙهائڻ جا پئسا ڏيندي، تون هن اڪيلي کي پڙهائڻ لاءِ هتي ايندين؟“

”ها آئون هفتي ۾ ٻه دفعا اچي سگهان ٿو باقي ڪهڙا ڏينهن ۽ ٽائيم هوءَ سوچي مون کي ٻڌائي.“

ايتري ۾ سندس چوٿين دوست نائڪو (ڊيبي) پنهنجي ٻن سالن جي پٽ ڪوسوڪي سان گھر ۾ داخل ٿي. هنن منهنجو غلط سلط نالو اچاري هن سان تعارف ڪرايو. ”هيلو ڊيبي. اسان تنهنجو ئي انتظار ڪري رهيا هئاسين.“ مون ساڻس هٿ ملائيندي چيو.

“Oh! You know my name!”. هن تعجب مان مون کان پڇيو.

”اڌ ڪلاڪ کان اهي ئي ته ڳالهيون ڪري رهيا آهيون ته ڪنهنجو ڪهڙو نالو آهي ۽ ٻارن جا نالا ڇا آهن. هي ڏس.“ مون اهو پنو نائوڪو ڏي وڌائيندي چيو. جنهن ۾ سيني جا جپاني ۽ انگريزي نالا ميوڪو (جيسيءَ) کان لکائي اڳيان رکيو ويٺو هوس.

اتي مون پنهنجي بئگ مان اسٽيشن تان ورتل پاڻيءَ جي بوتل ڪڍي ٻه چار ڍُڪ پاڻي پيتو.

”او آءِ ايم ساري. مون توهان جي لاءِ چانهه ناهي رکي آهي. وينڊيءَ (موتوڪو) مون کي ٻڌايو هو ته توهان کي چانهه پسند آهي.“ گھر جي مالڪڻ ساچيڪو چيو ۽ فرج مان سليماني چانهه سان ڀريل ٺونٺ جيڏو جڳ اچي ٽيبل تي رکيو. مون جو چانهه جي ڳالهه ڪئي سو هنن مون لاءِ Cold Tea ناهي رکي هئي جنهن جو گلاس ڀري مون کي ڏنائون ۽ پاڻ ليمنيڊ ٽائيپ ڊرنڪ پيئڻ لڳيون. يعني، مطلب صاف

ظاھر ھو تہ اھا سڀ چانھہ ھاڻ مون کي ڏوگھٽي پوندي ۽ ھاڻ مون سان you asked for it وارو حساب ٿيو. در اصل اھا پڻ آئون غلطي ڪري ويٺو ھوس. ھن پاسي، يعني اوڀر جي ملڪن ۾، خاص ڪري جپان ۽ ڪوريا ۾ (ويندي ھيئنسائوٿايستايشياجيملڪن۾) ڪافي (Coffee) تھعامھليٿي، پر چانھہ (Tea) جيڪا اسان ننڍي ڪنڊ جا ماڻھو پيون ٿا، ورلي ڪو پيئي ٿو. ويندي ملائيشيا ۾ پڻ، جتي جيتوڻيڪ اسان وانگر انگريزن جي وڏو عرصو حڪومت رھي. جپان پاسي چانھہ پيئندا تہ بہ ’گرين ٽي‘ يا ان قسم جي مسالي واري چانھہ ۽ ساڳيو حال ڪوريا جو آھي. ھنن درويشياڻين کي مون کي ’ڪافي‘ چوڻ کتو ٿي. ھونءَ اھا بہ ڳالھہ آھي تہ جپانين وٽ ھڪ پُر تڪلف چانھن جي رسم ضرور ٿئي ٿي، جنھن کي ھو چادو Chadō (茶道) سڏين، پر ڪافيءَ جي نہ. ڪافيءَ جا ھي ماڻھو عادي آمريڪن مان متاثر ٿي ٿيا آھن، جيئن اسان انگريزن کان چانھہ جا عادي ٿياسين .

اتي گھر جي مالڪڻ ساڇيڪو سامھون واري ڪٻٽ مان ڪجھہ ھوٽلن جا رنگين Menu بروشر ڪڍي آئي، جنھن مان لڳو تہ ھي نوابزاديون بلڪ انگريزياڻيون ٿيڻ جون شوقين، ھوٽلن تان ماني گھرائي کائڻ جون عادي آھن. ھونءَ بہ جپاني ماڻھو گھر ۾ رڌڻ بدران ھوٽلن ۾ کائيندا. بقول ھڪ پاڪستاني جھازيءَ جي (جنھن ھتان

شادي بہ ڪئي) ”جپانين کي اها هوٽلن ۾ ڪائڻ جي عادت نہ هجي تہ هر هڪ وٽ خبر ناهي ڇا ملڪيت هجي.“

اها حقيقت آهي. هر هڪ _ خاص ڪري ڇوڪريون ڇونديون رهنديون تہ اسين غريب آهيون. پر مانيءَ لاءِ هوٽل پويان سڀ ڪجهہ پيينگ ڪري ڇڏيندي‌ون. هونءَ‌ئي جپان ڪاڏي پيتي جي شين ۾ ايڏو مهانگو آهي جو گهر ۾ رڌڻ پچائڻ وارن جون بہ دانهونهونديون آهن. جنهن ملڪ ۾ هڪ لٽر کير 220 يين يعني 110 رپين جو ملي، (اسان وٽ اڄ ڪلهہ کير 15 رپئي ڪلو آهي ۽ انديا ۾ 10 رپئي ڪلو آهي). تي ٽماٽا يا تي بصر 50 رپين ۾ ملن. ڪوڪاڪولا يا سيون اپ جي ننڍي بوتل 50 رپئي ۽ ملڪ شيڪ جو منو گلاس سؤ رپئي. ان کان علاوه رڌ پچاءُ لاءِ گئس مهانگي، پاڻي پيئڻ توڙي وهنجڻ لاءِ مهانگو (واشنگ مشين سيني گهرن ۾ پر زالون هٿ سان ڪپڙا ڌوئڻ جي ڪوشش ڪنديون. جيئن پاڻي بچي!) بجلي مهانگي. بسين جي ٽڪيٽ مهانگي ... جپان ۾ ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا سستي آهي. سواءِ آمريڪا فون ڪرڻ جي! عام سنبوسن ۽ پيٽيزن جهڙيون ”اوني گريون“ بہ ٽيهہ رپين کان گهٽ ناهن. پليٽ چانورن جي ۽ ٿوري پٽاٽن جي ڀاڄي يا چار ڪڪڙ جا ننڍڙا ٽڪر ۽ پاڻيءَ جو گلاس ست سؤ يين يعني سادا ٽي سؤ رپيا. (هتي پٽاٽن، واڱڻ، گوبي يا ٻي ڀاڄيءَ جي

قيمت بہ ڪڪڙ برابر آهي.) ۽ جنهن تي لنچ جا مينو هننو ٿيا، انهن ۾ مختلف Set Lunch جي قيمت ٽن کان چار هزار رپيہ هئي. لنچ ۾ پيالو پيت جو اڌ ڪوپ سوپ، پيالڙي سلاد جي، ڪجھ مڇي ۽ بيف يا مڇي ۽ بيف بدران ڇھ ڪن گانگٽ يا چڪن فراءِ پيس.

ميموڪيءَ مينو مون ڏي وڌائي مون کي ڪنهن هوٽل جي ڪا لنچ پسند ڪرڻ لاءِ چيو. مون موتوڪو کي آهستي چيو تہ آئون هينئر هينئر نيرن ڪري آيو آهيان، توهان پلي لنچ ڪريو.

”نہ اسان توهان سان گڏجي ڪائڻ چاهيون ٿيون.“ موتوڪو چيو.

”تہ چڱو پلا مون لاءِ ملڪ شيڪ ڪٽي گهراءِ.“ مون چيو.

”اهو تہ ٺيڪ آهي پر ماني ڇو نہ؟ تون مائينڊ نہ ڪرين تہ آئون پڇي سگهان ٿي تہ Religious Reason تہ نہ آهي. جي اهو هجي تہ پوءِ نهيو.“

مون مذهب کي Issue نٿي بڻايو ۽ ساڳي وقت ڪوڙ بہ نٿي ڳالهايو سو Lightly وراڻيو مانس: ”ها ٿورو مذهب جي ڪري بہ جو اسان کي پورڪ ڪائڻ جي منع آهي. ان کان علاوه مڇي گانگٽ هر ساموندي شيءِ کان الرجڪ آهيان.“

”اوه!“ سيني تعجب ڪاڏو. ”سمنڊ تي رهي ڪري مڇيون گانگٽ نہ کائجن، ڪيڏي افسوسناڪ آهي.“ نائوڪو چيو.

”آهي نہ واقعي!“ مون دل جو حال اوريومان. ”ڪنهن کي گانگٽ مڇي نہ وڻي ۽ هو نہ کائي تہ اهڙي ڳالهہ ناهي. پر مون کي تہ وڻي ٿي پر کائي نٿو سگهان. ايتري قدر جو جپان ۾ هتي جا مشهور فراءِ ٿيل پيز (مٽر) کائيندو هوس تہ بہ تڪليف ٿيندي هئي. پهرين سمجهہ ۾ نہ آيو تہ ڇو پر پوءِ خبرپئي تہ اسان جي ملڪ پاڪستان يا يورپ ۽ آمريڪا ۾ ان جي مٿان ڪارن فلور (مڪئي جي اٽي) جو تهہ چاڙهي فراءِ ڪن ٿا، پر توهان وٽ Sea Weeds (سامونڊي گاهہ) جي چُوري سان يعني نہ رڳو مڇي گانگٽ پر هر سامونڊي شيءِ کان الرجڪ آهيان.“

”۽ مون انهنشين جي ڪري پاڻي واري جهاز تي هوسٽس ٿي نوڪري شروع ڪئي پر هتان جي بندرگاهہ شمونو سيڪيءَ کان ڪوريا جي سامهون واري بندرگاهہ پوسان تائين هڪ ڏينهن جي سفر ۾ تويهہ ڪري ٻئي ڏينهن باءِ ايئر ڳوٺ موٽي آيس.“ موتوڪو چيو.

”ڇو ڀلا؟“ مون تعجب مان پڇيو. موتوڪو هٿ جي اشاري سان پيٽ ۾ پيل شيءِ وات مان نڪرڻ جو اشارو ڪندي چيو: ”ڏاڍي سي سڪنيس ٿيم.“ يعني الٽين ۽ ابڙاڪن اڏمئو ڪري ڇڏيو.

”اها مون لاءِ تعجب جي ڳالهه آهي جو هڪ جپاني يا انگريز کي سي سڪنيس ٿئي! توهان جي ملڪ جو ڪنارو ايڏو ڪاڏل آهي جو چوڌاري سمنڊ توهان کي گهيريو ويٺو آهي. توهان جي تہ جنم جنم کان سمنڊ سان ويڙهاند هلندي اچي. بهرحال Sea Sickness اهڙي شيءِ آهي جو ڪنهن کي بہ ٿي سگهي ٿي.“ مون چيو.

الرجي جي ڳالهه دوران نائوڪو ـ جيڪا سڀ ۾ گهڻو اخبار، رسالا ۽ ناول پڙهڻ جي شوقين لڳي ٿي، تنهن گذريل ڏينهن جي اخبار ۾ آيل هڪ ڪارٽون جي ياد ڏياري، جنهن ۾ هڪ جپاني مرد يورپي عورت سان شادي ڪري اچي ڦاٿو آهي (جو مزاج ۾ يورپي عورتون جپاني عورتن جي بلڪل ابتڙ آهن. اهو ئي سبب آهي جو آمريڪن، يورپي ۽ ٻيا جپان ۾ رهندڙ ڌاريان مرد هتي جي جپاني عورتن سان شادي ڪري موج مزي ۾ اچيو وڃن. جو جپاني عورتون دنيا ۾ چئيوان، محنتياڻيون ۽ سادگي پسند آهن ۽ مڙس جون جڻ غلام ٿي رهن ٿيون. ويندي هڪ ٽاپ جي فلم ائڪٽريس شاديءَ بعد پاڻهي پنهنجو Career ڇڏي ڏنو. اخبار ۾ ٽي وي وارن جي سبب پڇڻ تي وراڻيائين تہ هاڻ آئون پنهنجي مڙس جي خدمت ڪرڻ چاهيان ٿي. پر شل نہ ڪو جپاني مرد گوريءَ يعني يورپي عورت سان شادي ڪري. سورن ۾ پئجي ويندو. پهرين هوش نہ رهندس پر پوءِ هتي مون دوران ئي وايون

بتال ٿي ويندس.) سو هي بيوقوف جپاني به (ظاهر آهي بيوقوف ئي ٿيو) جلدي پنهنجي گوري زال مان بيزار ٿي پيو جنهن سندس خدمت ڪرڻ بدران اها ٿي اميد رکي ته سندس مڙس سندس ٻڌو ٻانهو ٿي هلي. نتيجي ۾ هو هر وقت گهر ۾ زال اڳيان بيمارن جي شڪل ٺاهي ويٺو ٿي. زال پڇيس ٿي ته ظاهري طرح ته ڪا بيماري نظر ڪانه ٿي اچي. ڇا ٿيو اٿئي؟

”الرجي اٿم.“ جپاني مڙس وراڻيو ٿي.

”ڇا مان الرجڪ ٿي پيو آهين؟“ يورپي زال پڇيس ٿي.

”تو مان الرجڪ ٿي پيو آهيان.“ هن نه پهه وراڻيس ٿي.

اها ڳالهه ٻڌي موتوڪو چيو ته ان کي چرچو نه سمجهو پر حقيقت اها آهي ته ساسيبو شهر ۾ منهنجي هڪ ساهيڙي رهي ٿي، اها پنهنجي مڙس کان الرجڪ هئي.

”ڪيئن؟“ ظاهر آهي اسان کي تعجب لڳو.

”هوءَ پنهنجي مڙس سان سمهندي هئي ته کيس خارش ٿي پوندي هئي.“ موتوڪو ٻڌائڻ لڳي، ”ڊاڪٽر چيو ته هن جي مڙس جي کل ڪجهه اهڙي کهري آهي جو هن مان سندس زال کي Irritation ٿي ٿئي.“

”پوءِ ڇا ٿيو؟ اجا گڏ رهن يا ڇڏي ڏنائون؟“ ميوڪيءَ پڇيو.

”گڊ آهن. هڪ ٻئي کي چڏيائون ڪونہ. ڪجھہ سالن کان پوءِ زال جي اها الرجي ختم ٿي وئي، پر تيسين هوءَ ڊاڪٽر کان مليل هڪ خاص قسم جي ڪريم جسم تي مَلي پوءِ مڙس جي ويجهو ايندي هئي.“ موتوڪو ٻڌايو.

بهرحال منهنجي مانيءَ جو آخر اهو فيصلو ٿيو تہ هوٽل طرفان مقرر قسم جي مانيءَ بدران منهنجي مرضيءَ تي فرينچ فرائيز چانور، سلاد ۽ ڪارن سوپ جو فون ذريعي آرڊر ڏنو ويجي.

اسان کي ڳالهين ڪندي ڪلاڪ گذري ويو. پڙهائيءَ جو ڪو نالو نشان نہ هو. آخر مون سوچيو تہ پڙهڻ جي ڳالهہ آئون ئي ڪيان. پاڻ_ جن کي پڙهڻو آهي، اهي تہ ڪُڇن ئي ڪونہ ٿيون. پنهنجي حساب سان آئون انگريزي گرامر ۽ ڪمپوزيشن جون مختلف Exercises ڪرائڻ لاءِ هر هڪ لاءِ ڏهہ ٻارهن صفحن جا چار سيٽ فوٽو ڪاپي ڪرائي آيو هوس، جو مون تہ سوچيو هو تہ هي بہ ملائيشيا ۽ سنگاپور جي چيني شاگردن وانگر پڙهائڻ واري ٽيچر کي منٽ بہ سڪ ڪرڻ نہ ڏينديون. سو موتوڪو کي چيم تہ هو ڇا پڙهڻ پسند ڪنديون. هنن وٽ ڪو ڪتاب آهي جو پڙهڻ چاهينديون يا جيڪو ڪجھہ مٽيريل مون آندو آهي اهو پڙهنديون؟

”بس ماني بعد پڙهائي شروع ٿا ڪريون. اسيندراصل تقريرون لکي آيون آهيون، جيڪي پڙهنديونسين. هينئر انگريزي ڳالهائڻ جي پريڪٽس پيا ڪريون.“ موتوڪو ٻڌايو ۽ دل ۾ چيم ان جهڙو سولو ڪم ته آهي ئي ڪونه. ان ۾ مون کي نه گهر ۾ تياري ڪرڻ جي محنت ڪرڻي پوي ٿي نه هتي مغز ماري! هونءَ به پهرين اِي ميل ۾ ئي موتوڪو لکيو هو ته :

`We want to brush up our English`

سو هي مون سان ۽ هڪ ٻئي سان انگريزيءَ ۾ خبرون چارون ڪري پنهنجي انگريزي سڌاري رهيون آهن. يعني `Brush up`ڪري رهيون آهن.

هو مون کان پاڪستان جون خبرون پڙ پڇڻ لڳيون ته اتي ميوا يا ڀاڄيون ٿين. ان مان اندازو لڳايم ته هنن کي جاگرافيڪل ناليج ايتري ناهي، بلڪ بنهه گهٽ آهي, نه ته پاڪستان جي اتر اولهه واري بيهڪ مان ئي اندازو لڳائي سگهن ها ته پاڪستان ۾ هر قسم جو ميوو ٿيڻ کپي ۽ پاڪستان ته آهي ئي ايگريڪلچرل ملڪ ۽ هي جو سندن ۽ اسان جا جهاز پاڪستان مان پرجيو جپان ٿا اچن، سو ڪپهه، ڌاڳو ڪپڙا (سادي قسم جو لَٽي ۽ پٽئي وارو جنهن کي هو Process ڪري اوچو لسو چمڪدار، نرم بنائي سعودي عرب ۽ ٻين عرب

ملڪن کي مهانگو ڪري وڪڻن ٿا). ڪٽڪ ۾ چانورن سان پرجيو پهچن ٿا. ان مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پاڪستان ايگريڪلچرل ملڪ آهي. ڳالهيون ته ڪيتريون ئي ٿينديون رهيون جيڪي سڀ هن وقت (ٻن ڏينهن بعد) ياد رهڻ ته مشڪل آهن. هڪ پڇيو ته ”پاڪستان جي نيشنل راند ڪهڙي آهي؟“ جپاني ويهندا ته ان قسم جا سوال ضرور ڪندا. توهان جي ملڪ جو قومي گل، قومي ڪاڏو، قومي راند، جانور، پکي....وغيره وغيره ڪهڙو آهي ۽ سندن ته ملڪ جو چا ڪيترن ئي شهرن جو نشاني طور پيو نه ته گل جدا جدا آهن، نيشنل Emblem جدا آهن... وغيره. اسان وٽ انهن ڳالهين جي ڪا اهميت ئي ڪانهي. پنهنجي ملڪ جي گل يا پکي، جانور (جيڪڏهن آهي ته) جي ته مون کي به خبر ناهي پر چڱو جو راند جو پڇيائون. سا به الائي هاڪي آهي يا ڪرڪيٽ پر مون ڪرڪيٽ چئي. اهو ٻڌي هو وائڙيون ٿي ويون ۽ ميوڪيءَ يڪدم چيو ”اها ته انگلينڊ جي به قومي راند آهي. توهان جي به اها آهي_ زبردست!“ هنن لاءِ اها به وڏي ڳالهه_ هو ايڏو گورن مان Impress لڳيون ٿي، خاص ڪري انگريزن ۽ آمريڪن مان! ڏور اوڀر جي ملڪن ۾ هر وقت مينهوڳيءَ ڪري ڪرڪيٽ ايتري هلي ئي ڪانه_ ويندي ملائيشيا ۽ سنگاپور ۾ نه برابر ڪيڏي وڃي ٿي، جيتوڻيڪ اتي به ننڍي ڪنڊ وانگر

انگريز سؤ سال کان مٿي رهيا پر اهي بہ پنهنجي وقت ۾ ڪرڪيٽ هنن ملڪن ۾ ايڏي مزي سان نہ ڪيڏي سگهيا.

هنن منهنجين So_called شاگردياڻين کي ٻڌايم تہ ”ڪرڪيٽ جهڙيون شيون اسان جي ملڪ ۾ انگريزن جي ئي ڪري مشهور ٿيون. ان ڪري ئي اسان وٽ اسڪولن توڙي ڪاليجن ۾ انگريزي هلي ٿي. انگريزن پاڪستان ۽ انڊيا ۾ بہ سؤ سالن کان مٿي حڪومت ڪئي، ان وقت ٻئي ملڪ هڪ هئا.“

”انڊيا بابت اسان ڏاڍو ٻڌو آهي. انڊين کاڌا، انڊين ڪپڙا، انڊين مندر ۽ پراڻيون جايون.“ ساچيڪو چيو.

”پاڪستان ۾ بہ آهن. موهن جو دڙو ٻڌو اٿانوَ؟“

”ها. ها.تہ اهو پاڪستان ۾ آهي؟ هڙاپاپڻ. انڊيا کان پاڪستان ڪيترو پري آهي؟“ موتوڪو پڇيو.

مون کين ٻڌايو تہ 1947ع کان اڳ اهي ٻئي ۽ بنگلاديش هڪ ئي ملڪ هئا۽ ساڳي وقت اهو بہ اندازو لڳايم تہ موتوڪو جيڪا هنن سيني ۾ سياڻي آهي (گهٽ ۾ گهٽ هوءَ پاڻ ۽ هن جون سهيليون ڪيس سمجهن ٿيون)، ان جو ئي اهو حال آهي تہ هن کي پاڪستان ۽ انڊيا جي نقشي ۾ بيهڪ جي خبر ناهي. بهرحال اسان جي ملڪن جي سنو آهي جو خبر نہ اٿن نہ تہ اجڪلهہ جي مغربي پريس توڙي اسان

جي ايشيائي ملڪن جي پريس (جنهن ۾ جتي ڪٿي انڊين پريا پيا آهن) اسان جي ملڪ جي خلاف ايڏي غلط پر Organised نموني جي پروپيگنڊا ڪئي آهي جو پڙهندڙن ان جو لفظ لفظ سچ سمجهي اسان لاءِ غلط تاثر پيدا ڪيو آهي ۽ اسان مان خوفزده ٿيو وڃن ته دنيا ۾ دهشتگرد به اسين آهيون، ڪارو ڪاريءَ جو چڪر به اسان وٽ، ڪرپشن ۾ به اسان سرِفهرست آهيون، ورلڊ بئنڪ ۽ ٻين ادارن کان اوڌر وٺي به اسين ڪايو وڃون، يعني پهرين نمبر جا چور آهيون ۽ غيرقانوني طرح ٻين ملڪن ۾ گهڙيو غلط ڪم به اسين ڪريون ٿا. مذهب جي آڙ ۾ ڪٽرپڻو ۽ قتل عام به اسين ڪريون ٿا، وغيره.

هڪ ڏينهن ٽوڪيو جي اساڪسا سب وي ريلوي اسٽيشن وٽ (متسويا ڊپارٽمينٽ اسٽور واري روڊ تي) هڪ ٽريول ايجنسيءَ ۾ پنهنجي واپسيءَ جي ٽڪيٽ لاءِ ويس. ماڻهن جي رش گهٽي هئي پر منهنجي عمر جو هڪ جپاني سوٽ ڪوٽ ۾ جيڪو بزنيس مئن لڳو ٿي، ويٺو هو. هن وڏي مون کي ڪيڪاريو.

“Oh you are an Indian”

۽ آئون جيسين جواب ڏيانس هو انڊيا جي تعريف ۾ شروع ٿي ويو جتي هن جو سال ۾ به دفعا بزنيس ۽ گهمڻ لاءِ وڃڻ ٿئي ٿو. جيئن ئي ڳالهائڻ ۾ ساهي پٽيائين ته مون ٻڌايومانس ته آئون پاڪستاني

آهيان. اهو ٻڌي هن کي جھڻ بريڪ لڳي وئي. سندس سڄي بيٽري ڊسچارج ٿي وئي. چابي هڻ تہ انجڻ اسٽارٽ ئي نہ ٿئي. جپاني عام طرح ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ وڏا اخلاق وارا ٿين ٿا. توڙي ڪٽي هن کي پاڪستان لاءِ نفرت هئي تہ بہ هن جي جاءِ تي ٻيو ڪو جپاني هجي ها تہ بہ في الحال ڳالهہ ٺاهي چوي ها تہ ”اوهہ! پاڪستان بہ ڏاڍو سٺو آهي، جيتوڻيڪ مون ڏٺو ناهي... وغيره“ پر هي ڪو اهڙو پريو وينو هو جو پاڪستان جو نالو ٻڌي موڊ آف ٿي ويس. اسان اڌ ڪلاڪ کن ان آفيس ۾ هئاسين. رکي رکي وري ڪا ڳالهہ ڪئي سين ٿي ۽ پوءِ سندس ڳالهين مان سمجهي ويس تہ هو پاڪستان ۾ هلندڙ خونريزيءَ جون خبرون پڙهي سخت ڊسٽرب ٿيو آهي، خاص ڪري ڪوئٽيا ۾ تازو شيعن جي قتل جي افسوس ناڪ خبر پڙهي_ جيڪا خبر ان ڏينهن جي سيني جپاني اخبارن ۾ وڏين سرخين سان آئي هئي. هو مون کان ان بابت تعجب مان پڇندو رهيو. هن جي سوال ۽ حيرت جو سبب اهو ئي هو (جيڪو اڪثر ماڻهن کي رهي ٿو ۽ اها حقيقت بہ آهي) تہ اسان ڪهڙا مسلمان آهيون. اسين پاڪستان ۾ رهندڙ اقليتن کي تہ ماريندا مچائيندا رهون ٿا (يعني چوري چڪاريءَ کان علاوه هندن ۽ عيسائين جا ٻار اغوا ڪريو وجون، عورتون ريپ ڪندا وتون، باگڙي ۽

ڪولهين جي سڄي سڄي آڪهہ پنهنجي نجي جيلن ۾ بند ڪندا وتون) پر پنهنجي مسلمانن (شيعن، سنين) کي بہ نٿا بخشيون.

بهرحال هتي هنن جپاني عورتن کي نقشي ۾ اسان جي ملڪ جي ڄاڻ نہ هجڻ وڏي ڳالهہ نہ آهي. اسان جون ڪيتريون ئي پڙهيل لکيل زالون بلڪ مرد بہ هوندا، جن کي ڪمبوڊيا ۽ ويٽنام جي بيهڪ جي ڇا صحيح خبر هوندي؟ چاڊ ۽ گئمبيا جي ڇا ڄاڻ هوندي؟ گئٽامالا ۽ پاناما جي ڪهڙي معلومات هوندي؟ سو هي ماڻهو جن جو سڄو ڏينهن نوڪري، گهر جي صفائي ۽ مڙس ۽ ٻارن جي خدمت ۾ ئي خرچ ٿيو وڃي انهن لاءِ اسان جهڙا ملڪ ائين آهن، جيئن اسان لاءِ البانيا، مقدونيا، ملاوي ۽ گئمبيا، سينيگال. باقي انگريز ٻنجڻ جي چڪر ۾ آمريڪا جي ڪجهہ اهم رياستن ۽ يورپ جي ڪجهہ ملڪن فرانس، اسپين، جرمني، هالينڊ، انگلينڊ وغيره جي چڱي ڄاڻ هين. پنهنجي هڙي سهٽي ملڪ کان وڌيڪ انهن ملڪن مان Impress هيون. گهر ۾ ڊسٽلڊ واٽر بہ فرانس جو استعمال ڪيائون ٿي، ڪڪنگ آئل اسپين جو ۽ Cookies (بسڪيٽ) انگلينڊ جا امپورٽڊ کاڌائون ٿي.هاڻ بسڪيٽ، گيهہ، گاسليٽ يا گدرو يا گوبي تہ پلي ڏارين ملڪن جو استعمال ڪريو جو توهان جي ملڪ ۾ ڪجهہ نٿو ٿئي، پر بقول جپان ۾ رهندڙ ڊاڪٽر خاصخيليءَ جي، چوريون پاٽي

تہ پنهنجي ملڪ جو استعمال ڪريو. جو توهان جي جپان ۾ بارش ۽ قدرتي چشمن (منرل واٽر) جي ڪوٺ ناهي، جتي Tap water (عام نل جو پاڻي) بہ بيحد هائيجينڪ آهي. گذريل سال هن اسپين ۽ پورچوگال جا ڪيترائي شهر گهميا.

ساچيڪو سني انگريزي نہ اچڻ ڪري گهٽ ڳالهائي رهي هئي، تنهن ڪي ڳالهائڻ جو موقعو ڏيڻ لاءِ پڇيومانس تہ هوءَ بہ ٻاهر وئي آهي يا نہ.

”آئون هني مون تي مڙس سان گڏ فلوريڊا وئي هئس.“ هن جواب ڏنو جنهن تي ٻين ڪلندي چيس تہ چري رڳو ”هني مون تي فلوريڊا وئي هئيس“ چوڻ ڪافي آهي. ”مڙس سان وئي هئس“ چوڻ جي ڪا ضرورت نہ آهي، ڇو تہ هني مون معنيٰ شاديءَ بعد مڙس سان گڏ گهمڻ لاءِ نڪرڻ. شادي مڙس سان ڪري ڪنهن ٻواءِ فرينڊ سان هني مون لاءِ نہ نڪربو آهي.

هن مون ڏي نهاريو ۽ مون سندس ساهيڙين جي تائيد ڪندي چيو:

”ساچيڪو هي صحيح ٿيون چون.“

”ڇا ڪريان منهنجي انگلش ڪمزور آهي تڏهن تہ چوان ٿي تہ تون هنن ڪي ڇڏي رڳو مون ڪي پرائيويٽلي پڙهاءِ.“ ساچيڪو

مسڪين شڪل ٺاهي پڳل سڱل انگريزيءَ ۾ چيو. جيتوڻيڪ جپانيءَ ۾ هوءَ سيني ۾ زور هئي ۽ اسان جي مرحوم دوست نجم قاضي، ڪماندر ڳوراهي ۽ نثار وسطڙو وانگر چرچن ۾ ڪانئس ڪير نٿي پڄي سگهيو. ساچيڪو چيو تہ هن جي وري انگريزي سڌري تہ هوءَ ٻارن سان گڏ يڪا ٽي سال آمريڪا ۾ وڃي رهي. نائوڪو بہ ٻہ ٽي دفعا گروپ ٽوئرتي آمريڪا مان ٿي آئي هئي. سڀ آمريڪا جون ڳالهيون ڪري ٿريون پئي ٿريون.

”مسٽر الطاف تون پهريون دفعو USA ڪڏهن ويو هئين؟“ ميوڪيءَ پڇيو جيڪا هن ٽولي جي اڪيلي ڄڻي هئي جيڪا اڃا آمريڪا مان نہ ٿي آئي هئي، جنهن جو هن ڪي ڏاڍو ڏک هو.

”آئون پهريون دفعو 1969ع ۾ نيويارڪ ويو هوس.“ مون ٻڌايومانس.

”ان وقت آئون ٻن سالن جي هيس.“ موتوڪو چيو.

”۽ آئون اڃا ڄائي نہ هيس.“ ميوڪي جيڪا ٽيهن سالن جي آهي، چيو.

ايتري ۾ هوٽل جو ٻئرو هتي جي رواج موجب مانيءَ جون پنج رنگين پيتيون کڻي آيو جيڪي A3 ڪاغذ جي سائيز جون هيون. گهر جي مالڪياڻيءَ اٿي ڪانئس ماني ۽ بل ورتو ۽ پنهنجي پرس مان

نوٽن جي ٿُقي ڪڍي ٻہ پنج پنج هزار جا نوٽ ۽ چار هڪ هڪ هزار وارا نوٽ ٻئري جي هٿ تي رکيا. يعني اسان سڀني جي لنچ جو خرچ چوڏهن هزار يين (يعني ست هزا رپيا) ساچيڪو ڏنو. اسان سڀ پٽ تان اٿي ٽيبل تان پنهنجو پنهنجو ڊبو کڻي ڪائڻ لڳاسين. موتوڪو ساچيڪو ۽ نائوڪو پنهنجي ٻار ڪورومي، ناتسو ۽ گوسُوڪي کي ڪڇ ۾ ويهاري هنن کي ٻہ ۽ ٽاڻ ٻہ ماني کاڏي. پيٽڻ لاءِ ساچيڪو فرج مان ايپل ۽ آرينج جي فريش جوس جا ڊٻا ڪڍيا. ڊٻن کي گهمائي ڏٺم تہ هر هڪ تي 500 يين (يعني اڍائي سئو رپيا قيمت) جو اسٽيڪر لڳل هو ۽ ڊٻي جي هيٺان ”Fresh from USA“ ۽ Expiry Date آڪٽوبر 2007 لکيل هو.

منهنجي پرسان موتوڪو ويٺي هئي تنهن کي آهستي چيم تہ جپاني مرد ايترو نہ پر توهان عورتون آمريڪا مان ڏاڍيون Impress آهيو.

هن کلندي پنهنجو منهن منهنجي ڪن ويجهو آڻي راز واري انداز ۾ آهستي چيو ”مسٽر الطاف توکي شايد خبر نہ هجي، ڪيتريون نوجوان جپاني چوڪريون آمريڪن پنيان ايڏو Crazy آهن، جو انهن جي اها حسرت آهي تہ ڪنهن آمريڪن سان شادي ٿئي. پر جي

شادي پنهنجي جپانيءَ سان ٿي ٿئي تہ شاديءَ کان اڳ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو آمريڪن سان Sex ٿئي.“

”هوندو.“ مون وراڻيومانس.

آئون جڏهن 1972ع ڌاري پهريون دفعو جپان آيو هوس تہ جپانين جي دل تي ٻي وڏي لڙائي ذليل طريقي سان هارائڻ جو زخم اجا تازو هو. مردتوڙي عورتون ۽ ٻار آمريڪن کي گاريون ڏيندا وتندا هئا. پر هاڻ ڪارون، ڪئميرائون ۽ ڪمپيوٽر ٺاهي توهان هنن مان ڪمايو آهي، جو توهان جي شين جي وڪري لاءِ دنيا ۾ سڀ کان وڏي مارڪيٽ آمريڪا آهي ۽ هنن (آمريڪن) جي بيس بال، چال ڍال، ميوزڪ ،ناچ توهانجي دل چري ڪئي آهي. انهن شين ننڍي ٿهيءَ کي مدهوش ڪري رکيو آهي. بهرحال اهي ڳالهيون مون دل ۾ ئي سوچيون. ويندي موتوڪو کي بہ چئي نٿي سگهيس جو آمريڪا پويان گهٽ چري پاڻ ۽ سندس ساهيڙيون بہ تہ نہ هيون. هنن هن قسم جو هي گروپ يا ڪلب ٺاهي، ڪجهہ گهڙين لاءِ پاڻ کي ٻيو نہ تہ اڌ آمريڪن ضرور سمجهيو ٿي.

مون کي هنن وٽ آئي بہ اڍائي ڪلاڪ ٿي ويا هئا. موتوڪو جنهن هن سڄي پروگرام جو بندوبست ڪيو هو (’پروگرام‘ ئي ٿيو

بلڪ ’پڪنڪ‘_ پڙهائي تہ نہ ٿي) ان کي آهستي چيم تہ ”مون کي چئين بجي موٽڻو آهي.“

“Oh yes. Don’t worry” هن وراڻيو. بس مانيءَ جي ڪم کانپوءِ دير نہ لڳندي.

۽ واقعي پوءِ دير نہ ٿي. هن باقي ساهيڙين کي ڊائننگ ٽيبل تان اٿاري پٽ تي ويهاريو ۽ تقريرون شروع ڪرڻ لاءِ چيو. آئون اچڻ مهل ٿوري دير هنن سان گڏ پٽ تي ويٺس پر ڪاٺ جي پٽ تي گهڻي دير ويهي نہ سگهيس. ڪجهہ تہ پينٽ هجڻ ڪري بہ. خير پتلونون تہ سواءِ نائوڪو جي تنهي کي هيون. بلڪ تمام ٽائيٽ پتلونون هين پر جپاني ماڻهن کي سنڌ جي چڳن مڙسن وانگر پٽ تي پٽل ماري ويهڻ جي پرئڪٽس ننڍي هوندي کان ڪرائي وڃي ٿي. هنن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ گهرن ۾ تہ ڪو بيو Alternative آهي ئي ڪونہ_صندلي نہ سر. غريب توڙي امير جپانيءَ جي گهر ۾ پٽ تي تونٽري (Tatami) وڇايل ٿئي جنهن تي ڪيترن ئي قسمن جي Positions ۽ Postures ۾ ويهي سگهن. چڱو جو هنن منهنجي شاگردياڻين کي آمريڪن ٽيڙ جو شوق آهي ۽ گهر ۾ ڊائيننگ ٽيبل کان علاوه صوفا سيٽ_ هڪ ئي سهي، رکيو اٿن جنهن تي ٽپ ڏيئي آئون ويهي ٿي رهيس. پهرين مون کي لڳو تہ هي دل ۾ نہ ڪن پر پوءِ يڪدم محسوس

ڪيم تہ سڀ مست ملنگ آهن. هنن تي رڳو انگريزي ڳالهائڻ ۽ آمريڪنبڻجڻ جو ڀوت سوار آهي. هونءَ بہ هن وقت منهنجي حيثيت Sensei (ماستر صاحب) جي هئي ۽ دنيا ۾ ماستر کي ڪٽي ڇا بہ سمجهيو وڃي، پر جپان ۽ سئيڊن انهن چند ملڪن مان آهن جتي ماستر ’مائي باپ‘ سمجهيو وڃي ٿو. هن جي عزت ۽ پگهار جو خيال ڪيو وڃي ٿو. سو مانيءَ بعد آءُ وري صوفي تي وڃي ويٺس. ”آئون مٿي ويهان؟“ مون موتوڪو جيڪاجڻ تہ منهنجي مئنيجر ٿي پئي هلي، تنهن کي ويهڻ جو اشارو ڪري پڇيم.

”هاءِ دوزو!“ (ڀلي ڀلي اڪين تي) موتوڪو کان اڳ ساچيڪو جواب ڏنو. هوءَ جپاني ڳالهائڻ ۾ تہ هوشيار لڳي ٿي، پر انگريزي ڳالهائڻ ۾ رڌ ٿيو ٿي پئي ۽ وري تقرير ڪرڻ لاءِ بہ پهرين ان کي چيو ويو جو منهنجي چوڏاري پٽ تي اڌ گول ٺاهي ويهڻ وارين هنن چئن So called شاگرديائڻين ۾ ساڄي هٿ تي ساچيڪو ئي هئي ۽ جپانين جا ڪتاب توڙي ڪم گهڙو ڪري ساڄي کان شروع ٿين.

مون سمجهيو تہ ڪنهن ٽيبل اڳيان ويهي، ناگاساڪيءَ تي بم ڪرڻ يا جپان ۾ سارس کي منهن ڏيڻ_يا اڃا بہ موقعي مان فائدو وٺي (جو ڪو بہ جپاني مرد موجود نہ هو) عورتن جي حقن تي ڳالهائيندين تہ دنيا جي عورتن (خاص ڪري آمريڪن عورتن) جي

مقابلي ۾ اسين جپاني زالون هر وقت موچڙن جي منهن ۾ رهون ٿيون. سڄو ڏينهن گهر ۽ ٻارن کي ڏسون، انبعد مڙسن جي خدمت ڪريون پر ڪو قدر ناهي... پر اهڙي ڪنهن ٻرندڙ ٽاپڪ بدران هنن جا لائيٽ ٽاپڪ هئاءِ بنا ڏسڻ جي تقرير ڪرڻبدران پني تي لکي آيون هيون. در اصل هو تقرير تہ نہ پر مضمون ئي لکي آيون هيون جنهن کي پڙهي ٻڌايائون. ساچيڪو ڪنهن بيمار ساهيڙيءَ کي پڇڻ جو احوال لکيو هو. سندس ائن سٽن جي احوال ۾ ايتريون تہ چڪون هيون جو سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هن لکڻ ڇا چاهيو ٿي. بهرحال هن جپانيءَ ۾ اسان کي ڪجهہ ڪجهہ سمجهايو. گرامر جي چڪن کان علاوه هن ڪنهن ڪوئي جي ڳالهہ بہ وچ وچ ۾ آندي پئي تہ هن مان رت پئي نڪتو. بعد ۾ خبر پئي تہ هن جو ”ساهيڙيءَ جي ڪوئي مان مطلب ساهيڙيءَ جو وات هو.“ جنهن غلطيءَ جو اڌ ڏوهہ ميوڪيءَ جو هو جنهن کان جڏهن فون تي ساچيڪو پڇيو تہ وات جي انگريزي ڇا آهي تہ هن شايد جلديءَ ۾ چيو (يا ڪنهن جي فون ۾ ڪِر ڪِر گهٽي هئي) جو ساچيڪو کي Mouth بدران Mouse سمجهہ ۾ آيو. سندس ساهيڙي اسپتال مان ڏاڻ ڪيڏائي گهر موٽي چڪي هوندي، جنهن جو احوال ساچيڪو لکيو هو. ان بعد موتوڪو ’سومو‘ (جپاني ٿلهن پهلوانن جي ملهہ) تي لکيل صفحو کن پڙهيو. هن جو لهجو توڙي لکڻي صحيح هئي. بلڪ

مون کي تہ لڳو تہ ڪنهن ڪتاب تان اکر بہ اکر ڪاپي ڪري لکي آئي هجي جو ڳالهائڻ مان سندس اهڙي بہ سٺي انگريزي نٿي لڳي_ پر ظاهر آهي هوءَ سيني ۾ پڙهڻ ٿي تہ ٻين تي ليڊري جي ڪجهہ تہ لئہ رکي.

سومو پهلوان تي مضمون پڙهي بس ڪيائين تہ ساچيڪو جپانيءَ ۾ پڇي وينس تہ ڪيس ڪهڙو سومو پهلوان (ملهہ) وڻي ٿو. پوءِ تہ بس بحث شروع ٿي ويو. ڪا چوي تہ فلاڻو ملهہ وڻي ٿو تہ ٻي چوي ان کان تہ فلاڻو سٺو آهي.

”نہ اهو مون کي پهرين وڻندو هو.“

”شاديءَ ڪانپوءِ انهن ٿلهن (سومو پهلوانن) بابت سوچڻ ڇڏي ڏنو اٿم...“ وغيره وغيره.

مس مس سومو پهلوانن مان جان ڇٽي ۽ تي ڄڻيءَ (نائوڪو) جپاني مندرن تي لکيل ڪجهہ سٽون پڙهيون ۽ پوءِ آخر ۾ ميوڪو مسٽر موري (سابق وزيراعظم) جي انهن رمارڪن تي لکيل پنهنجي راءِ پڙهي ٻڌائي. ڪجهہ ڏينهن اڳ عورتن جي هڪ فنڪشن ۾ مسٽر موريءَ چيو هو تہ اهي جپاني زالون، جيڪي شادي نٿيون ڪن يا شاديءَ بعد ٻار نٿيون ڄڻين، انهن کي Old age (پيريءَ وارو) الائونس هرگز نہ ملڻ کپي، جو هو مڙس جي خدمت ۽ ٻار جي نيپاج کان پڇڻ چاهين ٿيون. هو جوانيءَ جا ڏينهن عيش ۾ گذارڻ چاهين ٿيون. انهن جي

پوڙهي ٽيڻ تي حڪومت کي هنن جو خاص خيال نہ رکڻ کپي يا ٻي صورت ۾ هنن کان گهڻو ٽئڪس ورتو وڃي.“ مزي جي ڳالهہ اها تہ بعد ۾ عورتن گوڙ ڪيو هو تہ ”مسٽر موري ان بڪواس لاءِ معافي وٺي.“ پر جوان جي پٽ آخر تائين معافي نہ ورتي.

۽ هاڻ ان تي ميوڪي پنهنجي راءِ پڙهي رهي هئي تہ شڪر آهي جو ڪيس ۾ سندس ٻين ساهيڙين کي ٻہ ٻہ ٽي ٽي ٻار آهن. انهن ويچارين جو ڇا ٿيندو جن کي ڪوشش جي باوجود ٻار نٿو ٿئي... وغيره وغيره. دل ۾ سوچيم تہ آئون بہ گذريل ٽيهن سالن کان جپان ۽ جپانين تي نظر رکندو اچان. ڳالهہ اها آهي تہ توهان جا جپاني مرد عورتن کي ڪڏهن بہ سُک پٽڻ نہ ڏيندا. نوڪر چاڪر هو نہ رکڻ ڏين. گهر جي ڪم ۾ زالن جي مدد هو نہ ڪن. ٻارن کي گهمائڻ ڦيرائڻ تہ پري، ريفريجريٽر مان ڪير جي بوتل ڪڍي ٻار جي وات تائين نہ رکن. چوندا اهي ڪم رنن جا آهن!

ڏنو وڃي تہ جپان ۾ گهر جو هر پورهيو عورت ڪري ٿي، مرد جو ڪم رڳو زال تي رعب رکڻ آهي. هي صحيح ناهي، هو صحيح ناهي. قميص جو ڪالر صحيح طرح استري نہ ڪيو اٿئي، مانيءَ ۾ ڇو دير آهي، ٻهاري سٺي ڇو نہ ڏني اٿئي، آهستي آهستي زور ڇو پئي ڏين. مطلب تہ جپاني عورت جو صبح کان رات تائين پورهئي ۾ هليو وڃي.

مرد کي خاص ڪري جي هن جو پگهار سنو آهي تہ هن کي آخر اهو بہ فڪر نہ آهي تہ گرمي ۾ سخت سيءَ ۾ گهر جا فرش ڪرڙي ڪرڙي جوڙس جي شڪل ئي ڦري وئي آهي. هن کي ڪهڙي پرواهہ! پگهار وڌڻ تي وتندو بهتر کان بهتر محبوبا ڳوليندو. تڏهن تہ هي نپاڳيون وتن آمريڪن، يورپي ويندي ايشين مرد ڳوليندڙيون، جن جي گهڻ خدمت ڪرڻ تي بہ هو خوش رهن ٿا ۽ سندن بہ ڪجهہ هلي سگهي ٿي.

بهرحال مِيوڪي جي ”تقرير“ بعد ”پڙهائي“ اختتام تي پهتي ۽ ٻي ملاقات جيڪا هفتي بعد ميوڪو جي گهر رکي وئي، ان لاءِ موتوڪو اهو فيصلو ڪيوتہ هر هڪ کي بہ ”تقريرون“ لکي اچڻيون پونديون. هڪ ”جپاني ڪاڏي“ تي ۽ ٻي ”پاڪستان“ تي. اٿڻ ۾ موڪلائڻ بعد نائوڪو جيڪا اسٽيشن ڏي وچي رهي هئي، مون کي پنهنجي ڪار ۾ اسٽيشن تي اچي لاٿو. ۽ هُن هِن دفعي ۾ آئيندي سندن گهر اچڻ لاءِ، ريل گاڏيءَ جي پاس نهرائي ڏني. يعني هي سڄو مهينو سندن شهر ’اوريو‘ تائين ريل گاڏيءَ ۾ مفت ڪيترا دفعا بہ اچي وڃي سگهان ٿو.

# ياماني ساتوشي هاڻ عبدالواحد آهي

ڇهين بجي جپاني همراهہ عبدالواحد کي اچڻو هو. اسان کيس رات جي مانيءَ لاءِ گهرايو هو. هو پنهنجي پر واري شهر فڪوئوڪا کان اسان واري شهر ڪوڪُورا صحيح ٽائيم تي پهچي ويو پر کيس اسان واري بلڊنگ وٽ پارڪنگ جي جاءِ نہ پئي ملي، سو اسان کي فون ڪيائين. مشتاق هيٺ وڃي کيس پر واري بلاڪ جي سپر مارڪيٽ Maruwa جن کان اڪثر اسين پاڄي پتي وٺون، جي پارڪنگ لاٽ ۾ سندس ڪار بيهاري آيو.

عبدالواحد سان منهنجي پهريون دفعو هتي ملاقات ٿي. هن جي اچڻ کان اڳ منهنجي تصور ۾ اهو هو تہ هو هڪ ڏاڙهيءَ سان پوڙهو ماڻهو هوندو. گهر ۾ ٻن ٽن ڏينهن کان ڳالهہ هلي پئي تہ هڪ جپاني مسلمان جوڙوعبدالواحد ۽ سندس زال حِڪمہ اچي رهيون آهن. انهن بابت وڌيڪ پڇي نہ سگهيس. اهو ئي سوچيم تہ جڏهن ايندا تہ ڏسندس ۽ معلوم ڪندس تہ ڪير آهن ۽ ڪيئن مسلمان ٿيا. هاڻ عبدالواحد جي سامهون اچڻ تي معلوم ٿيو تہ مشتاق کان بہ گهٽو ننڍو آهي. پاڻ ٻڌائين تہ سندس ڄم جي تاريخ 15 مارچ 1975ع آهي، يعني هو 29 سالن کن جو ٿيو ۽ مسلمان تہ اڃا بہ ننڍي عمر ۾ اڄ

ڪان پنج سال اڳ ٿيو جيڪا ڳالهہ وڏيڪ Credit واري آهي. هڪ اعليٰ تعليم يافتہ سهڻي نوجوان جو جپان جهڙي ملڪ ۾ رهي ڪري پنهنجي آسپاس جي ظاهري عياشي کي ڇڏي هڪ اهڙي مذهب کي پنهنجو ڪرڻ، جيڪو نماز روزي جهڙين شين جي پابندي مڙهڻ ڪري، ماڻهن جو Life style بدلايو ڇڏي، ان مذهب ۾ عبدالواحد ساتوشيءَ ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏٺو هوندو جو هو مسلمان ٿيو آهي.

عبدالواحد جي جپاني ذات ’ساتوشي‘ آهي، جيڪا هتي جا جپاني، مسلمان ٿيڻ بعد بہ سجاٽپ لاءِ قائم رکن ٿا جيئن يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڪرسچن يا يهودي مسلمان ٿيڻ بعد پنهنجي ڪٽنب جو نالو يعني ذات ساڳي رهڻ ڏين ٿا. جيئن محمد مارماڊيوڪ پڪٿال (جنهن قرآن کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي) جي ذات اهائي آهي، جيڪا پهرين هئي.

عبدالواحد ساتوشيءَ جو اصل جپاني نالو ياماني ساتوشي (Yamane Satoshi) ۽ سندس زال حِڪمہ جو جپاني نالو چڪاڪو (Chikako) آهي. سندس زال اسان وٽ اچي نہ سگهي جو عبدالواحد ٻڌايو تہ مٿيان مهينا پيٽ سان هجڻ ڪري هن جي طبيعت خراب ٿي پئي ۽ هوءَ ڏينهن ٻن ٽي ٻار ڄڻڻ واري آهي، جيڪو سندن

ٿي سال اڳ رچايل شاديءَ بعد پهريون ڀار ٿيندو. حڪم پڻ پنهنجي منهن شاديءَ کان اڳ ئي مسلمان ٿي چڪي هئي.

عبدالواحد پڻ آمنا وانگر ("نگويا" جپان جي جپاني ڇوڪري، جيڪا مون کي دبئي ايئرپورٽ تي ملي ۽ دبئيءَ کان اوساڪا تائين ساڳئي جهاز ۾ سفر ڪري) عربيءَ جا صاف لفظ استعمال ڪري رهيو هو. اڄڪلهه سان السلام عليڪم چوڻ ۽ ڳالهه ۾ الحمد الله چوڻ يا ڪا شيءِ ــ چانهه وغيره سندس اڳيان رکڻ تي 'ٿئنڪ يو' يا جپانيءَ ۾ 'اري گاتو گوذائي ماشتا' چوڻ بدران 'جزاڪ الله' چوڻ وغيره ــ هڪ جپانيءَ جي واتان اهي لفظ جن سان اسان مانوس آهيون، ڏاڍي عجيب ٿي لڳو.

اڄڪلهه هتي سادي ستين وڳي سج لهي ٿو ۽ نماز لاءِ آئون اٺيس ته ڀاڻ وضوءَ جو پڇي نل ڏي ويو ۽ وضوءَ جو لفظ اسان کان به بهتر لهجي ــ عربي اسٽائيل ۾ چيائين. وضو ڪري، منهنجي پر سان پيو مصلو وڇائي نماز لاءِ بيٺو ته آئون ٽي رڪعتون فرض پڙهي چڪو هوس. هن نماز شروع ڪرڻ کان اڳ تڪبير زور سان پڙهي ۽ آئون سندس لفظ لفظ غور سان ٻڌندو رهيس ۽ اهو ئي سوچيندو رهيس ته انگريزي ڳالهائڻ وارن کان جپانين لاءِ عربي اُچارڻ ڏکيو آهي پر تنهن هوندي به هنن ماڻهن کي شاباش هجي ۽ کين داد ڏيڻ تي دل چوي ٿي.

جنهن محنت ۾ لڳاءُ سان هي عربيءَ جا لفظ سکن ۽ پڙهن ٿا، جيئن قرآن ۽ نماز وغيره پڙهي سگهن.

مانيءَ دوران آئون عبدالواحد (يامانيساتوشي) سان سندس مسلمان ٿيڻ جون خبرون پڇندو رهيس.

”آئون هڪ بئي مسلمان جپاني ڊاڪٽر حسن ڪوناڪاٿاجي ڳالهين مان متاثر ٿي مسلمان ٿيس.“ عبدالواحد ٻڌايو. ”ڊاڪٽر حسن ’ياماگچي يونيورسٽيءَ‘ ۾ پروفيسر هو جتي مون فلاسافي پڙهڻ لاءِ داخلا ورتي هئي.“

”هو ڪڏهن مسلمان ٿيو هو؟“ مون پڇيو.

”اها مون کي خبر ناهي، آئون يونيورسٽي آيس ته هو گهڻو اڳ مسلمان ٿي چڪو هو ۽ سندس جپاني زال جنهن جو جپاني نالو ڪائوري ناڪاتا هو ۽ هاڻ اسلامي نالو حبيبه آهي، اها سندس شاديءَ کان ڪجهه سال اڳ 1995ع ۾ مسلمان ٿي هئي.“

”ڊاڪٽر حسن توهان کي ڇا پڙهائيندو هو؟“ مون پڇيومانس.

”هو ياماگچي يونيورسٽيءَ ۾ اسلامڪ پوليٽڪس پڙهائيندو هو پر هو منهنجو پروفيسر نه هو. آئون هن وٽ فرصت جي گهڙين ۾ سياست ۽ مذهب تي بحث ڪرڻ لاءِ ويندو هوس. هن جو خيال هو ته:

”Politics & Religion can not be separated.“

پر آئون جپان جي حوالي سان اهو ئي چوندو هوس تہ جپان ۾ ائين ڪري نٿو سگهجي. جپان ۾ سياست الڳ ئي رهندي. جيتوڻيڪ جپان جي ميئيجي دؤر کان اڳ هتي بہ سياست ۽ مذهب گڏ هئا.“ عبدالواحد ٻڌايو.

”پوءِ توهان اسلام ڪڏهن قبول ڪيو؟“ مون پڇيومانس.

”آئون مسلمان قاهره جي مسجدالاظهر ۾ ٿيس.“

“ اتي پڙهڻ لاءِ يا نوڪريءَ لاءَ توهان جو وڃڻ ٿيو يا گهمڻ لاءِ”

” در اصل انهن ڳالهين ڪري آئون مصر نہ ويس. پر مون کي اسلام قبول ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر حسن اتي گهرايو. ڊاڪٽر حسن 1997ع ۾ هڪ سال جي ريسرچ ورڪ لاءِ قاهره (Cairo) مصر روانو ٿيو. هن جي وڃڻ بعد آئون اپاڻڪو ٿي پيس. اسلام تي هن جي ٻڌايل ڳالهين منهنجي دل تي وڏو اثر ڪيو. آئون سمجهندو هوس تہ انسان جي اتم ٿيڻ لاءِ هن لاءِ وڏي نوڪري ضروري آهي. پر پوءِ مون محسوس ڪيو تہ پورهيو يا نوڪري انسان پيٽ پرڻ لاءِ ٿو ڪري. جسم جي Nourishment لاءِ ٿو ڪري. روحاني ترقي ۽ سڪون لاءِ عبادت ضروري آهي_ ان هڪ رب جي جيڪو اسان جو اپاءُ ٺاهار آهي ۽ جنهن وٽ اسان کي موٽڻو آهي. انهن سڀني ڳالهين جا دليلي جواب مون کي اسلام ۾ نظر آيا. مون نيٺ اسلام قبول ڪرڻ جو پڪو پهہ ڪيو ۽

ڊاڪٽر حسن کي فون تي ٻڌايو. هن مون کي سمر وئڪيشن ۾ قاهره ۾ مسلمان ٿيڻ لاءِ گهرايو. اهڙيءَ طرح منهنجو قاهره (مصر) وڃڻ ٿيو ۽ اتي جي مشهور مسجد الاظهر ۾ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيس.“

مون ڪلندي عبدالواحد کي چيو تہ ”جپانين لاءِ مسلمان ٿيڻ ڪو ڏکيو ڪم نہ آهي. اسلام جيڪي چوي ٿو ان جي ڪيترن ئي ڳالهين تي هو پهرين ئي فٽ آهي. هو نہ چوري ڪن، نہ ڪوڙ ڳالهائين، نہ جوا کيڏن ( Pachinko پَچنڪو کان سواءِ، جيڪڏهن پچنڪو جوا آهي تہ) نہ پاڙي وارن کي رنجائين، ايمانداري سان ڊيوٽي ڏين، صبح جو سوير اٿن، رات جو سوير سمهن. بس رڳو ڪلمو پڙهڻ جي دير اٿن ۽ ٻُوتا (سوئر) ۽ ساڪي (جپاني چانورن جو شراب) پيئڻ ڇڏي ڏين.

”ڪيترا جپاني هوندا جيڪي ساڪي پيئڻ افورڊ ڪري سگهن ٿا؟ مهانگي ايڏي ٿي وئي آهي جو پاڻيءَ جي بوتل بہ هڪ سؤ يين ٿي وئي آهي. ڏسڻا وائسڻا ميونسپالٽيءَ جي نلن تي وات رکي پاڻي پيا پيئن.“ عبدالواحد بہ ڪلندي منهنجي ڳالهہ جو سر ونرايو ۽ پوءِ سنجيده ٿي چيو: ”اسلام جي سڀ کان اهم ڳالهہ/ پرچار ڇا آهي؟“

”توهان ئي ٻڌائڻ چاهيندؤ؟“ مون چيومانس.

”توحيد_الله کي هڪ مڃڻ ۽ ڪنهن کي ٻه هن سان شريڪ نه ڪرڻ. ڊاڪٽر حسن مون کي توحيد تي گهڻا ليڪچر ڏيندو هو. ڪو ٻه جپاني ڊاڪٽر حسن کان پڇندو هو يا پاڻ مون کان پڇي ته آخر اسلام ۽ ٻين مذهبن ۾ ڪهڙو فرق آهي ته اسين کين توحيد بابت ٿي ٻڌايون ٿا. اسان ٻئي جي ديوتا ۾ فرق تڏهن نه آڻيون جڏهن هو رب پاڪ طرفان مقرر ٿيل Paramater تي پورو اچي ۽ اها ساهمي آهي ”قل هو الله احد..“ جي سورت، جنهن مطابق فقط الله ئي آهي، جيڪو اسان جو اپائڻهار ۽ مالڪ آهي.“

عبدالواحد 1998ع ۾ ياماگچي يونيورسٽيءَ مان تعليم مڪمل ڪري سال کن ”ڪيوٽو يونيورسٽيءَ“ ۾ ريسرچ ورڪ ڪيو. ان بعد هتي جي مقابلي وارن امتحانن لاءِ تياري ڪري ڪاميابي حاصل ڪئي. هي امتحان اسان جي سِول سروس CSS ٽائيپ امتحان وانگر ٿين، جنهن بعد کين مڪاني، پرووِنشل ۽ ملڪي حڪومت ۾ نوڪريون ملن. عبدالواحد اڄڪلهه فڪوئوڪا پريفيڪچر (صوبائي ٽائيپ) حڪومت (Fukuoka Kencho) ۾ سي ايس پي ٽائيپ آفيسر آهي.

عبدالواحد ٻڌايو ته جپان جي هن ٻيٽ ڪيوشو تي (ياد رهي ته جپان چئن وڏن ٻيٽن، هوڪئدو، هونشو، شڪاڪو ۽ ڪيوشو ۽

هزارين ننڍين پيٽن جو گلدستو آهي) اٽڪل ڏهه هزار جپاني مسلمان آهن. سڀ ڪان گهٽا هونشو ۾ آهن. صرف فڪوئڪا شهر ۾ جپاني مسلمانن جون ٽيهه کن فئمليون آهن. ”اسان وٽ هر مهيني جي ٽي آچر تي جپاني مسلمانن جون گڏجاڻيون ٿين ٿيون جن ۾ ڌارين ملڪن جا هتي رهندڙ مسلمان پڻ اچن. هن مهيني جي ويهين تاريخ تي ٿيندڙ Get_Together ۾ توهان ضرور اچجو.“ عبدالواحد چيو.

”عبدالواحد ڪجهه اهم جپاني مسلمانن جي اِي ميل ائڊريس يا فون نمبر ملي سگهندو جيئن ساڻن ڪڏهن خبر چار ڪري سگهجي.“ مون پڇيو.

”مون وٽ ٻن ٽن جون ائڊريسون گهر تي آهن پر ٻئي ڪي ڏيڻ لاءِ مون کي تڪلف طور هنن کان پڇڻو پوندو. بهتر ٿيندو ويهين تاريخ توهان ئي اچي ڪانئن وٺو..“

”اها به صحيح ڳالهه آهي.“

هڪ جپاني نو مسلم عورت پنهنجي ويب سائيٽ Hirunnisa جي نالي سان ٺاهي آهي. صحيح طرح مون کي انگريزيءَ ۾ Spellings نٿيون اچن. جو اها جپانيءَ ۾ آهي. جنهن ذريعي هوءَ جپانين کي اسلام بابت ڄاڻ مهيا ڪري ٿي.“

عبدالواحد اسان وٽ ٽي چار ڪلاڪ هو. ان وچ ۾ سندس زال جا ٻہ دفعا فون بہ آيو. جنهن هڪ دفعو سندس لاءِ ٻوڙ آٽڙ لاءِ ڇيس. دال ۽ ڪڪڙ جو ٻوڙ رڌو هئوسين، جيڪو هن کي سندس زال حڪم لاءِ ٻارن جي لنچ باڪس (O_Bento) ۾ وجهي ڏنوسين.

اٽڙ مهل سندس دوست پروفيسر جو پڇيومانس تہ ڊاڪٽر حسن ڪونا ڪاتا اڄا مصر ۾ آهي يا ياماگچي يونيورسٽي (جپان) ۾.

”هو اڄڪلهہ ڪيوٽو جي Dshi Isha يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر آهي.“

ڪيوٽو شهر _ڪوبي، اوساڪاءِ نارا شهرن جي پرسان، هونشو ٻيٽ تي آهي. ڪيوٽو مندرن، پراڻين عمارتن ۽ تعليمي ادارن کان مشهور آهي.

# ٽوڪيو ۾ چوڏهين جي چنڊ کي...

ملائيشيا جي پيٽروناس جهاز ران ڪمپنيءَ جا ڪيترائي جهازي آفيسر اڄڪلهه ٽوڪيو جي برانچ آفيس ۾ ويهي، هن علائقي ۾ سندن هلندڙ جهازن تي نظر رکن ٿا. هي سڀ آفيسر ڪنهن زماني ۾ خاص ڪري اسي جي آخر ۽ اوائلي نوي واري ڏهاڪي ۾، ميريٽائيم اڪيڊمي ملائيشيا ۾ منهنجا شاگرد هئا. هنن جي ڪم جي ڪارڪردگي ڏسڻ لاءِ هنن مون کي فڪوڪا کان پاڻ وٽ ٽوڪيو گهرايو.

ٽوڪيو ۾ رهائش دوران هڪ ڏينهن ڪئپٽن علي ۽ ڪئپٽن ذاڪر سان گڏ اَساڪوسا علائقي جو هڪ پراڻو مندر Sensoji نالي ڏسڻ وياسين. اسان اولهه واري علائقي شِيبويا (Shibuya) کان، جتي سندن آفيس هئي، ڪار ۾ نڪتاسين ۽ آئويانا، روپونگي، شمباشي ۽ اڪيهابارا کان ٿيندا اساڪوسا (Asakusa) پهتاسين. رستي تان ويندي کين اهو ٻڌائيندو هليس ته چوٿو صدي کن اڳ، اهي علائقا ڪيئن هئا. جڏهن اسان جو جهاز هتي ايندو هو يا نئون جهاز ٺهرائڻ دوران گِنزا ۽ تسوڪجي جي وچ علائقي ۾ سال کن پيئنگ گيسٽ هائوس ۾ اچي رهيو هوس. شِيبويا، روپنگي ۽ شمباشي ۾ پاڪستان ايمبسي، ظفر شيخ جو گهر ۽ PIA جي مئنيجر اقبال جو گهر هو. جان

محمد ڪيريو ءِ اقبال سولنگي بہ اتي ئي اوسي پاسي ۾ رهندا هئا. اڄ جي ماڊرن علائقي ’شنجوڪو‘ جو تہ نالو نِشان بہ نہ هو. کھڙا سنا ڏينهن هئا! کھڙو سانت ڀريو ماحول هو. ٽي سگهي ٿو ماحول ۾ ڪا گهٽي تبديلي نہ آئي هجي. تبديلي اسان ۾ آئي هجي، يعني هاڻ پوڙهو ٿيڻ ڪري گاڏين لارين جو گوڙ ۽ ماڻهن جي پيهہ پيهان مُنجهائي ٿي. اساڪوسا کين آئون وٺي آيو هوس، مشهور ’سينسوجي مندر‘ ڏيکارڻ لاءِ جيڪو مندر ٽوڪيو جو پراڻي ۾ پراڻو مندر آهي ۽ چيو وڃي ٿو تہ اهو سن 628ع ۾ ٺاهيو ويو هو. هتي جي ماڻهنجي عقيدي مطابق ٻن مڪاني مهاڻن کي هڪ ڏينهن ڄار ۾ مڇين سان گڏ ’ڪانون‘ ديويءَ جو پتلو سمنڊ مان مليو هو، جنهن بعد هنن هي مندر ٺاهي، ان ۾ اهو پتلو رکيو. Kan_non جپانين جي ’رحم جي ديويءَ‘ جو نالو آهي. مندر ڏسڻ بعد ’هوزومن گيٽ‘ وٽان ڦرندا اسان ناڪاميسي شاپنگ اسٽريٽ ۾ آياسين، جتان پنڌ ڪندا اساڪوسا اسٽريٽ ۾ پھتاسين. ساڄي پاسي ڳاڪُوسائي (Kakusai) اسٽريٽ هئي. پوءِ اسين کاٻي پاسي ”اساڪوسا“ اسٽيشن ڏي روانا ٿياسين. جھڙالو ڏينهن هو ۽ ٿڌڪار لڳو پيو هو. منهنجي ملئي دوستن جي خبر نہ اٿم پر مون کي واڪ ۾ ڏاڍو مزو پئي آيو. اساڪوسا ريلوي اسٽيشن تي پهچي

منهنجي نظر ازوما پل تي پيئي تہ مون پنهنجن ملئي دوستن کان موڪلايو. .

”توهان پلي پارڪنگ لاٽ مان ڪار ڪڍي گهر روانا ٿيو. آئون شام ڏاري باءِ ٽرين يا باءِ بس پهچي ويندس.“

ازوما پُل (Azuma Bridge) ٽوڪيو جي سُميدا نديءَ مٿان ٺهيل ڪيترين ئي پلين مان هڪ آهي. جيتوڻيڪ ٽوڪيو جي ڪمرشل سينٽر وٽان گذرندڙ هن ندي (Sumida_gawa) ۽ لنڊن جي ٿيمس نديءَ ۾ وڏو فرق چئي سگهجي ٿو پر هي نديون مون کي هميشہ هڪٻئي جي ياد ڏيارين ٿيون. لنڊن ۾ IMO آفيس ويندي يا ٽوڪيو ۾ گنزا ايندي من کي هنن ندين جي ڪناري تي هلندي ڏاڍو مزو ايندو آهي. هڪ پيرنگهہ ۾ لڏندي ۽ هڪ هنن ندين جي ڪپر تي واڪ ڪندي مهل لکڻ لاءِ ڪيترين ئي ڳالهين دماغ ۾ Pour ٿيڻ لڳنديون آهن. پنهنجي يا پرائي گهر ۾ پينگهو ڏسي منهنجي دل ان ۾ لُڏڻ لاءِ مجبور ٿي ويندي آهي. اهو ئي حال هينئر ٽوڪيو جي هن نديءَ تي نظر پوڻ سان واڪ ڪرڻ تي ٿيو. مون کي پڪ هئي تہ چرين وانگر واڪ ڪرڻ يا ڪٿي ڪنهن بئنچ يا پٿر تي ويهي ساهہ پٽڻ ۽ سوچڻ ۾ منهنجا ملئي شاگرد دوست ساٿ نہ ڏيندا، سو آئون اڪيلو ئي ازوما

پُل ٽپي تسوڪودا جيما (Tsukuda Jima) پاسي وڃڻ بدران مٿي ’ريو گوڪو‘ ڏي وڌڻ لڳس.

ٽوڪيو ۾ رهڻ دوران مون کي روزانو گهڻا سڀ وي اسٽيشن تي ٽرين ۾ اچڻو پوندو هو ۽ پوءِ چُوئو (Chuo) اسٽريٽ تي متسوڪوشي ۽ ماتسويا ڊپارٽمينٽل اسٽورن وٽان ٿيندو سُميدا نديءَ تي پهچندو هوس، جنهن جي هيءَ پل Azuma يا ان کان پوءِ واري ڪوتو توئي يا ان کان اڳ واري ڪوماگاتا تان ندي ٽپي ٽوڪيو جي بندرگاهه ۾ هارومي (Harumi_Pier) پاسي ايندو هوس، جتي اسان جي نئين نهنڊڙ جهاز جو منهن (Bow) اهڙي ڪنڌ ڪان هو جو پري کان ئي ان تي اکريل نالو پڙهڻ ۾ آيو ٿي.

ايدو (Edo) دؤر کان هن نديءَ (Sumida) سُميدا عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ اهم رول ادا ڪيو آهي. هن نديءَ جي پس منظر ۾ جپاني ادب جا ڪيترائي ناول ۽ خوبصورت افسانا ۽ ڪهاڻيون آهن جن مان هڪ ڪهاڻي ”جپان رس“ ڪتاب ۾ ڏني اٿم. اڄڪلهه هن نديءَ تي 27 کن پليون آهن، جن مان تيرهن تان بسون ۽ گاڏيون پڻ هلن ٿيون. هن نديءَ جي ڪپر تي مون آخري دفعو واڪ 1981ع ۾ پاڻ سان گڏ جهاز هلائيندڙ اليڪٽريڪل انجنيئر اڪبر سان ڪئي هئي. اڪبر جو ذڪر مون ”جپان جن جي جيءَ سان“ ۾ پڻ

ڪيو آهي، جيڪو انهن ڏينهن جو سفر نامو آهي. اڪبر وڏي عمر جو ٿي ويو هو پر شادي نہ ٿي ڪيائين. پڇڻ تي ٽٽائي ويندو هو. هڪ دفعي گنزا مان بصر پٽاٽا وٺي شپ يارڊ واري هوٽل نما مسافرخاني (Tokyo Ryo) ڏي موٽندي هن پل وٽ اچي وينا هئاسين. هُن هِتان هُتان جون ڳالهيون ڪندي سندس شادي نہ ڪرڻ جو سبب ٻڌايو:

”چيف صاحب اسان ڀائر ڀينر ننڍا هئاسين تہ اسان جو والد گذاري ويو. ظاهر آهي گهر جي خرچ جو بار مون تي اچي ويو. الله جي فضل سان سڀني ڀيڻن ۾ ننڍڙي ڀاءُ کي جيڪي تڪليفون سهي مون پڙهايو، اها مون کي خبر آهي. هاڻ منهنجيون ڀيٽيون نوڪريون بہ ڪن پيون ۽ گهر جي خرچ ۾ مدد بہ ڪن ٿيون. گهر مسواڙ جو ئي سهي پر سک سهنج جي هن ۾ هر شيءِ موجود آهي. ٽي وي ۽ ڊيڪ، فرج ۽ واشنگ مشين، وغيره وغيره ۽ هن دفعي سنگاپور مان ايئرڪنڊيشنر بہ وٺي ويندس. منهنجي شادي ڪرڻ تي دل چوي ٿي پر سمجهان ٿو تہ ان بعد منهنجيون ڀيٽيون رلي وينديون.ان ڪري ڀرين انهن کي گهر وسائيندو ڏسڻ چاهيان ٿو...“

ڪجهہ سالن بعد پاڪستان ۾هوس تہ انهن ئي ڏينهن ۾ اڪبر پنهنجين ٻن ڀيٽين جي شاديءَ جو دعوت نامو اچي ڏنو ۽ پوءِ ملائيشيا وڃي رهيس تہ ڪجهہ سالن بعد اڪبر جي پنهنجي شاديءَ

جو دعوت نامو مليو. جيڪو ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي ٿي. ٻن ٽن مهينن کان پوءِ سندس جهاز ملائيشيا جي پينانگ بندرگاهه ۾ آيو ته آئون ملاڪا کان هَلي مَلي ساڍس ملڻ پينگانگ ويو هوس. ٽوڪيو ۾ اسان ٽن جهازين (ٽيون اسلم زبيري) جي ماني هو ٺاهيندو هو. سندس رڌل ٻوڙ واقعي سوادي هوندو هو يا شايد سڄو هفتو جپاني ريسٽورنٽن تان کائي کائي تبديلي خاطر اڪبر جو پاڪستاني اسٽائيل جو جهڙو تهڙو رڌل ٻوڙ به ”پريان سندي پار جي مٺائي“ لڳندو هو. اسان جڏهن شپ يارڊ کان بس ۾ نڪرڻ بدران سُميدا نديءَ جو ڪنارو وٺي گنزا جي متوسزاڪايا هئنڪيو ڊپارٽمينٽ اسٽور ۾ چنچر ڏينهن لڳل Sale مان مڇيون، گانگٽ ۽ ڪنڊ، لوڻ، ڪيچپ، گوبي، مرچن جهڙو رڌ پچاءُ جو سامان وٺڻ لاءِ نڪرندا هئاسين ته سُميدا نديءَ تي نهيل هن پل ازوما وٽ ڪجهه دير ويهي فرحت وٺندا هئاسين. اڪبر سگريٽ دکائي ان جا ننڍا ڪش هڻندو هو. آئون هن جي معصوم چهري ۽ دونهين مان چڙيل سجن ۽ پگل چلن کي غور سان ڏسندو هوس.

”چا پيا سوچيو؟“ هڪ دفعي اڪبر پڇيو.

”ڪجهه به نه. ۽ تون؟“ مون کانئس پڇيو.

”آئون به ڪجهه نه. سواءِ ان جي ته شايد توهان سوچي رهيا هجو ته هيءَ دنيا به سگريٽ جي چلن وانگر فاني آهي. هڪ گهڙيءَ ۾

آهن تہ ٻيءَ ۾ هن ٽڏي هير ۾ غائب ٿيو وڃن. يا شايد پنهنجو وجود وڃايو ڇڏين...“ هن چيو هو.

۽ هن وقت مون کي اڪبر ياد اچي رهيو هو. اڇڻ بہ گهرجي خاص ڪري هن هنڌ تي تہ ضرور اچڻ کپي. هو محنت ۽ پورهئي جي علامت هو. هو نمي ڪمي نهارڻ ۽ قربانيون ڏيڻ جي نشاني هو. هڪ ڏينهن اڳ اوساڪا کان ٽوڪيو ايندي وقت گل احمد پاور پلانٽ ڪراچيءَ کان اسلم زبيريءَ جو فون آيو تہ مون يڪدم ڪيس ٽوڪيو وڃڻ جو ٻڌايو.

”ڪاش تون ۽ اڪبر بہ هجو ها.“ مون اسلم کي چيو.

”اڪبر جي توکي خبر ناهي؟“

”نہ ڇو؟ خير تہ آهي؟“ مون تعجب مان پڇيو.

”اڪبر ڪڏهوڪو گذاري ويو. ڪيس سال کن اڳي ٿيو آهي. هن کي ڪولمبو ۾، يا شايد ڪنهن ٻئي پورٽ ۾، هارٽ اٽيڪ ٿي پيو ۽ پوءِ باءِ ايئر لاش هتي ڪراچيءَ پهتو هو...“

آئون سُميدا نديءَ جو ساڳيو ڪپر وٺي اڳيان وڌان ٿو. هتي ئي هن نديءَ جي ڪناري تي، ڪنهن هنڌ جپان جي مشهور شاعر، عالم، پير درويش ماتسوئو باشو (Matsuo Basho)جو گهر هو. پاڻ

1644ع ۾ ڄائو ھو. ھن ھڪ مشھور ھائيڪو ھِن سُميدا نديءَ جي ڪناري واري ھن گھر مان ئي لکيو ھو.

ٽڙيل گلن جو ڪڪر
شام جو وڄندڙ گھنڊ
ائينو؟ اساڪسا؟

Hana no kumo
Kane wa
Uneo ka Asaksua ka

ائينو (Uneo) ٽوڪيو جو ھڪ ٻيو مشھور علائقو آھي، جيڪو اساڪُسا سان مليو پيو آھي ۽ ھتان سُميدا ندي جي ھن ڪناري کان ميل ڪن جي فاصلي تي آھي. در اصل اڄ اسان گھران نڪرڻ وقت اساڪسا جي ”سينسوجي“ مندر ڏسڻ بدران ائينو ۾ ٽوڪيو جو چڙيا گھر ۽ ڪانئيجي (Kaneiji) مندر ڏسڻ جو ارادو ڪيو ھو، پر پوءِ اساڪُسا جي سينسوجي اوتيرا (Temple) ۾ ھليا وياسين.

ائينو جو ھي مشھور ’ڪانئيجي‘ مندر ھڪ ٻڌ ڌرم جي جپاني ٻائي سن 1625ع ۾ ٺھرايو ھو. متئين ھائيڪو جو شاعر باشو

هن مندر نهڻ کان ويهہ سال کن پوءِ ڄائو هو. هن پنهنجي هائيڪو ۾ جن گهنڊن (Kane wa) جو ذڪر ڪيو آهي، اهي ائينو جي هن مندر ”ڪانئيجي“ جا آهن يا شايد پر واري علائقي اساڪوسا جي مندر ”سينسوجي“ جا آهن. جن جي بهرحال ڪيس بہ خبر نٿي پوي، تڏهن تہ هو اساڪُسا ۽ ائينو جي پويان Ka لڳائي ٿو. جپانيءَ ٻوليءَ ۾ سوال پڇڻ لاءِ سوال جي نشاني ڏيڻ بدران، اسم جي پويان ’ڪا‘(KA) لڳايو وڃي ٿو. جيئن Ueno ka ۽ Asakusa ka يعني Ueno يا Asakusa؟

ظاهر آهي سُميدا نديءَ جي ڪناري تي ويهڻ واري کي ٻنهي مندرن جي گهنڊ جو آواز_ هلڪوئي سهي ساڳي ليول ۾ ٻڌڻ ۾ ايندو. جو سميدانديءَ کان سينسوجي مندر ۽ ڪانئيجي مندر مختلف درن ڏي پر هڪ ئي فاصلي تي آهن.

جپاني ٽن سٽن جو شعر_ هائيڪو هڪ مختصر شعر ٿئي ٿو جنهن ۾ عام وڏي شعر وانگر هر ڳالهہ واضح نٿي ٿئي. هونءَ ئي نثر جي مقابلي ۾ نظم هڪ مختصر شيءِ آهي ۽ هائيڪو تہ وري هيڪاندو مختصر ٿيو! ان ڪري جپاني ڪلچر ۾ هائيڪو نہ فقط لکڻ آرٽ آهي، پر پڙهڻ ۽ سمجهڻ پڻ هڪ وڏو آرٽ آهي. هائيڪو (شايد سنڌيءَ ۾ ڪٿي هائڪو سڏجي ٿو پر صحيح جپاني لفظ

ٿن اکرن تي ٻڌل آهي: ها_ ئي_ ڪُو. هائڪو هڪ مختصر شعر هجڻ ڪري، هو ڪڏهن بہ ڪنهن شيءِ جي تصوير تفصيل سان پيش ڪري نٿو سگهي. هائيڪو ۾ اصل ڳالهہ يا قصي جون فقط ٻاهريون لائينون ۽ اهم حصا ڏنا وڃن ٿا_ سمجهو تہ منور ابڙو يا بکيرائي شاهہ جو نهيل اسڪيچ ورڪ هجي، جنهن کي غور سان ڏسي اندازو لڳائڻ تہ ڪهڙي سياستدان جو ٿي سگهي ٿو يا هن ۾ ڪهڙو طنز و مزاح آهي، اهو ڏسندڙ جي معلومات ۽ ذهن تي مدار رکي ٿو. اهو ئي حال هائيڪو جو آهي ۽ ان لاءِ هائيڪو جي عظيم استاد باشو جو مٿيون هائيڪو بهترين مثال آهي. چي:

ٽڙيل گلن جو هڪ ڪڪر
شام جو وڄندڙ گهنڊ
ائينو؟ اساڪُسا؟

شعر مان لڳي ٿو تہ بهار جي مند آهي جو چوڌاري چيري بلاسم جا گل آهن. هائيڪو ۾ صرف Hana (بلاسم) يا ٽڙيل گل لکيل آهن معنيٰ چيريءَ جا_ ۽ جپان ۾ بهار جي رُت دنيا جي بهترين مندن مان سمجهي وڃي ٿي. توهان ڪنهن جپاني دوست کي چوندؤ تہ آئون اونهاري ۾ (يا سياري ۾) جپان ايندس تہ يڪدم چوندو تہ بهار ۾ اچ_ ۽

پوءِ يڪدم چوندو ته جڏهن چيريءَ جا گل ڪڙن ٿا. مٿين هائيڪو جي پهرين سٽ ۾ فقط ٽي لفظ آهن:

هنا نو ڪُومو Hana No Kumo (هنا جو ڪڪر) لکيل آهي، يعني ڪڙيل گلن جو جهڳٽو ۽ هر جپانيءَ کي خبر آهي ته گهنڊن جو آواز شام جو اچي ٿو ۽ ڪنهن مندر مان ئي اچي ٿو. هتي نه اسڪول ۾ موڪل جو بيل وڄي ۽ نه ڊڳي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل بيل ...سو بيل جي آواز تي ڪنهن جو مندر کان علاوه ڪنهن ٻئي طرف ڌيان وڃي. ۽ اهي شام جي وقت ئي وڄن ٿا، جنهن جي هر جپانيءَ کي ڄاڻ آهي. هتي ”شام جو وڄندڙ“ لفظن جو واڌارو به مون ڪيو آهي، نه ته اصل جپاني هائيڪو ۾ فقط Kane Wa معنيٰ ’گهنڊ‘ لکيل آهي. اهو گهنڊ جو آواز ائينو کان ڪانئيجي مندر مان اچي رهيو آهي يا اساڪسا جي مندر سينسوجيءَ کان، پر ٻنهي طرف چيري بلاسم جي گلن جا ڪڪر ڇانيا پيا آهن ۽ شاعر آواز جو طرف نه سڃاڻي پڇي ٿو ته اهي ائينو علائقي واري مندر جا گهنڊ آهن يا اسڪاسا علائقي واري مندر جا؟

ان ئي ڪري جپان ۾ هائيڪو پڙهڻ يعني سمجهڻ به آرٽ ۾ شمار آهي. لکڻ ته آهي ئي آهي.

جيئن هڪ ٻيو مزيدار هائيڪو موري تاڪي نالي هڪ شنتو ڌرم جي ٻائي جو آهي، جيڪو 1452ع ۾ ڄائو ۽ 97 سالن جي عمر ۾ سن 1549ع ۾ وفات ڪيائين.

Rakka eda ni
Keru to mireba
Kochokana

گلن جون ڪرنڊڙ پتيون مٿي وڃن پيون
واپس وڻ جي ٽاريءَ ڏي. آئون ڏسان پيو
اوه! هي تہ پوپٽ آهن!

پاڻ وٽ چوندا آهن تہ ڇڻل تير وري نہ موٽي يا ڏڏل ڪير وري ٽڻن ۾ نہ وڃي. تنهن وانگر جپانيءَ ۾ اها چوٽي عام آهي جيڪا سوال طور پڇي ويندي آهي تہ ڪڏهن ڇيري گل جون ڇڻيل پتيون واپس ٽارين ۾ لڳيون؟ هن هائيڪو جو شاعر، جيڪو پوپٽن کي پٽ تان اڏري مٿي وڻ جي ٽارين ڏي ويندو ڏسي رهيو هو اهو ڀرين سٽ ۾ چوي ٿو تہ ها” گلن جون ڪرنڊڙ پتيون واپس ٽارين ڏي وڃن پيون، آئون پنهنجي اکين سان ويٺو ڏسان... پر پوءِ حقيقت جي خبر پوڻ سان يڪدم چوي ٿو ”اوه! هي تہ پوپٽ آهن!“

جپان ۾ اونهاري ۾، سنڌ جهڙي نه ته به چڱي خاصي گرمي ٿئي ٿي. خاص ڪري اهو ملڪ جتي سيارو بيحد سخت ٿڌو، طوفاني ۽ بارشن وارو آهي، اتي اونهاري جي ههڙي گرمي ماڻهن جو سِر ٿي ڪڍي، ۽ پوءِ آفيسن توري بس اسٽاپن تي ماڻهن کي پلاسٽڪ جي ڳن وارا گول پکا ٿين. جيڪڏهن توهان اهو جپاني وِڃڻو ڏٺو آهي يا ذهن ۾ آڻي سگهو ٿا ته پوءِ پنڌرهين صديءَ جي هن جپاني شاعر ’سوڪان‘ جي سوچ کي ضرور داد ڏيندائو:

جيڪڏهن چوڏهين جي چنڊ کي
ڪو هٿو وجهي ڏئي.
ته ڇا خوبصورت وڃڻو ٿي پوي.

منهنجي خيال ۾ هتي ڪجهه وڌيڪ ئي شعر و شاعري ٿي وئي آهي پر سنڌو نديءَ وانگر هيءَ سُميدا ندي هر ماڻهوءَ کي ڪجهه زياده ئي شاعر ۽ رومانٽڪ بنايو ڇڏي. ٽوڪيو ۽ گنزا جي گوڙ ۾ هيءَ هڪ سُميدا ئي سانت واري شيءِ آهي.

منجهند جا ٻه ٿي رهيا هئا. دوستن جي آفيس ۾ مون لاءِ رکيل منجهند جي ماني رات جو ڪائڻ جو سوچي آئون سوتو بوري اسٽريٽ ڏي وڌيس. رستي تي هڪ پارڪ جي ٽڪريءَ ۾ ڪجهه ايراني دڪاندار اوبينتو (لنچ باڪس) ناهي وڪڻندا هئا. پر اها

1980_81ع جي ڳالهہ آهي. هينئر مون کين گهڻو ئي ڳوليو خاص ڪري نِپي چومي (2_Chome) گهٽيءَ وٽ. پر نہ مليا. آخر هڪ افغاني شڪل جي همراهہ کان پڇڻ تي هن ٻڌايو تہ هنن جا غير قانوني دڪان هجڻ ڪري سرڪار کين ڪڍهوڪوڍ اٿاري ڇڏيو. هن ٻڌايو تہ هنن مان ڪجهہ ۾ ڪجهہ ٻين ايرانين هاڻ هارا جوڪو يا ڪاسو ميگاسيڪي ڏي وڃي پڪا دڪان ورتا آهن. هارا جوڪو ۽ ڪاسوميگاسيڪي پڻ ٽوڪيو جي وچ وارا علائقا آهن، جن جي پرسان روپونگي ۽ شمباشي آهي.

آئون هڪ عام جپاني دڪان تان ميري بسڪيٽن جو پئڪيٽ ۽ گرم ڪافيءَ جو گلاس وٺي گنزا سب وي اسٽيشن ۾ اچي ڪائڻ ۾ مارنوئچي ريل گاڏيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳس، جيڪا مون کي دوستن جي گهر شنجوڪو وٺي هلڻي هئي.

# ٽوڪيو تنهنجا ٽيٽيهہ رنگ

پاڻيءَ واري جهاز ۾ ٽوڪيو پهچڻ کان اڳ جهاز هلائڻ وارو فرحت ۾ اچيو وڃي. ڄپان جي چوڌاري ٻارهوئي طوفان لڳا پيا آهن جيڪي جهازن کي بندرگاهن ۾ بہ سٽين ٿا يعني جهاز بندرگاهہ ۾ ڏکي سان ٻڌو پيو آهي تہ بہ جهازي سُک جي ننڊ نٿو سمهي سگهي. پر ٽوڪيو جي بندرگاهہ جي ڳالهہ ئي ٻي آهي. بندرگاهہ جي چوڌاري ڌرتيءَ جو بند هجڻ ڪري پئسفڪ سمنڊ جڪون ڇوليون يا ساموندي واچوڙا اندر تائين پهچڻ ۾ پنهنجو زور وڃايو وهن. ٽوڪيو قدرتي طرح هڪ سني هنڌ تي آهي. توهان پنهنجيون ٻانهون ٻاڪر وانگر گول ڪري ڦيرائي هٿن کي ملائڻ بدران ٿورو فاصلو ڇڏيو. ان مان سمجهو تہ جهاز اندر اچن ٿا ۽ ٻانهن جي ٻاهران پئسفڪ سمنڊ آهي ۽ ٽوڪيو بندرگاهہ ائين آهي، جيئن توهان جي دل ۽ انهيءَ دل جي ساڄي پاسي ڦڦڙ وغيره ائين آهن، جيئن ٽوڪيو جا پر وارا ڪواساڪي ۽ يوڪوهاما بندرگاهہ ۽ ٻئي پاسي چيبا بندرگاهہ آهي ۽ ساڄي هٿ جي اندرين پاسي يعني جهازن جي گهڙڻ سان يوڪو سوڪا بندرگاهہ آهي. يعني هي سمنڊ جو حصو جنهن ۾ مٿيان ٽي چار مشهور ۽ اهم بندرگاهہ آهن، هڪ ڍنڍ مثل مانو سمنڊ آهي، ڍنڍ

جي چوڊاري زمين ٽٽئي ٽي پر هتي هڪ پاسي کليل آهي جيڪو پئسفڪ جهڙي اٿاهه سمنڊ سان ملي، ان جو حصو سڏرائي ٿو. ان قسم جي سمنڊ کي اسان خليج يعني Bayسڏيون ٿا. جيئن خليج بنگال (Bay of Bengal) آهي. پر خليج بنگال تمام وڏو آهي ۽ ان ۾ ايڏا ڪُن Cyclonesلڳن ٿا جو الله ڏئي ۽ بندو سهي وارو حساب آهي پر هي ٽوڪيو بندرگاهه وارو خليج جيڪو سڏجي ٿي Tokyo Bay (خليجِ ٽوڪيو) ٿو ايڏو وڏو ناهي. هوڏانهن چٽگانگ کان پر واري بندرگاهه ڪولڪتا (ڪلڪتي) تائين ڏيڍ ڏينهن لڳيو وڃي ۽ هيڏانهن ٽوڪيو کان ڪواساڪي ٽي ڪلاڪ ۽ يوڪوهاما تائين ڪلاڪ ڪن وڏيڪ.

ٽوڪيو بندرگاهه تي قدرت ايڏي مهربان آهي، جو اهو بندرگاهه اصل خليج اندر خليج ۾ آهي. خليج ٽوڪيو کان اڳ هڪ ٻيو خليج ساگامي (Sagami Bay) ۾ گهڙٽو پوي ٿو. بهرحال ٽوڪيو شهر آباد ڪرڻ مهل ڪنهن ان اهميت کي نظر ۾ رکي ٽوڪيو ۾ ڳوٺ نه ٻڌو هو. اهو ته بعد ۾ جيئن ئي ٽوڪيو جي آدمشماري، اهميت ۽ شان شوڪت وڌندو ويو ته جپانين کي ٽوڪيو جي بچاءَ لاءِ گهڻي محنت نه ڪرڻي پيئي. ائين نه هو ته ڪو گرو گنجو بندرگاهه ۾ ڪاهي اچي. بندرگاهه جي چوڊاري ڏرتيءَ جي آڏ هجڻ ڪري هن خليج ۾ گهڙڻ

واري هر جهاز تي، خليج جي منهن وٽ ئي نظر رکي وئي ٿي ۽ ساڳي وقت پنهنجن جهازن خليج جي بندرگاهن ۾ طوفاني راتين ۾ به سڪون سان سفر پئي ڪيو. جپانين هونءَ ئي ڪنهن ڌارئين کي پنهنجي ڌرتيءَ تي قدم نٿي رکڻ ڏنو. يورپ ۽ اسان جي پاسي جي ايشيا جي ڪنهن ملڪ جي ته همٿ نٿي ٿي پر اوسي پاسي جي ملڪن چين ۽ ڪوريا جو به ڪو پهلوان جپان ۾ نٿي پهچي سگهيو. تن ڏينهن ۾ هوائي جهاز ته ايجاد نه ٿيا هئا، پاڻيءَ جا جهاز هئا پر اهي به ڇپُن ۽ سڙهن تي هلندا هئا. ڪو چيني يا پاڙي جو ڪورين پلجي هتي ’ٽوڪيو بي‘ وٽ يا جپان جي ڪنهن ٻئي بندرگاهه وٽ اچي نڪرندو هو ته جپانين جا موچڙا کائي موٽندو هو. يورپ وارن توڙي آمريڪا وارن جپانين کي سندن ملڪ ۾ اچڻ ۽ واپار وڙي شروع ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون منٿون ڪيون پر جپاني سيني کي آڱوٺو ڏيکاريندا رهيا. ڏاڍا مڙس جو ٿيا ــ ۽ سندن پنهنجي پاڻ ۾ ٻڌي به هئي.

۽ پوءِ اتي ڳل جا آگبوٽ (ٻاڦ وارا جهاز) ايجاد ٿيا پر فقط آمريڪا ۾. اجا ٻين کي ته ڪا خبر ئي نه هئي جپاني جيڪي کوهه جا ڏيڏر ٿيو ويٺا هئا، انهن جي ته خواب خيال ۾ به نه هو. آمريڪا کان ڪموڊور پيري اهڙي هڪ ڪل واري جهاز ۾ جپان تائين نه رڳو ڪهي آيو پر بنا ڪنهن موڪل جي ٽوڪيو بي ۾ گهڙي پيو ۽ اچي ٽوڪيو

جي بندرگاهه ۾ لنگر ڪيرائين. جپاني انجڻ واري جهاز ۾ جهاز جي هلڻ جا هي آواز هي رفتار ۾ رعب تاب ڏسي حيرتزده ٿي آمريڪن جي هر ڳالهه مڃڻ لڳا (اها ٻي ڳالهه آهي تہ پوءِ آمريڪن ڪان جهاز سازيءَ جو هنر سکي هنن ڪان بہ ٻہ رتيون اڳيان نڪري ويا.)

اوائلي دؤر ۾ ٽوڪيو شهر ۾ رهائش لاءِ جڏهن ماڻهو آيا ٿي تہ اهو سنگاپور ۾ پينانگ وانگر مهاڻن جو هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو هو. ٻي ڳالهه تہ ان وقت سندس نالو ٽوڪيو نہ هو. اهو تہ پوءِ رکيو ويو. شروع شروع ۾ هي ڳوٺ جيڪو پوءِ هلي شهر ٿيو Edo نالي هو.

تاريخي رڪارڊ موجب 1180ع جي ڳالهه آهي (يعني محمود غزنوي سومناٿ مندر فتح ڪري، ان ڪان بہ ڏيڍ سؤ سال پوءِ ۾ Exactly انهن سالن ۾ جڏهن صلاح الدين ايوبي فاطمي خلافت جو اختتام آڻي شام ۾ مصر ۾ ايوبيہ گهراڻو قائم ڪري)، مناموتو نالي پهرين ڪاماڪورا جي شوگن، ٽوڪيو جي علائقي اساڪوسا واري مندر جي چوڌري نوي ايڪڙ زمين حاصل ڪئي. هي اڄ جي وچ ٽوڪيو وارو علائقو آهي، جنهن جي مندر بابت پهرين لکي چڪو آهيان. ان ڪان پوءِ هن گمنام ڳوٺڙي بابت اڍائي صدين تائين ڪو خاص احوال تاريخ ۾ نہ آهي. هتي جي ساموندي ڪناري تي مهاڻا رهيا ٿي جن پنهنجو گذر سفر مڇيءَ تي ڪيو ٿي. هي ڳوٺ (يعني اڄ

وارو ٽوڪيو) جيڪو ”ايدو“ جي نالي سان سڏيو ويو ٿي، معنيٰ درياهہ جو ڇوڙ. دراصل هن ’ٽوڪيو بي‘ ۾ ڪيترين ئي ڇڳين موچارين نديون اچيو ٺيون ڇوڙڪن، جن مان ڪجهہ نالي ڇڳيون هي آهن:

توني، ناڪامو آرا، تاما (جنهن مان مليل لڏڙو تاماچان اڄڪلهہ جو عام چرچو آهي ۽ جنهن جو احوال ٻئي ڪنهن باب ۾ ڪيو ويو آهي)، ساگامي وغيره.

ٽوڪيو جي هن اصلي شهر Edoجو هڪ واقعو 1456ع جو آهي جڏهن هتي ايدو جو قلعو (Edo Castle)ان هنڌ تي ٺاهيو ويو جتي اڄ شهنشاهي محل آهي. اهو ”اوتا ڊوڪو ان“ نالي همراهہ ٺهرايو. اوتا ٽيهن سالن بعد قتل ٿي ويو ۽ ايدو جيڪو مشهور ٿي ويو هو، اهو وري خاموشين ڏي هليو ويو.

ٻين شهرن جي مقابلي ۾ ايدو ۾ يڪي ڏيڍ صدي ماٺ ۽ ڏيرج وارو واڌارو رهيو. ٻين شهرن مان منهنجو مطلب ڪيوٽو شهر آهي، جيڪو ان وقت جپان جي گاديءَ جو هنڌ هو. ان وقت ڪيوٽو بلي بلي شهر هو جن ڏينهن جا مندر، درگاهون، خانقاهہ ۽ اوتارا اڄ بہ ان وقت جي شان جي شاهدي ڏين ٿا.

سترهين صديءَ جي شروع ٿيڻ تي اهو ايدو شهر آهستي آهستي وڌڻ لڳو. سمجهو تہ هي اهي ڏينهن هئا، جڏهن هندستان ۾

مغل بادشاهه اڪبر جي وفات ٿي ۽ جهانگير تخت تي ويٺو. يعني حساب لڳايو ته جڏهن ننڍي کنڊ جا شهر ان وقت جا پئرس ۽ روم هئا ته هي اڄ وارو ٽوڪيو چوهڙ جمالي ۽ ڏڱاٽو بوزدار هو.

1868ع ۾ ايڊو جو نالو بدلائي ٽوڪيو رکيو ويو. ٽوڪيو لفظ جي معنيٰ آهي اوڀر وارو علائقو_ گاديءَ وارو هنڌ. يعني هي ڳالهه نندي کنڊ ۾ 1857ع واري بلوي کان ڏهه سال پوءِ جي آهي. ايڊو جيڪو هاڻي ٽوڪيو هو, اوڻهين صديءَ جي آخر ۾ تمام جلدي جلدي وڌيو ويجهيو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ٽوڪيو جي آدمشماري پنج لکن مان ويهه لک ٿي وئي, يعني لنڊن بعد ٽوڪيو ٻئي نمبر تي دنيا جو وڏو شهر ٿي ويو.

ٽوڪيو جي آدمشماري رڳو وڌندي ئي نه رهي, سڄي جپان سان گڏ ٽوڪيو ۾ به مصيبتون ايندڀون رهيون. هونءَ به جپان جي حصي ۾ قدرت طرفان طوفان, زلزلا, ڦاٽندڙ جبل, باهيون ڪجهه وڌيڪ مليون آهن.

1885ع_ سڄي علائقي ۾ وڏو زلزلو آيو.

1889ع_ هڪ ٻيو وڏو زلزلو جنهن ۾ پڻ هزارين ماڻهو مري ويا.

1917ع ۾ سخت قسم جو ٽائيفون (ساموندي طوفان)، لکين ماڻهو بي گهر ٿيا تہ مري بہ ويا.

1923ع ۾ تمام وڏو زلزلو جنهن جو مرڪز يوڪوهاما هو. هن زلزلي لاءِ چون ٿا تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک جانيون ختم ٿي ويون.

بهرحال پراڻيون ڳالهيون ڇڏي اچون اڄ جي ٽوڪيو تي۔ دنيا جي سڀ کان گهڻي آدمشماريءَ وارو شهر جنهن جو پٽ سڀ کان مهانگي ۾ مهانگو وڪامي ٿو. دنيا جو ماڊرن ۽ سهڻو شهر۔ ڪٿي ڪٿي صاف ڪٽي نہ هجي پر سهڻو ضرور آهي. سالن جا سال هن شهر جي گهٽين ۾ ڦرڻ بعد بہ لڳي ٿو تہ اڃا ڪيترين ئي ڪهاڻيون اڌوريون رهيل آهن، اڃا ڪئين گهٽيون گهميل نہ آهن، اڃا ڪئين ماڻهن سان ملاقاتون ۽ نئين ۽ جهونين عمارتن جو ديدار رهيل آهي.

ٽوڪيو ڪو اهڙو شهر ناهي جنهن لاءِ ڪو ڪيسي مان خرچ ڪري گهمڻ لاءِ اچي. هن ڏورانهين ۽ مهانگي ملڪ جي، مهانگي ترين شهر ۾ ائين اچڻ وارو وڏو بيوقوف ئي هوندو ۽ هو گهمڻ لاءِ اچي اچي بہ ڪيترن ڏينهن لاءِ رهي سگهي ٿو. جپاني زبان کان غير واقف هن ملڪ جو فقط مٿاڇرو ئي View وٺي سگهي ٿو. باقي جپان ۾ تعليم لاءِ ايندڙ هزارين وطني شاگردن ۽ هتي نوڪريون ۽ بزنيس ڪرڻ وارن لاءِ جپان ۾ جيترو معلومات ۽ ڏسڻ وائسڻ جو موقعو آهي،

اوترو ڪنهن بہ ملڪ ۾ نہ آهي، ڪنهن ۾ بہ نہ! هتي جو ڪلچر، رسم و رواج، پراڻيون ريتون ۽ نيون ڳالهيون، شاندار عمارتون ۽ مانوارا ماڻهو ۽ انهن جون دوستيون، هتي جو ادب ۽ هتي جي شاعري، هتي جي اٿڻي ويهڻي ۽ وڏن لاءِ عزت، مونو ريل ۽ بليٽ ٽرين جي دنيا ۾ هڪ پوڙهي گوتم ٻڌ جي مورتي اڳيان اگربتي ٻاري رهي آهي، روبوٽن ۽ ڪمپيوٽرن جي دنيا ۾ هڪ ناري جوتشيءَ کي هٿ ڏيکاري رهي آهي، سومو ۽ جوڊي ڪراٽي جي دنيا، اڪيبانا ۽ اوريگامي جي دنيا، پاچنڪو، اونسين ۽ ٻرندڙ جبلن جي هن دنيا کي پسڻ لاءِ جنهن کي جيترو بہ وقت آهي، اهو گهٽ آهي.

اساڪسا، شيبويا (Shibuya) ۽ شنجوڪو ٽوڪيو جا مرڪزي علائقا آهن. جن لاءِ آمريڪن ڊائون ٽائون جو لفظ استعمال ڪن ٿا ۽ مزي جي ڳالهہ تہ جپاني بہ اهو ئي لفظ Shitamachi استعمال ڪن ٿا. شيتا معنيٰ هيٺ (Down) ۽ ماچي معنيٰ شهر! ٽوڪيو جو مغرب جي حساب سان صحيح معنيٰ ۾ ڊائون ٽائون گنزا هجڻ کپي پر اسان ڌاريان گنزا کي وري Up_town سڏيون ٿا.

اساڪسا ۽ ائينو علائقن لاءِ ٻئي هنڌ لکي چڪو آهيان، جتي جا مندر، چڙياگهر (Ueno Zoo)، ميوزيم اڄ کان ٽيهاررو سال اڳ

پھريون دفعو ڏٺا ھئم. ٽوڪيو ۾ رھندڙ ھم وطني دوستن ۽ سڃاڻن ڪي ھيڏانھن ھوڏانھنوقت وڃائڻ بدران، اھي ڏسڻ لاءِ چوندو آھيان.

ائينو جي اسٽيشن ڪان سڌ پنڌ تي ٽوڪيو يونيورسٽي آھي، جنھن جي پر واري گھٽي ھونگو سان چومي (Hongo 3 _ Chome) لاءِ چون ٿا تہ ٽوڪيو جي پراڻي نالي ايدو جو حصو آھي. ٽوڪيو جي ھيءَ يونيورسٽي يورپ جي ھيڊل برگ يا ايڊنبرو جھڙي ناھي جتي ملڪ جا شھزادا ۽ شاھي خاندان جا ٻار نظر اچن. جپان جي شھنشاھي خاندان جا ٻار ميجيرو جي Gakushuin ۾ پڙھڻ لاءِ وڃن ٿا. بھرحال ملڪ جا ڪيترائي ناميارا سياستدان ۽ ڪجھ سابق وزيراعظم تودائي جا شاگرد رھيا آھن. ٽوڪيو يونيورسٽيءَ لاءِ شارٽ فارم تودائي استعمال ٿئي ٿو. ھيءَ يونيورسٽي Meiji Restoration جي ڏينھن ۾ ٺھي ھئي. تن ڏينھن ۾ اھا ”ٽوڪيو امپيريل يونيورسٽي“ سڏبي ھئي.

ٽوڪيو جي ڪنھن علائقي کي ان جي دل چئجي تہ اھو گنزا آھي جتي ھن ملڪ جي ھر وڏي ڊپارٽمينٽ اسٽور ۽ سپر مارڪيٽ جي برانچ آھي، جتي دنيا جا سڀ کان وڏا فئشن وارا دڪان آھن ۽ سڀ کان مھانگيون ھوٽلون ۽ ريسٽورنٽون آھن جيڪي ڏسڻ، گھمڻ ۽ جن جي لابي ۾ ويھڻ مفت آھي ۽ اسان بہ گنزا ھميشہ ائين ڪندا رھيا آھيون. وڏ ۾ وڏ مئڪڊونالڊ جو ملڪ شيڪ پي پنھنجي جھاز تي يا

ٽوڪيو ۾ رهائش وارن ڏينهن ۾ پنهنجي شپ يارڊ واري هوٽل ۾ ماني کائي خوش ٿي سمهي رهندا هئاسين. گنزا جون هي شيون وڏن وڏن خرچائو پٽن ۽ هالي ووڊ جي فلمي ائڪٽرن جي ٽڪر جي ماڻهن لاءِ آهن.

گنزا جي پر ۾ ئي 'مارونو اُچي' علائقو آهي، جيڪو نيويارڪ جي وال اسٽريٽ يا ڪراچي جي ميڪلوڊ روڊ (چندريگر روڊ) سمجهو ۽ اتي ئي ٽوڪيو جو شهنشاهي محل آهي. هن محل ۾ 2 جنوري ۽ 23 اپريل تي اندر وڃي سگهجي ٿو جيڪي نئين سال ۽ شهنشاهہ جي جنم جي ڏينهن جون تاريخون آهن.

ٽوڪيو جو شنجوڪو وارو علائقو وڏين عمارتن وارو نئون ۽ خوبصورت علائقو آهي، جيئن ڪراچيءَ جو ڪلفٽن. روپونگي وارو علائقو راندين جي ميدان کان مشهور آهي ۽ ٿي وي ۽ فلمي دنيا کان پڻ. هتي ڪيترائي ڳائڻ وڄائڻ جا ڊسڪو هال، بار ۽ هر قسم جون ريسٽورنٽون پڻ آهن، جن ۾ شاگردن کان وٺي ڪروڙ پتي ماڻهو پنهنجي حيثيت آهر نظر اچن ٿا. يعني روپونگي امير توڙي غريب ماڻهن جو علائقو آهي.

روپونگي (Roppongi)شهر ۾ هلندڙ "هيبايا ريل ڪمپنيءَ" جي گاڏي اچي ٿي. هي سڀ گاڏيون گهڻو ڪري زمين دوز

(Subway) آهن. يعني زمين جي هيٺان ٺهيل سرنگن مان هلن ٽيون ۽ ريلوي اسٽيشنون بہ زمين هيٺ آهن. ڪٿان ڪٿان اهي زمين تي بہ هلن ٿيون تہ زمين مٿان پلين ۽ ٿنڀن تي ٺهيل پٽڻ (Rails)تان بہ لنگهن ٿيون. Roppongi جپاني لفظ جي معنيٰ آهي ’ڇهہ وڻ‘. خبر ناهي هن علائقي جو اهو نالو ڪيئن پيو! شايد ان وقت هتي جي ڪنهن گهٽيءَ ۾ ڇهہ وڻ هجن. پر گهٽي مشهور اها ڳالهہ آهي تہ اهو نالو هتي جي ڇهہ طاقتور ساموري گهراڻن تان پيو، جن جون هن علائقي ۾ ڪيترين ئي جايون جڳهيون هيون. اهي گهراڻا هي ڇيا وجن ٿا: ائي سوگي، ڪوتسوڪي، تاڪاگي، آئوڪي، ڪاتاگيري ۽ اچيريو_ هنن سيني جي نالن ۾ وڻ جي ڪانجي اچي ٿي. ڪانجي ٿن جپاني لکڻين مان هڪ آهي، جنهن ۾ شين جا نالا اچارن ۾ نہ (جيئن اسان اڙدو، سنڌي، انگريزي يا عربي ۾ لکون ٿا) پر شڪلين ذريعي لکيا وجن ٿا. پوءِ مٿين ڇهن ذاتين مان ڪنهن نالي ۾ بہ شڪليون تہ ڪنهن ۾ ٽي شڪليون آهن. پر انهن مان هرهڪ ۾ هڪ شڪل اهڙي بہ اچي ٿي جيڪا اڪيلي ناهي ڪنهن جپانيءَ کان پڇ تہ هيءَ ڇا آهي تہ هو چوندو تہ تو ’وڻ‘ لکيو آهي. جيئن ڪنهن جي ”ياماگچي“ ذات لکڻ لاءِ بہ شڪليون ٺاهيون وجن ٿيون. هڪ جبل جي ۽ ٻي وات جي. ٻئي شڪليون گڏ ٺاهڻ سان يعني هڪ ٻئي جي ويجهو ٺاهڻ سان ڪو بہ

جپاني ان کي ’ياماگچي‘ پڙهندو. ان شڪلين واري لکڻيءَ کي ڪانجي يا (ڪانجي) سڏجي ٿو جيڪا ٽن چئن ڪلاسن بعد ٻارن کي سيکاري وڃي ٿي. بلڪ هيئن چئجي ته ٻارن کان ٿوريون ٿوريون ڪري شڪليون ٺاهڻ جي پرئڪٽس ڪرائي وڃي ٿي. نه ته شروع وارا سال هوهراگانا ۽ ڪاٽا ڪانا ۾ لکن ٿا_ جيڪي جپاني لکٽيون دنيا جي ٻين ملڪن جي لکٽين سان ڪافي ملن ٿيون جو اهي اچارن واريون آهن.

ٽوڪيو جو هڪ علائقو آهي اوچانومِيزو (Ochanomizu) ! هتي 1884ع ۾ روس جي عيسائين جي هڪ ڪليسا گهر (چرچ) ٺهرايو هو جنهن جو بصر جي ڳنڍ جهڙو گنبذ پري کان پڌرو آهي. هن علائقي جو ٻه هي لالوڪيت ۽ شانتي نگر وانگر عجيب نالو آهي جتي هينئر نه ڪو ڪيت (باغ بستان) آهي ۽ نه شانت (خاموشي). اوچانو ميزو در اصل ٽي لفظ آهن. اوچا (چانهه)، نو (جو) ميزو (پاڻي). يعني چانهن جو پاڻي! پر هتي جو پاڻي ته چانهه ٺاهڻ جهڙو ناهي. چون ٿا ته پراڻي زماني ۾ شوگنن (Shoguns)جي محلات ۾ ٿيندڙ چانهه جي دعوت لاءِ پاڻي هن علائقي مان چڪيو ويندو هو. اوچانو ميزو هڪ اهڙو علائقو ناهي جنهن کي ڏسڻ لاءِ توهان گنزا، اساڪسا، ناڪانو يا شنجوڪو کان هلي اچو. بس جيڪڏهن پرپاسي ۾ رهو ٿا ته هي

Nikolaido (روسي چرچ) ڏسي سگھو ٿا. هن علائقي ۾ ڪيترا ننڍا ننڍا ڪافي شاپ آهن جن ۾ ۽ جن جي ٻاهران توهان کي ميئجي، هوسيئي ۽ ٻين ڀرپاسي وارين يونيورسٽين جا جپاني شاگرد نظر ايندا، جيڪي پنهنجي انگريزي ۽ فرينچ سڌارڻ لاءِ توهان سان زوري زوريءَ پيا ڳالهائيندا ۽ مٿو هڻندا.

اوچانو ميزو (Ocha No Mizu) ريلوي اسٽيشن جي ويجھو Kanda Jinjaنالي ٽوڪيو جي بهترين درگاهن (Shrine) مان هڪ آهي، جيڪا هتي جي باغي جرنيل Tairo no Masakado (تائيرو جي مساڪادو) لاءِ وقف آهي. (جپاني لفظ No جي معنيٰ ’نہ‘ ناهي پر ’جو‘ يا ’جي‘ آهي.) پاڻ 947ع ۾ وفات ڪيائين. هو هتي جي عوام جي حقن لاءِ شهنشاهي سپاهين سان ويڙهاند ڪندو رهيو ۽ هتي جي ماڻهن لاءِ انگريزيءَ جو مشهور ڪردار رابن هڊ هو. هو هڪ لڙائيءَ ۾ مارجي ويو ۽ سندس سر ڪيوٽو (تن ڏينهن جي گاديءَ جو هنڌ) دربار ۾ پهچايو ويو. ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اهو سر ڪيوٽو مان پنهنجي طاقت تي اڏامي واپس پنهنجي مڙهہ سان اچي مليو. مساڪادو جي نالي سان هن مندر ۾ هڪ ڊرم وڄائڻ واري ٻئنڊ پڻ آهي، جيڪا مساڪادو دائيڪو سڏجي ٿي. مزي جي ڳالهہ اها تہ هن

بئنڊ ۾ سڀ عورتون آهن ۽ هنن بہ ٽي رڪارڊ بہ پريا آهن جن جو چڱو وڪرو ٿيو آهي.

گنزا بعد جپان جو ڪو علائقو هلي ملي ڏسڻوآهي تہ منهنجي نظرن ۾ اهو اڪي هابارا (Akihabara)آهي جيڪو اسان ڌارين لاءِ ائين آهي جيئن پاڪستان جي ڳوٺاڻن لاءِ ڪراچيءَ جو صدر. بلڪ صدر جو بہ ڪو آپريٽو مارڪيٽ وارو حصو. جتان اليڪٽرڪ ۽ اليڪٽرانڪ جو سامان ملي ٿو. اڪيهابارا (يا ڪي هن کي اخيهابارا بہ چون ٿا) ۾ ٽي وي، وڊيو ڪمپيوٽر ۽ اليڪٽرانڪ جي سامان جا دڪان آهن! سوين نہ پر هزارين آهن ۽ ڪي وڏا تہ ڪي پيت ۾ جهڙا ڳڙڪا ٿيا پيا آهن. ڪن دڪانن ۾ اليڪٽرانڪ جي هر شيءِ مليٿي تہ ڪي فقط ٽرانسفارمر، اسٽيبلائيزر، ميٽر... وغيره جهڙي ڪنهن هڪ شيءِ جو وڪرو ڪن ٿا. دنيا جي مختلف ملڪن، رنگن ۽ زبانون ڳالهائيندڙ ماڻهن توڙي مڪاني جپاني خريدارن جا هتي انبوهہ نظر ايندا. دڪانن ٻاهران ۽ اندر جڳ مڳ ڪندر اشتهاري بتيون ۽ پوسٽرن سان گڏ ٽي وي ۽ وڊيو گيمن مان نڪرندڙ آواز ۽ ڪڙڪا هوندا. چاهي توهان کي اليڪٽرڪ يا اليڪٽرانڪ جو ڪو سامان وٺڻو هجي يا نہ پر ”اڪيهابارا“ جو هڪ دفعو چڪر ڏيڻ لاءِ

آئون ضرور صلاح ڏيندس. اڪيها بارا وڃڻ لاءِ توهان Akihabara جي ريلوي اسٽيشن تي لهي سگهو ٿا.

ٽوڪيو جو هڪ ٻيو علائقو آهي ايڪي بُوڪُورو!.(Ikebukuro). توهان جي ٽوڪيو ۾ رهو ٿا ۽ يامانوتي ريل ۾ سفر ڪريو ٿا تہ پوءِ توهان جو هن علائقي مان ضرور گذر ٿيندو هوندو. جيڪو سٺ ماڙ سن شائين بلڊنگ ۽ ايشيا جي ٻين وڏين عمارتن ڪان مشهور آهي، جيڪي ضرور توهان جو ڌيان ڇڪائينديون. ايڪي بوڪورو جو اسٽاپ شنجوڪو ڪان ٻن ٽن اسٽاپن بعد آهي. هي علائقو ٿيٽرن ۽ ڊپارٽمينٽل اسٽورن ڪان بہ مشهور آهي. دنيا جو وڏي ۾ وڏو اسٽور Ikebukuro_Seibu پڻ هتي آهي.

مٿين سٺ ماڙ ’سن شائين‘ عمارت هتي جي سوگامو جبل (جيڪو پهرين ٽوڪيو جبل بہ سڏيو ويو) واري سائيٽ تي آهي جتي ٻي وڏي لڙائيءَ بعد آمريڪن فوجين توڙي ’توجو هيديڪي‘ ۽ ٻين جپاني جنگي ڏوهارين جو ڪورٽ مارشل ڪيو ۽ ڪين هتي ئي ڦاهي ڏني ويئي.

هميشہ وانگر آئون پنهنجن دوستن کي آفيس مان موٽڻ وقت مون سان ملڻ لاءِ شيبويا ريلوي اسٽيشن جو چوان ٿو. پر ٽوڪيو جي

هن خوبصورت علائقي شيبويا (Shibuya)، جتي ڪنهن زماني ۾ (اڄ کان 28_29 سال کن اڳ، 1970 واري ڏهاڪي ۾) اسان جو پيارو دوست ۽ پاڪستاني ايمبيسيءَ جو ٿرڊ سيڪريٽري (۽ هاڻي سفير صاحب) ظفر شيخ رهيو ٿي. ان جي ريلوي اسٽيشن Shibuya تي ڪهڙي هنڌ بيهي انتظار ڪجي؟

”هاچيڪو (Hachiko) وٽ“

هاچيڪو هڪ ميٽنگ جي جاءِ آهي، جتي مون جهڙا ڪيترائي پنهنجن دوستن ۽ عزيزن سان ملڻ لاءِ اچي انتظار ڪن ٿا. ٽوڪيو جي پيهه پيهان واري شهر ۾ ملڻ لاءِ ڪو هنڌ مقرر ڪرڻ به مٿي جو سور آهي، پر گهٽ ۾ گهٽ ٽوڪيو جي هن علائقي ۾ نه. اتي هاچيڪو وٽ ئي هر هڪ اچيو انتظار ڪري.

هاچيڪو ڇا آهي؟ هاچيڪو هڪ وفادار ڪتي جو براس جو Statue (مجسمو) آهي جيڪو شيبويا اسٽيشن وٽ ڪتل آهي. هي ڪتو هڪ تودائي (ٽوڪيو يونيورسٽي) جي پروفيسر جو هو. پروفيسر صاحب يونيورسٽيءَ کان موٽندو هو ته هاچيڪو نالي، هن جو وفادار ڪتو پنهنجي مالڪ جي انتظار ۾ شيبويا جي ريلوي اسٽيشن تي اچي بيهندو هو. هڪ ڏينهن پروفيسر صاحب کي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچر دوران هارٽ اٽيڪ ٿيو ۽ مري ويو. هو ان ڏينهن ريلوي اسٽيشن تي نه

پهتو. ڪتو مايوس ٿي موٽي ويو پر چون ٿا تہ هو پنهنجي مالڪ لاءِ روز ان وقت هن ريلوي (Shibuya) تي ايندو رهيو. ڪي مهينن لاءِ چون ٿا ۽ ڪي تہ ست سالن لاءِ چون ٿا (بهرحال يقين نٿو اچي. ڪهاڻي ناهڻ وارا بہ تہ وڏا فنڪار ٿين ٿا.) هاچيڪو جي وفاداري هتي جي ماڻهن لاءِ Legend(روايت) ٿي وئي. جڏهن هي ڪتو پاڻ 1935ع ۾ مئو تہ ماڻهن چندا گڏ ڪري هن ڪتي هاچيڪو جي ياد ۾ Bronze جو Statue ٺهرائي هتي لڳرايو.

هن علائقي شيبويا جي آئويا اسپتال، آئوياما گائو ڪوئن يونيورسٽيءَ ۾ آئوياما بوچي (ٽوڪيو جو پراڻو قبرستان)هن علائقي جون اهم شيون آهن.

بهرحال ٽوڪيو جو شهر فقط خوبصورت ٿيٽرن ۽ هوٽلن، ڊپارٽمينٽل اسٽورن ۽ ڊسڪو ڪلبن ڪان مشهور ناهي. ٽوڪيو مندرن ۽ مسجدن ڪان بہ مشهور آهي، جن جو احوال ڪنهن ٻئي هنڌ ڪيو اٿم. اهڙين ڪجهہ جاين ۾ ٿيندڙ عبادت جا وقت ۽ ائڊريسون هتي جي اخبارن ۾ هفتي ۾ هڪ بہ دفعا ايندا رهن ٿا.

## چيڪ ۽ بئلنس لاءِ منهنجي ضرورت

جپان ۾ انگريزي پڙهڻ وارن ۾ نه فقط موتوڪو واريون منهنجيون استوڊنٽ ٿي رهيون، پر ٻيا به ڪيترائي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون شاگرديا ٽيون ٿيون ـ ڪي ٿوري وقت لاءِ ڪي گهڻي لاءِ. پر سڀني جو پڙهڻ سان مطلب ڪچهري هو ـ سواءِ مانابو (Manabu Nagase) نالي هڪ ويهن سالن جي ڇوڪري جي. هيءَ ٽوياٽا شهر ۾ ”ڪيوشو انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي“ ۾ اليڪٽرو ـ ڪيميڪل انجنيئرنگ پڙهي رهيو هو. بئي سال اعليٰ تعليم لاءِ آمريڪا جي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ USA ويڃڻو هو. جيتوڻيڪ دنيا جا شاگرد اعليٰ تعليم لاءِ جپان اچن پر جپاني آمريڪا وڃن. پوءِ پلي اها ساڳي تعليم انگريزي زبان ۾ انگلينڊ يا فرانس جي ٻين ملڪن ۾ به موجود هجي، پر هنن لاءِ آمريڪا پيرو مرشد جي حيثيت رکي ٿو. ظاهر آهي بم ۽ بارود آمريڪا ايجاد ڪري ٿو ڏن ۽ دولت آمريڪا وٽ آهي جنهن اڳيانانگلينڊ ۽ روس جهڙا ملڪ به وڏا فقير ۽ پُڇ لڙڪائو بڻجيو وڃن. جپان جهڙن مهانگن ملڪن ۾ جتي فرينچ ۽ عرب به ٻاهر نڪرڻ وقت پئسي بچائڻ لاءِ گهران سئنڊوچ ٺاهيو پاڻ سان کڻيو نڪرن، اتي آمريڪن ٽوئرسٽ وڏين کان وڏين هوٽلن ۾ نه فقط پاڻ

ڪائين ٿا پر ٻين کي ٻه ڪارائين ٿا. آمريڪا اهو ملڪ آهي جنهن جي ميوزڪ ۽ فلم انڊسٽري ڄپانين کي موهي رکيو آهي_ پوءِ ڇو نه ڄپاني ٻُڍا جي مورتين ۽ آمريڪن صورتن جي عزت ڪن ۽ اکن ڇڪن ٿين. سو منهنجي هن شاگرد مانابو کي ٻه آمريڪا ويٺو هو جتي هن کي پنهنجي لکيل ٿيسز جا ڪاغذ پيش ڪرڻ ۽ سيمنار ۾ پڇيل سوالن جا جواب ڏيڻا هئا. هن جي آمريڪا وڃڻ ۾ باقي ڪو سال وڃي بچيو هو پر ڪيس هِي، شِي ۽اِٽ سان فعل (Verb) ۾ S لڳائڻ جي خبر نٿي پيئي. صبح جو اٺين ڪان ٻي تائين تورياتا ۾ پنهنجو ڪاليج اٽينڊ ڪري سڌو ڪوڪورا مون وٽ پڄندو هو ۽ ٻه ڪلاڪ ڪن چڱيءَ طرح لکندو پڙهندو هو. ڪيس ڪار هئي سو بسين ۽ گاڏين جي ٽائيمن پٺيان وقت وڃائڻ بدران اڌ ڪلاڪ ۾ ڪوڪورا پهچي ويندو هو. پڙهائيءَ دوران وچ ۾ ڏهه پندرهن منٽ موڪل ڪري پر واري دڪان تان ڄپاني اسٽائيل جي شيءِ ڪائي لنچ ڪندو هو. هو هفتي ۾ ٻه دفعا مون وٽ پڙهندو هو. هردفعي مون کي پڙهائڻ جا پئسا ڏيڻ لاءِ چوندو هو.

”مسٽر الطاف توهان جي ڪلاڪ جي ڪيتري في هجڻ کپي؟“ هو هر دفعي پڇندو هو ۽ هن شاگرد (مانابو) کان ڪجهه ٻه نه وٺڻ پويان منهنجي هيءَ Reasoning هئي ته هڪ ته آئون هن جي

مرضيءَ واري ٽائيم ۾ نئون پڙهايان. هن لاءِ صحيح ٽائيم 5 کان 7 شام جا هو. پر مون کيس ادائي کان چار پڙهايو ٿي ـ جيڪو ٽائيم آئون روز لئبريري ۾ پنهنجي مرضيءَ سان اچي ويٺس ٿي. ٻي ڳالهه ته سڄو هفتو نئين پڙهايم. جو ڪنهن ٻئي شهر اوساڪا يا ٽوڪيو گهمڻ يا ڪنهن سان ملڻ هليو ويس ٿي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته ٻيا شاگرد جيڪي نوڪريءَ ۾ هئا، يعني جن ڪمايو ٿي، تن سان ته پئسي جي ڳالهه وچ ۾ نه هئي. هي ته صحيح معنيٰ ۾ شاگرد هو. جيتوڻيڪ ان لئبريريءَ جي ڪلارڪ ڇوڪري مون کي هر وقت سمجهائيندي رهي ٿي ته جپان جي مٿين تعليمي ادارن جا ڪي ڪي شاگرد ڏاڍا امير ٿين ٿا. ڪين گهران ۽ گورنمينٽ طرفان وڏيون وڏيون اسڪالرون ملن ٿيون، سو آئون ٿورو پڙهائڻ جا به پئسا وٺان.

منهنجي هڪ ٻئي شاگرد جو نالو ماسا هو. ماسا اتراهين شهر ۽ بندرگاهه شيمونوسيڪي ۾ رهيو ۽ نوڪري ڪئي ٿي. هن تازو تازو گريجوئيشن ڪئي هئي ۽ هاڻ ڇهن مهينن لاءِ ڪنهن فرم ۾ ڪچي نوڪري ملي هيس. تعليم دوران پاڻ هڪ سال نيوزيلينڊ ۾ ۽ هڪسال آسٽريليا ۾ پارٽ ٽائيم جاب ڪري چڪو هو ۽ هاڻ هُن آمريڪا وڃڻ چاهيو ٿي. دراصل جپان ۽ ملائيشيا جهڙن ايشيائي ملڪن جي ماڻهن لاءِ ڪنهن به ملڪ وڃڻ ڪو مسئلو ناهي. هڙن

ملڪن جي دنيا ۾ ايڏي ساک آهي، جو اتي جي ماڻهوءَ کي ڪنهن به ڌارئين ملڪ ۾ وڃڻ لاءِ ويزا جو مسئلو نٿو ٿئي _ خاص ڪري جپانين لاءِ ته دنيا جو هر ملڪ سستو ٿو پوي. ڪٿي به جپان جهڙي مهانگائي نه آهي. موڪل جو مهنو ڪن پنهنجي گهر ۾ گذارڻ ۾ هڪ جپانيءَ جو جيڪو گهر جي مسواڙ گئس، بجلي، پاڻي ۽ کاڌي پيتي تي خرچ اچي ٿو ان کان گهٽو گهٽ آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ ۾ وڃي گهمڻ ۾ اچي ٿو. ان ڪري ڪيترا جپاني شاگرد موڪلن ۾ آسٽريليا، نيوزيلينڊ يا يورپ جي ملڪن ڏي هليا وڃن ٿا، جيڪي ملڪ Safe پڻ آهن. يعني قاعدي قانون ۽ امن امان جي لحاظ کان تمام سٺا آهن. سو منهنجو هي شاگرد ماسا به اتان تي آيو هو. سندس انگريزي سٺي هئي. يعني آرام سان ڳالهه ٻولهه ڪري سگهياسين ٿي. ڪو لفظ نٿي آيس ته پاڻ سان آندل اليڪٽرانڪ ڊڪشنري کولي اهو لفظ ان ۾ ڏسي پوءِ پني تي نوٽ ڪيائين ٿي. هي به ڪچهريءَ وارو شاگرد هو. هر هفتي ڇنڇر يا آچر ڏينهن صبح جو ڏهين بجي ڌاري پنهنجي شهر شمونو سيڪيءَ کان پنهنجي ڪار ۾ نڪرندو هو ۽ پوءِ مون کي گهران کڻي هڪ ڏيڍ تائين ڪڏهن ڪهڙي پاسي ڊرائيو تي نڪري پوندو هو ته ڪڏهن ڪهڙي پاسي. سندس ڪار ۾ هر وقت انگريزي گانا پيا وڄندا هئا.

”ماسا جپاني بہ تہ گانا هلاءِ“ آئون چوندو هوسانس.

”سجو هفتو آفيس ۽ گهر ۾ جپاني آواز (يعني هڪ ٻئي جي ڳالهہ ٻولهہ) ۽ گانا ٻڌي ٿڪجي پيو آهيان. جيڪي بہ چار ڪلاڪ توسان گذاريان ٿو، ان ۾ پاڻ کي آمريڪن ماحول ۾ سمجهان ٿو ۽ انگريزي ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ چاهيان ٿو.“

دل ۾ مون سوچيو چڱو جو اسان جي ملڪ ۾ انگريزي پڙهائي ٿي وڃي ۽ اسان جي انگريزي ڳالهائڻ ڪري ههڙن ملڪن جا هي درويش ماڻهو اسان کي انگريز ٿا سمجهن. ننڍي ڪنڌ کي جڏهنانگريزن ڇڏيو تہ انگريزن سان گڏ جرمنن بہ روئي ڏنو هو. ڪنهن جرمنن کان پڇيو تہ توهان ڇو ٿا روئو، هندستان تي تہ انگريزن جو راڄ هو. جرمنن وراڻيو تہ راڄ ضرور انگريزن جو هو، پر هندستان جي ماڻهن اسان جو گورو رنگ ڏسي اسان کي بہ انگريز يعني پنهنجو صاحب سمجهي عزت ڪئي ٿي.

سو بين الاقوامي زبان انگريزي پلي ڪٽي انگريزن ۽ آمريڪن جي هجي پر اسان پاڪستانين، هندستانين، سريلنڪن ۽ بنگلاديشين جهڙن ماڻهن کي انگريزي زبان جي ڄاڻ هجڻ ڪري ڪيترائي ماڻهو اسان کي بہ تعليم جي معاملي ۾ ايتري ئي حيثيت ڏين ٿا، جيتري انگريزن ۽ آمريڪن کي. ان ڪري جپاني تعليمي

ادارن توڙي جپاني جرنلزم ۽ ميڊيا ۾ انڊين تہ پريا پيا آھن. جيڪي يقيناً اسان پاڪستانين ڪان وڌيڪ ’چلتا ڦرتا‘. چالاڪ ۽ Organize آھن.

ماسا سان سڄو وقت ھلندڙ ڪار ۾ يا ماني ڪائڻ وقت ھوٽلن ۾ ڪچھري ٿيندي ھئي. جنھن سان ھن جي انگريزي سڌري يا نہ. پر مون کي ھڪ سؤ ڪن ميلن جي Radius ۾ ھن علائقي جي ھر ڪنڊ گھمڻ جو سٺو موقعو ملي ويو ٿي ۽ ماسا جي انگريزي Workable ھجڻ ڪري، آئون بہ ڪانئس جپان ۽ جپاني ڪلچر تي ڪيترين ئي ڳالھيون پڇندو ۽ Discuss ڪندو رھيس ٿي. ماسا بہ اھو ئي چاھيو ٿي تہ ڳالھہ ٻولھہ ٿيندي رھي. بس رڳو مانيءَ جو مسئلو ٿيندو ھو جنھن کي آئون Avoid ڪرڻ چاھيندو ھوس پر ماسا جو ھر وقت اھو ضد ھوندو ھو تہ منھنجي انگريزي برش اپ ڪرڻ لاءِ جيڪو ٽائيم ڏيان ٿو ان جي ڪانئس في نٿو وٺان تہ گھٽ ۾ گھٽ ماني تہ ڪان. دل ۾ چوندو ھوس تہ توسان ڪچھري ڪرڻ ۾ آئون بہ پرايان ٿو ۽ گھمان ڦران ٿو. اجا بہ ٽيبل ڪرسي تي ويھي پڙھڻ ۾ منھنجو متو ڪاڻ تہ پوءِ ٽيوشن في توجھڙي ڪان ضرور وٺان ۽ ماسا جو آڪٽوبر ڪانپوءِ (سندس نوڪري جي ڇھن مھينن جي Contract ختم ٿيڻ ڪان پوءِ) ائين روز پڙھڻ جو ارادو (بلڪ پروگرام) ھو پر ان لاءِ ڪيس اڳوات ٻڌايم تہ ڪو ٻيو

انگريزي پڙهائڻ وارو ٻوڙي جو منهنجي موڪل ان ڪان اڳ ختم ٿي ويندي ۽ آئون پاڪستان هليو ويندس.

انگريزي سکڻ جي شوقينن ۾ منهنجي اسٽوڊنٽس ۾ هڪ هئي مناڪو (Minako Takamoto). هڪ ذهين ڪوڪورا شهر جي سينٽرل لئبرري ۾ آيس تہ هيءَ اڳهين موجود هئي. عمر ۾ ويهن سالن جي ٿيندي پر پوءِ پاڻ ٻڌائين تہ هوءَ پنجويهن سالن جي آهي، جيڪا ڳُل جپانين جي باري ۾ اڪثر ٿئي ٿي جو هو پنهنجي عمر کان ننڍا لڳن ٿا. ڪلارڪ ڇوڪريءَ کي لئبرريءَ جا ڪتاب واپس ڪريان ان ڪان اڳ هن مناڪو لاءِ ٻڌايو تہ هوءَ 'جيٽرو' نالي هڪ بين الاقوامي شهرت جي ڪمپنيءَ ۾ ڪلارڪ آهي، جنهن جي آفيس بندرگاهہ جي سامهون ايم اسڪائر بلڊنگ جي اٺين فلور تي آهي.

”هاءِ ڪوني چِيوا.“ مون جپانيءَ ۾ هن کي ڪيڪاريو. جواب ۾ هن سٺي لهجي ۾ ”گڊ آفٽرنون“ چئي پنهنجو مسئلو ٻڌايو تہ هوءَ انگريزي سکڻ لاءِ ڪنهن انگريزي ڳالهائڻ واري جي ڳولا ۾ آهي پر ڪير بہ واندو نہ آهي.“

”پر تون تہ نيڪ انگريزي ڳالهائي رهي آهين.“ مون چيومانس.

”تڏهن بہ آئون پنهنجي انگريزي ’برش اپ‘ ڪرڻ چاهيان ٿي. جنهن جپاني فرم ۾ آئون ڪم ڪريان ٿي، اهي Expect ڪن ٿا تہ آئون اچا بہ بنا هٻڪ جي ڳالهايان. ان لاءِ آئون توهان سان ڪڏهن ڪڏهن ڪلاڪ بہ انگريزي ڳالهائڻ چاهيان ٿي.“

”صحيح آهي، پلي.“ مون وراڻيومانس،”هن وقت آئون هتي لئبرري ۾ هوندو آهيان. تون پنهنجي ساهيڙي لئبرري ڪلارڪ يوڪو (سڄو نالو Yuko Uchida) يا تائي (سڄو نالو Tae Kanesaki) وٽ هتي اچي سگهين ٿي.“

”پر هي منهنجو آفيس جو ٽائيم آهي. اڄ ائين ٿوري دير لاءِ ڪم سان آئي آهيان. آفيس ساڍي ڇهين ختم ٿئي ٿي. توهان مون سان سياٽي ستين بجي River walk(شهر مان لنگهندڙ نديءَ جو هڪ حصو جتي شام جي وقت ماڻهو واڪ لاءِ بئنچن تي ويهي شهر جو نظارو ڪرڻا اچن ٿا) تي ملي سگهندؤ؟“

”ڇڱو صحيح آهي.“ مون هائوڪار ڪئيمانس.

”پر ڏسو آئون مجبور آهيان، توهان کي پڙهائڻ لاءِ Pay نٿي ڪري سگهان. ان جي بدران توهان کي هر دفعي ڊنر ڪارائيندي س.“ هن چيو ۽ مون کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جي تون مون کي هرو ڀرو کارائڻ چاهين ٿي تہ ڊنر جو کٽراڳ ڪرڻ بدران بسڪيٽ يا

Patato Chips جو پئڪيٽ وٺي اچجانءِ. پر لڳي ٿو تہ هتي ماني (ڊنر) جو ايڏو پختو رواج آهي يا هوٽلنگ پنيان پئسو ضايع ڪرڻ، هنن جپانين لاءِ هڪ اهڙي عام ڳالهہ ٿي پئي آهي، جو هوءَ منهنجي بار بار Convince ڪرڻ جي بہ هر دفعي ڪلاڪ ڏيڍ ڪچهري ڪرڻ بعد ڊنر لاءِ نہ فقط ڪنهن ريسٽورنٽ ۾، پر هر دفعي نئين ۽ مٿين درجي جي هوٽل ۾ وٺي هلي ٿي ۽ ٿي هزار ين سندس مانيءَ تي ۽ منهنجي فقط سلاد، پت ۽ ڪارن سُوپ تي بہ بہ هزارين يعني ٻنهي جي مانيءَ تي اٽڪل ادائي هزار رپيا کن خرچ اچي ويس ٿي. مون کي تہ سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ هوءَ ڪهڙي حساب سان غريب هئي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ اسان جي سفير دوست ظفر شيخ جو فون آيو. ”يڪو وجي جپان ۾ ويهي رهيو آهين. سڄو ڏينهن ڇا ڪرين؟“ هن پڇيو.

”ننڊون ڪريان، ڪتاب پڙهان ۽ ڪنهن ڪنهن ڏينهن جپانين کي انگريزي پڙهايان.“ مون ٻڌايومانس.

”اهو ٽيوشن وارو ڪم سڀ ۾ بهترين آهي. جپاني ڏاڍا امير آهن.“ ظفر چيو ۽ مون کان ٺهڪ نڪري ويو.

”يار اسان کي تہ جپان ۾ بہ غريب ئي مليا آهن. سڀ مفت پيا پڙهن. ۽ پوءِ مون کيس خشونت سنگهہ جو چرچو (بلڪ سچي ڳالهہ

ٻڌائي ته جپان گهمڻ بعد جڏهن هو موٽيو ته دوستن چيس ته ايمانداريءَ ۾ جپان جهڙو ملڪ نه آهي. رستي تي پرس ڪِري پوي ته به ڪو ان کي هٿ نه لاهيندو. ان تي خشونت چيو”ڪهڙيون پيا ڳالهيون ڪريو.منهنجو ته جپان ۾ به کيسو ڪتجي ويو.“ ۽ پوءِ ساهه پٽي چيائين.”پر اهو آهي ته ڪنهن جپانيءَ چوري نه ڪئي. پنهنجي ئي انڊين. جنهن جي ٽئڪسيءَ ۾ چڙهيس. ان لهڻ مهل پرس ڪڍي ورتو.“ سو اسان کي به جپان ۾ غريب ئي مليا _ سوبه پيا نه خود جپاني.

منهنجي هيءَ شاگردياڻي مِناڪو جيڪو ڪلاڪ ڏيڍ مون سان انگريزيءَ ۾ Conversation ڪندي هئي، ان ۾ انگريزي ڳالهائڻ جي سندس ته پرئڪٽس ٿيندي هئي پر مون کي به جپاني سوسائٽي جي اندروني مسئلن، ويچارن، خوشين ۽ ماڻهنجي عجيب و غريب خوفن ۽ خواهشن جي خبر پئي ٿي. گهران تيار ٿي نڪرندي مونکي سستي ضرور ٿيندي هئي، پر پوءِ خبرن ۾ سنو وقت گذري ويندو هو. هڪ ڏينهن درياهه جي ڪناري تي رکيل بئنچ تي خبرون ڪندي کيس چيم: ”مناڪو! سامهون ويٺل جوان ڇوڪرن ڇوڪرين کي ويٺل ڏسي مون کي ٽوڪيو جي سُميدا ندي يا ڪوبي بندرگاهه جو ڪلاڪ (گهڙيال) ياد ٿو اچي، جتي رکيل بئنچن تي اج ڪان ٽيهه ٻٽيهه سال اڳ تو جهڙين جوان جپاني ڇوڪرين سان ويهي ڪچهري

ڪندو هوس. هنن ڪان جپاني سڪندو هوس ۽ پوءِ گڏجي جهاز تي پاڪستاني ماني کائيندا هئاسين.“

”جپاني ڇوڪريون ڏاڍيون فرينڊلي ٿين ٿيون.“ مناڪو چيو.

”بلڪل صحيح ٿي چوين.“ مون يڪدم قبول ڪيو.

”پو ءِ پيلا ڪنهن سان رومانس نہ ٿيو؟“ مناڪو کلندي چيو.

”هن ملڪ جون ڇوڪريون تہ ڏارئين سان ملڻ شرط ئي خوابن جي تاجي پيٽو شروع ڪريو ڏين. اسانجا جپاني مرد جيترو شوخ ۽ بور آهن اوترو ئي اسين ڇوڪريون رومانٽڪ آهيون.“

”پر افسوس جو مون سان جيڪي مليون اهي رومانس بدران ادب ۾ شعر و شاعريءَ جون شوقين نڪتيون. هو ٽوڪيو جي شمباشي ۽ اساڪوسا علائقي ۾ سيڪنڊ هئنڊ ڪتابن جا دڪان ڳوليندي وتنديون هيون ۽ مون کي پنهنجي سونهن جو متوالو بنائڻ بدران پاڻ وانگر جپاني لٽريچر ۽ ڪلچر جو عاشق بنائي ڇڏيائون. جپان ڇڏي ڏنم تہ بہ جپاني ناول ۽ شاعري (خاص ڪري هائيڪو ۽ تنڪا) ۽ مونو گاتاري پڙهندو رهان ٿو. هينئر بہ جپان ۾ پهچڻ سان پهرين هتي جي لئبرري ۾ آيس. تون پنهنجي ساهيڙي يوڪو (ڪلارڪ ڇوڪريءَ) کان پڇ تہ ڪائنس پهريون سوال اهو ئي ڪيم:

Nihon No Kotowaza Hon Wa Arimasenka.

(جپاني پهاڪن جو ڪتاب نہ هوندءِ؟)

مناڪو ڪلڻ لڳو: ”ان وقت جي ساهيڙين مان ڪنهن جي ڪا خبر آهي تہ اهي ڪٿي آهن ۽ ڇا آهن؟“ هن پڇيو.

”خبر ئي ناهي. هو بہ مون وانگر ڏاڏيون نانيون ٿي ويون هونديون ۽ پنهنجن يا مڙسن جي ڳوٺن ۾ رهنديون هونديون. ويهہ پنجويهہ سال جيڪو ڪو عرصو جپان ۾ نہ آيس ان ۾ هر هڪ سان Out of Contact ٿي ويس. انهن ڏينهن ۾ پنجن نمبرن وارا فون نمبر هوندا هئا. هاڻ سڀ بدلجي ستن ۽ اٺن نمبرن وارا ٿي ويا آهن. هڪ سان آمريڪا ۾ ملاقات ٿي هئي. سندس شادي تڏهنئي اوڪيناوا ۾ رهندڙ هڪ آمريڪن مرينر (فوجي سپاهي) سان ٿي هئي. ٽوڪيو جهڙي ماڊرن شهر ۾ رهندڙ هن نازڪ ڇوڪريءَ کي ڪئنساس رياست جي فارم هائوس ۾ ڪڪڙين ۽ ترڪين جا ولر پاليندو ۽ کير مکڻ جا حساب ڪندو ڏسي عجيب لڳو هوم. سندس وڏي ڌيءَ نيويارڪ پرسان اٿيڪا يونيورسٽيءَ ۾ گريجوئيشن ڪري رهي آهي.“

”ڪيئن هئي اها، آمريڪا ۾ واقعي خوش هئي؟“ مناڪو پڇيو ”دراصل منهنجي بہ اها خواهش آهي تہ آئون بہ جيڪر آمريڪا

"America is وچي رھان. اھا منھنجي ننڍي لاڪون تمنا آھي.. such a great country

"منھنجي خيال ۾ اھا خواھش تو جيان اڄ جي ٻين نوجوان جپاني ڇوڪرين جي بہ آھي." مون چيو.

"ھوندو ان ڪري آئون انگريزي بہ سکي رھي آھيان تہ جيئن منھنجي ڪمپني، مون کي ڪنھن ٽريننگ يا سنڌن برانچ آفيس لاءِ اوڏانھن موڪلي ۽ پوءِ شادي بہ اتي ڪنھن آمريڪن سان ٿي وڃي. يا ھتي بہ ڪيترائي آمريڪن رھن ٿا. جن پوڻيان ڏاڍو پاڻ پتوڙيان ٿي تہ ڪنھن سان شادي ٿي وڃي."

منھنجي جپان ۾ رھائش جي آخري ڏينھن ۾ ڊنر لاءِ ھن مون کي ھڪ وڏي ھوٽل جو نالو ٻڌائي چيو تہ جيڪڏھن مون کي خراب نہ لڳي تہ ھوءَ ھڪ دوست کي بہ اڄ جي ڊنر تي گھرائي.

"پلي پلي، مون کي ڪھڙو اعتراض." مون چيو ۽ پوءِ پاڻ موبائل فون تي ڪا دير ھن سان ڳالھائيندي رھي. اڌ ڪلاڪ بعد ھن وري فون ڪيو ۽ مون کي چيو تہ ھاڻ ھلو تہ "دائي اِچي" ھوٽل ھلون. رستي تي ھن سان ملاقات ٿي ويندي.

اسان ھائيوادوريءَ وٽان مٽرياسين تہ مارووا سپر پارڪيٽ وٽ ھڪ آمريڪن ھمراھہ مليو. مناڪو ان جو مون سان تعارف ڪرايو.

”منهنجي خيال ۾ پاڻ پهرين بہ مليا آهيون.“ مون هن کي چيو ۽ آئون ياد ڪرڻ لڳس.

”ها. توهان شايد رائيٽر بہ آهيو.“ هن چيو.

”بلڪل صحيح. پاڻ سٽي هال ۾ مليا هئاسين،“ مون کي ياد اچي ويو. ”مهينو کن اڳ آئون هن شهر جي ميئر مسٽر ڪوئيچي سوئيوشي سان ملڻ آيو هوس تہ توهان مون کي هيٺان رسيپشن تان وٺڻ آيا هئائو.“

ٿوري دير هلڻ بعد مون کي بهتر اهو لڳو تہ آئون هنن کي اڪيلو ملڻ ڏيان. منهنجو گڏ هجڻ سٺو نہ رهندو. آمريڪن اڳيان اڳيان هو. مناڪو ٽي چار قدم پٺيان پٺيان مون سان گڏ هلي رهي هئي، سو آهستي چيومانس تہ ائين نہ ٿي سگهندو تہ مون کي جيڪر Excuse ڪيو وڃي.

”نہ. ڇو ڀلا؟“

”توکي تہ هوندءِ بہ خبر آهي تہ آئونمذهبي خيال کان ڀڄڻ ڪيڏو Avoid ٿو ڪريان ۽ اڄ تہ توکي ڪمپني بہ آهي.“

ايتري ۾ هن آمريڪن بہ ٻڌو. ان سان بہ ساڳي ڳالهہ ڪيم. هو يڪدم راضي ٿي ويو. بلڪ لڳو ٿي تہ ان ۾ هو وڏيڪ خوش هو پر مناڪو ڏاڍو زور ڀريندي رهي تہ آئون بہ ساڻس گڏ هجان. بهرحال پوءِ

مس مس مون کي هنن خوشيءَ سان چڏيو. پر مناڪو جواهو هر هر مون کي زور ڀرڻ سمجھ ۾ نہ آيو. هئڻ تہ ائين ٿي کتو تہ هوءَ پنهنجي هم عمر بواءِ فرينڊ سان وڌيڪ خوش ٿئيها. پر پوءِ ڪجھ ڏينهنبعد هن ٻڌايو تہ هن آمريڪن سان دوستي بہ وڌائڻ چاهي ٿي پر ساڳي وقت Cautious بہ رهڻ چاهيو ٿي. منهنجي وچڻ ڪري هوءَ هن سان آزاديءَ سان ڳالهائڻ بدران ويتر گهبرائجي وئي تہ ڪٿي هن جا يڪدم بي جا Advances هِن لاءِ هاجيڪار نہ ٿي پون. منهنجي موجودگي هن لاءِ Check ۽ Balance ثابت ٿئي ها.

مٿين ڳالھ مون هتي جپان جي هڪ شهر ساسيبو ۾ رهندڙ ملئي ڪئپٽن سان جڏهن ڪئي تہ هن کلندي چيو تہ هتي جون ڇوڪريون آمريڪا لاءِ ڪيڏو Crazy آهن. هت رهندڙويهارو کن آمريڪن مان هرهڪ جي پويان پنجاھ کن جپاني ڇوڪريون ڇريون آهن. هو اهو بہ نٿيون ڏسن تہ هر آمريڪن پڙهيل ڳڙهيل ۽ اخلاق وارو نہ آهي. هنن لاءِ بس آمريڪن هجي پوءِ ڀلي ڪٽي هنن کي دل سان چاهيندو هجي يا نہ. پر هي جپاني ڇوڪريون آمريڪن پويان پاڻ تباھ ڪريو ڇڏين.

# ھڪ آرٽسٽ سان اوچتو ملاقات

ھڪ دفعي احسن کي بئنڊ ڪلاس لاءِ موڪل واري ڏينھن اسڪول وڃڻو پيو. ڪيس ڊرم وڄائڻ جي پرئڪٽس صبح جو ائين کان ڏھين تائين ٻه ڪلاڪ ڪرڻي ھئي. آئون ڪيس اسڪول وٺي ھليس ۽ چيومانس ته ٻن ڪلاڪن لاءِ واپس گھر وڃي وري موٽڻ بدران اتي پر ۾ ”چا چا چا ٽائون“ ۾ ٽوئرسٽن ۽ خريدارن جي ويھڻ لاءِ رکيل بئنچن تي وقت گذاري، توکي ڏھين بجي گھر وٺي ھلندس.

احسن ۽ ايمان وارن جو اسڪول گھر کان ڇھه ست اسٽاپ پري سُناتسو علائقي ۾ آھي، جتي وڃڻ لاءِ ڪڏھن ڊائريڪٽ بس ملي ٿي ته ڪڏھن ڪوڪورا ريلوي اسٽيشن تان ٻي بس وٺڻي پوي ٿي. اسڪول جي پرسان ڪلفٽن جھڙو ھڪ وڏو شاپنگ سينٽر آھي، جيڪو ”Cha Cha Cha Town“ سڏجي ٿو. (جپاني گھڻين شين جا نالا انگريزيءَ ۾ رکندي فخر محسوس ڪن ٿا). ھن ۾ چار پنج سپر مارڪيٽون، ٻارن جي کيڏڻ لاءِ پلي لئنڊ، مئڪڊونلڊ ۽ KFC جھڙا آمريڪن ۽ يورپي ’چين ريسٽورنٽون‘ ۽ سؤ ڪن عام دڪان آھن، جيڪي ٽن ماڙين تي پکڙيل آھن. مٿين ماڙ تي چار ڪن سئنيما ھال به آھن. جپاني ٽي وي ڏسڻ کان علاوه سئنيما ۾ فلم ڏسڻ جا به شوقين

آهن، جيتوڻيڪ دنيا ۾ سئنيما جي سڀ کان ڳري ٽڪيٽ جپان ۾ آهي. اربع ڏينهن ٻارن ۽ زالن لاءِ اڌ ٽڪيٽ هڪ هزار يين ٿيندي آهي، يعني پنهنجا پنج سؤ رپيا نه ته سڄو هفتو ٻه هزار يين (هڪ هزار رپيا) آهي. چا چا چا ٽائون جي انتظاميه طرفان عام پبلڪ جي ويهڻ لاءِ ڪيترين ئي بئنچون ۽ ڪرسيون رکيون ويون آهن، جيئن شاپنگ ڪري ٿڪجڻ بعد انهن تي ڪو ويهي آرام ڪري.

احسن کي اسڪول ۾ ڇڏي، وچ ۾ ايندڙ ’بارشي نالو‘، پُل تان ٽپي، پر ۾ نهيل ٻُڏن جي مندرن وٽان ٿي ’چا چا چا ٽائون‘ ۾ پهتس. اڳين قطار وارا سڀ دڪان بند هئا ۽ پوين جو به اهو حال هو. البت هڪ ٻن سپر مارڪيٽن ۾ ڪم ڪندڙ عورتون اچي رهيون هيون، جيڪي نئين آيل مال کي سيٽ ڪري رهيون هيون ۽ پوئين ڏينهن جي ڪجهه ڀاڄي، ميوي ۽ ڊبل روٽي ڪيڪن تي گهٽ قيمت جا Tag هڻي رهيون هيون، جيئن اهي شيون ٻئي ڏينهن تائين خراب ٿيڻ يا Date Expire ٿيڻ کان اڳ گهٽ قيمت تي ئي وڪامي وڃن نه ته ٻي صورت ۾ مفت ۾ اڇلڻيون پونديون، ڇو جو هتي هر کاڌي جي شيءِ تي Expiry Date لڳائي ويجي ٿي. ان بعد اها شيءِ ڀلي ڪٽي صحيح صورت ۾ هجي (ڪٽڪ جي نهيل شيءِ ته ضرور هلي سگهي ٿي) پر هتي جي قاعدي موجب اڇلڻي پوي ٿي. اها ٻي ڳالهه آهي ته جپاني اها

شيءِ اچلڻ بدران ڪنھن غريب غربي، فقير يا ڪنھن بي گھر ماڻھوءَ کي نہ ڏيندا_ جن جو تعداد ھن ملڪ ۾ بہ چڱو خاصو آھي. جپان امير ملڪ ھجڻ جي باوجود ھتي جو شاگرد طقبو يانئيديون نوڪريون (گھٽ پگھار واريون) ڪرڻ وارو نوجوان طبقو ڪاڌي پيتي جي شين ۾ سخت غريب ۽ اڌ پريل پيٽ تي رھي ٿو. ھي ڇا ڪن پلا! ڪاڌي پيتي جي ڪيڏي قلت آھي، ھتي جپان ۾! جيڪي ڪائڻ پيئڻ جون شيون وڪامن ٿيون، اھي ڪيڏو مھانگيون آھن! پنجن سلائسن واري ڊبل روٽي 170 ييين يعني 80 رپئي جي آھي. سادي ۾ سادي سئنڊوچ (بہ سلائيس جنھن جي وچ ۾ بيضي ذرو يا پنير ۽ سلاد ذرو ٿئي) ھڪ سؤ يين يعني 50 رپين ڪان گھٽ ناھي. ڪاڌي پيتي جي اھڙي مھانگائي تہ سئيڊن ۽ ناروي ۾ بہ نہ آھي.

ملائيشيا، سنگاپور توڙي آمريڪا ۽ يورپ جي ملڪن ۾ مئڪڊونالڊ ۽ ٻين ڪاڌن جي دڪانن ۾ جتي رات وارو بچيل ڪاڌو ٻئي ڏينھن ھلائڻو ناھي، اتي رات جو يارھين بجي (يا ھڪ) ڪانپوءِ اڌ قيمت يا اُن ڪان بہ گھٽ قيمت تي وڪيو ويندو آھي ۽ ڪيترا اسان جھڙا جھازي ۽ شاگرد يا فئڪٽرين ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪريون، جيڪي رات واري شفٽ جي ٻي ڊيوٽي رات جو يارھين ٻارھين ڪري، شھر جي چڪر لاءِ نڪرن ٿا، انھن جا مزا ٿيو وڃن. پر ھتي جپان ۾ رات وارو

بچيل مال (برگر، ڪيڪ، سئنڊوچون... وغيره) اڇلي ڇڏيندا پر ڪنهن کي نہ مفت ڏيندا ۽ نہ سستو وڪڻندا. هنن جو لاجڪ اهو آهي تہ مارڪيٽ جو اگهہ ڪري ٿو پوي ۽ پوءِ هر گراهڪ اها ڪوشش ڪندو تہ فل قيمت تي خريداري ڪرڻ بدران اڌ ڪان بہ گهٽ قيمت ۾ خريداريءَ جو انتظار ڪجي. ان مان دڪاندارن کي نقصان پوندو جيڪي سرڪار کي پوءِ گهٽ ٽئڪس ڏيندا. بي گهر ۽ فقيرن کي مفت ۾ ڏيڻ سان قوم پينو بڻجي ويندي.

رات جو ڏهين يارهين بجي توهان جپان جي ڪنهن بہ شهر جي وڏن شاپنگ سينٽرن مان لنگهندؤ. خاص ڪري ڊيڪيل مارڪيٽن مان تہ توهان کي ڪيترائي مرد (۽ ڪجهہ پوڙهيون عورتون پڻ) دڪانن مان ڦٽا ڪيل خالي ڪوڪا ڦاڙي انهن کي بند ٿيل دڪانن جي ٻاهران تڏي طور وڇائي، سمهڻ جي تيارين ۾ هوندا آهن. هي گهڻو ڪري بي گهر، غريب ۽ بي اولاد (جيڪو سندن پيريءَ ۾ مدد ڪري) ۽ ڪجهہ Drug Addicts هوندا. ڪنهن ٻڌايو تہ جپان جي ڪجهہ اتراهن علائقن (خاص ڪري هوڪئڊو پاسي) جا پڻ آهن، جيڪي اتان هينئين خوشحال ڏاکڻن علائقن ۾ ڪمائڻ لاءِ اچن ٿا ۽ پوءِ ڪجهہ جوا ۽ ڪجهہ شراب نوشِيءَ ۾، سڀ ڪمايل پئسو وڃائڻ بعد واپس موٽڻ جو نالو نٿا وٺن. هو پنهنجي بئگ ٿيلهو (ڪي تہ هنڌ بسترو بہ

فوٽ پاٿن تي رکي سڄو سال گذاريو ڇڏين. ڪيترا سگريٽ پيئڻ جا عادي موالي سڄو ڏينهن بس اسٽاپ تي بيٺا هوندا، جيئن ئي بس اچڻ تي مسافر اڌ ڇڪيل سگريٽ اڇلي بس ۾ چڙهندا ته هي اچي ڪٽندا ۽ پوءِ ڪنڊ پاسي ۾ ويهي مزي سان ڇڪيندا. هتي جي هڪ خوبصورت علائقي ”هاءِ وي دوري“ جي هڪ وڏي دڪان اڳيان هڪ جپاني فقيرياڻي پنهنجو هنڌ بسترو ۽ بئگون دٻا رکيو ويٺي آهي ته وڃڻ جو نالو نٿي وٺي. ٽن مهينن کان ته آئون کيس ڏسي رهيو آهيان. هتي جا فقير خبر ناهي ڪاڏي پيتي جو ڪيئن ٿا بندوبست ڪن. ماڻهن کي به مون کين ڏيندي ڪڏهن نه ڏٺو آهي.

منهنجي ڌيءَ جيجل (مريم) ٻڌايو ته هو جڏهن سائيجو (هيروشيما) ۾ رهندا هئا ته اتي هيٺ شاپنگ سينٽر اڳيان ٻه ٻي گهر پوڙها جپاني، دڪان بند ٿيڻ بعد فوٽ پاٿ تي دفتريون ۽ پنا وڇائي رات گذارڻ لاءِ اچي سمهندا هئا. ”هڪ ڏينهن مون پنهنجي پاڙي واري جپاني عورت کي چيو ته ڪنهن ڪنهن ڏينهن بچيل کاڌو هنن کي ڏيان“ ته هن مون کي سمجهائيندي چيو ته ”دل اسان جي به کين ڏيڻ تي چوي ٿي پر ائين ڪرڻ سان ڪجهه مهينن بعد هن جاءِ تي ٻن مان چار فقير نظر ايندا ۽ پوءِ ٻيا به وڌڻ شروع ٿي ويندا ۽ هو محنت مزوري ڪري ڪمائڻ بدران، آسانيءَ جي راهه اختيار ڪندا.“

مٿئين ڳالهہ مان جپانين جي سٺي يا سخت سوچ جي Ideaلڳائي سگھجي ٿي. ان سوچ (شايد! پڪ نہ اٿم.) هن قوم کي ايڏو محنتي بنائي ڇڏيو آهي. آئون جوان ڏينهن اخبارون ۽ پنا پينسل ڪٽي آيس تہ ”چا چا چا ٽائون“ جي ڪنهن بئنچ تي ويهي ٿو لکان ۽ ٻہ ڪلاڪ اتي ئي ٿو پاس ڪريان تہ اچي ڏسان تہ سڀني بئنچن تي ٻي گھر ۽ موالي ٽائيپ جپاني ڊگھا ٿيا ستا پيا آهن. انهن ۾ هڪ ٻہ موالي اهي ٻہ هئا جن کي آئون گذريل ٻن ٽن مهينن کان سنتاسو بس اسٽاپ تي ماٺهن جا اڇليل سگريٽ ميڙيندو ڏسندو اچان. آئون اهو ئي سوچيندو هوس تہ رات جو يارهين کان پوءِ جڏهن جپان ۾ بسون ۽ گاڏيون هلڻ بند ٿيو وڃن تہ پوءِ هي ڪٿي ٿا سمهن؟ ڇو جو بس اسٽاپ تي تہ فقط پلاسٽڪ جون ڪرسيون رکيل ٿين ٿيون, جن تي ڏينهن جا ڪجھہ ڪلاڪ تہ هو ويهي سگھن ٿا پر سمهي تہ نٿا سگھن. سو هاڻ خبر پيئي تہ هو سمهڻ لاءِ ڪيڏانهن پري نٿا وڃن, پر اتي ئي چا چا چا ٽائون جي بئنچن تي ليٽيو پون ٿا.

آئون هرهڪ بئنچ کي پريل ڏسي مٿي فلور تي پهتس تہ سئنيما هال جي وڏي لائونج جي هوٽلن اڳيان رکيل ويهارو ٽيبل ڪرسين مان هڪ ٽيبل تي ٻہ جپاني اخبار پڙهي رهيا هئا ۽ ٿورو پري هڪ ويهہ پنجويهہ سالن جو نوجوان جوڙو, ڪٽان ورتل پٽٽئو چپس ٻہ

ڪائي رهيو هو ته ڪيڏانهن وڃڻ لاءِ واچ ۾ وقت به ڏسي رهيا هئا. هو مڪاني جپاني ياڪورين نٿي لڳا پر ڏور اوڀر يا ڏکڻ ايشيا پاسي جا هئا.

“Are You Japanese?”مون پڪ ڪرڻ لاءِ هنن وٽان لنگهندي پڇيو.

“No. Indonesian”هنن وراڻيو.

مون به منٽ کن ساڻن ملئي زبان ۾ خوش خير عافيت ڪئي. هو اوساڪا کان آيا هئا ۽ پنهنجن ٻين ساٿين جو هتي انتظار ڪري رهيا هئا، جن کي فڪوئوڪا شهر کان اچڻو هو ۽ پوءِ گڏجي هيروشيما جي يونيورسٽيءَ وڃڻو هو، جتي جا هو شاگرد آهن.

هوٽلون بند هيون. ڏهين ڪانپوءِ کلنديون سو جيسين کلن آئون به هتي ويهي وقت پاس ڪري سگهان ٿو. هونءَ به ٻاهر سخت بارش هلي رهي هئي ۽ آئون شيشي جي پٽ وٽ ڪنڊ واري ٽيبل تي پنا پينون ۽ گذريل ڏينهن جي ”جپاني ٽائيمس“ اخبار رکي ويٺس. ٿوري دير شيشي مان جبلن جو نظارو ڪيم _ جيڪي هر هنڌ ڪامن آهن. جپان ۾ جيڏانهن ڪر نگاهه تيڏانهن جبل سامهون_ جپان جي سر زمين 85 سيڪڙو جبل آهي. جبل_ جبلن تي دل ليپائيندڙ ساوڪ.... ڇهچ ساوا وڻ ۽ گاهه ۽ ان جي Combination ۾ وڏ ڦڙو

مينهن اسان صحرائن جي ’بارش سِڪايلن‘ لاءِ جڻ عيد ٿيو وڃي. هڪ دفعو وري اخبار ڇڏي شيشي جي صاف پٽ پويان پري پري تائين نظارو ڪرڻ لڳس. دڪان، گهر، گهرن اڳيان هلندڙ چلندڙ ماڻهو، روڊ، رستا، گهٽيون ۽ انهن مان رکي رکي لنگهندڙ لاريون، ڪاريون، ساون وڻن جون لمندڙ ٽاريون ڄڻ ڪنهن ڪاريگر ڪنهن ميلاپ جي سين لاءِ ڊرامہ اسٽيج ٺاهي هجي ۽ اهڙي خوبصورت Set up ۾ رکي رکي اسلام آباد جهڙي وڏي ڪاري ڪانگ جي بي سري ڪان ڪان بہ دل کي وڻي رهي هئي ۽ هر شيءِ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سيٽ لڳي رهي هئي.

مون نظاري پويان گهڻو وقت وڃائڻ بدران جلدي جلدي اخبار کولي پڙهڻ شروع ڪئي. اخبار پوري ڪرڻ ۽ سنڌي اخبار لاءِ گهٽ ۾ گهٽ بہ ڪن ڪالم لکڻ جو پڪو ارادو ڪري آيو هوس ۽ هڙي ٿڌڪار ۽ ٽيبل ڪرسي تي هڙي سڪون ۾ ايترو ڪم آرام سان ٿي سگهيو ٿي. اخبار جو اجا پهريون صفحو ڪو مس پڙهيو هوندم تہ منهنجي پر واري ٽيبل تي هڪ منهنجي عمر جو سٺ سالن کن جو جپاني اچي ويٺو. جپاني دنيا ۾ صاف سٿرا ڇپيا وڃن ٿا پر هي عجيب ميرن ڪپڙن ۾ هو. سندس ڏاڙهي وڌيل ۽ وارن ۾ گر هجڻ ڪري لڳو ٿي تہ شايد ڪو موالي ٽائپ هجي نہ تہ جپاني ۽ روز هڪ دفعو نہ

وهنجي. هن جي هٿن ۾ آفيس فائل هوان کي ٽيبل تي رکي ٽيلهي مان پٽ جي "اونيگري" (سئنڊوچ) ڪڍي ڪائڻ لڳو ۽ ڪا دير مون کي ڏسندو رهيو. مون کي ڏاڍو تجسس ٿيو. آخر جپانيءَ ۾ پڇيومانس تہ تون هتي (هن شهر) جو آهين؟

(Anantwa Kokono Machi No Hito Desuka)

تہ هن نہ پهہ صاف انگريزيءَ ۾ وراڻيو: I am from Fukuoka

هن ٻڌايو تہ هو هتي ڪنهن ڪم سان آيو آهي پر جيئن تہ اها آفيس ڏهين ڪان پوءِ کلندي، ان ڪري هتي انتظار لاءِ اچي ويٺو آهي. يعني هو بہ اسان وانگر هتي وقت پاس ڪرڻ آيو آهي. هونءَ تہ جپاني ڪلچر مطابق ٻئي جي ذاتي ڳالهين ۾ پوڻ نہ کپي پلي ڪٿي هو ٽيبل تي پولي پيو نچائي تہ بہ نہ پڇجي تہ اهو تون ڇا پيو ڪرين يا اها پولي ڪٿان آندي اٿئي. پر اسان ڪٿي ٽيهہ سال ولايتن ۾ رهون ۽ پنهنجو پاڻ کي سڌاريون، تڏهن بہ ڪڏهن ڪڏهن تہ اصليت تي هليا ايندا سين. سو نيٺ پڇيومانس تہ اهو فائل (جنهن ۾ A_3 سائيز جا پنا پيل هئا) ڇا جو اٿئي؟ (ڪيڏي غلط ڳالهہ ڇٽبي) ڇا جو بہ فائيل هجي، ڇو پڇجي. پر چڱو جو پڇي ويٺس نہ تہ ڪيئن خبر پوي ها تہ هو هڪ عام ماڻهو نہ پر جپان جو وڏو آرٽسٽ تسوروتا (Tsurruta

(Mamoruهو. ۽ ان فائيل ۾ هن جون تازيون پيٽنگز هيون. مون کي ڏيکارڻ تي آئون هڪ هڪ ڪري اهي تصويرون ڏسڻ لڳس. ڪا گو شيما جي ٻرندڙ جبل جي، شمونو سيڪي بندرگاهہ جي، موجي وٽ ڪيوشو ۽ هونشو ٻيٽ کي ملائڻ واري پل جي، ڪوڪورا جي محل (Castle)جي... وغيره وغيره. آئون پنهنجي ڪم کي ڇڏي هن سان ڳالهين ۾ لڳي ويس. ڪيس ٻڌايم تہ لکڻ منهنجي هابي آهي۽ پنهنجي اوچتي ملاقات جو آئون پنهنجي سفرنامي ۾ ضرور ذڪر ڪندس.

پنهنجين انهن هٿ جي پينٽنگز Paintings کان علاوه هن هڪ فوٽن جو آلبم پڻ ڏيکاريو جنهن ۾ هن جي تصويرن جي نمائشن جا فوٽو هئا جيڪي هن پئرس ۾ بہ ڪيون آهن. ڪجهہ تصويرون جپان جي اهم سياستدانن ۽ ٻين وڏين شخصيتن جون هيون، جن کي هو پنهنجيون تصويرون ڏئي هٿ ملائي رهيو هو يا پنهنجي ڪنهن تصوير تي مليل ايوارڊ وٺي رهيو هو.

موڪلائڻ مهل مون کي پنهنجو هڪ پيٽنگ جي اصل سائيز جيڏي رنگين فوٽو ڪاپي ڏنائين. مون کيس پنهنجو ڪارڊ ڏنو ۽ هن ايڊريس لکي تہ مون فون نمبر لکڻ لاءِ پڻ چيومانس.

ڪيسي مان بہ موبائل فون ڪڍي چيائين:"هنن ٻنهي جا نمبر ٿو لکان. هڪ عام موبائل فون آهي ۽ ٻيو ريڊيو سيٽلائيٽ وارو آهي."

نمبر لکڻ وقت آئون هن ڏي غور سان ڏسي سوچيندو رهيس تہ چڱو جو مون هن سان زوريءَ ڳالهايو. بس هاڻي رڳو هڪ فوٽو گڏ ٿي وڃي. مون هيڏانهن هوڏانهن جهاتيون هنيون تہ ڪو جوان نظر اچي تہ ان کي فوٽو لاءِ چوان پر پر سپ اڏروٽ پئي هليا جن کي فوٽو ڪڍڻ لاءِ چوڻ معنيٰ پهرين عينڪ چاڙهين ۽ پوءِ منهنجي ڪئميرا جا بٽڻ سمجهن. آخر ٻيو ڪو چاڙهو نہ ڏسي ان وقت اسان وٽان لنگهندڙ هڪ پوڙهيءَ کي اسان جو فوٽو ڪڍڻ لاءِ عرض ڪيو. آرٽسٽ تسوروتا ۽ آئون ڪرسيون ريڙهي ويجها ٿي ويٺاسين ۽ سندس پينٽنگز مان هڪ پنهنجي اڳيان جهلي ويٺاسين.

تصوير ڪڍڻ بعد ڪئميرا موٽائڻ وقت هوءَ پڇڻ لڳي تہ ڪنهنجي پينٽنگ آهي؟

”تسوروتا مامورو جي! جنهن سان هي تصوير ويٺو ڪڍايان.“ جواب ڏنو مانس.

”او مامورو سان!“ هن زور سان چيو ۽ اوسي پاسي کان لنگهندڙ ٻيا همراهہ بہ بيهي رهيا ۽ هن آرٽسٽ سان هٿ ملائڻ لڳا. ان بعد ٻيا ۽ ٻيا اچي مليا. هڪ جپاني جوڙو_ جيڪو خريداريءَ لاءِ هتي آيو هو انهن اسان ٻنهي کي هيٺ هوٽل ۾ ڪافي پيئڻ لاءِ چيو. آرٽسٽ تسوروتا هنن جي آفر قبول ڪئي. مون واچ ۾ ٽائيم ڏٺو. ڏهن ۾ ڪي

پنج منٽ بچيا هئا. احسن کي اسڪول مان موڪل ٽيڙ واري هئي. مون معذرت ڪري موڪلايو ۽ ساڳيون واپسيءَ جون وڪون کڻي اسڪول پهتس.

# جپاني اخبارون، ٽي وي ۽ منگا

جپان ۾ ڪتابن وانگر اخبارون ۽ رسالا بہ ڏاڍا مهانگا ملن ٿا. 20 صفحن جي انگريزي اخبارJapan Times، جيڪا اسان جي بلڊنگ ۾ هيٺين ماڙ تي رهندڙ انگلش ٽيچر ڪان وٺي پڙهندو آهيان، ان جي قيمت 160 ييين يعني 80 رپيا آهي ۽ اهوئي حال ٻين اخبارن جو آهي، پر هتي جا ماڻهو اخبار ڏاڍي ٿا پڙهن. سڄي ملڪ ۾ 180 کن اخبارون ڇپڻ جون ڪمپنيون آهن ۽ هر ڪمپني مختلف ڊيلي، شام جي ۽ هفتيوار اخبار ڇپي، جيئن پاڻ وٽ عبرت، ڪاوش يا جنگ پبليڪيشن وارا مختلف اخبارون ڇپين ٿا. ويجهڙائيءَ ۾ ٿيل هڪ سروي مطابق جپان ۾ روزانو 60 ملين اخبارون وڪامن ٿيون.

جپان جي سڀ کان گهڻي مشهور اخبار Yomiuri Shimbun آهي، جنهن جي سرڪيوليشن نہ فقط جپان ۾ پر سڄي دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي آهي ۽ تقريباً ڏهہ ملين_ يعني هڪ ڪروڙ ڪاپيون ڏهاڙي وڪامن ٿيون. اها ئي اخباري ڪمپني انگريزيءَ ۾ Daily Yomiuri نالي اخبار ڪڍي ٿي پر جپان مان نڪرندڙ انگريزي اخبار ۾ جپان ٽائيمس وڌيڪ مشهور آهي.

انهن کان علاوه انگريزي اخبارن ۾ Mainchi Daily ۽ Asahi Evening News بہ چڱيون مشهور آهن. ٻاهر جي ملڪن جي رسالن ۾ نيوز ويڪ ۽ ٽائيم رسالا جتي ڪٿي نظر اچن ٿا ۽ منهنجي خيال ۾ انهن جي قيمت پڻ سڄي دنيا کان وڌيڪ هتي جپان ۾ آهي ۽ دڪانن تي انهن جو في پرچو ست سؤ ين ۾ ملي ٿو. سي ٿيا پنهنجا ساڍا ٽي سؤ رپيا جو اڄ ڪلھ جپاني هڪ سؤYen پاڪستاني پنجاھ رپين برابر آهن.

جپان ۾ انگريزي اخبارن وانگر ڪجھ انگريزي رسالا بہ ڇپجن ٿا، جن مان Tokyo Journal گهڻن ماڻهن جي هٿن ۾ نظر اچي ٿو. يعني جپان ۾ رهندڙ ڌارين ملڪن جي ماڻهن جي هٿن ۾. جپاني ماڻهو’ٽائيم‘ يا ’نيوز ويڪ‘ جهڙو رسالو ڇو خريد ڪن جڏهن هنن وٽ اهي سڀ رسالا ۽ ويندي ريڊرس ڊائجسٽ جهڙا سندن زبان (جپانيءَ) ۾ ڇپجن ٿا. ائين اوساڪا ۽ ڪوبي پاسي هتي جو انگريزي رسالو Kansai Times Out ۽ نگويا پاسي Eyes رسالو پڻ چڱو هلي ٿو.

جپان ۾ هلندڙ ٽي وي اسٽيشن (Networks) ۾ اين. ايچ. ڪي. (Nihon Hoso Kyokai) يعني جپان براڊ ڪاسٽنگ ايسوسيئيشن سڀ ۾ وڏي آهي. NHK جي بجيٽ ملڪ جي

اسيمبلي Dietمنظور ڪري ٿي پر مڪمل طرح خودمختيار آهي. يعني سرڪار جي واه واهه ڪرڻ لاءِ نه هلائي وئي آهي. NHK جا ڪل چار چئنل آهن. ٻه سيٽلائيٽ وارا ۽ ٻه Terrestrial جيڪي ملڪ جي ٿيهه ملين ٽي وين ذريعي ڏٺا وڃن ٿا ۽ جن جي يعني فقط NHK جا جي انهن چئن چئنلن ڏسڻ جي ماهوار في 1320 ييين آهي. يعني ساڍا ڇهه سؤ رپيا ڪن.

پرائيويٽ چئنل ۾ NTV(نپان ٽيليويزن نيٽ ورڪ) سڀ ۾ گهٽو هلي ٿو ۽ NTV جو سڀ کان وڏو شيئر هولڊر يومي اوري شمين نيوز پيپلز گروپ آهي. ان کان علاوه ٻيا ٻه ڪيترائي اخباري گروپ ٽي وي چئنل هلائڻ ۾ حصيدار آهن. هن چئنل تان مختلف پروگرام اچن ٿا. ان کان علاوه ڊرامن جي لحاظ کان TBSچئنل مشهور آهيءِ خبرن کان T.V.Asahi آهي جيڪو لڳي ٿو ته Asahiاخبارن وارن جو آهي. ان کان علاوه Fuji TV پڻ مختلف Entertainment ڏئي ٿي. جپان ۾ هڪ ٻيو جپاني سيٽلائيٽ چئنل Wowow مشهور آهي جيڪو سال ۾ 500 کن فارين جون فلمون پڻ ڏئي ٿو. هن چئنل جي ماهوار في 2030 ييين آهي.

نيشنل جاگرافڪ، ائنيمل پلينيٽ، ڊسڪوري، لالا جهڙا ڪيترائي ڏارين ملڪن جا چئنل ڪئبل ذريعي ملن ٿا. جن مان هر هڪ جي ٻڪ ٽڪن جي ماهوار في آهي.

## منگا_(Manga)جپاني ڪامڪ (Comic)

جپان ۾ ڪامڪن جا ڪتاب ۽ رسالا ڏاڍو هلن ٿا. بلڪ ڪي ڪي ڪامڪن جا رسالا ته اهڙا ٿلها ٿا نڪرن جهڙا آلجبرا ۽ فزڪس جا ڪتاب، بلڪ ٽيلفون ڊئريڪٽري سمجهو. ڪامڪ نه فقط ٻار پڙهن ٿا پر وڏا پڻ.

هڪ يورپي همراهه هڪ ڏينهن هتي جي هڪ مشهور بوڪ اسٽال Quest ۾ ڪتابن جي Veriety جو جائزو وٺندي چيو:

مون کي اها ڄاڻ هئي ته جپاني ٻارن جي حسابن جي قابليت جو مقابلو دنيا جي ڪنهن ملڪ جو ٻار ڪري نٿو سگهي، پر مون کي اها هتي اچي خبر پيئي آهي ته جپاني ٻار توڙي وڏا جيترو ڪامڪس جا ڪتاب پڙهن ٿا يا انهن جي جپان ۾ جيتري کپت آهي، اوتري دنيا ۾ ڪٿي به نه آهي.“

جپاني لفظ Manga دراصل هر قسم جي ڪارٽونن لاءِ آهي. چاهي ڪامڪ بوڪ هجن يا اخبار رسالن ۾ ڪارٽونن جون پٽيون،

جيئن ڪنهن زماني ۾ جنگ اخبار جي مشهور ڪامڪ پٽي (Strip) ”تارزن ڪي واپسي“ هوندو هو.

جپان ۾ ڪتابن جي دڪانن ۾ گهڙبو ته سڀ کان گهٽي جاءِ هنن منگا جي والاريل هوندي. مزي جي ڳالهه اها ته هنن ڪامڪ ڪتابن (Manga) جا ٽائيٽل هميشه انگريزي ۾ ٿين.

جپان ۾ هي منگا (ڪارٽون) ٺاهڻ وارا هزارين آهن ۽ جيئن ته هنن رسالن/ ڪتابن (Manga) جو وڏو وڪرو آهي ان ڪري هي آرٽسٽ توڙي لکڻ ۽ ڇاپڻ وارا تمام گهڻو ڪمائين ٿا ۽ سندن شان شوڪت فلمي اداڪارن جهڙو آهي. جپان ۾ منگا جو وڏو بزنيس هجڻ جو اندازو فقط ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته منگا جي هڪ هفتيوار رسالي ”شونين جمپ“ (Shonen Jump) جون هر هفتي پنج ملين_ يعني اڌ ڪروڙ ڪاپيون ڇپجن ٿيون.

جپان هونءَ شريف ملڪ سمجهيو وڃي ٿو پر انهن ڪامڪن جا صفحا اٿلائيندي اسان ايشيائي ماڻهو ته ڇا پر يورپي به ڇرڪيو وڃن. جو انهن ۾ ڪي ڪي مار ڌاڙ جا ۽ ويندي اگهاڙا پوز ڏنا وڃن ٿا جو سئيڊن جا ماڻهو به تعجب کائين. هونءَ جپاني سينسر ٻاهر جي ملڪن جي رسالن تي ايڏو سخت آهي جو عورت جي اوگهڙ جا ٻيا حصا ته ڇا پر لڪيل جاين جي وارن (Pubic hair) تي به سخت

اعتراض ڪري ٿو پر منگا ۾ ڏنل اوگهڙ تي هتي جو سينسر بورڊ اکيون ٻوٽيو ڇڏي. ڪن ڪن Manga(ڪامڪن) ۾ خاص ڪري عورتن جي لاءِ ڇپيلن ۾، جنسي تعلقات (Sexual Activity)پڻ عام ڏيکاري وڃي ٿي. ساڳي وقت ڪي ڪي منگا شاگردن جي تعليم ۽ پڙهائڻ لاءِ پڻ ڇپجن ٿا ۽ ٻار پڙهي هوشيار پڻ ٿين ٿا. اهي فزڪس ۽ ڪيمسٽري جون شيون جيڪي هونءَ هڪ ٻار کي سمجهڻ ۾ ڏکيون لڳن، سي هنن Manga ذريعي سولي طرح سمجهيو وڃي ۽ ان لاءِ Benkuyo Manga (پڙهائيءَ جا ڪامڪ) ۽ Jitusma Manga (پريڪٽيڪل ڪامڪ) مشهور آهن جيڪي هاءِ اسڪول جي سبجيڪٽن کان وٺي انٽرنيشنل فائننس ۽ ڪامرس جهڙن عنوانن لاءِ فائديمند آهن.

ٻارن لاءِ اڄڪلهه سڀ کان گهڻو پسنديده منگا ”دورائيمن“ جو آهي. دورائيمن هڪ روبوٽ ٻلي آهي، جنهن جا پهرين 1970ع ۾ ڪتابي صورت ۾ ڪارٽُون شروع ٿيا. ان جي مختلف ڊزن کن ڪتابن جون اڄ تائين ڪروڙ کن ڪاپيون وڪرو ٿي چڪيون آهن. هاڻ هو هن ٻلي (ڊورائمن) جي پاپولر ٽي وي سيريز پڻ آهي، جنهن کي پڻ ٻار وڏي شوق سان ڏسن ٿا. هن ڪردار جا ڪيترائي رانديڪا، اسٽيشنري جو سامان، گنجيون، ٽي شرٽون جپان ۾ وڪامن ٿيون.

منگا تي ٺهيل ڪجھ جپاني ٽي وي سيريل آمريڪا ۾ بہ مشهور آهن جيئن تہ Astro_Boy(جنهن کي هتي جپان ۾ Testsuan سڏين ٿا) ۽ هن جو آرٽسٽ تيزوڪا اوسامو جي شهرت هالي ووڊ جي ٽاپ آرٽسٽن کان بہ وڌيڪ آهي.

# مئبم نتسوميءَ جي مهماني

جپان حڪومت جڏهن ٻاهرين ملڪن جي شاگردن کي اسڪالر تي جپان جي يونيورسٽين ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ گهرائي ٿي تہ هنن کي خرچ پکي ۽ تعليمي سهوليتن سان گڏ هڪ Host Family(ميزبان فئملي) سان بہ تعارف ڪرائي ٿي، جيڪا هنن کي گهرو مسئلن ۾ رهنمائي ۽ مدد ڪري سگهي. مثال طور، رهائش لاءِ مسواڙي گهر ڳولي ڏيڻ، ٻارن لاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺرائي ڏيڻ يا ڪو ٻيو مسئلو هجي، جيئن تہ اسان جا ٻار اسڪول ۾ عام ملندڙ لنچ نٿا کائي سگهن جو انهن ۾ پورڪ (سوئر جو گوشت) ٿئي ٿو تہ انهن لاءِ خاص مانيءَ جو بندوبست ڪرائڻ يا شروع جي ڏينهن ۾ جپاني نہ اچڻ ڪري مترجم (Translator) جا فرض ادا ڪرڻ، وغيره.

هوسٽ فئمليون گهڻو ڪري تمام امير ٿين ٿيون ۽ هنن لاءِ انگريزي اچڻ بہ ضروري آهي جيئن ٻاهرئين ملڪ کان آيل مهمانن جي ڳالهہ سمجهي سگهن. پئسي واريون هجڻ ڪري هو دنيا جي ڪيترن غمن ۽ فڪرن کان آزاد آهن ۽ واندڪائي هجڻ ڪري هو پنهنجو پاڻ کي ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ مشغول رکن ٿيون. هوسٽ فئمليءَ جا زال مڙس گهڻو ڪري وڏي عمر جا ٿين. سندن اولاد شاديون ڪري يا

نوڪري خاطر ٻئي شهر ۾ رهي ٿو ۽ هي اڪيلا هجڻ ڪري ڪنهن ڊارئين جي مدد ڪرڻ ۽ انهن جي خبر چار لهڻ ۾ خوشي محسوس ڪن ٿا. ڪي ننڍي عمر جا چاليهه پنجاهه سالن جا به ٿين ، جن کي اولاد نه هجڻ ڪري يا هڪ ٻار هجڻ ڪري (جيڪو ٻئي شهر جي هاسٽل ۾ رهڻ ڪري) هو اڪيلائي محسوس ڪن ۽ پوءِ هنن مشغول ملڪن ۾ ڪنهن کي وقت آهي جو اچي هنن سان ڳالهائي. اهڙي صورت ۾ جپان ۾ پڙهائيءَ لاءِ ايندڙ ڌارين ملڪن جي شاگردن ۽ انهن جي فئملين لاءِ هن قسم جون ميزبان (Host) جپاني فئمليون وڏي مدد آهن ۽ ساڳي وقت اهي شاگرد ۽ انهن جا ٻار هنن جپاني هوسٽ فئملين لاءِ وندر آهن.

اسان جو پاڙيچو مشتاق ميمڻ به جڏهن هيروشيما يونيورسٽيءَ ۾ پي ايڇ ڊي لاءِ جپان اچي رهيو هو ته هن کي يونيورسٽيءَ طرفان ٻڌايو ويو ته هيروشيما ۾ چار سال رهڻ دوران سندن هوسٽ مدر (ميزبان ماءُ) توميڪو هارا هوندي. جپان پهچڻ تي ۽ هيروشيما ۾ چار سال رهڻ دوران ته هيءَ عورت سندس مدد ڪندي رهي پر هاڻ هيروشيما ڇڏي فڪوئوڪا ضلعي (Prefecture) جي شهر ڳوڳورا ۾ رهڻ تي به اها هوسٽ مدر ڪڏهن ڪڏهن هيروشيما کان هنن سان ملڻ لاءِ هليو اچي ۽ فون ته سدائين ڪندي رهي ٿي هي به

هيروشيما هن جي گهر ائين وجي رهن جڻ پنهنجو گهر هجين. بقول مشتاق جي تہ جي هيءَ هوسٽ مدر توميڪو هارا _(Tomiko)نہ هجي ها تہ هن لاءِ پي ايچ ڊي ڪرڻ مشڪل ٿي پوي ها ۽ هو ٻارن سان گڏ جپان ۾ رهي نہ سگهي ها.

مشتاق جڏهن جپان آيو هو تہ سندس ٻار تمام ننڍا هئا. وڏو پٽ احسن اڍائي سالن جو مس هو ۽ ڌيءَ ايمان سال کن جي هئي. ٻارن جي ماءُ مريم (جيجل) شاديءَ کان اڳ اسان سان گڏ جپان ۾ ڪافي وقت گذاريو هو ۽ هوءَ هتي جي ڪلچر ۽ زبان کان ڪجهہ ڪجهہ واقف ضرور هئي، پر ايترو نہ هئيءَ ويتر پاڪستان اچي انگريزي پڙهڻ ۽ شاديءَ بعد انگلينڊ ۾ رهڻ ڪري هن لاءِ توڙي هن جي مڙس مشتاق لاءِ انگريزي ڳالهائڻ وارن ملڪن ۾ رهڻ وڌيڪ آسان هو. سو اهڙي صورت ۾ هيروشيما جي هيءَ هوسٽ فئملي هنن لاءِ وڏي Blessing ثابت ٿي، جنهن سان گڏ ننڍا ٻار احسن ۽ ايمان رهي جلد ئي جپاني ڳالهائڻ سکي ويا ۽ پوءِ جپاني اسڪول ۾ داخلا ۽ پڙهائيءَ ۾ بہ ڪين تڪليف نہ ٿي، نہ تہ هِن پاسي انگريزي اسڪول بنهہ نہ هجڻ ڪري ٻارن جي تعليم جو وڏو مسئلو رهي ٿو. جيسين جيجل جپاني زبان ۾ پڙ ٿئي تيسين ٻارن کي هوم ورڪ ڪرائڻ، گهمائڻ ڦيرائڻ، هن

هوسٽ مدر جي ذمي رهيو ۽ مشتاق پنهنجي پڙهائيءَ کي منهن ڏيندو رهيو.

تعليم بعد نوڪري لاءِ جڏهن مشتاق وارا هن شهر ڪوڪورا ۾ آيا تہ هتي جيڪي مڪاني جپاني فئمليون هنن جون واقف ٿيون انهن ۾ هڪ پنجاهہ پنجونجاهہ سالن جي عورت نتسومي نالي پڻ سندن سڄاڻي ٿي وئي، جيڪا در اصل هتي رهندڙ ٻن پاڪستاني شاگردن جي هوسٽ مدر ٿي رهي هئي. اهي شاگرد جنهن سال تعليم مڪمل ڪري آسٽريليا ۽ USA هليا ويا هئا، ان ئي سال مشتاق وارن جي هتي اچڻ سان نتسومي هنن جي دوست گهٽ پر هوسٽ مدر وڌيڪ ٿي پئي ۽ تمام گهڻو قربائتي ۽ صابرين هجڻ ڪري، احسن ۽ ايمان جن کي بہ هن سان ايڏي تہ Attachment ٿي پئي آهي جو هن سان گڏ گهمڻ يا هن جي گهر وڃي رهڻ ۾ وڌيڪ خوش ٿين ٿا جو هوءَ هنن جو هر انگل عارو ڪڍي ٿي. سندس گهر هتان وچ شهر Central) (Kokura کان ست اٺ ميل پري ٻهراڙيءَ پاسي آهي ۽ هن پاسي جي ٻهراڙي (Country side) ڏسڻ وٽان ٿئي ٿي. ڪارنر پلاٽ تي سندس وڏو گهر آهي جنهن جي هڪ ڪنڊ تي گهر جو دروازو آهي تہ ٻي ڪنڊ جيڪا مين روڊ تي آهي دڪان آهي. وچ ۾ ڪچن آهي. يعني دڪان ۾ ويهڻ بدران هوءَ ڪچن ۾ ويهي رڌ پچاءُ ڪندي آهي يا

اتي رکيل ٽي وي ڏسي. دڪان ۾ گراهڪ جي گهڙڻ سان ٽيپ رڪارڊر ذريعي آٽوميٽيڪل ”اراسائي ماسي“ (ڀلي ڪري آئين) وڄڻ جي آواز تي هوءَ ڪچن مان اٿي آيل گراهڪ کي منهن ڏئي. هوءَ گهٽو ٽٽو دڪان تي سندس مڙس تڪايوشي (Takayoshi) ۽ اسي سالن جو سهرو Tuneji (ٽونيجي) ويهن ۽ پاڻ سڄو ڏينهن متسويشي گاڏي ڪٽي چڪر هڻي. دڪان ڪمائيءَ کان وڌيڪ سندن وندر جو ذريعو آهي، جتي ان علائقي جا مڪاني ماڻهو ۽ هاءِ وي تان لنگهندڙ مسافر سگريٽ، ڊرنڪ يا ڪا سوڪڙي پاڪڙي وٺڻ لاءِ اچن ۽ جن سان ڪچهري مچي پئي هوندي آهي.

نتسومي (Natsumi)وارن کي هن دڪان کان علاوه ٻيون جايون جڳهيون مسواڙ تي آهن. کين يوجي (Yuji)نالي هڪڙو پٽ سورهن سالن جو آهي جيڪو سندن گهر کان چاليهه ميل کن پري ياهاتا (Yahata)شهر جي هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ آهي، جتي ملڪ جي اميرن، نوابن جا ٻار خاص خيال هيٺ پڙهن ٿا. جيئن پاڻ وٽ ڪنهن زماني ۾ لاهور جي ايچيسن اسڪول جو نمونو هو.

اسان جي پاڪستان کان اچڻ تي هڪ ڏينهن نتسومي اسان سان ملڻ آئي. هوءَ پاڻ سان ڪجهه تحفا به کڻي آئي. اسان کي پنهنجي گهر هلڻ جي دعوت ڏنائين ۽ ان بعد هڪ به دفعو فون تي به

چوندي رهي پر آئون Avoid ڪندو رهيس، جو ٻئي جي گهر ۾ رهڻ سان ماڻهو جهڙو ٻڌو ٻانهو ٿيو پوي. هر وقت ڏند ڪڍي ويهي ڪچهري ڪري يا ميزبان جي ساراهه ڪري ۽ مرضيءَ سان نه ليٽي سگهجي نه آزاديءَ سان هلي سگهجي. خاص ڪري جپاني گهرن جي Setting ۾ مون جهڙو ڏگهو ۽ بي افعالو ماڻهو ته مون ڏنو آهي ته Total Failuare ٿيو پوي. اهو ان ڪري نه ته جپانين جا گهر ننڍا آهن. انهن ڪان ننڍا ڪمرا ته جهاز تي ٿين ٿا. ڪاٺ جي سنهي فرش يا تونئريءَ تي جنهن نموني سان هو ننڍڙيون وکون کڻي نزاڪت سان هلن ٿا، ان لاءِ پرئڪٽس کپي ۽ ماڻهوءَ جي دماغ ۾ ايڏي پابندي رهي ٿي جو هو ذهني طرح پاڻ کي قيد سمجهي ٿو. جپاني گهرن ۾ فرش ۽ ڇتين کان پتيون نازڪ ٿين ٿيون ۽ نتسوميءَ جو گهر ته اهڙو نازڪ نموني جو هو جنهن جون پتيون ٽوڪيو جي مسافر خانن وانگر اهڙي سنهي پني جون آهن جو انهن مان ٻاهر جي روشني به آئي ٿي. معنيٰ ننڊ ۾ به ماڻهو خبردار رهي، ابتو سبتو پاسو ورائڻ سان ڪو گلاس يا گلدستو ته ڇا پر سڄي پت اچي پٽ تي پوي. جي پٽ تي نه پوي ته پنو ڦاٽڻ تي اها پت غائب ٿي وڃي. ان ڪري ڪنهن سڃاڻي جي گهر ۾ رهندي پنهنجو پاڻ کي ته تڪليف ۾ محسوس ڪندو آهيان پر لڳندو اٿم ته ميزبان کي به تڪليف ۾ وجهي ڇڏيو اٿم. پر نتسوميءَ جي بار بار منٿون ڪرڻ ۽

احسن ۽ ايمان جن جي شوق ڪري مون کي ها ڪرڻي پئي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ جيجل هر هر چوندي رهي ٿي تہ اسان کو بهتڪلف نہ ڪيون. جو هيءَ هوسٽ مدر ’نتسومي‘ تمام مست ملنگ قسم جي عورت آهي. گهر ۾ پيا هلجو چلجو. جنهن وقت ليٽڻ تي دل چوي تہ ليٽي پئجو ۽ جيڪي وٽي فرج مان ڪڍي پيا کائجو. سندس مڙس تہ ايڏو شرميلو آهي جو ڪڏهن ملڻ نہ ايندو آهي ۽ مانيءَ تي بہ اسان کي اڪيلو ڇڏي ڏيندا آهن ۽ هو اسان جي مذهبي پابندين کان واقف آهن ۽ ڪا بہ اهڙي شيءِ کائڻ لاءِ توهان کي نہ ڏيندا. نماز لاءِ بہ هن کي وچڙ سان ڇئجو تہ قطب نما ذريعي توهان کي قبلي جو Exact رخ ٻڌائي.

نتسومي پوري يارهين بجي اسان جي گهر پاڻ گاڏي ڪاهي آئي ۽ ساڍس گڏ منجهند جي ماني کائي پوري ٻي بجي گهران نڪتاسين ۽ لفٽ ذريعي ائين فلور تان لهي هيٺ آياسين. گرائونڊ فلور تي ”آئيو اما“ نالي ڪپڙن جي هڪ وڏي ڊپارٽمينٽ اسٽور جي پارڪنگ ۾ نتسومي غير قانوني طور ڪار پارڪ ڪري آئي هئي. ان پارڪنگ ۾ رڳو اهي گراهڪ ڪار پارڪ ڪري سگهن ٿا جيڪي هن دڪان ۾ خريداريءَ لاءِ اچن ۽ جنهن لاءِ هنن کي ڪلاڪ کن گاڏي بيهارڻ جي اجازت جو ڪارڊ ملي ٿو.

نتسوميءَ جي غير موجودگيءَ ۾ غلط پارڪنگ جو نوٽيس دڪان وارن هن جي ڪار شيلڊ تي چنبڙائي ڇڏيو. ان کي ڏسي مون دل ۾ سوچيو تہ شروعات ئي غلط ٿي. اهو نوٽيس ڏسي نتسوميءَ جو موڊ آف ٿي ويندو ۽ سندس طبيعت ۾ هاڻ اها خوش مزاجي نہ رهندي ۽ نہ ڪيس اسان کي گهمائڻ ۾ ڪو مزو ايندو. پر لڳي ٿو تہ نتسومي اهو نہ رڳو Expect ٿي ڪيو پر ان جو فڪر بہ نہ هوس. A_4 سائيز جيڏي پني تي جپانيءَ ۾ لکيل ان نوٽيس جي سِٽ اڌ پڙهي، سٽ ڏئي لاهي ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو.

”او! نتسومي! آءِ ايم ساري.“ مون چيو ! يعني تو تي هيءَ مصيبت اسان جي ڪري آئي ۽ هاڻ پوليس اسٽيشن يا ڪورٽ جي معرفت توکي هن غيرقانوني ڪم لاءِ ڏنڊ هڪ طرف ڀرڻو پوندو تہ آفيس جا چڪر ٻئي طرف هڻڻا پوندا.

”مڙيئي خير آهي. جيڪي ٿيڻو هوندو وڪيل پاڻهي منهن ڏيندو.“ نتسوميءَ بنا ڪنهن پرواهہ جي چيو ۽ گاڏيءَ کي زور سان Reverse ڪري پارڪنگ مان ڪڍي مين روڊ تي وٺي آئي ۽ پنهنجي ساڳي خوش مزاجيءَ جو اظهار، خبر چار پڇڻ ۽ ٻارن سان چرچا ڪرڻ ۾ ڪندي آئي.

نتسوميءَ نالي ٻڌو هوم تہ گاڏي تمام تکي ٿي هلائي پر گاڏيءَ ۾ ويهي ان کان وڌيڪ محسوس ڪيم تہ واقعي ان معاملي ۾ تہ هوءَ جپاني بنهہ نٿي لڳي. جپاني تہ هر ڳالهہ ۾ (ويندي ڊرائيونگ ۾ بہ) عورتون تہ ڇا پر مرد بہ ايڏا تحمل ۽ صبر وارا آهن، جو رستي تي سندن حق هوندو تہ بہ ٻئي کي پيا آفر ڪندا تہ جيڪڏهن تون جلدي ۾ هجين ۽ نڪرڻ چاهين تہ پلي پهرين تون هل ۽ هن جي ’نہ‘ ڪرڻ تي ڪا دير جهڪي جهڪي ’هاءِ! دوموارِي گاتو‘ جي تسبيح پڙهندا ويندا. پر نتسومي تہ ٽئي ڏينهن، (جيڪي اسان هن جي گهر ۾ گذاريا)، هڪ ڪريل ٻار وانگر گاڏي داداگيريءَ سان هلائيندي رهي ۽ رستي تي Right of way ٻئي جو ٿيو ٿي تہ بہ پاڻ پنهنجي گاڏي ڪڍي وئي ٿي. هڪ دفعي تہ ساڄي پاسي واري گهٽيءَ ۾ مڙڻ لاءِ، هڪ هنڌ تي ترسي سامهون ايندڙ گاڏيءَ کي پهرين وڃڻ بدران، پاڻ فل اسپيڊ تي هن جي اڳيان ساڄي ٽرن ڪري نڪري وئي ۽ غريب ڊرائيور جو ڊپ ۾ لڳايل بريڪن جو آواز پري پري تائين ٻڌڻ ۾ ايندو رهيو. هڪ دفعي اهڙي غلطي وري ورجائڻ تي مون کلندي چيومانس:

”نتسومي تو بئنڪاڪ ۽ بمبئيءَ ۾ ڊرائيونگ تہ نہ ڪئي آهي؟“

”نہ آئون آسٽريليا ۾ يورپ جي ملڪن ۾ رهي آهيان ۽ گهمڻ لاءِ ايشيا جو فقط سنگاپور ڏٺو اٿم.“ هن چيو. ڪيس منهنجو چرچو يا ٽوڪ سمجهہ ۾ نہ آيو.

”نہ نٽسومي! مون کي تہ لڳي ٿو تہ تو اتي نہ تہ ڪراچيءَ يا ڪولڪتا جهڙي شهر ۾ ڪار ضرور هلائي آهي.“ منهنجي ٻيو دفعو چوڻ تي هوءَ چرچو سمجهي وئي. ۽ ڪا دير کلندي رهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو تہ هن اينڊڙڪلاڪ اڌ آرام سان ڊرائيو ڪئي ان بعد وري ساڳيا لاٽون ساڳيا چڳهہ.

هنن ملڪن ۾ بيلٽ ٻڌي گاڏي هلائڻ ضروري آهي. نہ فقط ڊرائيور لاءِ ضروري آهي پر هر ان ماڻهوءَ لاءِ جيڪو اڳئين سيٽ تي ويهي ٿو. گاڏي هلائڻ مهل نٽسوميءَ کي ڪڏهن احسن ۽ ايمان جن تہ ڪڏهن مون بيلٽ ٻڌڻ لاءِ ياد ڏياريو ٿي. آخرڪار هڪ دفعي بيلٽ ٻڌڻ جي ياد ڏيارڻ بدران چيومانس:

“Natsumi! Omawari San Wa Anatano Tomodachi Desuka.”

(نٽسومي! ڇا علائقي جو پوليس آفيسر تنهنجو دوست آهي؟)

منهنجي ڳالهہ جو مطلب سمجهي يڪدم ڪٽي بيلٽ ۾ هٿ وڌائين.

مون کي رڳو اهو هوندو هو ته هيءَ ان معاملي ۾ ايڏي بي خيالڻ آهي، ڪٿي اسان کان به وسري وڃي ۽ پوليس وارو چيڪ ڪري وڃهي ته ڪيئن ٿي منهن ڏئي يا شايد ان معاملي ۾ جپان ۾ قانون نرم آهي. پر پوءِ سگهو ئي هڪ اهڙو موقعو آيو جو جيئن ئي هڪ هنڌان گاڏي موڙيائين ته سامهون ٽريفڪ پوليس تي نظر پيس. مون سمجهيو ته مٿس ڪجهه اثر نه ٿيندو پر جپان جي قانون جي ڇا ڳالهه ڪجي! عادي مجرم ئي ڊڄيو وڃن. سو نتسوميءَ به ڇرڪ ڀري يڪدم ڪٽي ڪار جي بيلٽ ۾ هٿ وڌو ۽ ڪنوڻ وانگر ڪلهي تان ورائي ڪنڌي ۾ ڦاسائي ورتو. پوليس واري وٽان لنگهڻ مهل پوليس واري ڪار جي دريءَ مان ليئو پاتو ۽ هو مطمئن نظر آيو۽ ان کان وڌيڪ پرسڪون (گهٽ ۾ گهٽ ظاهري طرح)اسان جي نتسومي لڳي رهي هئي. يا گهٽ ۾ گهٽ هوءِ پنهنجو پاڻ کي ڪمپوز ڏيکارڻ جي ائڪٽنگ ڪرڻ لڳي، جيئن ٽريفڪ پوليس کي شڪ نه پوي ته هن هاڻ بيلٽ ٻڌو آهي.

نتسومي جي گهر پهچي اسان_ خاص ڪري مون کي ڪو Uncomfaortable محسوس نه ٿيو. هن تقريباً سڄو گهر اسان جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. گهر ۾ وٺي اچڻ مهل ڪنڊ تي سندس دڪان ۾ ويٺل سندس مڙس تاڪايوشي ۽ سهري تونيجي سان ملياسين. بلڪ جيئن ته مون کي اڳواٽ خبر هئي سو دڪان ۾ گهڙي هنن

مڙسالن سان مليس تيسين ٻار جيڪي هن گهر ۾ هتي جي جپاني ماحول ۾ اڳ ئي هريل آهن سي در وٽ بوٽ لاهي اندرين ڪمري جا چپل پائي نتسومي وارن جا رانديڪا وغيره ڪڍي ڪيڏڻ لڳا. نتسوميڪار پارڪ ڪري پنهنجي ئي دڪان تان ٻه پليٽون ٽافين ۽ چاڪليٽن جون ڀري ۽ ڊزن ڪن مختلف ڊرنڪ جون بوتلون ۽ دٻا ڪڍي اچي اسان اڳيان رکيا.

”اناتاوا مادا اينو اوڪاتي ايماسڪا“ (توهان وٽ اجا ڪتو آهي؟) ٻارن نتسوميءَ کان پڇيو.

”نه مون تڏهن کان ئي ڪيڏي ڇڏيو.“ هن ٻارن کي ٻڌايو ۽ پوءِ انگريزيءَ ۾ مون کي چيو: ”مڙيئي اسان به فئشن ڪيو هو. اڄڪلهه ڏسين ٿو ته جپان ۾ فيشن طور ڪتو پاليو وڃي ٿو.“

”اها ڳالهه هن ڀيري جپان ۾ مون اچڻ سان نوٽ ڪئي. اڄ کان ٽيهارو سال اڳ آئون جڏهن جپان ۾ آيو هوس ته جتي ڪٿي سهڻين ٻلين کي ڏسندو هوس، پر هاڻ شايد هي يورپ ۽ آمريڪا جي فلمن ۽ ڪلچر جو اثر آهي.“

نتسوميءَ ٻڌايو ته هن ڪتو پالڻ نٿي چاهيو پر هن جي هڪ ساهيڙيءَ ڪتي پالڻ جي حڪومت کان اجازت ۽ رجسٽريشن ڪارڊ ورتو جيڪو در اصل ڪتي جي قيمت کان به مهانگو اٽڪل ڏيڍ لک

يين (پنجهتر هزار رپين جو) ملي ٿو. ”هن ساهيڙيءَ جو اچتو آمريڪا وڃڻ ٿي پيو ۽ اهي رجسٽريشن ڪارڊ مون کي گفٽ طور ڏئي وئي. هاڻ ظاهر آهي هن مون تي هيڏي مهرباني ڪئي، باقي چاليهه هزار يين (ويهه هزار رپيا) ڪن خرچ ڪري ڪتو وٺي آيس ۽ اهڙا ويهه هزار يين ڪتي جي پٽي، ننهن لاهڻ جي نيل ڪٽر، ڪاڪوس ميڙڻ لاءِ پلاسٽڪ جي ٿيلهين وغيره تي خرچ ڪيم.“ نتسوميءَ ٻڌايو.

”پوءِ ڪتي کي ڪڏهن ڇو ڇڏيئي؟“ مون پڇيومانس.

”بس بيزار ٿي پيس. منهنجي سڄي آزادي ختم ٿي وئي. جهڙي ڪتي جي نوڪرياڻي ٿي پيس. مڙس به چوي ته دڪان تو پاران هلايان پيو باقي ڪتي جو هنگائڻ مثائڻ مون کان نه پڄندو. پنهنجو شوق پاڻ پورو ڪر. يقين ڪريو ڪتو رکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. هن جي بيمارين جي بچاءَ لاءِ يا هن جي جسم جي جراثيمن کي ختم ڪرڻ لاءِ خبر ناهي کهڙيون کهڙيون مهانگيون سُيون، دوائون ۽ شيمپو لوشن خريد ڪرڻا پيا ٿي. ان هوندي به ڪتو رکڻ Safe ناهي. ڪتو انسان جو دوست ڇا انسان ڪتي جو ٻڌو ٻانهو نظر اچي ٿو.“

”ان ڪري ته آئون جپانين کي چوندو آهيان، خاص ڪري عورتن کي ته توهان هڪ ته قد جون ننڍيون ۽ جسم جون ڪمزور،

توهان يورپي عورتن وانگر رڇن جهڙا ڪتا چو ٿيون پاليو، جيڪي نہ ڏهڻ جا نہ ڪُهڻ جا. اجا بہ توهان ٻليون پاليو جيڪو توهان جو پراڻو رواج آهي...“

”اهي بہ وڏيون ننڍڪيون ۽ نخريليون ٿي پيون آهن.“ نتسومي چيو.

”آئون تہ نٿو سمجهان. دنيا اڳتي وڌي وئي آهي، جپان تہ الائي ڪٿان وڃي نڪتو آهي پر اڄ بہ هتي جي عورت جڙ اتي ئي بيٺي آهي _ اها ئي پورهيت ۽ محنتي. ڪا ايڪڙ ٻيڪڙ ننڍڪي ۽ نخريلي ضرور ٿي سگهي ٿي.“ مون وراڻيو مانس.

”الطاف_ سانَ (Mr. Altaf) توهان بہ ڏاڍي ٻڏائي! آئون جپاني عورتن جي نہ پر جپاني ٻلين جي ڳالهہ پئي ڪريان، جيڪي نخريليون ٿي پيون آهي. اسين جپانين_ خاص ڪري دڪاندارن، ڪوئن ڪاننجات حاصل ڪرڻ لاءِ ٻليون پاليون ٿي ۽ اهي ٻليون اڄ جي خاص ڪاڏن Katsuo (مڇي جون چپس Bonito) ۽ مکڻ ملائين تي نہ هلنديون هيون. اهي پنهنجا ماريل ڪوئا کائي پيٽ ڀرينديون هيون. اڄ جون ٻليون سامهون ايندڙ ڪوئي کي بہ نٿيون مارين. منهن واريو چڙين يا پاسو ڏيئي لنگهيو وڃن.“

نتسومي پنهنجي پٽ يوجي کي سڏي اسان وٽ ويهاريو. جيڪو ويهڻ بدران پيرن ڀر ويٺو رهيو. ڪڏهن ايئرڪنڊيشن هلائي پئي ڏنائين تہ ڪڏهن وهاڻا کڻي پئي آيو تہ ڪڏهن ٻارن سان ’اي_گو‘ راند پئي ڪيائين تہ ڪڏهن ’شوا وگي‘ پئي ڪيڏيائين. جيڪي جپاني رانديون شطرنج ۽ ليوڊو وانگر ڪارڊ بورڊ (گتي جي پني) تي کيڏيون وڃن ٿيون. منجهند جي ماني کائي اچڻ ڪري مون کي ننڊ اچي رهي هئي، سو نماز پڙهي آئون اتي ئي تاتامِي (جپاني تڏي) تي پٽ تي سمهي رهيس. يوجيءَ مون کي ٻہ گگن جا وهاڻا آڻي ڏنا. ساڄي پاسي واري سلائڊنگ پيت جو ڪاغذ هڪ هنڌ ڦاٽل هو جيڪو هوا ۾ ڦڙڪيو ٿي تہ پري پري تائين جبلن جون قطارون نظر آيون ٿي ۽ گهر جي چوديواريءَ اندر ڪمري جي پيت سان لڳ پنج سؤ والن جي پلاٽ تي پوکيل چانورن جو فصل ۽ ان مٿان مختلف قسم جي جهرڪين ۽ پوپٽن کي اڏامندو ڏسي هڪ نئين دنيا محسوس ٿي ٿي. پني جي پيتين ۽ سلائڊنگ وارن وڏن دروازن تي جيڪو ميٺوڙي رنگ جو پنو چڙهيل هو، ان تي بانس (Bamboo) جا ننڍا ٻوٽا ۽ هتي جون خاص ڪونجون (Cranes) جنهن کي جپانيءَ ۾ Tsuru سڏين ايپريل (Embossed) هيون.

نماز لاءِ مون نتسومي يا سندس پٽ Yuji کي قطب نما يا D.F (Direction Finder) آڻڻ بدرانهگاشي (اوپر) منامي (ڏکڻ) يا کيتا (اتر) وغيره ھڪ طرف معلوم ڪرڻ چاھيو ٿي، جو مون کي اھا ڄاڻ ھئي تہ اتان مڪو شريف ڏکڻ اولھہ واري ڪنڊ ڏي ٿئي ٿو. پر نتسوميءَ مون کي ڪو طرف ٻڌائڻ بدران سنئون سڌو قبلي جو رُخ ڏيکاريو. پاڻ ٻڌائين تہ پنج سال کن اڳ جڏھن ھوءَ پاڪستاني شاگرد جي Host Mother ھئي تہ انھن مان ھڪ پنج وقت نماز پڙھندو ھو. ”ان بعد مون ھر ڪمري ۾ تير ڏاھي مڪي شريف جو نشان ڪري ڇڏيو آھي.“ ھن ٻڌايو.

نتسوميءَ ٻڌايو تہ سندس مڙس کي پيئڻ جو شوق ناھي. ”پر آئون ڊرنڪ جي عادي ٿي وئي آھيان. انھن پاڪستاني شاگردن مان ھڪ نہ پيئندو ھو. باقي ٻيو مون کي خوب ڪمپني ڏيندو ھو. بيئر ھجي يا ساڪي، ھو ھر قسم جي شراب پي ويندو ھو.“

مون مرڪندي ھڪ دفعو وري چيو: ”ان ڪري تہ چوان ٿو تہ تون مون کي جپاني گھٽ يورپي عورت وڌيڪ لڳين ٿي.“

”او ٿئنڪ يو! ٿئنڪ يو!“ ھن خوش ٿيندي منھنجي ريمارڪ تي ورندي ڏني_ جيتوڻيڪ جپانين کي ھڪ صدي کن اڳ ان قسم جو ريمارڪ ڏيڻ تہ توھان يورپين (يا آمريڪن) جھڙا آھيو. ھنن لاءِ

گار برابر هو. ڇا جاهل جٽ يورپي ۽ ڇا دنيا جي اعليٰ قوم (جپانين جي خيال موجب گهٽ ۾ گهٽ) جپاني۔ جيڪا اوڪياناوا کان هوڪئدو تائين Homogenous قوم آهي. جا اخلاق ۽ فضيلت ۾، پوشاڪ ۽ پهرڻ ۾، دنيا جي اعليٰ قوم مڃي وڃي ٿي. افسوس جو اڄ اها جپاني قوم مغربي ڪلچر مان ڏاڍو متاثر ٿيندي وڃي. هنن لاءِ آمريڪا، آمريڪن زبان سکڻ، آمريڪن ڪلچر اپنائڻ هڪ وڏي حيثيت رکي ٿو. اڄ هو آمريڪن کي گار ڏيڻ بدران پنهنجو پاڻ کي آمريڪن جهڙو سڏائيندي (يا سمجهندي به) فخر محسوس ڪن ٿا. زنده باد آمريڪا جي فلمي دنيا، بيس بال ۽ ساڪر رانديون ۽ آمريڪن ميوزڪ، جن شين رستي آمريڪا جپان تي ائين سوڀ حاصل ڪري رهيو آهي، جيئن انڊيا پنهنجي فلمي دنيا ۽ ٽي وي چئنلن ذريعي پاڪستان تي. ڏاڍي جي مرڻ جو ٻڌي ولايت ۾ رهندڙ هڪ پاڪستاني ٻار پنهنجي پيءُ کان ٿو پڇي "ابو! دادا کا کريا کرم کب هوگا؟"

يعني هن جي لاش مٿان ڪاٺيون رکي ڪڏهن ساڙيندا سين.

بهرحال پيٽ، جتان قاتل پنو هو اتان ٻاهر جو نظارو ڏسندي ڏسندي اک لڳي وئي. نتسومي رکي رکي ڪڏهن ان ڊرائينگ روم ۾ (جتي ٻار پڻ ڪيڏي رهيا هئا ۽ پاسي تي آئون وهاڻو رکي ڊگهو ٿي

سمهي رهيو هوس) تہ ڪڏهن پر واري ڪمري ۾، ڪڏهن ڪا شيءِ ڪٽڻ يا رکڻ لاءِ پئي آئي وئي پر آئون لت ڪوڙي ستو رهيس. منجهند جو ڪجهہ دير (ڏهہ منٽ ئي) سمهڻ اڄ جي عادت نہ اٿم پر منهنجي همعصر سنڌين جي مون وانگر سٺ سال کن پراڻي عادت آهي، جڏهن سنڌ ۾ اسڪولن جا ٽائيم اڄ وارا نہ پر صبح جو اٺ کان ساڍا يارهن ۽ وري شام جو ٽي کان پنج هوندا هئاءِ اسان سنڌين جون مائرون يا ڏاڏيون پڦيون منجهند جي ماني کارائي سمهاري ڇڏينديون هيون ۽ پوءِ ٽي بجي اٿي وري اسڪول وڃبو هو.

اڌ ڪلاڪ کن سمهڻ بعد اک کلي تہ يوجي (Yuji) کي چيم "ڊرائيونگ اچئي ٿي؟"

"نہ انڪل، آئون تہ پندرهن سالن جو هاڻ ٿيو آهيان. جپان ۾ سرڪاري طرح بالغ ٿيڻ جي عمر ويهہ سال آهي. ان بعد هو ڊرائيونگ ڪري سگهي ٿو. ڪجهہ ڪپي تہ امان کي چوان؟" هن پڇيو.

ايندي وقت هڪ هنڌ ميدان تي ڪيترين ئي عورتون ۽ مرد ٽيبل تي يا پٽ تي گهر جو مختلف سامان : ڪپڙا، جوراب، رانديڪن کان وٺي اليڪٽرڪ جو سامان ۽ ٿانو ٿپا وڪڻي رهيا هئا. جيئن يورپ پاسي پيني مارڪيٽ لڳندي آهي يا اسڪينڊينويا جي ملڪن ۾ Lopis (سئيڊش لفظ جنهن جي معنيٰ Low Price

_سستي)مارڪيٽ لڳندي آهي، جتي نہ فقط اسان جهڙن ڌارين ماڻهن کي پر مڪاني ماڻهن کي بہ شيون سستيون خريد ڪري خوشي ٿئي ٿي. شيءِ جو مالڪ موجود هوندو آهي، اها شيءِ هن جي ضرورت جي نہ هوندي آهي( تڏهن تہ نيڪال ڪرڻ لاءِ ڪڍي آيو آهي) ۽ وڪڻڻ لاءِ هن لاءِ وري پيو ڏينهن نہ اچي سگهندوآهي. جي ايندو تہ بہ هفتي بعد ڪٿي تہ مهيني بعد. ان ڪري هن سان اگهہ تي بحث ڪري قيمت بہ گهٽرائي سگهجي ٿي.

نتسوميءَ ان مارڪيٽ ڏي اشارو ڪري ٻڌايو هو تہ اها ’فري مارڪيٽ‘ آهي ۽ هنن جي ڳوٺ ۾ اها هر مهيني هڪ دفعو لڳندي آهي ۽ هاڻ جڏهن منجهند جي ننڊ ڪري فريش ٿي ويس ۽ ٻاهر اُس ۾ گرمي بدران ڪڪر جهڙ ڪريو بيٺا هئا تہ ان ميدان تي وڃي ان مارڪيٽ جو جائزو وٺڻ ڪو خراب نہ هو. ڪڏهن ڪڏهن اهڙين مارڪيٽن ۾ ڪي چريون امير مايون واهہ جا Souvenior ۽ شيون آڻين ٿيون جن جي Worthجي کين بہ خبر نٿي پوي ۽ نہ هنن کي پئسي ڪمائڻ جي ٿئي ٿي. اوٽي پوٽي ۾ شيون نيڪال ڪريو وڃن. پنهنجي ڪمري جو ڪٻٽ خالي ڪرڻ ۾ هنن جي خوشي سمايل هوندي آهي جيئن هو وري ٻئي سامان سان ان ڪٻٽ کي ڀري سگهن.

”يوجي! فري مارڪيٽو نِي اِي ڪو اُو.“ مون يوجي کي مارڪيٽ ۾ هلڻ لاءِ چيو. هن ڪچن مان ڦري دڪان تي وينل ماڻس کي چئي مون کي اچي ٻڌايو تہ سندس ماءُ چوي ٿي تہ بس اڌ ڪلاڪ بعد چڪر تي نڪرون ٿا.

”چڱو يوجي، تيسين پنا ڪڻ ۽ مون کي Origami جو ڪو سبق ڏي.“ مون چيو ۽ يوجي رنگين گلن وارن پنن جو پاڪيٽ کڻي پٿل ماري منهنجي اڳيان اچي ويٺو. هڪ چورس پنو پنهنجي اڳيان رکيو ۽ هڪ منهنجي اڳيان. ”انڪل ڇا ٺاهيان؟“ يوجيءَ پڇيو.

اوريگامي_ پني مان مختلف شيون ٺاهڻ، جپان جو هڪ پراڻو آرٽ آهي. چورس پني مان اسان بہ ننڍي هوندي ٻيڙيون، ٽوپي، ڏينهن رات ۽ ٻہ ٽي شيون ٺاهيندا هئاسين پر جيتريون شيون جپاني ٺاهين ٿا، ان جو ڪو جواب ناهي. جپاني Origami تي ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيل آهن. ڪا ڏکي شيءِ ٺاهڻ يا سکڻ جو نہ هينئر وقت هوءِ نہ عمر، پر جپاني ڪونج جنهن کي انگريزيءَ ۾ Crane ۽ جپانيءَ ۾ تسورو (Tsuru) سڏجي ٿو، اها اهڙي شيءِ آهي جيڪا جيترو آسان آهي اوترو سهڻي پڻ لڳي ٿي. ڪن خاص ڏينهن تي جپاني پنهنجي سُڪا پوري ٿيڻ تي پني جون اهڙيون هڪ هزار تسوروئون ٺاهي اچي مندر ۾ رکندا آهن.

پني جي ڪا بہ شيءِ Origami سکڻ لاءِ بھترين طريقو آھي تہ سيکارڻ وارو جيئن جيئن ٿاھيندو وڃي تيئن تيئن ان کي فالو ڪندو وڃجي ۽ پنھنجي پني مان ٺاھيندو وڃجي. ان بعد ھڪ بہ دفعا پاڻھي پرئڪٽس ڪجي. ان پرئڪٽس ۾ مون يوجي جا ڪيترائي رنگين خوبصورت پنا ضايع ڪيا.

”تنھنجي پنن جو مون چڱو خانو خراب ڪيو آھي. ھاڻ يوجي ڪا اخبار ڪٽي اچ يا اڇا پنا تہ ان جا چورس ٽڪرا ٺاھي ڪونجون ٺاھيون.“ مون يوجي کي چيو.

”توھان فڪر نہ ڪريو. اوري گامي لاءِ اسان وٽ پنا ڪوڙ.“ ھن چيو ۽ مون مرڪي سندس وڏيڪ پنا ضايع ڪرڻ شروع ڪيا. دل ۾ چيم ڳالھہ سؤ سيڪڙو صحيح ٿو ڪرين. غريب کان غريب جپانيءَ وٽ بہ صفائي لاءِ ٽائليٽ پني جا رول ۽ ڊرائينگ روم ۾ اوريگامي لاءِ چورس پنن جا رنگين پاڪيٽ ضرور ملندا.

ٿوري دير بعد نتسومي مينھن واچ ھڪ ڪندي آئي. ”ھلو تہ توھان کي چڪر ڏياري اچان.“

”نتسومي ڪجھہ دير لاءِ فري مارڪيٽ بہ ھلجانءِ.“ مون چيومانس.

”جي ها. اوڏانهن بہ هلون ٿا.“ هن وراڻيو ۽ اسان بوٽ پائي گاڏيءَ ۾ اچي ويناسين. نتسومي هڪ دفعو وري اچل مان گاڏي Reverseڪري پنهنجي گهر جي گئراج مان ڪڍي پنهنجي گهٽيءَ وارو رستو پار ڪري مين روڊ تي وٺي آئي.

”هادي حفظ ۾ رکيج.“ گاڏي هلائڻ واري هوءِ هئي پر جيارڻ واري (رب) کي پنهنجي حفاظت لاءِ دل ئي دل ۾ ٻاڏائڻ جو حق تہ اسان مسافرن کي بہ هو. هوءِ هاءِ وي تان ڪجهہ دير هلي پوءِ ننڍن رستن ۽ پوءِ گهٽين ۾ آئي ۽ هڪ قبرستان وٽان ٿيندي، ڪنهن مندر وٽ اچي گاڏيءَ کي پارڪ ڪيو.

جيئن هڪ هنڌ لکي آيو آهيان تہ جپان ۾ بہ ڌرم مشهور آهن_ بلڪ عام آهن: ٻڌ ڌرم ۽ شنتو ڌرم. هي شنتو ڌرم جو مندر هو جنهن جي اڳيان وڏو دلي دروازو ٿوري (Torii) ٺهيل هو. مندر اندر گوتم ٻڌ جي ڪا بہ ننڍي يا وڏي مورتي نہ هئي جيڪا ٻڌ ڌرم جي مندرن جي عام نشاني ٿئيٿي.

مندر تمام پراڻو هو. فقط پراڻو چوڻ تہ صحيح نہ هو. اهو تمام گهڻو جهونو مندر هو ۽ ان جهوني مندر جي ڀر پاسن کان هن کي وڏو ڪرڻ جي رسم افتتاح ٿي رهي هئي. پلنٿ تائين RCC جو ڪم هو. ان مٿان چورس لسي ۽ اوچي ڪاٺ جون ڪامون رکيل هيون. چوڌاري

ٽنيا ۽ ڇت جون ڪامون پڻ اوچي ۽ ٿلهي ڪاٺ جا هئا. انهن تي مختلف وٽيل رسا، رسيون ۽ اگڙين جون ٽڪريون ڦڙڪي رهيون هيون. هن علائقي جا عام ماڻهو (عورتون ۽ مرد) ٻين لفظن ۾ ڪٽ خلق، پراڻي مندر وٽ نهيل اسٽيج جي هيٺان انتظار ڪري رهيا هئا ۽ شهر جا معزز ماڻهو سوٽن ڪوٽن ۾، مندر ناهڻ وارا انجنيئر، فورمين ۽ اهم واڍا، رازا ۽ مستري پنهنجي ڪم جي نئين ڊريس (مٿي تي لوهي ٽوپلو ۽ ڪنڌ تي ننڍو ٽوال) ۾ مندر جي هڪ نئين نهندڙ وڏي هال ۾ ڪرسين تي ويٺا هئا. ٿي ٻاوا گلن جي ڪونڊين ۽ ديوتائن لاءِ رکيل ميوي اڳيان ٻيهي ڪجهه عجيب جپاني زبان ۾ (شايد سنسڪرت يا ڪنهن ٻي جهوني مذهبي زبان ۾) واري واري تي ڪجهه سترائون پڙهي، پنهنجي چوڏاري ٻڌل اچي پڙي (Skirt) جي اڳٺ ۾ ڦاٿل ڪاٺ جي خنجر کي ڪڍي هيڏانهن هوڏانهن الاريندا رهيا، جيڪو پڪ هنن جي حساب موجب خراب روحن يعني شيطانن کي ڀڄائڻ جو طريقو هو. ان بعد چار پنج جوان مزور وڏا مترڪا (جن کي اسان جهازي Gunسڏيون) ڪٽي ڪاٺ جي ٿنڀن تي لڳل وڏن ڪِلن تي پير رکي ڇت تي چڙهي ويا. ڇت ته اجا نه هئي پر ڪاٺ جون سڏيون ۽ ڪنڊائتيون ڪامون هيون، جن تي چڙهي چوڏاري ڪنڊن تي ٿي ويٺا. وڏي ٻائي جنهن جي لوهي ڄاري واري ٽوپيءَ جي پويان پڇ هو ان

هاڻ ڪتاب ڪٽي ڪجهہ سٽون جيئن ئي پڙهي مٿي هٿ سان اشارو ڪيو ٿي تہ اتي موجود مزور لوهي مترڪو ڪٽي هڪ عجيب رڙ سان گڏ ڪام ۾ نڪاءُ ڪيو ٿي. نتسوميءَ منهنجي ويجهو اچي ڪن ۾ ڦسڪو ڪيو:

”هي ٻائو هاڻ هتي جي اوس پاس جا شيطان ڀڄائي رهيو آهي.“

”وڪاتا“ (سمجهيم). وراٽيومانس.

ان ڏگهي رسم بعد اسان سيني آيلن کي مندر ڏي(يعني پراٽي پهرين ننڍي مندر وٽ) هلڻ لاءِ چيو ويو جتي اسٽيج ٺهيل هئي. نتسوميءَ چيو تہ هاڻ موجوده ٽي ٻاوا، رٽائرڊ ٻاوا ۽ هڪ ٻہ معزز شهري جن مندر جي Extention لاءِ خرچ برداشت ڪيو آهي، هن اسٽيج تي ٻيهي ڪيڪ ورهائيندا.

مون چوڌاري ڏٺو تہ گڏ ٿيل ٻہ سؤ ماڻهن (مرد، عورتن ۽ ٻارن) مان ڪيترن جي هٿ ۾ پلاسٽڪ جون وڏيون ٿيلهيون هيون جيڪي هو ڪيڪن سان ڀرڻ لاءِ کڻي آيا هئا. هر هڪ اسان ڏي پئي ڏٺو ۽ جنهن سان بہ اسان مرڪي انگريزيءَ ۾ هيلو يا جپانيءَ ۾ ڪونچيوا چئي کيڪاريو ٿي تہ هن وڏي حب سان آڏرياءُ ڪيو ٿي. لڳو ٿي تہ هن پاسي ڪنهن غير جپانيءَ جو ورلي ڪو اچڻ ٿيو آهي، ويتر احسن ۽

ايمان کي لس (Fluent)جپاني ڳالهائيندو ٻڌي هنن کي حيرت ٿي رهي هئي. هو هنن کان خبرون چارون پڇڻ لڳا. خاص ڪري پوڙهيون عورتون.

ايتري ۾ منتر پڙهڻ وارا ٻاوا ۽ ٻيا اهم ماڻهو اسٽيج تي پهچي ويا ۽ پوءِ وڏن ٿيلهن مان نان ختائين جيڏا پيتل چانورن جا ڪيڪ اڇلڻ لڳا. هر ٿيلهيءَ ۾ ٻه اڇي رنگ جا ڪيڪ هئا. ڪنهن ڪنهن ٿيلهيءَ ۾ هڪ گلابي رنگ جو ڪيڪ پڻ هو. اسان جي پير ۾ بيٺل هڪ ڪميڪو نالي چاليهه ورهيه ڪن جي عورت جيڪا شڪل ۾ جپاني نٿي لڳي، يعني سندس چهرو جپانين وانگر گول هجڻ بدران پاڪستانين جهڙو ڊگهو هو. تنهن ٻڌايو ته انهن ڪيڪن ٺاهڻ لاءِ چانورن کي اکري مهريءَ ۾ سڄو ڏينهن ويهي ڪٽبو آهي، ان ڪري اهي تمام گهڻو لذيذ ٿين ٿا پر ان کان وڌيڪ هنن جي ڌرمي اهميت آهي ۽ اسان ان لاءِ هي گڏ ڪرڻ آيا آهيون جو جيڪو هي ڪيڪ کائيندو، ان تي ڪڏهن به ڀوت پريت جو اثر نه ٿيندو ۽ جنهن کي مندر طرفان اڇليل سڪا نصيب ٿيندا، ان کي سڄي عمر ڌن دولت حاصل ٿيندي.

اسٽيج تي بيٺل ٻاوا ڪيڪن جا ٻڪ ڀري اڇلائيندا ويا. انهن جي وچ ۾ پنج پنج ين جا سڪا به هئا. ڪنهن کي ڏهه ڪنهن

ڪي ٻارهن ڪن ڪيڪ جهٽڻ ۾ مليا. ڪميڪو جو قد ننڍڙو هجڻ ڪري ٻہ ٽي مس ڪي جهٽي سگهي ۽ مون سندس ڪيڪن جو انگ وڌائڻ لاءِ پنهنجن مان ٽي چار ڪيڪ ۽ پنج پنج ييِن جا چار ڪن سڪا (جن جي جملي قيمت ڏهہ رپيا مس ٿي) ڪيس ڏنا، جنهن لاءِ هوءَ ڪا دير مهرباني چوندي رهي. بعد ۾ گهر پهچي پنهنجا ڪيڪ ڳڻياسين تہ اسان جا چاليهہ ڪن ٿيا. جن مان ويهہ نتسوميءَ رکيا ۽ ويهہ اسان کي ڏنائين. مون هڪ ڪائي ڏنو بلڪل ڦڪو هو. ڪجهہ ڪجهہ ڪچي اٽي ۽ صابڻ جهڙو سواد هو. دل ۾ چيم اجايو پولڙن وانگر ٽپ ڏئي اهي پئي جهٽياسين ۽ جي سواد جي اڳواٽ خبر هجي ها تہ اتي ئي پير ۾ بينل ان ڪميڪو کي ڏئي ڇڏجن ها، جيڪا ڪپڙن ۽ افعالن مان تہ بنهہ ڳوٺاڻي پئي لڳي، پر هلڻ مهل عام ڏاڳي ۾ ٻڌل موبائل فون ۽ ڪار جي چاٻي ڪڍي ڪار پارڪنگ ۾ پهتي تہ سيني ۾ اوچي ڪار نئين ماڊل جي بلو رنگ جي امپورٽيڊ مرسڊيز هن جي هئي. ڪميڪو ڪار ۾ ويهي پني تي پنهنجو نالو ۽ نمبر لکي اهو پنو مون کي ڏنو (آئون پنهنجو ڪارڊ ڪيس اڳواٽ ڏئي چڪو هوس)، ٻارن کي چاڪليٽ ڏنا ۽ نتسوميءَ کي پنهنجو گهر سمجهايو جيڪو نتسوميءَ ٻڌايو تہ سندس گهر کان ڏهن منٽن جي ڊرائيو تي آهي. ”وقت مليو تہ

سپاڻ يا پرينءَ هن وٽ سڀ هلنداسين جو هن پاڻ سپني کي گهر گهرايو آهي.“ نتسوميءَ ٻڌايو.

نتسوميءَ جي گهر تي ڏينهن رهڻ دوران سڄو ڏينهن رلڻ پنڻ ڪري اسان کي نہ فرصت ملي ۽ نہ همت تي سگهي جو ڪٽي ڪميڪو وٽ وڃي سگهجي، جيتوڻيڪ مون کي رکي رکي تجسس ٿيندو رهيو ٿي تہ هن سان ملي خبر چار وٺجي تہ هوءَ اصل ڪهڙي جپاني شهر جي آهي ۽ ڪهڙي نوڪري ٿي ڪري. ان ڪيڪ وٺڻ مهل تہ فقط مندر ۾ ڪيڪن جون خبرون ڪندا رهياسين. ٿي سگهي ٿو تہ ايندڙ مهيني نتسومي وٽ وري وڃڻ وقت ڪميڪو سان پڻ ملي سگهجي، جيڪا پڻ طبيعت ۾ نتسومي وانگر جپانين کان نرالي لڳي ٿي.

چانورن جا اهي گول صابڻ جهڙي شڪل ۽ سواد جا ڪيڪ جڏهن ٻن ڏينهن بعد گهر ڪٽي آياسين تہ منهنجي ڌيءُ جيجل ٻڌايو تہ پڪوڙن ۽ ٻجين وانگر اهي ڪيڪ هتي جي Delicacy آهن ۽ هڪ دفعو ٽيسٽ ڊيولپ ٿيڻ بعد وڻڻ لڳن ٿا ۽ هي جيئن تہ مندر مان ملڻ ڪري جپانين لاءِ وڏي اهميت رکن ٿا سو پاڙي وارن کي ڏيڻ سان خوش ٿيندا. احسن ۽ ايمان نہ ڏيڻ لاءِ دانهون ڪندا رهيا جو هنن کي بہ وڻيا ٿي پر پوءِ انهن لاءِ بہ ٽي ڪيڪ باقي ڪيڪ اسان واري انين ماڙ ۽ هيٺين ستين ماڙ تي سپني سڃاڻين جپاني فئملين کي موڪلي

ڏناسين ۽ واقعي هنن جي خوشيءَ جي انتها نہ رهي. هڪ ٻہ فئمليون تہ ان جي بدلي ۾ ٻئي ڏينهن اوچين بيڪرين جا ڪيڪ ۽ بسڪيٽ ڏئي ويون. پر افسوس جو اهي اسان جي ڪائڻ جا نہ هئا. جپان ۾ ڪيتريون ئي مسلم آرگنائزيشنون آهن. جيڪي جپانين جي کاڌي پيتي جي هر شيءِ تي نظر رکن ٿيون ۽ پوءِ جپان ۾رهندڙمسلمانن کي وقت بوقت اطلاع ڪنديون رهن ٿيون تہ انهن مان اسان کهڙيون شيون کائي سگهون ٿا ۽ کهڙيون نہ _ جن ۾ پورڪ (سوئر جو گوشت) يا Lard (چربي) مليل آهي. پوءِ اهڙيون مليل شيون وري کنهن جپاني فئملي کي گفٽ ڪرڇڏيو پون.

هونءَ بہ جپاني ڪلچر توڙي ادب ۾ چانور (پت) هڪ اهم شيءِ آهي، بلڪ صدين کان ’چانور‘ جپانين جي زندگيءَ جو جياپو رهيو آهي. لوڪ ڪهاڻيون هجن يا ميلاملاکڙا، خانداني ريتون رسمون هجن يا Status Symbol هر جڳهہ تي، هر ڳالهہ ۾، چانور مرڪزي ڪردار ادا ڪن ٿا. ان بابت تفصيل سان ڳالهہ ٻولهہ ڪنهن ٻئي هنڌ ڪنداسين.

هونءَ ڪيتريون جپاني فئمليون (نتسومي سميت) سمجهن ٿيون تہ اسان لاءِ ڇا حلال آهي ڇا حرام. ان ڪري نتسومي اسان لاءِ ڊبل روٽي بہ ڳولي ڳولي اها وٺي ايندي آهي جيڪا نج حلال هجي.

سوئر جي چربيءَ واري مَکَ واريون ڊبل روٽيون تہ جتي ڪٿي عام طرح ملن ٿيون ۽ سستيون پڻ آهن پر اسان کي صحيح قسم جي روٽين ۽ ڪيڪ پيسٽرين خريد ڪرڻ لاءِ ڪافي دڪان ڏسڻا پون ٿا.

مندر مان نڪرڻ بعد سڌو فري مارڪيٽ ۾ آياسين، جيڪا هڪ اسڪول جي گرائونڊ ۾ لڳل هئي. گهڻي ڀاڱي جپاني عورتون ۽ ڪجهہ مرد گهر جو مختلف سامان وڪڻڻ لاءِ رکيو ويٺا هئا. ڪجهہ ڪجهہ سامان خاص ڪري جپاني ٿانوَ ۽ ٻارن جون ڪرسيون ٽيبل ۽ اسڪول جون بئگون ۽ وڏا رانديڪا تمام سستا پئي وڪيائون پر انهن کي پاڪستان کڻي وڃڻ لاءِ پاڙيءَ جو جهاز ئي کپي. هوائي جهاز ۾ جيڪو ويهہ ڪلو سامان کڻڻ جي اجازت هوندي آهي ان ۾ پنهنجي پائڻ جا ڪپڙا ۽ ڪجهہ ڪتاب وجهہ تہ پورا ٿيو وڃن. ٽيپ رڪارڊر، ٽي وي، ڪمپيوٽر ۽ فئڪس مشين بہ ٿلهن مٺ ۾ وڪڻي رهيون هيون ۽ اجا قيمت گهٽائڻ جي موڊ ۾ لڳيون ٿي. منهنجي دلچسپي فقط واڪ مئن ٽائيپ (پاڻ سان کڻي ٻڌڻ واري) CD پليئر ۾ هئي پر اهو ڪنهن وٽ بہ نہ هو.

شام جا ڇهہ ٿي چڪا هئا. نتسوميءَ چيو تہ هلو تہ گهر هلي ڪلاڪ کن آرام ڪري ڊنر کائون ۽ پوءِ ساڳيا رستا وٺي نتسومي موٽ جي کوهہ ۾ گاڏي هلائيندي اچي پنهنجي گهران ڪڍيو.

نتسوميءَ جو گهر شهر جي گوڙ گهمسان کان نہ رڳو پري هو پر ڪافي جهونو هو. اهو هر خيال کان جپاني گهر هو. ننڍڙي ڇت وارا ننڍڙا ڪمرا، دفتريءَ جا سنهڙا سلائيڊنگ دروازا، پٽ تي ٽونئريون وڇايل، ٽي وي ڪمپيوٽر کان وٺي شين سان ڀريل فرج، VCR _ هر سک ۽ سهولت جي شيءِ موجود هئي، پر هر شيءِ Dump ۾ بي ترتيب نموني سان هڪ ٻئي مٿان سٽيل هئي.

جپاني عورتون هر شيءِ سليقي سان رکڻ ۽ هر وقت چنڊ ڦوڪ رکڻ کان مشهور آهن، پر اها صفائي سٿرائي رکڻ وارن مان نتسومي نہ هئيءِ هجي بہ ڪيئن؟ سڄو ڏينهن تہ هن جو ڊوڙ ڊڪ، گاڏي هلائڻ ۽ دڪان جون ختم ٿي ويل شيون آڻڻ ۾ گذري ٿو. گهر کي وقت ڏوڙ ڏئي!

ٿوري دير بعد ڏسون تہ نتسومي مانيءِ لاءِ ٽيبل لڳائي ۽ ڪٻٽ مان پليٽون ۽ ٻارن لاءِ ۽ پنهنجي گهر جي ڀاتين لاءِ چاپ اسٽڪس ۽ مون لاءِ ڪانٽو چمچو پٽي رکي. دل ۾ چيم تہ نتسومي ٻاهر جي ڪمن جي پڙ ضرور آهي پر گهر جي ڪمن جي ناهي پر منٽن ۾ ماني تيار ڪري هن ڪمال ڪري ڇڏيو. پر پاڻ ۽ سندس مڙس ۽ سهرو مانيءَ تي اسان سان گڏ نہ وهي تہ سنو ڇو جو ٿوڙي ڪٽي هنن مون کي چمچوڪانٽو ڏنو آهي پر نوڊلز يا اسپاگهيٽي جهڙي شيءِ هنن اڳيان ڪائڻ ڏکيو ٿي پوندو. اسان کي مانيءَ لاءِ سڏ ڪيائينءِ اسان ننڍڙين

ٽنگن (هڪ فٽ کن مٿاهين) ٽيبل جي چوڌاري وڇايل گاديلن تي اچي ويناسين. سامهون ڪِچن جو ڪجهه حصو نظر اچي رهيو هو جتي نتسوميءَ جو مڙس ۽ سهرو برياني ۽ ڪڙهائي گوشت ڪائي رهيا هئا جيڪو نتسومي منجهند جي ماني اسان جي گهر ڪائڻ بعد هنن لاءِ ديگڙي ۾ ڪٽي آئيهئي. ’تنهن جي معنيٰ ته اهي اسان سان گڏ نه ويهندا.‘ مون سوچيو ۽ پوءِ اسان لاءِ مانيءَ جا پڪڪ ٽيل به دٻا ڪٽي آئي ۽ انهن مان مختلف شيون ڪڍي ٽيبل تي سجائڻ لڳي. يعني ماني هن پاڻ نه پچائي هئي، پر پئسا ڏئي هوٽل تان گهرائي هئي.

”بلڪل بي فڪر ٿي ڪائو. هن ۾ ڪا به اهڙي اعتراض جوڳي شيءِ ناهي. فڪوئوڪا مان مصريعرب جي هوٽل تان آرڊر تي گهرائي اٿم.“ نتسوميءَ اسان کي ۽ پنهنجي پٽ يوجي کي ڪائڻ لاءِ چيو. پٽ ۽ ٻن هئا ۽ ٻيون مختلف قسم جون فراءِ ٽيل مڇيون، گانگٽ، Squid مڇي ۽ آڪٽوپس مڇيءَ جا ٽڪرا هئا. ان کان علاوه اوٻاريل بيضا، پٽٽٽو چپس ۽ سلاد هو.

فڪوئوڪا شهر جيڪو هتان اڌ ڪلاڪ جي پنڌ تي ٽيندو، اتي مصري عرب جي ريسٽورنٽ ڪافي پراڻي ۽ مشهور آهي. هتي رهندڙ هڪ انڊونيشيمسلمان ٻڌايو ته هن مصريءَ پهرين ڪاڏي پيتي جي هوٽل کولي. هونءَ جپاني گهر کان ٻاهر ڪائڻ ۽ هوٽلنگ پٽيان

پئسو وڃائڻ جا شوقين آهن. ان ڪري ڪا غير جپاني هوٽل ڪلي ٿي ته اها به هلي ٿي، خاص ڪري انڊين هوٽلون. ٽوڪيو پاسي ته ڪيترييون ئي انڊين هوٽلون آهن، ويندي پاڪستانين جون ڪوليل هوٽلون به انڊين هوٽلون يان انڊين فوڊ شاپ سڏجن ٿا پر هتي هن شهر ڳوڪُورا ۾ به ڇڳيون خاصيون سچيون ڪوڙيون انڊين هوٽلون آهن، جهڙو نانڪ، جالان جالان... وغيره وغيره. سچيون ڪوڙيون ان ڪري جو ڪي هوٽلون جيئن ته مٿي جالان جالان انڊين هوٽل نه آهي پر جپانين جي پڇڻ تي ان هوٽل وارا ڪڏهن چون ته انڊين آهي، ڪڏهن انڊونيشي يا ملائيشين آهي. ’جالان جالان‘ ملئي نالو آهي ۽ ان چڪر ۾ هتي ايندڙ امير ملئي به بيوقوف بڻجي هن هوٽل ۾ ايندا آهن ۽ ڪن ڪي وري ٻڌائين ته چين، هانگ ڪانگ جي ڪاڏن جي آهي. هوٽل ٻاهران هڪ جپاني ڇوڪريءَ ڪي روايتي چيني لباس پارائي شام جي وقت بيهاري ڇڏيندا آهن ته لنگهندڙن کي هوٽل ۾ اچڻ لاءِ آماده ڪري. هن هوٽل جي ٻاهران هندن جي هاٿيءَ واري گنيش ڀڳوان جي مورتي ڏسي هڪ رات آئون به بس مان اتي لهي هن هوٽل بابت معلوم ڪرڻ لاءِ آيس. ڀهرين ڇپائون انڊين آهي.

”پر نالو ته ملئي رکيو اٿانوَ؟“ مون ڇيومان. بهرحال هو به مُنجهي پيا ۽ ٻڌايائون ته اها گنيش جي مورتي ڪين اڏ قيمت تي ملي

وئي، سو ڪٽي اچي هن هوٽل جي در ٻاهران پٽ تي رکي اٿن. جيئن انڊين هوٽلن جو شوقين هن کي انڊين هوٽل سمجهي هليو اچي.

بهرحال اسان مصري عرب جي ڳالهه پئي ڪئي جنهن پهرين ڪاڏي پيتي جي هوٽل کولي پر هلي نه سگهيس. مسلمان سو ضرور ايندا هئا، پر هن شهر ۾ مسلمانن جو تعداد ئي ڇا آهي ۽ هو ايترو نٿا خرچ ڪن جيترو جپاني، آمريڪن ۽ يورپي.

”پوءِ ڇو نه هلي سگهيس؟“ مون حيرت مان هن انڊونيشي همراهه کان پڇيو.

”ان ڪري جو جپان ۾ ڪابه هوٽل بيئر ۽ ساڪي (شراب) رکڻ بنا هلي نه سگهندي. هوٽل ۾ ماني کائڻ جو عيش ڪرڻ وارو جپاني شراب به پيئڻ چاهي ٿو.“ هن ٻڌايو.

”پوءِ ڇا ڪيائين؟ شراب رکيائين يا هوٽل بند ڪيائين؟“ مون پڇيومانس.

” نه شراب رکيائين ۽ نه دڪان بند ڪيائين. ريسٽورنٽ ۾ ماني هلائڻ بدران اوـ بينتو (لنچ باڪس) ٺاهي وڪڻڻ شروع ڪيائين ۽ هاڻ هن وٽ هر وقت رش رهي ٿي.“ هن ٻڌايو. سو ٿنسوميءَ به اسان لاءِ ان مصري عرب جي هوٽل (دڪان) کان پئڪ ٿيل ڪاڏي جا گول ڪاٺ جا دٻا گهرايا هئا.

اسان ڪائڻ شروع ڪيو تہ هن پنهنجي مڙس تاڪايوشي ءِ سهري تونيجي کي سڏ ڪيو. جيڪي ماني ختم ٿيڻ مهل اسان جي سامهون پٽل ماري ڪائڻ لاءِ ذرو پرزو ڪڍي اسان کي ساٿ ڏيڻ لاءِ ويٺا ءِ ساٽن هاڻ پهريون دفعو خبرون چارون ٿيون. تاڪايوشي_نتسوميءَ جي مڙس ٻڌايو تہ هن ٽوڪيو جي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشنڪئي آهيءِ هاڻ پنهنجي ذاتي بزنيس کي ڏسي. تونيجيءَ مختلف سرڪاري نوڪريون ڪيون. پاڻ پنجهتر سالن جو ٿيندو. هيروشيما ءِ ناگاساڪيءَ تي بم ڪِريو هو تہ ان وقت هو پر واري پريفيڪچر (ضلعي) ياماگچيءَ ۾ پڙهي رهيو هو ءِ يوجي جيڏو (پندرهن کن سالن جو هو). ڪيس ميوزڪ ٻڌڻ ءِ شعر و شاعريءَ جو شوق آهي.

”اڄڪلهہ ڪنهن جا گانا ٽاپ تي آهن؟“ مون ’يوجي‘ جي ڏاڏي تونيجي کان پڇيو.

”توهان کي ميوزڪ وڻي؟“ هن مون کان پڇيو.

”ها. ٿي وي بہ وڻي پر ٿي وي ڏسڻ مهل ٻيو ڪو ڪم ڪري نٿو سگهجي، ان ڪري گانا ٻڌڻ جو شوق اٿم. ڌارين زبانن ۾ توهان جا جپاني گانا ءِ ملئي گهڻو وڻن ٿا.“

”اهو ڪيئن ڀلا؟“ هنن حيرت مان پڇيو.

”شايد ٻڌي ٻڌي ياڪجهہ سمجهڻ ڪري ڪنن کي ڀلا لڳن ٿا.“

”توهان جي دلپسند جپاني ڳائڻي ڪير آهي؟“ يوجيءَ مونکان پڇيو.

”تون بہ ڪمال ٿو ڪرين. تنهنجي عمر 15 سال آهيءِ آئون 22_23 سالن بعد جپان ۾ آيو آهيان. منهنجي ڪا فئوريٽ ڳائڻي هوندي تہ بہ ان کي هينئر تون ڪيئن ٿو سڃاڻي سگهين؟ هوءَ تہ ڳائڻ کان ڪڏهنڪو رٽائرڊ ٿي ڏاڏي ناني ٿي وئي هوندي.“

”تڏهن بہ...؟“

”هڪ تہ ناڪا موري اڪينا (Nakamori Akina) جا گانا وڻندا هيم ۽ هينئر بہ سوچيو اٿم تہ ان جا ڪئسٽ وٺي ويندس ۽ ٻي ڪا هيرومي نالي هئي. هينئر ٻيون ياد نہ اٿم. ڪئسٽن واري جي دڪان تي چڙهي ان کان پراڻن گانن جو پڇندس.“ مون ٻڌايومان ۽ منهنجي ان ڳالهہ تي هو حيرت کائڻ لڳا تہ آئون سندن ئي ملڪ ۽ ماڻهن جي هڪ ويجهڙائيءَ ۾ گذري ويل دور جون ڳالهيون ڪري رهيو آهيان. هنن ڪلندي ٻڌايو تہ ناڪاموري اڄا بہ ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪري رهي آهي. يعني جپاني فلم انڊسٽريءَ انڊيا وانگر ترقي ڪئي تہ هوءَ لتا منگيشڪر بہ ٿي سگهي ٿي يا جپان ۽ ڪوريا جي هفتو بہ

جنگ لڳي تہ ”ڪرنيل ني جرنيل ني“ جهڙا گانا ڳائي نورجهان وانگر ايوارڊ بہ حاصل ڪري سگهي ٿي. اهو منهنجو پنهنجو هڪ واٽهڙو خيال آهي. جپان ڪو ڪراچي ٽيليويزن يا ريڊيو پاڪستانحيدر آباد ناهي جو گهمائي ڦيرائي فقط اڍائي آرٽسٽن کي پيش ڪيو وڃي. منهنجي دلپسند_بلڪ جڳ جي فئوريٽ ناڪاموريءَ جهڙيون هتي سوين ڳائڻيون آهن. جو هتي هر سٺي آرٽسٽ کي ڳولي وارو ڏنو وڃي ٿو ۽ هن جي Talent کي اجاگر ڪيو وڃي ٿو.

نتسومي ۽ سندس مڙس تڪايوشي ٻڌايو تہ اڄڪلهہ اِشي ڪاوا سايوري تمام ٽاپ تي آهي ۽ Ishikawa Sayori کان علاوه اڄڪلهہ ٻيون مشهور ڳائڻيون آهن: ياما گچي موموئي، متسودا سيڪو، هماساڪي آيومي وغيره.

ياما گچي موموئي تہ اسي واري ڏهاڪي کان مشهورر آهي ۽ سندس هڪ ائڪٽر مِيورا توموڪازو (Miura Tomokazu) سان شادي ايڏي مشهور ۽ ماڻهن لاءِ خوشيءَ جو باعث بڻي هئي جيئن شهزادي چارلس ۽ ڊائنا جي شادي. فلمي دنيا جو هي جوڙو_ يعني موموئي ۽ توموڪازو جپاني زبان ۾ Goruden Combi سڏبو هو يعني انگريزي وارو Golden Combination.

موموئي شڪل جي سهڻي هڪ طرف هئي ته سني ٻگاٽي ءِ ائڪٽريس ٻئي طرف. توموڪازو به اوتروئي سهڻو هيرو هو. ڪيس پڻ سني ائڪٽنگ آئي ٿي، جيتوڻيڪ منجهس ٻيون قابليتون ڪي اتم درجي جون نه هيون. جوڙي جڏهن شاديءَ جو اوچتو اعلان ڪيو ته سڄي جپان ۾ ديوانگيءَ جي حد تائين خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي هئي. انهن ڏينهن ۾ اهو ڪو ڏينهن خالي نه هو جو هنن بابت ٿي وي ءِ اخبارن ۾ خبرون، انٽرويوءِ فوٽو نه ٿي آيا. جپان ۾ هيءَ شادي صحيح معنيٰ ۾ عوام جي دلين جو ڌڙڪو هئي، جنهن لاءِ انگريزيءَ ۾ Royal Bubble_Gum Wedding چيو ويندو آهي.

ياماگچي موموئيءَ جو مون هتي ڪجهه تفصيل سان ذڪر ان ڪري شروع ڪيو جو شاديءَ بعد موموئي فلم انڊسٽريءَ مان يڪدم رٽائر ٿيڻ جو اعلان ڪيو. هن ان لاءِ اهو سبب ڏنو ته ”آئون هاڻ پنهنجي مڙس توموڪازو جي خدمت ڪرڻ چاهيان ٿي.“ اها ڳالهه ڪري هن پنهنجي پرستارن اڳيان پنهنجي عظمت جو قد ڪاٺ هيڪاندو وڌو ڪري ڇڏيو. موموئيءَ شاديءَ بعد هڪ ڪتاب به لکيو جيڪو جيتوڻيڪ ٽڙ تڪڙ ۾ ڇپيو ويو پر ان جو تمام گهڻو وڪرو ٿيوءِ هن جوڙي ان ڪتاب مان چڱو ناڻو ڪمايو. ان ڪتاب جي

عنوان جو ترجمو: ”جپاني سوسائٽيءَ ۾ عورت جو صحيح ڪردار“ چئي سگهجي ٿو.

بقول ائمبسڊر ظفر شيخ جي (جنهن پنهنجي سفارتي Career جي شروعات جپان ڪان ڪئي)، موموئيءَ پاڻ ڪتاب مان تہ پئسو ڪمايو پر ٻين جپاني ڇورين جو جيڪي دنيا جي مقابلي ۾ اڳهين ڏٽڙيل ۽ خدمتگذار رهن ٿيون، انهن جو سِر وڃايو. اهوان ڪري جو هاڻ هر مڙس پنهنجي زال کي موموئي جو مٺو ڏئي سگهي ٿو تہ جڏهن ههڙي سهڻي، ههڙي مان شان ۽ اوج واري ڇوڪري مڙس جي خدمت لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪري سگهي ٿي تہ تون ڪهڙي کيت جي موري آهين.

نتسوميءَ جي سهري تونيجيءَ کي جپاني شاعري، خاص ڪري هائيڪو پسند آهي. هن اسان کي ٻڌايو تہ شمونوسيڪي (هتي جو مشهور شهر ۽ بندرگاهہ) جتي اسان ٻئي ڏينهن وڃي رهيا هئاسين، ان جي ڀر واري هڪ ڳوٺ ۾ هائيڪو جي مشهور جپاني شاعره ڪانيڪو مِي سُوزو (Kaneko Misuzu) جنم ورتو.

تونيجيءَ کي ماتسوئو باشو وڻيو ٿي، جيڪو جپانين لاءِ نہ فقط شاعر آهي، پر فلاسافر ۽ ڌرمي ٻائو پڻ.

”بازن جون اکيون پڻ ڇوڇيون ٿي وينديون

هاڻ اونداهي رات جو ٽيڻ واري آهي.“

تتر پنهنجي ٻچن جي ڪنن ۾ اهو سرٻاٽ ڪيو.“

اهو شعر ماتسوئو باشو جو آهي، جيڪو ان وقت تونيجيءَ ٻڌايو. جپانيءَ ۾ اهو هائڪو هن ريت آهي:

Take_No_Memo

هي لفظ انگريز وانگر ’ٽيڪ‘ نہ پڙهڻ کپي پر ’تاڪي‘ پڙهڻ کپي جو جپانيءَ ۾ هر واول جو پنهنجو مقرر اچار آهي جيڪو ان ريت اچارڻ ضروري آهي. بهرحال ’تاڪي نو مونو‘ معنيٰ ”بازن جون اکيون پڻ.“ ان بعد آهي:

Ima Ya Kurenu To

(هاڻ؟ اونداهيون.اهو)

Naku Uzra

(تتر چُون چُون ڪيو)

ساڳي شاعر باشو جو هڪ ٻيو هائيڪو تونيجي کان ٻڌم:

Haru Mo Yaya

Keshiki Totonou

Tuski To Ume

بهار جي رت ڇاڻ آئي

ان جي سين تيار ڪري رهيا آهن

بادام جو وڻ ۽ چنڊ

ماتسوئو باشو ڪيترائي چيلا ۽ شاگرد پيدا ڪيا، جن مان جيڪي هائيڪو جا مشهور شاعر ٿيا انهن مان ڪجهه هي آهن: ڪيوروڪو، ڪاڪيئي، شوهاڪو، روگيتسو، جوسو، شِيڪو وغيره.

ڪيڪائو شاعر جو هڪ هائيڪو هي به آهي:

Yume ni kunu

Haha wo kaesu

Hototogisu

خواب ۾ مون وٽ هلي آئي

منهنجي امڙ ــ ۽ تو هن کي موٽائي ڇڏيو؟

ڪوئل.

۽ هڪ ٻيو

Neko Ni Kuwareshi Wo

Korogi no Tsuma

Sudakuramu

ٻليءَ جي کائڻ کان پوءِ

شايد تڏ جو مڙس

پنهنجي تڏڙيءَ لاءِ پيو رڙي!

تونيجيءَ چيو تہ جپاني شاعر باشو پنهنجي جاءِ تي اهم ضرور آهي پر عوام ۾ گهڻو مشهور اِس سا (Issa) آهي. اِس سا _(يا پاڻ کٽي اچارڻ جي سهولت کان عيسيٰ سڏيون) 1762ع ۾ ڄائو. باشو جي شاعري سمجهڻلاءِ گهڻي غور و فڪر جي ضرورت آهي پر عيسيٰ جي ٻي ڳالهہ آهي ۽ بقول تونيجي جي:

"Issa, With all his frailties, wrote poetry that opens his soul to us."

توهان ماڻهن لاءِ تا پڇو
مون کي تہ اچ ڪلهہ
'ناڪاري' بہ سڏو بيڻل نظر ٿو اچي.

پکين کي اَنُ کائڻ کان پچائڻ لاءِ هاري ڏنڊو اُڀو هڻي ان مٿان ٽوپي وغيره رکي ڇڏيندو آهي. بلڪ ان مٿان پراڻي قميص بہ چاڙهي ڇڏيندو آهي، جيئن پکي ان کي ڏسي، ڊڄي، پڇي وڃن تہ ڪو ماڻهو بيٺو آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي Crow Scare چون ۽ جپانيءَ ۾ Nakari. جپانيءَ ۾ مٿيون شعر هن ريت آهي:

Hito wa iza sugna
Kagashi mo

Nakari Keri

عيسيٰ (جپاني شاعر Issa) جي زندگيءَ بيحد ڏکوبل گذري. هو اجا سال ٻن جو ٻار هو تہ سندس ماءُ گذاري وئي ۽ هن جو ننڍپڻ هڪ اهڙي ماتيلي ماءُ وٽ گذريو. جيڪا پرين جي ڪهاڻين ۾ اڪثر ظالم ڏيکاري ويندي آهي.

عيسيٰ جي ننڍپڻ جي اها ڳالهہ مشهور آهي تہ هو جڏهن نَون سالن جو هو تہ ڳوٺ ۾ هڪ ميلو لڳو، جنهن ۾ سڀ ٻار نوان ڪپڙا پائي آيا. عيسيٰ هڪڙو ٻار هو جيڪو ڦاٽل ۽ ميرن ڪپڙن ۾ هو. هن سان گڏ ڪنهن ٻار نہ کيڏيو نہ گڏ ويهڻ پسند ڪيو ٿي. هو اڪيلو ڪنڊ پاسو وٺي ميلي جي رونق ۽ ماڻهن ۽ ٻارن جا ڪل ٽپڪا ڏسي رهيو هو تہ هن کي هڪ زخميل پرن واري جهرڪيءَ جو ٻچو اڪيلي سر جهاتيون پائيندي نظر آيو. جڻ اهو پنهنجي آڪيري مان وڃڻ تان هينئر هينئر ڪري پيو هجي. ان ڏي منهن ڪري عيسيٰ چيو:

Ore to kite

Asobe yo aoya no

Nai Suzume

اچ! گڏجي پاڻ ۾

راندمچايون_ ننڍڙا جهرڪ

مائرن بنا.

(مٿي جپاني اُچار "اوري تَو ڪيتي" ٿيندو ۽ نہ انگريزيءَ وانگر "اورٿُ ڪائيٽ".)

عيسيٰ جو پنهنجي زال ڪِيڪُو سان ڏاڍو پيار هو پر افسوس جو هن بہ عيسيٰ جو ساٿ نہ ڏنو. هوءَ هڪ ڏکي بيماريءَ بعد گذاري وئي. عيسيٰ جو هڪ هائيڪو آهي:

Naku na mushi

Wakaruru Koi Wa

Ho shi ni sae

جيت! رڙيون نہ ڪر.

ڪير ڪنهن کي ڪيترو بہ چاهيندو هجي پر جدائي ضرور آهي؛

ويندي آسمانن تي.

عيسيٰ جي ڊائريءَ مان بعد ۾ معلوم ٿيو تہ هن اهو شعر پنهنجي زال جي مرڻ وقت پنهنجو پاڻ کي دلداري ڏيڻ لاءِ لکيو هو. جپان جو هي شاعر Issa سن 1826ع ۾ گذاري ويو.

رات جي مانيءَ بعد نتسومي پنهنجي ماءُ پيءُ جي گهر وٺي هلي. اتي ڪجهہ پاڙي جون سندس ماءُ جون هم عمر عورتون پٽ تي

وچايل تونئري جي وچ ۾ رکيل نِنڊڙين ٽنگن واري جپاني ٽيبل (Kotatsu) جي چوڌاري ويهي ڪن راڳن جي پريڪٽس ڪري رهيون هيون. ٻئي ڏينهن هنن جي علائقي ۾ ساليانو جشن ٿيڻو هو جنهن ۾ هنن کي اسٽيج تي ڳائڻو هو. اهو فنڪشن ٻئي ڏينهن اسان ٻه ڏسڻ وياسين ۽ سڄ لٿي کان وٺي رات جو نائين تائين هلندو رهيو.

اسان جي پهچڻ تي اسان جو ساڻن تعارف ڪرايو ويو.

”اسان هن علائقي ’ڪيٽا ڪيوشو‘ جا راڳ ڳائي رهيون آهيون. توهان کي اچن؟“ هنن احسن ۽ ايمان کان پڇيوءِ اسان جي ايمان مائيڪ کڻي اهي جپاني راڳ يا کڻي چئجي ته ڳيچ ڳائڻ شروع ڪري ڏنا. سيني مهمانن کي تعجب لڳو. نتسومي کين ٻڌايو ته هي ٻار ننڍي هوندي کان هتي جپان ۾ رهن ٿا ۽ شروع کان هتي ئي پڙهي رهيا آهن.

ٿوري دير ڪانپوءِ مهمانن موڪلايو ۽ اسان ڊرائينگ روم ۾ نتسوميءَ جي ماءُ پيءُ سان اچي ويٺاسين. جپاني گهرن جو ڊرائينگ روم، ٽي وي لائونج يا بيڊ روم اسان وانگر نه ٿئي جتي ڊرائينگ روم ۾ تابوت جيڏا وڏا صوفا سيٽ رکيل ٿين، جن کي ريڙهه ته چيلهه پڄي ۽ جن تي وهه ته چيلهه چٻي ٿئي ۽ نه اوترائي خطرناڪ ٿلهي فوم جا پلنگ جپاني استعمال ڪن، جيڪي اسان وٽ عام ٿين. ٿلها پڙدا ۽

ٽلهي Fur وارا غاليچا جن لاءِ هاڻ ثابت ٿي چڪو آهي تہ انهن سانگندا هٿ اگهڻ سان يا ڪاڏي پيتي جا ذرا ڪِرڻ سان نہ فقط جراثيم پر جوئن جهڙا پر سائيز ۾ انهن کان بہ تمام ننڍا ۽ خطرناڪ جيوڙا ٿين ٿا. جن سان ڪيتريون ئي بيماريون ٿين ٿيون_ خاص ڪري ڦڦڙن ۽ ساهہ کڻڻ واري نليءَ جون_ اهي هي سڏريل جپاني تہ استعمال نٿا ڪن پر پاڙي جي ملڪ ڪوريا جا ماڻهو بہ پري ڀڄن ٿا. جيڪي جپانين جي نظرن ۾ اجا تائين جاهل ۽ جٽ سمجهيا وڃن ٿا.

جپاني گهرن جا سڀ ڪمرا فرنيچر، ٽلهن پڙدن (جيڪي مغل شهنشاهن جي فلمن ۾ ڏيکاريا ويندا آهن ۽ اسان وٽ هر غريب غربو اهڙا ڇٽن ۽ جهالرن وارا پڙدا لڳرائڻ کي پنهنجي سوشل معيار جي بلندي ٿو سمجهي) ۽ ٽلهن غاليچن (جيڪي اڄ کان ٽيهارو سال اڳ تيل جو پئسو اچڻ ڪري عربن شروع ڪيا ۽ هاڻ انهن غاليچن مان پيدا ٿيندڙ بيمارين جو معلوم ڪري عرب ئي شرمائين ٿا)، بوٽن ڀهارن ۽ ٽڪن ڪانگهارن کان خالي ٿئي. جپاني گهر جي ڊرائينگ روم ۾ فقط ڪوتاتسو (ننڍڙين ٽنگن وارو ٽيبل) ٿئي، جنهن جي چوڌاري ويهي ڪا راند کيڏن، ماني کائين يا لکن پڙهن. ويهڻ لاءِ ٽيڪ واريون بنا ٽنگنجي ڪرسيونٿين جن کي جپاني زبان ۾ Zaisu سڏين يا وري بنا ٽيڪ واريون گديون (Zabution) ٿين. ٻنهي تي پٿل ماري ويهن

يا ٽنگون پويان ڪري _ جيئن نماز ۾ التحيات پڙهڻ مهل ويهبو آهي. رات جو ڪو چاهي ته بيڊروم کان علاوه ڊرائينگ روم ۾ به سمهي سگهي ٿو. رات جو سمهڻ مهل سلائيڊنگ واري وڏي ڪٻٽ مان فوتان (سنهو نرم ۽ هلڪو گاديلو) ۽ ماکُورا (وهاڻو) ڪڍي پٽ تي وڇيل (تونئريءَ) تي سمهي سگهي ٿو.

جپانين جا گهر، بلڪ گهرن جا ڪمرا سالن کان (اڄا به صدين کان) اهي ئي هلندا اچن. البت گهر جي رڌڻي ۽ ٽوائليٽ ۾ وڏو فرق آيو آهي.

رڌ پچاءُ لاءِ ڪائيون ڪري اڄڪلهه بدران هاڻ رڌڻي ۾ گئس جو چلهو ۽ اليڪٽرڪ تي ڪم ڪندڙ Rice Cooker، ٽوسٽر، Microwave Oven، ريفريجريٽر آهي، جنهن هتي جي پورهيت عورت يا بقول اسان جي هڪ جهازي ڪئپٽن رشيد ابڙو جي، ”صدين کان مزوري ۽ موچڙا کائيندڙ جپاني عورت“ جي زندگي ۾ ماني پچائڻ جي معاملي ۾ سُک پيدا ڪيو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اڄڪلهه جون ڪيتريون زالون (نتسومي سميت) اهڙيون آهن، خاص ڪري اهي جيڪي نوڪري ڪري مڙسن کان به وڌيڪ پئسو ڪمائين ٿيون، جيڪي هھڙي سک جي باوجود رڌ پچاءَ کان آڱوٺو ڪڍيو ويٺيون

آهن. هنن جو سڄو زور هوٽلن تي ڪائڻ يا هوٽل تان ماني گهرائي اها گهر ۾ يا آفيس ۾ ڪائڻ تي آهي.

”جپاني گهر“ ۾ ٻي تبديلي ٽوائليٽ ۾ آئي آهي. مختلف جپاني ڪمپنيون خاص ڪري Tot o ڪمپني_ جيڪا سڀ کان گهڻو اڳتي نڪري وئي آهي، اهي هڪ کان هڪ ماڊرن ڪموڊ ٺاهي رهيون آهن، جن جو تفصيلي احوال گهڻو اڳ پنهنجي هڪ سفرنامي ”خبرون ڪيڏانهن جون“ ۾ ڪري چڪو آهيان ته اهي ڪموڊ هنگڻ مٺڻ جون سيٽون گهٽ پر هوائي جهاز هلائڻواري پائليٽ جون ڪرسيون وڌيڪ لڳن ٿيون ۽ جيڪي ويهڻ ۾ آرامده هجڻ کان علاوه انهن جي چوڌاري ڪيترائي اليڪٽرانڪ بٽڻ لڳل ٿين ٿا. ننسوميءَ جو گهر ڪٽي جهونو هو. گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه چاليهه سال اڳ ٺهيو هوندو. پر سندس Toilet ۾ نوٽو جو ماڊرن ڪموڊ لڳل هوجنهن جي پنجن بٽڻن مانهڪ ڪي دٻائڻ سان هيٺان پاڻيءَ جو ڦوهارو مٿي لڳو ٿي ۽ بنا هٿ يا پني جي استعمال جي جسم جي صفائي ٿي وئي ٿي. ٻي بٽڻ دٻائڻ سان ڪموڊ جي چوڌاري پريشر سان پاڻي نڪري ڪموڊ کي صاف ڪيو ٿي ۽ Suction واري اصول تي ٺهيل هو جيڪو هوائي جهازن ۾ٿئي ٿو ۽ جنهن ۾ سڄي ڪموڊ جو پاڻي وڏي ڇڪ (Suction) سان هيٺ ڊرين پائيپ ڏي هليو وڃي ۽ صاف نئين چلڪندڙ ڪموڊ جي تر ۾

صاف پاڻيءَ جي ليول Maintain ٿيو وڃي. اهڙي طرح ٽئين بٽڻ کي دٻائڻ سان ڪموڊ ۾ لڳل سنهن پائيپن مان خشڪ هوا نڪري ڪموڊ جي سيٽ ۽ ان تخت تي ويٺل همراهه جي اگهاڙي جسم ۽ ان جي ارد گرد جي قميص يا پتلون کي خشڪ ڪري ٿي. ائين نه ته ٻاهر نڪرڻ مهل پتلون ۽ قميص يا بشرٽ جي پٺ يا اڳ آلو ٿيو پيو هجي ۽ ٻاهر ويٺلن کي خبر پئجي وڃي ته همراهه هٿ ڌوئڻ نه پر وڏو معرڪو سر انجام ڏيڻ ويو هو. چوٿين بٽڻ دٻائڻ سان خوشبوءِ (Air Freshner) جو اسپري ٿيو ٿي جيئن ٻي ڪنهن کي ٽوائليٽ ۾ يڪدم وڃڻو پوي ته هن کي بدبوءِ نه اچي ۽ پنجون بٽڻ ايمرجنسيءَ جو هو. ايمرجنسيءَ مان منهنجو مطلب اهو ناهي ته ڪو باهه وسائڻ لاءِ يا چور جي اچڻ جو اطلاع ڏيڻ لاءِ هو. پر اهو ميوزڪ وڄائڻ لاءِ هو ۽ اها ميوزڪ ڪموڊ تي ويٺل جي Entertainment لاءِ نه هوندي آهي پر گئس جي عادي طرفان پيدا ڪيل بمباردمينٽ جي آواز تي حاوي ٿيڻ لاءِ هوندي آهي. جيئن ٻاهر ويٺل همراهن کي ائين نه لڳي ته هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي هڪ دفعو وري بم ڪِري رهيا آهن. هو اهو ئي سمجهن ته سوموپهلوانن جي ملهه شروع ٿيڻ کان اڳ واري Signature ميوزڪ هلي رهي آهي.

هونءَ ڪجهہ ڏينهن اڳ ٽوٽو ڪمپنيءَ جا سندن شوروم ۾ قسم جا ڪموڊ ڏٺم، جن جي قيمت ڏيڍ لک کان ٻہ اڍائي لک Latest يين تائين آهي(اڄڪلهہ هڪ رپئي ۾ ٻہ ين آهن). انهن ڪموڊن ۾ ويٺي ويٺي پنهنجو نہ فقط ٽيمپريچر ۽ بلڊپريشر چيڪ ڪري سگهجي ٿو پر Sugar Level پڻ. ان کان علاوه ويهڻ جي سيٽ يعني ڪموڊ کي سياري جي ٿڌ کان بچائڻ لاءِ Heating System پڻ آهي. بهرحال پنهنجي مٿين سفرنامي ”خبرون ڪيڙائن جون“ ۾ ٻہ اهو ئي لکي آيو آهيان ۽ هينئر ٻہ اهو چوندس تہ جپانين کي اها عياشي ڪرڻ ضرور جڳائي ٿي، جو انهن صديون غيبات جهڙن ڊٺل، بدبودار ۽ گندن ڪاڪوسن ۾ هنگيو مٿيو جن لاءِ اڄ ٻہ چوندا آهن تہ اهي چئن ”K“وارا ڪاڪوس هئا: ڪيتا نائي (گدلا)، ڪوسائي (ڌپ وارا)، ڪورائي (ڊٺل)۽ ڪووائي (ڊپ وارا).

نتسوميءَ جي ماءُ پيءُ جي گهر ٿوري دير ويهي پوءِ ساڍن فوٽو ڪڍرائي واپس ورياسين. پاڻ گهر ۾ اڪيلا رهيا ٿي ڪين اولاد ۾ فقط ٻہ ڌيئون آهن. هڪ نتسومي جيڪا سندن ئي ويجهو رهي ٿي ٻي ڌيءَ شايد ٻڌايائون تہ اڄڪلهہ اوساڪا ۾ آهي.

گهر پهچي سمهڻ جا ڪپڙا، ٽٿ برش وغيره کنياسين، جو اسان جي سمهڻ جو بندوبست ٻي گهر ۾ هو جيڪو ٻن منٽن جي

ڊرائيو تي مين روڊ جي ڀئي پاسي واري گهٽيءَ ۾ هو. نتسوميءَ جو مڙس ۽ سهرو ٻـ اتي آيا. هي گهر جيتوڻيڪ جپاني اسٽائيل جو هو پر بلڪل نئون ۽ تمام وڏو هيٺ مٿي هو. هيٺ تي ڪمرا ۽ آمريڪن اسٽائيل صوفن ۽ ڊرائينگ ٽيبل وارو ڊرائينگ روم ۽ ڊائننگ روم ۽ ان سان گڏ خوبصورت ڪچن، جنهن جي شوڪيس ۾ جپاني ۽ آمريڪن ڪراڪري ۽ ٻيو سامان هو. بيڊ روم سڀ جپاني اسٽائيل جا هئا. يعني منجهن ڪا ڪٽ پلنگ يا ڪرسي موڙهو رکيل نـ هو. هر ڪمري جي پٽ تي تاتامي وڇايل هئي. نتسوميءَ ٻڌايو تـ هي گهر سندس سهري تونيجي جو آهي. ڏينهن جو دڪان ڪري هُن دڪان واري گهر ۾ گذارين، رات جو هتي اچي سمهن. هيٺيون سڄو گهر اسان جي حوالي ڪيو ويو. پاڻ مٿي وڃي ستا.

سمهڻ کان اڳ نتسومي ٽوال ڪڍي اسان پويان شاهي غلامن وانگر ڦرندي رهي تـ جنهن وقت وهنجڻو هجي تـ ٻڌايو تـ گرم پاڻيءَ لاءِ هيٽر آن ڪيان. ٻاهر بارش ڪري ٽڏڪار ٿي وئي هئي ۽ رات جا ڏهـ ٿيڻ وارا هئا. آئون صوفي تي ويهي تونيجي جون رکيل خوبصورت تصويرون مئگزينون ۽ ريڪارڊ ڏسڻ لڳس. وهنجڻ لاءِ نـ ڪرڻ مان منهنجو مطلب اهو ئي هو تـ مون کي وهنجڻو ناهي، پر نتسوميءَ اهو پئي سمجهيو تـ ڪو منهنجو مطلب ”وهنجڻ لاءِ نـ ڪرڻ مان، وهنجڻ

جو آهي، پر اجا نہ.“ ظاهر آهي سمهڻ کان اڳ ”نہ وهنجڻ“ ملائيشيا ۽ ٿائيليند ۾ ئي نٿو ٿي سگهي، سو ڪوريا ۽ جپان ۾ ڪيئن ٿو انڪار ڪري سگهجي. پر مون کي اها هتي جي ڪلچر جي ڳالهہ ان وقت بلڪل ڏيان ۾ نہ پئي آئڙي، بلڪ مون کي ائين پئي لڳو جڻ جپان ۾ نہ پر پنهنجي ملڪ ۾ يا يورپ يا آمريڪا جي ڪنهن گهر ۾ هجان (جتي صبح جو تہ ڪو وهنجي سگهي ٿو پر رات جو سمهڻ مهل جڏهن ٻاهر مينهن جا شپڪا پيا پون ۽ اندر موسم خوشگوار هوندي بہ ايئرڪنديشنر پيو هلي، ڪنهن جي وهنجڻ تي دل چوندي! بهرحال آئون پاڻي پيئڻ لاءِ يا ڪنهن ڪم لاءِ اٿيس تہ نتسوميءَ وري پڇيو تہ هيٽر آن ڪريان ۽ مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هيءَ نئون ٽوال ڪچ ۾ رکي ڪنڊ ۾ ڇو ويٺي آهي. آخر احسن (جيڪو پاڻ ۽ ايمان وغيره ڪجهہ دير اڳ وهنجي چڪا هئا) تنهن اچي مون کي سنڌيءَ ۾ چيو تہ نانا جيسين آفورو (جپاني لفظ معنيٰ رات وارو سنان) نہ ڪنداءُ تيسين ’نتسومي_ سان‘ (سان معنيٰ مسٽر بہ تہ مئڊم بہ) هرگز جان نہ ڇڏيندي.

مون کي يڪدم ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي ۽ گومي نساءِ گومي نساءِ (ساري ساري) ڪندو وهنجڻ جاءِ ۾ گهڙيس. هھڙي ٽڊ ۾ وهنجي مرٽو نہ هو سو مڙيئي جهڙو تهڙو نالي ماتر نڪري شنان ڪري ٻاهر

نڪتس تہ جيئن تہ هڪ طرف اسان جي ميزبان نتسومي جي اڳن ختم ٿئي ۽ ٻئي طرف ڪيس ائين محسوس نہ ٿئي تہ جپانين کان علاوه ٻيا سڀ جاهل آهن ۽ اسان جپان ۾ رهي بہ نٿا سڌرون. ۽ پوءِ بيڊروم ۾ اچي ڏسان تہ ڇا تہ فوتان (جپاني نرم گاديلا) انهنجون سنهيون ڪير جهڙيون اڇيون ڇوون ۽ اهڙيون ئي چادرون اسان لاءِ ڪڍيون هئائين ۽ چڱو جو نموني خاطر پير تہ ڌوئي آيس نہ تہ هنن اڇين Silkyچادرن تي منهنجي داڦوڙن جهڙن پيرن جا نشان هجن ها.

بهرحال نتسومي جي مهمان نوازيءَ جو هڪ ڏينهن پورو ٿيو. ٻئي ڏينهن هن کي اسان جي چوڻ تي پر وارن شهرن، موجي ۽ شمونو سيڪي جيڪي بندرگاهہ پڻ آهن، وٺي هلڻو پيو.

# ڪوڪورا ۽ موجي کان شمونوسيڪي

جپاني هوسٽ مدر نتسومي جنهن وٽ اسان تي ڏينهن کن رهياسين، اها پهرين ڏينهن پنهنجي مرضيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن گهمائڻ لاءِ وٺي هلي، ٻئي ڏينهن لاءِ مون ڪيس اڳواٽ موجي ۽ شمونوسيڪي هلڻ لاءِ چيو هو. اهي ٻئي بندرگاهه هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آهن ۽ وچ ۾ جيڪو ساموندي وهڪرو آهي، ان کان ڄامشوري وٽ سنڌو درياهه جو پيٽ ٻه ڀيڻو ٿيندو. اسان جو جهاز سامان لاهڻ يا چاڙهڻ لاءِ هميشه موجي بندرگاهه ۾ ايندو هو، جنهن کي جپانيءَ ۾ Mojiko سڏجي ٿو. جپانيءَ ۾ Ko (ڪو) جو مطلب "بندرگاهه" آهي، جيئن اوساڪا شهر ۾ "اوساڪا ڪو" يعني اوساڪا بندرگاهه.

ڪراچي يا واٽ تان ڪولمبو، پورٽ ڪلانگ (ڪوالالمپور) يا ڪنهن ٻئي بندرگاهه مان موجيءَ لاءِ کنيل سامان، آخر ۾ موجيءَ ۾ لاهي جهاز کي خالي ڪري، پوءِ ورندڙ سفر لاءِ شمونوسيڪي ويندا هئاسين، جتي جهاز جي مرمت جا وڏا ڪارخانا (شپ يارڊ) آهن. اتي جهاز جي ضرورت مطابق مرمت ڪرائيندا هئاسين، يعني اها Repair جيڪا پوءِ سمنڊ تي ٿي نه سگهي يا مشين جا اهي حصا

بدلرائيندا هئاسين، جن ۾ خطرو هوندو هو ته متان وڏي سفر تي ٽٽي پون ۽ ڪنهن وڏي حادثي جو سبب بڻجن.

شمونوسيڪيءَ جي بندرگاهه ۾ هفتو ڏيڍ مرمت مطابق ترسي پوءِ پنهنجي وطن ورڻ لاءِ جپان ڪي ڇڏڻ ڪان اڳ جپان جي ڪجهه بندرگاهن، ڪوبي، نگويا، ساسيبو، ٽوڪيو، يوڪوهاما وغيره مان ڪراچي لاءِ ۽ ڪڏهن ته واٽ جي بندرگاهن: هانگ ڪانگ، چين، سنگاپور وغيره لاءِ پڻ سامان کڻندا هئاسين. ڪڏهن ته شمونوسيڪي ۾ جهاز جي مرمت بعد سامان کڻڻ لاءِ جپان جي ٻين بندرگاهن ۾ وڃڻ ڪان اڳ ڏکڻ ڪوريا جي مشهور بندرگاهن: پُوسان ۽ اِنچان مان پهرين سامان کڻندا هئاسين جو ڏکڻ ڪوريا جا اهي بندرگاهه شمونوسيڪي ۽ موجي بندرگاهن ڪان سڌ پنڌ تي آهن. موجي جيڪڏهن مورو سمجهيو وڃي ته شمونو سيڪي دادو ٿيو ۽ شمونو سيڪي ڪان ڏکڻ ڪوريا جا مٿيان بندرگاهه پوسان ۽ انچان، سيوهڻ ۽ سَن جيترو پري آهن. باقي شمونوسيڪي ڪان جپان جا ٻيا بندرگاهه: هيروشيما، اوڪاياما، ڪوبي ۽ اوساڪا، نگويا، شيزوڪا، يوڪوهاما ۽ ٽوڪيو سينڊائي، هاچي نوحي ۽ هڪوداتي وغيره ائين آهن جيئن دادوءَ ڪان لاڙڪاڻو جيڪب آباد ۽ اچا به مٿي بهاولپور ۽ ملتان وغيره آهن.

جپان جو سڀ کان وڏو ٻيٽ ’هونشو‘ جتي ختم ٿئي ٿو اتي جپان جو ٽيون نمبر وڏو ٻيٽ ڪيوشو جو اتراهون حصو آهي. شمونوسيڪي هونشو ٻيٽ جو بندرگاهہ آهي ۽ موجي ڪيوشو ٻيٽ جو. شروع ۾ بليٽ ٽرين وغيره فقط هونشو ٻيٽ تائين هئي. ماڻهو فيرين (پاڻيءَ جي ننڍن جهازن) ۾ سمنڊ جو هي درياهہ جهڙو حصو ٽپي، هن ڪيوشو ٻيٽ تي ايندا هئا. اسان جو جهاز بہ موجي ۾ هوندو هو تہ شمونوسيڪي فيريءَ يا ڪنهن ٻيڙيءَ ذريعي ويندا هئاسين يا شمونوسيڪي ۾ جهاز هوندو هو تہ موجي بہ ايئن ايندا هئاسين. ٻنهي پاسي جهاز ويندو هو سو ٻنهي پاسي دوستيون ياريون ۽ سڃاڻپ هوندي هئي. پنهنجي ذاتي يا گهر جي خريداريءَ لاءِ پڻ ڪاشيءِ موجي بندرگاهہ جي مارڪيٽن مان وٺندا هئاسين تہ ڪا شيءِ شمونوسيڪيءَ جي جي شاپنگ سينٽرن مان. پر هاڻ حڪومت طرفان ڪانمون (Kan_Mon) پل ٺهڻ ڪري ڪنهن وقت بہ بس، ٽئڪسي يا ٽرين ذريعي پل ٽپي ٻئي شهر ۾ وڃي سگهجي ٿو. ٻنهي شهرن جي وچ ۾ سمنڊ جي سوڙهي پٽي (ڳچي سمنڊ)هجڻ ڪري هيءَ پل ڄامشوري واري پل جيڏي ٽيندي پر ڪراچي ايندڙ جهاز مٿي روهڙي ملتان ٺٽا وڃن جو ڄامشورو جي پل هيٺين (زميني) ليول تي آهي جنهن جي هيٺان فقط پاڻي ۾ ننڍيون ٻيڙيون لنگهي سگهن ٿيون

پر هيءَ ”ڪان مون“ پل جيڪا شمونو سيڪيءَ ۾ موجي بندرگاهہ کي ٻگنڍي ٽي آرچ (ڪمان) وانگر تمام مٿاهين آهي جو ٻنهي پاسي ٽورو اڳيان هلي سمنڊ تمام ويڪرو ٿيو وڃي ٿو اونهو ٿيو وڃي ٿو هن جي هيٺان هر قسم ۽ سائيز جا جهاز لنگهي سگهن ٿا.

اسان صبح جو نيرن ڪري گهمڻ لاءِ نڪتاسين. نيرن ۾ نتسومي وارن گهڻو ئي ڪجهہ رکيو پر چانهہ نہ هئي. هنن جي حساب سان تہ هنن بهترين نيرن سجائي رکي هئي، پر سڀ ڪجهہ جپاني اسٽائيل جو هو. ڪاش رڳو فراءِ يا آمليٽ بيضي سان گڏ بہ ٽي ڊبل روٽيءَ جون سلائيس رکي ها تہ پاڻ بہ وڏي خرچ کان بچي وڃي ها ۽ اسان بہ ڪائي خوش ٿيون ها. گذريل ڏينهن کان چانهہ جو تہ نالو ئي نہ هو. بهرحال ميزبان جو پئسو سجايو ڪرڻ ۽ منجهند تائين بک مرڻ کان بچڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ کاڌو پيو. ڳاڙهي رنگ جي مڇي (Sakana)هئي، جيڪا هتي ساڪي ٽي سڏجي. هتي جي چانورن مان ٺهيل شراب پڻ ساڪي سڏجي ٿو. يعني ڪيترن ئي جپاني لفظن وانگر هنن جا اُچار ساڳيا آهن پر ڪانجيون (شڪل واريون لکڻيون) مختلف آهن. بيو صبح ساڻ گوهان (پت) کائڻ اسان مڊل ايسٽ ۽ اولهہ ايشيا (ايران، پاڪستان) وارن لاءِ ڪيڏو عجيب آهي!

جيتوڻيڪ بنگلاديش، برما کان وٺي ڪمبوڊيا، ويٽنام ۽ هانگ ڪانگ، ڪوريا تائين نيرن تي پٽ ۾ مڇي عام ڳالهه آهي.

نيرن ۾ ان کان علاوه تماگو (بيضو)، توفو (پنير جهڙي شيءِ جيڪا سويابين مان ٺهي ٿي)، ڪابيتسو (سلاد جا پن) هئا. جپاني نيرن تي چانهه يا ڪافي بدران مِيسو شيرو (ڳڙ ۽ ٻين شين مان ٺهيل سُوپ) پيئن ۽ هن ۾ ڪدو (Pumpkin) جا ٽڪر به پيل هئا. ڪدو جپان ۾ اوچي ۽ مان واري ڀاڄي سمجهي وڃي ٿي (۽ تمام مهانگي پڻ). مون ڪي ته پٽ تي ئي گذارو ڪرڻو پيو.

نتسومي مختلف لڪ ۾ لنگهه، هاءِ وي ۽ ٽنل پار ڪندي موجي شهر کان اچي نڪتي. جپان سڄو جبل آهي. اهو ڪهڙو طرف آهي، اهو ڪهڙو هنڌ آهي، جتي جبل نظر نٿا اچن. هڪ ٻئي جپاني دوست ياماناڪا سان هڪ ڏينهن وڏي سفر تي نڪتس (ان جو احوال ڪٿي ٻئي هنڌ ڪنداسين) صبح کان شام تائين اسان اٽڪل ڇهه سؤ ميل سفر ڪيو. فقط هڪ هنڌ ڪجهه ميل اهڙا آيا جو پٽ لسوئي لسو هو، جيئن پاڙ وٺ ٿئي. اهو ٽڪرو مون کي به عجيب لڳو ۽ آئون ڪجهه چوان ان کان اڳ ياماناڪا چيو ”مسٽر الطاف، هتي پهچي لڳندو اٿم ڄڻ يورپ ۾ اچي ويو آهيان.“ آئون سندس ڳالهه جو مطلب سمجهي ويس ته يورپ مان هن جو مطلب سئٽزرلئنڊ، ناروي يا سئيڊن

جهڙو جابلو ملڪ نہ پر فرانس ۽ اسپين (جتي هو گهمڻ لاءِ ويو هو) آهي ۽ اتي جي جن شهرن ۾ رهي آيو آهي اتي جا چراگاهہ ۽ لسا پٽ هن کي ياد ٿا اچن. بهرحال ڪن رستن تان مفت ۾ تہ ڪن رستن ۾ جبلن مان کوٽيل سرنگن مان ٽپڻ لاءِ مقرر ٽيل في (ٽال ٽيڪس) ڏيندا موجي ۾ پهچي وياسين.

ڊچ (هالينڊ جا رهاڪو) سمنڊ پرڻ جا هوشيار آهن تہ جپاني جبلن مان لنگهڻ لاءِ سرنگهون ٺاهڻ ۾. جپان ۾ اهڙين سرنگهن (Tunnels) جو ڪو ڪاٿو ئي نہ آهي. سعودي عرب ۾ بہ ڪيتريون ئي جابلو سرنگهون جپانين جون ٺهيل آهن. ٻڌو اٿم تہ تازو پجهڙائيءَ ۾ جپانين (شايد ڪوهاٽ ۾) هڪ جابلو سرنگاسان کي دوستيءَ ۾ ٺاهي ڏني آهي.

موجي شهر جي وچ مان لنگهندي ڪجهہ پراڻا رستا ۽ عمارتون ياد آيون. هانسن دوري اوينيو، تائشيو اوينيو، ”موجي“ جي ريلوي اسٽيشن، جيڪا 1914ع جي ٺهيل آهي. O.S.Kشپنگ ڪمپنيءَ جي عمارت، جيڪا ڪنهن زماني ۾ جهاز ۾ سفر ڪرڻ وارن مسافرن لاءِ انتظار گاهہ لاءِ استعمال ٿيندي هئي ۽ ڪسٽم هائوس طور پڻ استعمال ٿي. اسان ياماشيرويا نالي هڪ ڊپارٽمينٽ اسٽور وٽ

گاڏي بيهاري ڪجهہ ڪائڻ لاءِ شيون ورتيون ۽ پوءِ جيئن ’ڪان مون‘ پل اُڪرياسين تہ ٻئي طرف شمونوسيڪي هو.

”پهرين ڪٿي هلون؟“ اسان جي ميزبان نتسوميءَ پڇيو.

”پهرين هيڏانهن ڪاٻي پاسي هل تہ هتي جو بندرگاهہ وارو علائقو ڏسون، جتي بيهي سمنڊ جي هن سوڙهي گهٽيءَ مان لنگهندڙ جهازن کي ۽ پريان موجي جي شهر ۽ بندرگاهہ کي ڏسون.“ مون چيو.

”اتي مڇيءَ جي وڏي مارڪيٽ بہ آهي، اها بہ توهان کي ڏيکاريان ٿي. اتان مون کي گهر لاءِ مڇي بہ وٺڻي آهي.“ نتسوميءَ چيو.

سمنڊ جي ڪناري تي ٺهيل هيءَ مڇي مارڪيٽ جيڪا هاڻ ڪجهہ سال اڳ ئي نئين ڪئي وئي آهي، ڪافي وقت کان مشهور آهي. اڳ ۾ ڪاٺ جي ڪامن، ٿنڀن ۽ ڪکن جي ڇتين جي ٺهيل هئي. بندرگاهہ يا شپ يارڊ مان نڪري شهر ڏي ويجهو هو تہ هتان لنگهہ ٿيندو هو. صبح هجي يا شام ـ مهاڻن ۽ خريدارن جو گوڙمتو پيو هوندو هو. هينئر انهن سان گڏ ڪاسائين ۽ هوٽل وارن جو بہ ميڙو متل هو. هونءَ مهاڻا ٻيڙين مان مڇيون لاهي ڊئريڪٽ گراهڪن کي وڪڻي ڏيندا هئا، هاڻ ڪاسائي انهن کان سڄيون مڇيون وٺي انهن کي ڳتي صاف ڪري، مختلف Shapes ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪري پلاسٽڪ جي ننڍڙن Trays ۾ پئڪ ڪري، گراهڪن کي وڪڻي رهيا هئا. هتي

مڇي معنيٰ رڳو پاڻ واري شڪل جو پلو، ڏنيرو، سرمائي، هيرو، پامفريٽ يا ڪرڙو مڇي نه پر ڪيترن ئي قسمن جي مڇي، جنهن کي اسان جي ملڪ جي ساموندي ڪنارن تي رهڻ وارن به ڪڏهن ڪاڏو ته ڇا پر ڏٺو به نه هوندو_اها هتي جپان ۾ عام طرح دڪانن ۽ هوٽلن ۾ وڪامي ٿي. ڪيتريون مڇيون ته اسان وٽ عام نه هجڻ ڪري انهن جا سنڌيءَ ۾ کهڙا نالا ويهي لکجن. آڪٽوپس (جنهن کي جپاني Takoمڇي سڏين)، اسڪد مڇي (Eka) کان گانگٽ ۽ ڪيڪڙن جا ڪيترائي قسم، جن جون شڪليون ئي وچن ۽ ڪوريئڙن جهڙيون خطرناڪ ٿين ٿيون، هتي عام طرح کاڌيون وڃن ٿيون. ٻيون مڇيون ته ٺهيو پر ’پفر مڇي‘ جنهن کي جپاني فوگو (Fugo) سڏين، جيڪا ايڏي زهريلي ٿئي جو ان مڇيءَ کي ڪٽڻ ۾ ڪاسائي کان ٿوري به غلطي ٿي وڃي ۽ زهر رهجي وڃي ته ان جو هڪڙو پور به ماڻهوءَ کي اقٽ مارڻ لاءِ ڪافي آهي. اها مڇي به هتي جپان ۾ شوق سان کاڌي وڃي ٿي ۽ اها مڇي سڀ ۾ گهڻي مهانگي به ٿئي ٿي. هن مارڪيٽ ۾ ان قسم جون ڪيتريون ئي مڇيون وڪامي رهيون هيون.

هونءَ هن مارڪيٽ واري جاءِ تي اڄ کان ٽيهارو سال کن اڳ تائين ايندو هوس ته هڪ پوڙهي مائي ڪٽڇي رکي ننڍڙا گانگٽ ۽ مڇيون فراءِ ڪري وڪڻندي هئي ۽ اسان جهاز تان لهي واڪ ڪرڻ

مهل يا شهر مان موٽڻ مهل هن کان اهي گرم گرم تريل مڇيون وٺي، ڊبل روٽي يا بن ۾ وجهي کائيندا هئاسين. هاڻ ته هن نئين مارڪيٽ ۾ ڪيٽريون ئي ننڍيون ننڍيون ريسٽورنٽون ٺهي ويون هيون، جتي گانگٽن ۽ مڇين جا ڪيٽرائي قسم ترجي رهيا هئا ۽ گراهڪ اهي پئڪ ڪرائي گهر لاءِ کڻي وڃي رهيا هئا يا اتي ئي رکيل ٽيبل ڪرسين تي ويهي کائي رهيا هئا. دڪاندار ڇوڪريون هر لنگهندڙ جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ پنهنجي مال جو هوڪو ڏئي سڏي رهيون هيون. نتسوميءَ گهڻو ئي چاهيو ته اسان هتي جي مڇي کائون، پر آئون پڙ ڪڍي بيٺس ته ان کان پٽٽو چپس يا ڪو ڪيڪ بسڪيٽ کارائي پر مڇي نه. بهرحال پوءِ پاڻ ۾ بيا _ ويندي احسن ۽ ايمان وارا مڇي کائڻ لاءِ ويهي رهيا. آئون برف ۽ شربت جو ڳنڊو وٺي اچي ٻاهر سمنڊ جي ڪناري واري روڊ تي رکيل بئنچن مان هڪ تي ويٺس. جهڙالو ڏينهن هو پر درياهه جي هن پار يعني ڪان مون ڳچي سمنڊ جي ٻي پار موجي شهر ۽ بندرگاهه ۾ بيٺل جهاز چٽي طرح نظر اچي رهيا هئا. مون هڪ هڪ ڪري جهازن جون چمنيون (Funnel) ڏٺيون، جن تي جهازن جي ڪمپنين جا نشان (Logo) ٺهيل ٿين ٿا. انهن نشانن ۾ مون پاڪستان ۽ ملائيشيا جي سڃاتل جهاز ران ڪمپنين جا نشان

ڏسڻ چاهيا ٿي جن جهازن تي منهنجا دوست يا شاگرد ٿي سگهن ها، پر ان وقت ڪو بہ اهڙو جهاز نہ هو.

منهنجي ڪابي پاسي ’ڪان مون‘ پل هئي، جنهن ذريعي اسان هُن پار (موجي شهر) کان هِن پار شمونوسيڪي پهتا هئاسين. هن پل جو نالو سمنڊ جي هن ڀڳچي سمنڊ (Kanmon Straits) تان رکيو ويو آهي. پل مٿان ڪارون، بسون ۽ وڏا وڏا ٽرالر لنگهي رهيا هئا ۽ پل هيٺان موجي يا شمونوسيڪي جي بندرگاهہ مان نڪرندڙ جهاز ۽ اهي جهاز لنگهي رهيا هئا جيڪي چين ۽ ڪوريا کان جپان جي اندرين بندرگاهن ڏي ويٺا هئا. ساڄي پاسي شمونوسيڪي جي شپ يارڊ جون وڏيون وڏيون ڪرينون نظر اچي رهيون هيون. اتي اسان جا جهاز رپيئر ٿيندا هئا. منجهائن وڏيون وڏيون مشينون هنن ڪرينن ذريعي جهاز مان ٻاهر ڪڍي شپ يارڊ ۾ نهڻ لاءِ کڄي وينديون هيون ۽ پوءِ ٺهي اچڻ بعد وري انهن ڪرينن ذريعي جهاز جي اندر مقرر هنڌ تي پهچائي، فِٽ ڪيون وينديون هيون.

آئون اتي بينس ۾ باقي بچيل اڌ ٻُڪ جيڏو ڳنڍو ڪچري جي ڊٻي ۾ اڇلي، واڪ ڪرڻ لڳس. عمر سٺ سالن جي ويجهو شگر ليول باربر تي ۽ آفت جيڏو ڳنڍو، نج کنڊ جي شربت سان کائي رهيو هوس. شمونوسيڪيءَ جو سڄو علائقو پيچ ڏاهہ بعد نئون ۽ ماڊرن ٿي چڪو

هو. ٻاويهہ سال وڏو عرصو آهي، جپان جهڙي Dynamic ملڪ لاءِ، جيڪو چڙهندڙ سج جو ملڪ هجي يا نہ پر تمام گهٽو چڙهندڙ يين (ناٽي) جو ملڪ ضرور آهي. هتي جي محنتي ماڻهن، گهٽي پاڳي وطن لاءِ پيار رکندڙ سياستدانن ۽ ملڪ جي ناٽي يين جي وڏي ساک هجڻ ڪري هي ملڪ (جپان) قدرتي طرح نہ برابر سهولتن ملڻ جي باوجود سکيو ستابو ٿيو آهي. واڪ ڪرڻ دوران آئون غور سان رستي جي ڪپرن تي ٺهيل گدام، آفيسون، ڊپارٽمينٽل اسٽور ڏسڻ لڳس. هر شيءِ مون کي نئين نظر اچي رهي هئي. يعني منهنجي 25 سالن جي غير موجودگيءَ ۾ هر شيءِ بدلجي وئي، پر نہ بدليو آهي تہ هڪ ڪاٺ چيرڻ جو ڪارخانو جنهن کي در اصل ڳولڻ لاءِ آئون واجهائي رهيو هوس. ان ڪارخاني کي ڏسي مون کي خوشي محسوس ٿئي ٿي ۽ آئون چيلهہ تي هٿ رکي ڪارخاني جي ٻاهرين شٽرن (لوهي دروازن) ۽ شهتيرن مٿان ۽ پاسي تي غور سان ڏسان ٿو ۽ ڏسندو ئي رهان ٿو. منهنجي پويان نتسومي وارا بہ اچي پهچن ٿا.

”چا ڏسي رهيو آهين؟“

”Atsuibame“ (آتسموبامي)، آئون چپن تي آڱر رکي کين ماٺ ڪرايان ٿو.

نتسومي کلندي چيو، ”مون سمجهيو تہ هتي ڪنهن سان پراڻيون يادون وابستہ اٿئي، ان ڪي ليئا پائي ڏسي رهيو آهين.“

”ها صحيح سمجهيو تو.“ مون چيومانس.

منهنجو جهاز جڏهن شمونوسيڪي ايندو هو تہ آئون هتان هن رستي تان لنگهندي هن ڪارخاني وٽ بيهي رهندو هوس ۽ ڪا دير هنن آتسو بامي پکين کي ڏسندو هوس. هو ڪارخاني جي مين گيٽ جي ڪامن مٿان ۽ ڪاٺ جي ڇت ۾ نهيل آکيرن مان نڪري ٻاهر آسمان ڏي اڏامي وري ان ئي گهڙي اچي پنهنجي گهرڙن ۾ ويهندا هئا.

نتسومي ۽ ٻار غور سان انهن پکين کي ڏسڻ لڳا. احسن انهن جو سنڌيءَ ۾ نالو پڇيو.

”ابابيل.“ مون ٻڌايومانس. ”آئون ۽ تنهنجي ڏاڏي (يعني منهنجي پيڻ نجمہ) جڏهن توکان بہ ننڍا هئاسين تہ پنهنجي ڳوٺ هالا ۾ شام جي وقت انهن پکين کي آسمان ڏي اڏامندو ڏسندا هئاسين ۽ پوءِ ڪجهہ پکي لُوهہ پائي اسان جي گهر سيراٽيل ڪامن ۽ ڪکن واري ڇت ۾ اچي لڪندا هئا.“

انهن ڏينهن ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ نہ بجلي هئي ۽ نہ ڪار يا ريڊيو. ڪيڏو سانت ڀريو ڳوٺ هو. جنهن ۾ سج لهڻ سان اوندهہ ٿي

ويندي هئي ۽ ماني کائڻ بعد ننڍ اچڻ تائين اڱڻ ۾ کٽ تي ليٽي ليٽي رڳو آسمان ۾ تاراءِ ڳڻيون ڏسبيون هيون. اسان جي مرحوم ڏاڏي سمهڻ مهل توڙي صبح جو سوير اٿي، مختلف مندن ۾ تارن جي چرپر ۽ انهن جا نالا ٻڌائيندي هئي ۽ اهي خيالي شڪليون پڻ جيڪي تارن جا گروپ ٺا ٺاهين. نيول (ميرين) اڪيڊميءَ ۾ سيڪاريل (Astronomy) جو اڌ سبجيڪٽ ته ڄڻ ننڍي هوندي ئي اسان کي ڏاڏيءَ پڙهائي ڇڏيو هو. منهنجي ضد ڪرڻ تي مون کي پير واري گهٽيءَ ۾ خليفن (سُرهين) جي گهر وٺي هلندي هئي، جتي ڪنڊ واري ماسي ڏِنل جي گهر ۾ پيچري ۾ پاليل ابابيل ڏسڻ منهنجو وڏو انگل هوندو هو ۽ پوءِ شمونوسيڪيءَ ۾ پهرين دفعي ئي مون کي هر هنڌ ابابيل نظر اچي ويا جن کي ڏسڻ سان مون کي پنهنجي مرحوم ڏاڏي ياداچي وئي هئي ۽ پوءِ آئون هر دفعي هن هنڌ ابابيل ڏسي دل خوش ڪندو هوس. جن جي اڏام سان، منهنجي ڏاڏي چوندي هئي، ڪوبه پکي پڄي نٿو سگهي. آءٌ ان ڳالهه تي کلندو هوس. ٿي سگهي ٿو هوءِ مون کي خوش ڪرڻ لاءِ ائين چوندي هجي، جو هن کي خبر هئي ته ابابيل مون کي وڻن ٿا ۽ پوءِ ڪيترن سالن بعد جڏهن جپان ”بليٽ ٽرين“ ناهي ته شايد ٿي ويءَ تي هڪ سائنسي پروگرام ۾ ڪنهن چيو ته هيءَ بليٽ ٽرين، هر جانور ۽ پکيءَ کان تکو ڊوڙي ٿي،ته هتي جي هڪ جپاني زولاجسٽ چيو ”ها.

سواءِ هڪ پکي_ آتسوبامي جي!“ اهو ٻڌي مون کي ڏاڍو تعجب لڳو هو.

”هاڻ هلڻ کپي.“ نتسومي جي آواز مون کي ماضيءَ مان ڪڍي وري حال ۾ ”ڪان مون“ پل وٽ شمونوسيڪي جي هن ميرين ڊرائيو واري روڊ تي آڻي بيهاريو.

”بلڪل هلڻ کپي.“ اسان ورڻ لڳاسين.

”معاف ڪجو! جي اجا ڏسڻ چاهيو ته به توهان جي مرضي.“ نتسوميءَ چيو.

”نه. نتسومي سانَ (مئڊم نتسومي) هاڻ ابابيل آهن ئي ڪٿي. هيتري دير ۾ ڪي به تي نظر آيا نه ته اڳ ۾ سوين هوندا هئا.“

”هيءَ سندن لڏي وڃڻ جي مَتان موسم هجي ۽ هتان ڪجهه وقت لاءِ هليا ويا هجن.“ نتسومي چيو.

”نه اها ڳالهه ناهي. هو هتان هميشه لاءِ هليا ويا آهن. هر ملڪ ۾ اسين انسان ايترو ماڊرن ٿيندا وڃون_ ان سان گڏ گاڏين، موٽرن، جهازن، ڪارخانن جو گوڙ ايڏو وڌندو وڃي، جو اسان ڏينهون ڏينهن وڃون نئچر کان ڏور ٿيندا. پلا ههڙي گوڙ گهمسان ۾ ڪهڙو پکي رهي سگهندو. رڳو هن ڪارخاني جوئي گوڙ ايڏو آهي جو هتي ڪو رهي نه سگهي. هن سڄي قطار ۾ فقط هن ڪارخاني جي عمارت اها ساڳي

آهي پر اڳ ۾ هتي گهڻو تڻو ڪم هٿ سان ٿيندو هو. هاڻ هر ڪم مشينن سان!“

جپان جو هي بندرگاهه شمونوسيڪي تمام گهڻي تاريخي اهميت رکي ٿو. جپان جي سڀ کان وڏي ٻيٽ ”هونشو“ جي بلڪل آخري ڪنڊ تي آهي جيڪو حصو باقي دنيا (ڪوريا، چين) وغيره جي بلڪل ويجهو آهي. سڄو جپان دنيا کان الڳ ٿلڳ ۾ پري رهيو. ڪجهه جاگرافي بيهڪ ڪري ڪجهه عوام ۾ حڪومتن جي مرضي ڪري به. پر جيڪي ڪجهه سندن ٻين ملڪن سانلاڳاپو رهيو ته سندس گهڻي ياڱي Contactهتان شمونوسيڪي واري پاسي کان رهيو. جيڪو ڏکڻ ڪوريا سان ته ڄڻ ڳنڍيو پيو آهي. اڄ به روزانو هڪ فيري جپان مان هِن بندرگاهه ’شمونوسيڪي‘ کان ڪورياجي ويجهي بندرگاهه ’پوسان‘ ڏي وڃي ۽ موٽي ٿي. ڪيترائي جپاني روزانو ڪوريا_ ڪجهه گهمڻ، ڪجهه عياشيءَ لاءِ ۽ ڪجهه سستي خريداريءَ لاءِ وڃن ٿا ۽ ڪوريا جا ماڻهو جپان ۾ نوڪري ۽ بزنيس لاءِ اچن ٿا. بلڪ ائين چئجي ته جپان جو بندرگاهه شمونوسيڪي ۽ ڏکڻ ڪوريا جو بندرگاهه پوسان ان جاگرافڪ پوزيشن ڪري وڏيا ويجهيا ۽ امير ٿيا آهن ۽ صدين کان هتي جپانين ۽ ڌارين جي اچ وڃ لڳي رهي آهي.

”هتي جو مشهور جِنجا (درگاهہ) ’اڪاماجنگو جنجا‘ ڏسڻ هلون؟“ نتسوميءَ پڇيو.

جپان سڄو مندرن (جن کي جپانيءَ ۾ اوتيرا ۽ انگريزيءَ ۾ Temple چئجي ٿو) ۽ جنجا (Jinja) سان پريو پيو آهي. جنجا کي انگريزيءَ ۾ (Strine) سڏجي ٿو ۽ آئون في الحال درگاهہ لکندو اچان، جيسين ڪو سنڌيءَ جو ماهر ان لاءِ ڪو لفظ ڳولي يا جيسين ڪو پڙهندڙ مون کي صحيح لفظ ٻڌائي. تيسين ستر جي شروع وارن سالن کان وٺي درگاهہ لکندو اچان جو هتي جي جنجائن تي ڇوڪرا ڇوڪريون، پوڙها پوڙهيون وڻن ۾ اڳڙيون ٻڌي سُکائون ڪنديون، ننڍڙي ٺهيل کوهہ ۾ خواهش پوري ٿيڻ لاءِ سِڪا اڇليندا، جنجائن جي مجاورن ۽ انهن جي خوبصورت مددگار ڇوڪرين کان رولڊ گولڊ جا مهانگا مهانگا تعويذ خريد ڪنديون، چپل جتي لاهي هٿ ۾ جهليندا، ان ۾ دفن ڌرمي رهنمائن ۽ ”سوموروائي“ جنگجوئن جي قبرن تي وڻن جون ٽاريون رکنديون.... اهي حال ڏسي اسان جهازي دوست جنجا کي درگاهہ سڏڻ لڳاسين ۽ اوتيرا کي مندر_ جيڪو ٻڌ ڌرم جو مندر بہ ٿي سگهي ٿو (جنهن ۾ رکيو گوتم جي مورتي ٿئي ٿي) تہ شنتو ڌرم جو مندر بہ (جنهن ۾ ٻاوا ۽ انهن جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ ’مائڪو‘ ڇوڪريون ٿين) ۽ مندر کان وڏيڪ انهن خوبصورت جوان

مائڪو چوڪرين کي ڏسي زائرين جي دل خوش ٿي ويندي هوندي. بهرحال جنجا ۽ اوتيرا ۾ اهو فرق آهي، جيتوڻيڪ ٿوري وقت لاءِ آيل هڪ ٽُوئرسٽ کي اهي سڀ هڪجهڙا مندر لڳندا.

شمونوسيڪيءَ ۾ به جپان جي ٻين شهرن وانگر ڪيترائي جنجا ۽ اوتيرا آهن. نتسومي اسان کي اڪوما جنگو جنجا (درگاهه) ۾ وٺي آئي جيڪو No Doubt خوبصورت هنڌ تي، سهڻي آرڪيٽڪٽ ۽ رنگن جو آهي. خوبصورت يا سهڻو هنڌ ته نه فقط هن مندر لاءِ چئي سگهجي ٿو پر هن قسم جا آڳاٽا مندر جبلن تي، جبلن جي غارن ۽ قدمن ۾ بيحد رومانوي هنڌن تي آهن جتي قدرتي باغ باغيچا ويندي آبشار وغيره آهن.

شمونوسيڪي جپان جي ياما گچي ضلعي ۾ آهي. انتظاميه جي لحاظ سان (جاگرافيڪلي ۽ ڪلچرلي) سڄي جپان کي مختلف حصن ۾ ورهايو ويو آهي، جنهن کي پاڻ صوبا يا ملائيشيا وانگر رياستون ته نٿا چئي سگهون، پر ڪٽي ضلعا سمجهون. جيتوڻيڪ پنهنجي حيدرآباد، نوابشاهه جهڙي ضلعي کان به وڏا ٿيندا. جپاني ان کي Kenسڏين ۽ انگريزيءَ ۾ Prefecture. هتي جپاني اڪثر پڇندا آهن ته تون ڪهڙي پريفيڪچر (Ken) کان آهين؟ ان مان ماڻهوءَ جي رسم رواج ۽ ڪلچر جي ڪافي خبرپوي ٿي. هونءَ ڪٽي

جپان Homogenous ملڪ آهي، پر تڏهن بہ زبان جي لهجي ۽ رسم رواج ۾ هر ضلعي (Ken) مطابق فرق اچي ٿو. جيئن سنڌ ۾ هڪ ئي سنڌي زبان ڳالهائي وڃي ٿي، پر تڏهن بہ ٿر، شڪارپور، حيدرآباد ۽ ٺٽي جي زبان ۾ ڪجهہ فرق رهي ٿو.

جپان جي وڏي ۾ وڏي ٻيٽ هونشو (جنهن ۾ ٽوڪيو، يوڪوهاما، ڪوبي ۽ اوساڪا جهڙا شهر آهن) جو آخري پُڇڙي وارو پريفيڪچر (Ken)”ياما گچي“ آهي، جنهن جي آخري ڪنڊ تي هي بندرگاهہ شمونوسيڪي آهي. ياما گچي ڪين جي پرسان شماني، يروشيما، اوڪاياما جهڙا پريفيڪچر آهن. ڪيترن ئي پريفيڪچرن جا نالا اتي جي وڏي شهر جا بہ نالا آهن. جيئن هيروشيما پريفيڪچر جو نالو آهي تہ ان ضلعي جي وڏي شهر جو بہ. جيئن پاڻ وٽ دادو، ٺٽو ۽ ٻيا ضلعا بہ آهن تہ شهر بہ، جيتوڻيڪ ڪي فقط ضلعن جا نالا آهن، جيئن پاڻ وٽ ٿرپارڪر ضلعو.

نتسوميءَ جو پيءُ جيتوڻيڪ ڪوڪورا شهر (فڪوئوڪا پريفيڪچر) جو آهي پر سندس ماءُ ياما گچي پريفيڪچر جي آهي. فڪوئوڪا جپان جي ٽي نمبر وڏي ٻيٽ ڪيوشو جو آخري ضلعو آهي، جنهن جي پڇڙيءَ وارو بندرگاهہ ’موجي‘، شمونوسيڪي بندرگاهہ جي آمهون سامهون آهي. نتسوميءَ ٻڌايو تہ سندس ڏاڏي

Yamaguchi ياماگچيءَ ۾ دفن ٿيل آهي ۽ هوءَ ٿورو وقت اتي به هلندي. ڏاڏيءَ جي قبر تي رکڻ لاءِ وٽن جون تاريون هن ان ئي وقت هڪ گلن واري جي دڪان تان ورتيون جنهن وقت مون ابابيل پئي ڏٺا.

جپاني مري ويلن جي لاش کي ساڙي پوءِ راک کي زمين ۾ دفن ڪن. ان جي مٿان به يا ٽي فوٽ ڪن چورس يا مستطيل ڪٽ ورڪ جي مختلف جيوميٽريڪل Shapes جا پٿر رکن. اهي پٿر ان مري ويل جي پونئيرن جي سماجي ۽ معاشي پوزيشن ظاهر ڪن ٿا. قبرن مٿان رکڻ لاءِ انهن ڪٽ ورڪ وارن پٿرن جو اخبار ۾ ڪالهه ئي هڪ اشتهار پڙهي رهيو هوس، جن جي قيمت لکين ين ٿئي ٿي. اخبار ۾ جيڪي مختلف قبرن جا پٿر ڏنل هئا انهن ۾ هڪ اسي مَانَ ين جو آهي، يعني 800000 ين جو (هڪ 'مَانَ' ۾ ڏهه هزار ين ٿين)، هڪ 135 مانَ جو (يعني ساڍن تيرهن لک ين جو_ جيڪو پاڪستاني ست لک رپين جو ٿيو) ۽ هڪ ته 250 مانَ جو به آهي، يعني پنجويهه لک ين (يعني ساڍن ٻارهن لک رپين) جو. هونءَ جپاني ماڻهو پئسي خرچڻ جي معاملي ۾ سياڻا آهن، پر مرڻي پرڻي جهڙين ٻن ٽن رسمن ۾ مار ڪايو وڃن ۽ جي ائين نٿا ڪن ته دوست يار کين ٽُڪون ٻُجا ٿا هڻن ۽ پاڻ به ين کي هٽندا رهنٿا. هو پنهنجو پاڻ کي اهڙين رسمن کان آجو ڪري نه سگهيا آهن ،جو يورپين وانگر هيڏانهن هوڏانهن به شفٽ

نتا ٿين. جپان ۾ رهائش جو مسئلو آهي ۽ سالن کان سڀ اتي ئي انهن گهٽين ۽ گهرن ۾ آچار ٿي رهيا پيا آهن. وڏ ۾ وڏ گهر ڊاهي يعني Horizontal ٺاهيا اٿن ۽ Vertical(فليٽ) جايون ختم ڪري سڀ اتي ئي وينا هڪ ٻئي جي غمين خوشين جا معرڪا اٿيندڊ ڪن ۽ هڪ ٻئي تي ٽوڪون چٿرون ڪن.

ٻي ڳالهہ تہ جپاني پنهنجي مري ويل مائٽن جي قبرن تي گل رکڻ بدران هڪ خاص وڻ جون ٽاريون رکن، جيڪو هتي جي جابلو علائقن ۾ تمام گهڻو ٿئي ٿو.

اسان کي نتسومي شمونوسيڪي شهر جي مختلف هنڌن تان ڦيرائي اڪاما جنگو جنجا تي وٺي آئي، جيڪو ٿورو مٿاهين Altitude تي آهي جتان پري پري تائين سمنڊ ۽ ان ۾ هلندڙ جهاز ۽ ٻيڙيون نظر اچي رهيون هيون. سال ۾ هڪ دفعو هن درگاهہ کي چڱيءَ طرح صاف ڪيو وڃي ٿو ۽ اهو ڏينهن صفائيءَ جو هو. شهر جا ڪافي والنٽيئر مرد ۽ عورتون صفائي لاءِ پهچي ويا هئا. جن مان ڪيترن بانس جا وڻ پٽي انهن جي ٽارين سان ٻهاري ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي هئي. هڪ انهن ۾ تمام پوڙهي عورت پڻ هئي. پوڙهيون تہ ٻيون بہ ڪيتريون ئي هيون پر انهن پوڙهين ۾ هيءَ تمام جهور پوڙهي هئي.

مون هن کان عمر نہ پر اهو پڇيو تہ هوءَ ٻي وڏي لڙائيءَ ۾ جڏهن آمريڪا هيروشيما تي بم ڪيرايو هو تہ ڪيترن سالن جي هئي.

”چاليھہ سالن جي هونديس.“ هن وراڻيو. تنهن جي معنيٰ تہ هيءَ نوي سالن کان وڏي عمر جي ڇئبي. شاباس هجيس جو هن عمر ۾ اهڙي ڪڙي تڙي آهي، جو گهران هتي آرام لاءِ نہ پر هن جنجا (Shrine) جي صفائي لاءِ آئي آهي. سندس هٿ ۾ ٻهارو هو. مون ڪيس فوٽو لاءِ منٿون ڪيون پر هوءَ شرمائيندي رهي. هن سان گڏيون (هن کان گهٽ پوڙهيون) فوٽو لاءِ پاڻهي ئي پئي آيون پر هيءَ نہ مون سان گڏ ڪڍائڻ لاءِ راضي هئي ۽ نہ اڪيلي سِر. پر پوءِ نتسوميءَ الائي ڪهڙو ڪن ۾ ڦسڪو هنيس جو هوءَ يڪدم راضي ٿي وئي. شايد اهو ئي چيو هوندائينس تہ گائيجن (ڌاريون) آهي. هي فوٽو پنهنجي ملڪ وڃي ڏيکاريندو يا خبر نہ آهي ڇا چيائينس.

اهڙي طرح هڪ فوٽو هن درگاهہ جي وڏن مجاورن جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ وارين ڇوڪرين (جيڪي مائيڪو سڏجن ٿيون) مان هڪ سان ڪڍائڻ چاهيم ٿي. منهنجي پر سان لنگهندڙ هڪ کي چيم، پر هوءَ پيرَ سڙيل ٻليءَ وانگر هيڏانهن هوڏانهن پئي وئي، جڻ سڄي مندر ۽ قبرستان جي صفائيءَ جو ڪم هن جي مٿي تي اچي ويو هجي. ان بعد وري نتسوميءَ خبر ناهي ڪهڙا Magic words چئي هڪ ٻي

مائڪو ڪي مندر مان گهلي آئي ۽ منهنجي چوڻ تي مندر اڳيان روايتي رڪيل پٿرن جي ڪتن مان هڪ جي اڳيان ٿي بيٺي ۽ نتسوميءَ فوٽو ڪڍيو. ڪُتن بابت شروع جي مضمونن ۾ لکي چڪو آهيان ته شنتو ڌرم جي مندر اڳيان ٻه ڪتا بيٺل هوندا آهن.

بهرحال هي تکي ٻاڙهي ۽ نارنگي رنگ جي جنجا (جپاني درگاهه) شهنشاهه انتوڪُو (Antoku) جي نالي وقف ٿيل آهي، جيڪو 1185ع ۾ Dan no Ura نالي نيول جنگ ۾ مارجي ويو هو. اها لڙائي اتي ئي سامهون ’ڪان مون‘ ڳچي سمنڊ ۾ لڳي هئي... اتي موجود هڪ ٻائوهي سڄو قصو ٻڌائي رهيو هو پر مون ٻڌڻ ۾ گهٽي دلچسپي نه ڏيکاري.

اسان ڪي ته نتسومي پنهنجي ڪار ۾ هتي وٺي آئي پر هن پاسي بس ۾ به اچي سگهجي ٿو. هيءَ جنجا شمونوسيڪي جي ريلوي اسٽيشن کان ٽي ميل پري اوڀر ۾ آهي ۽ اتان هيءَ هينو اما جبل ڏي ويندڙ بس جي روٽ تي آهيءِ ”اڪاماجنگو مائي“ بس اسٽاپ تي لهي پئجي. ريلوي اسٽاپ کان ايندي رستي تي ياما گچي بئنڪ، هوٽل ٿرٽي ايٽ (جي ها! هن هوٽل جو نالو انگريزيءَ جو 38 آهي)، گرين هوٽل ۽ ڪائيڪيو يُومي نالي ٽاور نظر اچن ٿا. رستي تي گرانڊ هوٽل ۽ ڪاراٽو نالي بس اسٽاپ وٽ هن شهر جو ميوزيم (City Art

(Museumhino آهي، جيڪو سومر کان علاوه باقي ڏينهن تي صبح جو سادي نائين کان شام جو سادي چئين تائين کلي ٿو. ميوزيم واري هيءَ عمارت ميئيجي دور ۾ برٽش قونصليٽ بلڊنگ هئي، جيڪا 1906ع ۾ کلي هئي.

مٿيون اڪاماجنگو درگاهہ ۽ مندر "اڪاماجنگو_مائي" بس اسٽاپ کان ڪجهہ وکون سامهون آهي. هڪ ٻي جنجا (درگاهہ) سُمي يوشي (Sumy Yoshi_ Jinja) نالي پڻ اتي ئي شهر ۾ شن شمونوسيڪي ريلوي اسٽيشن جي پرسان هينو ياما جبل جي اتر ۾ آهي، جيڪا 1370ع جي آهي. هي جڳهيون جڏهن اسان جو جهاز هتي ايندو هو تہ اسان جي جهاز ران ڪمپنيءَ جي مقامي آفيس جو جپاني مئنيجر جهاز جي خلاصين ۽ آفيسرن کي گهمائڻ لاءِ مائڪرو بس کڻي ايندو هو. پر انهن ڏينهن ۾ ههڙين تاريخي شين ڏسڻ لاءِ اسان کي نہ دلچسپي هئي ۽ نہ توفيق.

"اڪاما جنگو" جنجا ڏيکارڻ بعد اسان جي ميزبان نتسومي اسان کي هن ياماگچي ضلي (پريفيڪچر) جي هڪ جهوني ۽ تاريخي شهر چوفو(Chofu) ۾ وٺي آئي. گهران نڪرڻ مهل نتسوميءَ جي سهري تونيجيءَ نتسوميءَ کيچوفو شهر وٺي وڃڻ ۽ "چوفو موري" سمورائي جنگجوئن جو پراڻو جپاني اسٽائيل گهر ڏيکارڻ لاءِ چيو هو.

سو هوءَ اسان کي چوفو ونئي آئي. هونءَ به چوندا آهن ته ڪو هن شهر_شمونوسيڪي ۾ اچي ته هن کي ڪپي ته چوفو جي گهٽين جو ضرور چڪر ڏئي ۽ هاڻ اسين هن تمام جهوني قلعي واري شهر جي پراڻي علائقي جوڪا ماچي (Joka Machi) جا چڪر هڻي رهيا هئاسين. هن ساموندي ڪناري واري شهر جو قلعو ته سڄو پڄي پري ويو آهي، ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ ان جون نشانيون رهجي ويون آهن. ڪجهه ڪچين پٽين وارا ۽ ساموارائي دروازا اجا تائين ياد گار طور ڇڏيل آهن. ان کان علاوه ميوزيم ۽ ڪجهه پراڻا مندر (اوتيرا) ۽ درگاهون (جنجا) پڻ هتي آهن. جيئن ته "ڪوازن_جي" جو مندر جتي اسان اچي ڪجهه فوٽو پڻ ڪڍيا ۽ ان ڏينهن چوفو ۾ رهندڙ ٻارن ۽ وڏن جي ڪراس ڪنٽري ڊوڙ ٿي رهيهئي جنهن جي شروعات هن _Ko zan_Ji مندر کان شروع ٿي رهي هئي. هڪ همراهه سمورائي (جنگجو جوڌي) جي ڊريس پائي هٿ ۾ تلوار کڻي آيو هو جنهن سان اتي جي جپاني ماڻهن فوٽو پئي ڪڍرايا. مون به ساڻس فوٽو ڪڍرايو. هي مندر 1327ع جو آهي ۽ جنهن سمورائي جوڌي جي ياد ۾ هي مندرآهي، ان جي براس جي ٺهيل چڱي وڏي مورتي اڱڻ ۾ رکيل آهي. هن مندر کان علاوه ٻيا جيڪي ڏسڻ لائق آهن، اهي هي آهن:

ڪاڪُوئان_ جي(Kakuoan_ Ji)جو مندر، اِمينو ميا_جنجا (Iminomiya) جي درگاهه ۽ نَوگي_جنجا (Nogi_Jinja)جي درگاهه. شمونوسيڪي جي اسٽيشن کان هر وقت چوفو بس ايندي رهي ٿي، جنهن جي ٽڪيٽ 450 يين آهي. چوفو شهر ۾ ماتسوبارا (Matsubara) يا جوشيتا ماچي (Joshita Machi) بس اسٽاپ تي لهجي.

اسان ”ڪوزان جي“ مندر مان نڪري ٿورو اڳيان هلياسين ته هتي جي مشهور ”چوفو موري“ حويلي ( Chofu Mori residence) نظر آئي، پر ڪار پارڪنگ پريل هجڻ ڪري ڪافي پري پارڪ ڪري هتي آياسين. هي ڏهاڪو کن ڪمرن جو هڪ سؤ سال کن اڳ جو ٺهيل گهر آهي. تاريخي طرح هن خوبصورت ڪاٺي حويليءَ جي وڏي اهميت آهي. هي گهر چوفو موري قبيلي جي چوڏهين سردار ٺهرايو. شهنشاهه ميئيجي هن حويليءَ کي ڪماموتو اچڻ وارن ڏينهن ۾ عارضي طرح محل طور استعمال ڪيو. وزير موتو توشي موري جي پوٽي مسز هنساڪو جيڪا شهزادي هاناڪو جي ماءُ جي حيثيت سان وڏيڪ مشهور آهي، پنهنجي نندپڻ جا ڏينهن هتي گذاريا هئا وغيره وغيره. چوفو ۾ ڪنهن گائيڊ کان پڇڻ تي يا هن حويليءَ طرفان مليل بروشر پڙهڻ سان ان قسم جي ڪيترن ئي سامورائي قبيلن جي

اهم ماڻهن ۾ هتي جي انيڪ جنگجو سردارن مان ڪيترن جي مٽن مائٽن جي خبر پوي ٿي، جن هن حويليءَ تي قدم رکيا. جپان جي هرهڪ پريفيڪچر (ضلعي) بلڪ ڳوٺ ڳوٺ جي جنگي جوڌن ۾ ساموراڻي پهلوانن ۾ ڏرمي پئنچن_ يعني هتي جي جاگيردارن، نوابن ۾ ”سيدن پيرن“ جي ايڏي پيچيده ۾ مُنجهيل هسٽري آهي، جو هتي جا ماڻهو به انهن کوندن کان پري ڀڄن ٿا ۾ اسان جاهلن ۾ سست ماڻهن کي ته مغلن جي تاريخ ته پري پر ميرن ڪلهوڙن جي تاريخ جي ئي چڱي طرح خبرناهي. سو هن حويليءَ ۾ ڪهڙو ساموراڻي سردار يا ڪنهن جي پوٽي ڏوهٽي رهي وئي، ان سان ڪهڙي دلچسپي. اهو آهي ته هيءَ حويلي ڏسڻ سانجپانين جي دماغ جو قدر ڪرڻو پوي ٿو ته هنن ڪکن ۾ ڪاٺ مان ڪيئن خوبصورت گهر ٺاهيو آهي، جيڪوسياري ۾ گرم ۾ اونهاري ۾ هوادار آهي ۾ گهر جي ڪنهن به پاسي جو سلائڊنگ دروازو گسڪاءِ ته سامهون خوبصورت وڻن، ٻوٽن ۾ وڏن پٿرن وارو باغ نظر اچي ٿو. تي سگهي ٿو ته اسان وٽ به ايترا وڻ ۾ ڪاٺ هجن ها ته سنڌ ۾ ان کان به خوبصورت ڪاٺ جا گهر هجن ها. پر سنڌ ۾ شروع کان ئي پاڻيءَ جو مسئلو رهيو آهي، جيڪو ماڻهن ۾ وهٽن جي پيئڻ لاءِ ئي حل نٿو ٿئي، اتي هڙين ۾ ٻيلن لاءِ پاڻي ڪٿان اچي. انگريز سرڪار ٻڌراجون نهرائي رستن جي ڪناري تي وڻن

جون جيڪي ڪجهه قطارون پوکرايون، آزادي ملڻ بعد اهي وڻ به اسان جي ڏاڏن مڙسن ڪٽرائي ڇڏيا. سو ڪٽان ڪاٺ اچي جنهن مان ههڙا گهر ٺهن. بس اهوئي شڪر آهي جو ٻارن جي کيڏڻ لاءِ ڪجهه لاٽون ۽ اٽي ڏڪر نهيو پيا وڃن.

جپاني آرٽ جي هيءَ خوبصورت حويلي ۽ چوڌاري سهڻو ۽ سانت ڀريو باغ، جنهن ۾ چؤطرف ڀنڀوريون ۽ پوپٽ پئي ڦريا ۽ سهڻن ۽ رنگين پکين لاٽيون پئي لنئيون، ڏسي دل خوش ضرور ٿيو وڃي، بشرطيڪ هتي اچڻ جون ڳريون ٽڪيٽون ۽ گاڏيءَ جي پيٽرول تي خرچ نتسوميءَ جهڙو ڪو سخي ماڻهو ڀري نه ته جپان يا سئيڊن جهڙا ملڪ پاڙا پري ڪي گهمڻ لائق نه آهن. ماٺ ڪري ٽوڪيو مان ئي موٽي وڃجي ’متان ڪا مري اچ، ڏئي پاراتو پنهل ڪي‘ وارو حساب آهي. منجهند جو هڪ اچي ٿيو هو. رستي تان ۽ گهران ڪنيل بسڪيٽن، پٽاٽو چپس ۽ ٻين شين جا پاڪيٽ کولي کائيندا رهياسين، سو بک نه لڳي هئي. پر نتسوميءَ چيو ته هلو ته توهان کي هتي جي خاص ماني کارايان.

اسان ڪيس گهڻو ئي چيو ته مانيءَ جي ضرورت ناهي جو هاڻ سڀ ڪجهه ڏسي ڇيهه ڪيوسين ۽ مانيءَ لاءِ وري شمونوسيڪي شهر جي وچ ڏيهلجي ان ڪان بهتر آهي ته هتان ئي هيءَ Kanmon پل ٽپي

موجيءَ هليو هلجي، جنهن کان پوءِ ڪوڪورا آهي _ جتي اسان رهيل هئاسين. پر نتسومي ذهني طرح اسان کي هتي جا ڪي خاص ڊش کارائڻ لاءِ آتي هئي، جيئن ڪنهن کي اڏيرو لعل گهمائي ٽنڊو آدم ۾ پڪل ران کارائجي.

”نوڊل توهان کي وڻن؟“ نتسوميءَ پڇيو.

نتسومي چڱيءَ طرح واقف آهي تہ اسان لاءِ ڇا حلال آهي ۽ ڇا حرام. ان ڪري هوءَ اهو نہ پڇندي تہ هيءَ شيءِ توهان کي کائڻي آهي يا نہ. هوءَ نئين شيءِ لاءِ فقط پڇندي آهي تہ اها توهان کاڌي آهي؟ يا توهان کي پسند آهي؟

هونءَ جپاني دوست يا سڃاڻو پڇي تہ توهان کي جپاني کاڌو پسند آهي يا نہ تہ يڪدم ”ها“ نہ ڪجي. ڇو جو ٿي سگهي ٿو تہ هن جي گهر وڃڻ تي هو توهان لاءِ ڪا اهڙي شيءِ تيار ڪرائي يا هوٽل تان گهرائي وٺي، جيڪا حلال نہ هجڻ ڪري توهان کائڻ کان انڪار ڪريو ۽ هن جو پئسو هڪ طرف ضايع ٿئي ۽ Embarassment ٻئي طرف ٿئي.

بهرحال نتسوميءَ هتي نوڊلز جو پڇيو جنهن لاءِ ڪنهن جي بہ پڇڻ تي ها ڪري سگهجي ٿي جو هر قسم جون نوڊلز يا اسپا گهيٽي وغيره ڪڻڪ يا چانورن جي اٽي مان ٺهن ٿيون. اهي ٻئي ٿلهي قسم

جون سَوبون ٿين، جهڙيون پاڻ وٽ عيد لاءِ هٿ جي مشين سان ٺاهين. ٻيون ان کان ٿورو ٿلهيون ٿين. انهن کي جپاني اودون چون. ملائيشيا ۽ هانگ ڪانگ پاسي بلڪ سڄي ڏور اوڀر ۾ (جپان ڪوريا سميت) هڪڙيون بيحد سنهيون سوبون به عام طرح کاڌيون وڃن ٿيون، جن کي جپاني Soba سڏين ۽ ملائيشيا ۽ ان جي اوسي پاسي وارا ملڪ ان کي "مِي" سڏين جيڪو چيني لفظ آهي. بهرحال سَوِبن واري شيءِ اهڙي آهي جيڪا رڌل، اوٻاريل يا تريل ملائيشيا، هتي جپان ۾ ۽ ٻين ڏور اوڀر جي ملڪن ۾ کائڻ ڪري اسان مان ڪنهن به نتسوميءَ سان ضد نه ڪيو ۽ نتسومي ٽنڊو آدم جي اها ران کارائڻ لاءِ جنهن خاص ريسٽورنٽ جي ڳولا ۾ هئي، اها نه پئي ملي. هوءَ ڪڏهن نقشو ڏسي ڪڏهن ڪنهن واٽهڙوءَ کان پڇي ته ڪڏهن پوليس واري کان. آخر اها ريسٽورنٽ ملي وئي، جيڪا پاڻ ايڏي وڏي نه هئي، جيڏو منجهس خدمتگار ڇوڪرين جو تعداد ۽ آداب هو. قصو مختصر ته هن ريسٽورنٽ جي هر شيءِ بيحد مهانگي هئي ۽ نتسومي پنهنجي سخاوت ۽ مهمان نوازيءَ جو مظاهرو ڪري رهي هئي پر افسوس جو جڏهن انهن نوڊلز جا ٽي ٽي پيالا هر هڪ جي اڳيان رکيا ويا ته خبر ناهي هڪ هڪ پيالي مان ٻه ٻه ٽي ٽي چمچا ڪيئن زهر مار

ڪياسين. آئون تہ نھيو پر احسن ۽ ايمان جيڪي اٺن سالن کان ھتي جي کاڌن سان ھريل آھن اھي بہ نہ کائي سگھيا.

اسان جا ھي حال ڏسي نتسومي ڏاڍو پريشان ٿي وئي. ھاڻ کيس ڇا ٻڌايون تہ اسين پاڪستاني گرم ماني ۽ گرم چانھہ پيئندا آھيون ۽ ھن اسان لاءِ ھڪ تہ ٿڌو ٻش گھرايو ۽ ٻيو انھن ٿنھي ٿڌن ٻشن ۾ عجيب چٽڻيون ۽ Sauces پيل ھيون. جن جي ھِڳ جھڙي اُگري ڏپ اسان لاءِ بلڪل اوپري ھئي. جيتوڻيڪ نتسوميءَ چٽ چٽ ۽ سُڙڪ سُڙڪ جا آواز ڪيدي پنھنجا ٽئي پيالا خالي ڪري وئي جيئن ھالا جا ماڻھو صبح جو ھوٽل ۾ ويھي پيالا (نان پاوا) کائين. اسان پوءِ پيٽ ۽ پٽاٽا گھرائي کاڌا. اٺڻ مھل پنو گھرائي ھوٽل جو نالو "ھاتو ھانا" (Hatu Hana) لکيم ۽ نتسوميءَ کي چيم تہ ان تو واري خاص ٻش جو نالو لکي ڏي جيڪو اڄ اسان کاڌو آھي (بلڪ نہ کاڌو آھي).

"Zarusoba" (زارو سوبا) نتسوميءَ لکيو ۽ اسان کان ھڪ دفعو وري معافي ورتي تہ ھن اسان کي ھڪ اھڙي شيءِ کارائي جيڪا اسان جي پسند جي نہ ھئي.

"نتسومي تون اجايو پريشان نہ ٿي... آئون نالو ان ڪري ٿو لکان تہ متان اسان جي ملڪ جو ڪو پلجي اچي نڪري تہ ھن

ريسٽورنٽ جي (يعني ٽنڊي آدم جي هيءَ ران) يعني ’زارو سوبا‘ نہ کائي.“

ٻاهر نڪري هن هوٽل ”هاتو هانا“ جي اڳيان فوٽو ڪڍرايوسين جو حق جي ڳالهہ ڪبي تہ جپاني گلن جي جوڙجڪ (Ikebana) وانگر خوبصورت لڳي رهي هئي. ان بعد گهر موٽڻ کان اڳ نتسومي پنهنجي ڏاڏيءَ جي قبرستان ۾ وٺي هلي. در وٽ ئي هٿ جي ڏمڻ جو نل هو جيڪو پنهنجي پٽ يوجيءَ کان ڏمرائي اتي رکيل پلاسٽڪ جي باردي ڀري ۽ ان سان گڏ بانس جي لڪڻ ۾ ٻڌل ڪانجي ڪَري ڪٽي هِتان هُتان ٻين قبرن جي قطارن مان ٿيندي پنهنجي ڏاڏيءَ جي قبر تي آئي. ان مٿان لڳل پٿر جو سھڻو ڪتبو ڏسي سمجهي ويس تہ سندس ڏاڏي، بلڪ سندس پيءُ ڪافي مالدار ٿو لڳي. جيئن شروع ۾ ٻڌائي آيو آهيان تہ انهن قبرن جي مٿان رکيل ڪٽ ورڪ جي ڪم وارن پٿرن جي لکن ۾ قيمت ٿئي ٿي. نتسومي، سندس پٽ ۽ اسان جي احسن ۽ ايمان گڏجي قبرن کي پاڻيءَ سان ڌوتو ۽ پوءِ ان ڪتبي ۾ لڳل لوهي گلاسن مان پراڻيون سڪل ٽاريون ڪڍي تازيون خريد ڪري آيل ٽاريون وڌيون ۽ پوءِ دل ئي دل ۾ نتسوميءَ پنهنجي زبان ۾ يا شايد سنسڪرت ۾ گوتم ٻڌ کان (ٻڌ ڌرم جا جپاني ان کي ”ڪامي“ يعني ديوتا سڏين) يا پنهنجي مري ويل وڏن جي روح کان (جو جپان ۾ شنتو

ڏرم جا پوڄاري روحن جي پوڄا ڪن)، يا ٿي سگهي ٿو پنهجي حقيقي اپائٽهار جيڪو عالمن جو رب آهي دعا گهري. ان بعد اسان اچي سندس گاڏيءَ ۾ ويناسين ۽ پنهنجي شهر ڪوڪورا جو رخ ڪيوسين.

# الطاف شيخ جا ڇپيل ڪتاب

1. اناميڪا
2. منهنجو ساگر، منهنجو ساحل
3. پيار جي گُھٽَ
4. وايون وڻجارن جون
5. سي ٻيڙيون رکين ٻاجھہ سين
6. دنيا آهي ڪاڪ محل
7. سمونڊ جن ساٿيھہ
8. بندر بازاريون
9. سمونڊ جي سيوين
10. سي جوڀن ڏينھن
11. بندر ديسان ديس
12. خبرون ڪيڙائن جون
13. ڪويت ڪنارا
14. ڇا جو ديس ڇا جو وديس
15. جاني تہ جهاز ۾
16. جپان جن جي جيءَ ۾
17. ڳالھيون تنھن جپان جون

18. خدا ڏي خط
19. جپان رس
20. سانپاهو سمونڊ جو
21. موج نہ سهي مَکڙي
22. الطاف شيخ جي نوٽ بڪ تان
23. بهترين سفرناما
24. لنڊن تائين لفٽ
25. ٻارن جون آکاڻيون
26. ٽوڪيو جي گيشا گرل
27. مڪليءَ کان ملاڪا تائين
28. سنگاپور ويندي ويندي
29. ڪوالالمپور ڪجهہ ڪوهہ
30. ماستر هريام جو بئنڪاڪ وچڙ
31. ڏُنگيءَ منجهہ درياهہ
32. ڏاهي جهرڪي
33. جت جر وهي ٿو جال
34. يادن جي اندلٺ
35. ڳالهيون آهن ڳچ

36. اي جرني ٽو ٿائلينڊ

37. Proverbs Of Far East

38. اوھريا جي عميق ڏي

39. اڄن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا

40. ملير ڪان مالمو

41. جت برف پئي ٿي جام

42. ڪراچيءَ ڪان ڪوپن ھيگن

43. ارائونڊ دي ورلڊ

44. رٺي آھي گھوٽ سان

45. يورپ جا ڏينھن راتيون

46. اي روڊ ٽو مدينا

47. ھيلسنڪي جي حسينا

48. سنگاپور ٽو سڏ ڪري

49. آل اباؤٽ سنگاپور

50. ملائيشيا منھنجي من ۾

51. پلي پار تان پيرو

52. ھي بيٽ ھي ڪنارا

53. بوتلن جو سفر

54. سوزيءَ سان پيار

55. جل پريون

56. ملائيشيا 12 سالن بعد

57. تيستائين گڏ باءِ

58. جپان پنجويھ ورهين بعد

59. ڪراچيءَ ڪان ڪوڪورا

60. دهليءَ جو درشن

61. نيو هالا کان نيويارڪ

62. بخشو لغاريءَ کان بالٽيمور

63. ايران ڏي اُڏام

64. چنڊ چوانءِ سچ

65. هلي ڏسجي هندستان

66. پکي اُڏاڻا پنهنجي ديس

67. ممباسا، شيديبادشاھ همباشا

68. ڏيھ پرڏيھ جو سفر

69. بمبئي منهنجي پاڪر ۾

70. هليو آ، هليو آ، ملائيشيا

71. مونکي موهيو ملائيشيا

72. وسي وڏ ڦڙو
73. نہ سي سڙہ سُکان
74. بنارس کان برمودا
75. برونائيءَ کان برازيل
76. گھاتو گھر نہ آيا
77. جل پريءَ جي اڱ ڪٽي
78. ڪئمپس جا ڏينهڙا
79. تاريخ جو سفر
80. جيءَ اندر جهاتي
81. واٽ ويندي...
82. ڳوٺ جروار کان جپان
83. جي وچين تون جپان
84. وري ياد آيا
85. آرڪٽڪ سرڪل جي آسپاس
86. دنيا رنگ رنگيلي
87. جهونا ٿيا جهاز
88. پهتا اُت پانڌيئڙا
89. چين ڪيو بي چين

90. جپان جپان آهي

91. زئنزيبار، جهنگبار

92. زندگيءَ جا ميلا...

93. نکري ويا ناڪئا

94. آمريڪا ڙي آمريڪا

95. بغداد ۽ بصري جي گهٽين ۾

اردو میں

96. سمندر کے دن

97. ملائیشیا کے دن

98. یورپ کے دن

99. کراچی سے کوپن ہیگن

100. ایران کے دن

101. گیشائون کے دیس مین

102. جہاز چلانے کے دن

103. جپان کے دن

104. کنارے کے دن

105. ميں چلا ممباسا
106. چلو چلیں ہندوستان
107. ملائیشیا نے مجھے موہ لیا
108. الطاف شیخ کے سفر نامے

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي. ۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)